سنڌ جي تاريخ جو سلسلو- جلد ٻيو

سنڌ

مسلمانن جي فتح کان اڳ

ايڇ ٽي- لئمبرڪ

سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي تاريخ جو سلسلو: جلد ٻيو

سنڌ

مسلمانن جي فتح کان اڳ

ليکڪ

ايڇ.ٽي.لئمبرڪ

سي.آءِ.اي، ڊي.لٽ.ايف.ايس.اي

ايمريٽس فيلو

اوريئل ڪاليج، آڪسفورڊ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2005ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون	سال 1984ع	تعداد 1000
ڇاپو ٻيو	سال 1990ع	تعداد 2000
ڇاپو ٽيون	جون 2005ع	تعداد 1000

[هي ڪتاب مسٽر سومار علي سومري انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ جناب محمد ابراهيم جويو، اُن جي تصحيح ڪئي.]

قيمت: هڪ سؤ سٺ رپيا

[Price Rs: 160 - 00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(فون ۽ فيڪس نمبر: 2633679 - 0222)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڇپائينڊڙ پاران

تاريخ جو علم ٻين مضمونن کان وڌيڪ دلچسپ ۽ تڪراري مضمون آهي، ڇو ته تاريخ سماج جو تجزيو ڪندي، اُن ۾ دلچسپ تضاد ڪري پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ حوالي سان تاريخ جي مضمون ۾ تضاد ئي اهو واحد عنصر آهي، جيڪو تحقيق ۾ نوان لاڙا ۽ رجحان پيدا ڪري ٿو، جنهن سان تاريخ جو مضمون وڌيڪ دلچسپ بڻجي ٿو.

1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ٿيڻ کان هڪ سال بعد، يعني 1952ع ۾ بورڊ طرفان سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ انهيءَ رِٿا هيٺ آڪسفورڊ يونيورسٽي برطانيا جي اورِيل ڪاليج جي فيلو مسٽر ايڇ.ٽي. لئمبرڪ کي سنڌ جي تاريخ جي پهرين ٻن جُلدن تي ڪم ڪرڻ جي آڇ ڏني وئي، جيڪا هن صاحب وڏي خوشيءَ سان قبول ڪئي. مسٽر ايڇ.ٽي. لئمبرڪ وڏي جاکوڙ ۽ اڻٿڪ محنت سان سنڌ جي تاريخ بابت پهريون جلد 1964ع ۾ ۽ ٻيو جلد 1973ع ۾ لکي بورڊ جي حوالي ڪيو. بورڊ پهرئين جلد جو سنڌي ترجمو 1982ع ۾ ۽ ٻيو جلد 1984ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

هن وقت جلد ٻئين جو هيءُ نئون ڪمپيوٽرائزڊ ڇاپو جون 2005ع ۾ ڇپائي اوهان جي هٿن تائين رسايو پيو وڃي. هن جلد ۾ ڪل 11 باب شامل آهن. جن مان هر باب ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڪافي چونڊيل ڇٽيل مواد ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ سنڌ جي نامياري دانشور ۽ تعليم ڪاتي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجوده وزير محترمه ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ جناب غلام رباني آگري طرفان ايڇ.ٽي.لئمبرڪ جي حياتيءَ جو احوال ڏنو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب تاريخ جي شاگردن ۽ استادن سميت تاريخ سان خاص دلچسپي رکندڙ حضرات لاءِ هڪ سوکڙيءَ جي حيثيت رکي ٿو. ادارو اهڙي سوکڙي پڙهندڙن کي آڇيندي نهايت خوشي محسوس ڪري ٿو.

ڄام شورو، سنڌ
چنچر ١٠-جمادي الاول ١٤٢٦هجري
بمطابق
18- جون 2005ع

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

سنڌ سرڪار سن 1951ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ترقي وٺائڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو. بورڊ متعدد اشاعتي رٿون تيار ڪيون، جن ۾ هڪ رٿ سنڌ جي مستند ۽ جامع تاريخ شايع ڪرڻ بابت آهي. هي ڪتاب مذڪور رٿ هيٺ شايع ڪيو ويو آهي. انهيءَ رٿ جو مقصد، تاريخي دؤر کان اڳ واري زماني کان وٺي سن 1947ع ۾ پاڪستان جي نهڻ تائين، سنڌ جي صحيح تاريخ جي نوَن جلدن ۾ لکائڻ ۽ شايع ڪرڻ آهي. اميد آهي تہ خدا جي فضل و ڪرم سان، سنڌ جي سچي تاريخ ٽن ٻولين يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هيٺينءَ ترتيب موجب شايع ٿي ويندي:

جلد: 1

ملڪ جي جاگرافيءَ ۽ آب و هوا جي جي خاصيتن جو مڪمل بيان ۽ انهن خاصيتن جو سنڌ جي سر زمين جي تاريخ تي جيڪو اثر پيو آهي، تنهن جو ذڪر، سنڌونديءَ جي وهڪرن بدلائڻ جو بيان. ان کان سواءِ، مبصرن طرفان مختلف وقتن تي سنڌ جي تمدن جي مرڪزن، آباديءَ جي تشڪيل ۽ مقامي ٻولين بابت لکيل احوال.

جلد: 2

سنڌوماتريءَ جي تهذيب - ايران جا قبضي ۾ آندل علائقا- سڪندر اعظم جي ڪاهہ - سِٿين لوڪ ۽ سندن جانشين - ٻڌ ڌرم جو دور - برهمڻ گهراڻو ۽ ان جو زوال.

جلد: 3

عربن جو دؤر، طلوع اسلام جي احوال سميت.

جلد: 4

غزنوي، غوري گهراڻا ۽ انهن جا جانشين سومرا.

جلد: 5

سما.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد: 6

ارغون، ترخان ۽ مغل.

جلد: 7

ڪلهوڙا ۽ دائودپوٽا.

جلد: 8

ٽالپر.

جلد: 9

انگريزن جو دور، سنڌ جي (بمبئيءَ کان) علحدگي ۽ پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ.

بورڊ انهن نوَن جلدن لکڻ جو ڪم جدا جدا عالمن جي حوالي ڪيو هو. ڇهين ۽ نائين جلدن جو ڪم "سرچارلس نيپيئر اينڊ سنڌ" ۽ "جان جيڪب آف جيڪب آباد" ڪتابن جي مصنف ڊاڪٽر ايچ.ٽي.لئمبرڪ جي سپرد ڪيو ويو هو. لئمبرڪ جو لکيل پهريون جلد (انگريزيءَ ۾) سن 1964ع ۾ شايع ڪيو ويو، ۽ ٻيو جلد (انگريزيءَ ۾) 1973ع ۾ شايع ٿيو. بورڊ سندس پهرئين جلد جو سنڌي ترجمو سن 1982ع ۾ شايع ڪيو ۽ هاڻي سندس ٻئي جلد جو هي سنڌي ترجمو شايع ڪري رهيو آهي.

باقي رهيل جلدن منجهان ٽيون جلد انگريزيءَ ۾ ڇپجي ويو آهي. پنجون جلد انگريزيءَ ۾ لکجي مليو آهي، هاڻي ان جي ڇپائي ڪرڻي آهي. چوٿين ۽ ڇهين جلد جي تياريءَ لاءِ تحقيقات ۽ مواد سهيڙڻ جو ڪم جاري آهي. ستون جلد مرحوم مولانا غلام رسول مهر اردوءَ ۾ لکي ڏنو هو، جو سن 1958ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو سنڌي ترجمو سن 1963ع ۾ شايع ٿيو هو. انون ۽ نائون جلد اڃان رهيل آهي، اهو به هڪ عالم کي ڏنو ويو هو، پر هن ڪونه لکي ڏنو. هينئر ٻئي عالم جي سپرد ڪيو ويندو.

مهاڳ

هن جلد ۾، جنهن دور جو ذڪر ڪيل آهي، سو اٽڪل ٽن هزارن سالن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ تاريخ کان اڳ وارو اهو زمانو پڻ شامل آهي، جنهن لاءِ اسان وٽ فقط آثار قديمه جو مواد موجود آهي. جيسين تاريخي دور واري حصي جو تعلق آهي، ته ان جي به ٻارهن سوَن سالن کان متيري عرصي جا مواد جا ذريعا، صدين جون صديون جيڪڏهن ٻنهه گم ناهن، ته به تقريباً معدوم آهن.

انهيءَ زماني جون پٽر يا ٽامي جون تختيون، جيڪي پنجاب ۽ هندستان جي اڪثر علائقن ۾ ملن ٿيون، ۽ جن تي اڪريل مواد تاريخي معلومات سان ڀريل آهي، سنڌ ۾ بلڪل ناپيد آهن، وري هن ملڪ ۾ پراڻي زماني جا سڪا به تمام ٿورا لڌا آهن.

مغربي دنيا جي همعصر ليکڪن طرفان انهيءَ اونداهين دور تي وقت بوقت روشني وڌي ويئي آهي، سا جيتوڻيڪ تيز آهي، پر اها مختصر چمڪاٽن تائين محدود آهي، ۽ وچ وچ ۾ ڊگهن وقفن پوڻ ڪري، درمياني زمانن جي اونداهي ۽ گمنامي نسبتاً هيڪاري نمايان ۽ نروار ٿي بيهي ٿي، جن لاءِ عام طور مقامي يا ٻين هندستاني ذريعن مان ڪوبه خاص مواد ڪونه ٿو ملي.

اهڙيءَ صورت ۾، مسلمانن جي فتح کان اڳ واري دور بابت سنڌ جي سلسليوار تاريخ لکڻ جي ڪوشش ڪندڙ ليکڪ جي هٿن ۾، واقعات جي تسلسل جو ڌاڳو، هلندي هلندي، گهڻن ئي موقعن تي، ٽٽي پوي ٿو، ۽ هو پنهنجي موضوع جي سلسلي کي قائم رکڻ لاءِ وچ وچ ۾ رونما ٿيندڙ مختلف واقعن کان ڪم وٺڻ تي مجبور ٿئي ٿو. اميد آهي ته اڳتي هلي وڌيڪ تازو مواد دستياب ٿي ويندو. ۽ اهو اهڙن گهڻن ئي خالن کي پُر ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو، جيڪي هن مقالي ۾ نمايان نظر ايندا.

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو احسان مڃڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو، جنهن هن مسودي ۾ گهٽين ئي هنڌن تي اصلاح واسطي مون کي مفيد مشورا، معلومات ۽ تجويزون ڏنيون.

- ايچ. ٽي. ايل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
1.	سنڌو تهذيب، ان جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ	1
2.	سنڌو تهذيب، عروج ۽ زوال	35
	(باب 1 ۽ 2 جو ضميمو) (موئن جي دڙي ۾ ٻوڏون)	76
3.	سنڌ جي قديم روايتي تاريخ	91
4.	سنڌ، ايران جي هخامنشي بادشاهن جي هٿ هيٺ	100
5.	سڪندراعظم جي ڪاهه	106
6.	سنڌ، موريا گهراڻي وارن ۽ بئڪٽريا وارن يونانين جي زماني ۾	130
7.	سنڌ، سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي هٿ هيٺ	145
8.	سنڌ، عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران	158
9.	سنڌ جو ٻڌ ڌرم وارو راءِ گهراڻو	175
10.	چچ جو قبضو	197
11.	سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو زوال	223

لئمبرڪ جي حياتيءَ جو احوال

نمبر	عنوان	صفحو
1.	ايڇ. ٽي. لئمبرڪ - غلام رباني آگرو	249
2.	ايڇ.ٽي.لئمبرڪ - ڊاڪٽر حميده کهڙو	260

ڏسڻي (INDEX)

❖	جاگرافيائي هنڌ وغيره	263
❖	قومن، قبيلن ۽ ماڻهن جا نالا	272

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابن جي لڳ ڀڳ تاريخوار ترتيب

(Approximate Chronology of Chapters)

باب	سن	
1. سنڌو تهذيب - ان جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ.	اندازاً 2500ق.م-	اندازاً 1500ق.م
2. سنڌو تهذيب - عروج ۽ زوال.	اندازاً 1500ق.م-	اندازاً 519ق.م
3. سنڌ، ايران جي هخامنشي بادشاهن جي هٿ هيٺ.	اندازاً 519ق.م-	اندازاً 326ق.م
4. سڪندر اعظم جي ڪاهه.	اندازاً 326ق.م-	اندازاً 325ق.م
5. سنڌ، موريا گهراڻي وارن ۽ بئڪٽريا وارن يونانين جي زماني ۾.	اندازاً 325ق.م-	اندازاً 120ق.م
6. سنڌ، سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي هٿ هيٺ.	اندازاً 120ق.م-	اندازاً 50ع
7. سنڌ، عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران.	اندازاً50 —	اندازاً 550ع
8. سنڌ جو ٻڌ ڌرم وارو راءِ گهراڻو.	اندازاً 550 —	اندازاً 644ع
9. چچ جو قبضو.	اندازاً 644 —	اندازاً 671ع
10. سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو زوال.	اندازاً 671 —	اندازاً 712ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليٽن جي فهرست

صفحو	پليٽ
78	1. موئن جي دڙي بابت زميني تـَهن جو خاڪو
87	2. ڳاڙهو پڙو، تعلقو مٺي
168	3. ٿـُل مير رکن (ٻڌ اسٽوپا) تعلقو سڪرنڊ
171	4. اسٽوپا ميرپورخاص
172	5. ميرپورخاص جي اسٽوپا مان مليل مورتي
210	6. برهمڻ آباد جو ٿـُل

نقشن جي فهرست

(List of Maps)

	1. هڙپا ۽ موئن جي دڙي واري دؤر جا آثار،
2	سنڌ ۾ ۽ سنڌ جي اردگرد
40	2. سنڌو سلطنت جو سـُمير ۽ آڪد سان لاڳاپو
	4. سنڌ، حضرت عيسيٰ کان 326-325 سال اڳ،
115	سڪندر جي ڪاهه ۽ فتح جو نقشو
177	5. سنڌ جي ٻـُڌ بادشاهت

❖❖❖

نوٽ: مصنف، ليڊي ٿامس جو شڪرگذار آهي، جنهن نـُـهنو جي پرسان "ڳاڙهو پڙو" جون تصويرون هٿ ڪري ڏنيون.

❖❖❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو تهذيب، اُن جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ

سنڌ جي تاريخ جي آغاز جو نقطو عظيم ”سنڌو تهذيب“ جي ظهور کي سمجهڻ گهرجي، جيڪو مسيح کان اڳي اڍائي ۽ ٽن هزار سالن جي وچ ڌاري ٿيو. جيتوڻيڪ ائين چوڻ سان اسين هڪ اهڙي قديم دور ۾ داخل ٿي وڃون ٿا، جيڪو اسان جي موجوده تاريخي ڄاڻ جي ڪنهن پڪي پختي سال کان ٻه گهٽ ۾ گهٽ ويهه صديون قديم آهي، پر ان جي باوجود اسان کي انهن ”سنڌو لوڪن“ ۽ سندن زندگيءَ جي طور طريقن بابت، سنڌ ۾ ڪانئن پوءِ وارد ٿيل سندن گهڻن ئي جانشينن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ ڄاڻ حاصل آهي، جيڪي تاريخي دور جي نسبتاً ويجهڙائيءَ واري دور اندر هتي آيا.

سنڌو تهذيب جي ڀرپور مشاهدي سان، اسان کي هڪدم اعليٰ طريقي سان منظم ۽ ترقيءَ جي اوج تي پهتل هڪ اهڙي رياست اُڀريل نظر اچي ٿي، جنهن جو بنياد دريائي ميدانن ۾ تعمير ٿيل هڪ عظيم [1] شهر تي رکيل آهي، ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو ڄڻ اُن رياست جو پسگردائيءَ وارن علائقن ۾ ان کان اڳي گذري ويل معاشري جي ترقي يافته منزلن سان ڪنهن قسم جو ڪو لاڳيتو تعلق ئي ڪونه هو! تهذيب جي اِنهيءَ منزل جي ڀرپور ڄاڻ اسان کي اُلهندي پاسي ڪاڇي واري لاهه ۽ پر واري ڪوهستان جي مختلف نوعيت وارن علائقن مان حاصل ٿئي ٿي. اُتي، ۽ ڏورانهين بلوچستان ۾، ماڻهو پڪن ڳوٺن ۾ سڪونت پذير هئا، جن جي زندگيءَ جو ڍنگ بنيادي طور ”ڪنجهي واري دور“ جي بين بيشمار دهقاني گروهن جهڙو هوندو، جيڪي اُلهندي ايشيا کنڊ جي مٿانهن پٽن تي ڇڙوڇڙ حالت ۾ پکڙيل هئا. سنڌو درياءَ جي سيلابي ميدان واري پاسي ۾ واقع پَٽي تي اُنهن ماڻهن جي جماعت جو قبضو هو، جيڪي ”آمري لوڪن“ جي نالي سان مشهور آهن، جن جو اهو نالو هڪ ميٺائين دڙي تي ٻيٺل ساڳئي نالي واري ڳوٺ مان ورتو ويو آهي، جتان سنڌوندي اڄ ٻه وهندي نظر اچي ٿي، ۽ جتي اُنهن جي ثقافت جي نشانن کي سڀ کان اڳ ۾ لڌو ويو هو. انهيءَ ڳوٺ، آمريءَ، تي بعد ۾ انهن ماڻهن قبضو ڪيو، جن کي ”سنڌو لوڪ“ جي زمري ۾ رکي سگهجي ٿو، يا جن کي، آثار قديمه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


HARAPPAN SITES
IN AND CLOSE TO
SIND
WEST AND EAST BRANCHES OF THE INDUS, THE DRASTIC CHANGE OF THE EASTERN COURSE, AND THE CONTEMPORARY COAST LINE, ALL AS CONJECTURED BY THE AUTHOR.
SANDY DESERT, AND LAND OVER 1000 FEET ABOVE M.S.L., SHADED.
SCALE IN MILES 10 20 30 40 50
JUDEIRJODARO
LIMO JUNEJO
MOHENJODARO
HAKRA
KOTASUR
THER
Western branch?
Eastern branch?
Modern course
Hakra
Thar Desert
LOHUMJO
TANDIWAHI
CHANHUDARO
AMRI
KOHTRAS
TIHARO
GARHO BHIRO
DESALPUR
Arabian Sea
(Post-Harappan land formation)
Modern Coast line
(KACHH)

دستوري علمي اصطلاح مطابق، "هڙاپا لوڪ" به سڏجي ٿو. آمري لوڪن جي بستين جو خود سيلابي ميدان ۾ ڪوبه اهڃاڻ نه مليو آهي ۽ عام طرح سان ائين سمجهيو ويو آهي، ته اهو وسيع ۽ عريض علائقو انهيءَ زماني ۾ قديم نسل جي شڪاري قبيلن يا خانه بدوش مال چاريندڙ لوڪن سان آباد هو.

"ڪوٽ ڏيجيءَ" جي سر زمين پڻ هڪڙن اهڙن قديم لوڪن جي موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪري ٿي، جيڪي سيلابي ميدان جي ڇيڙي وٽ ڪافي گهٽي عرصي کان وني هڪ هنڌ ٽڪاءَ واري اجتماعي زندگي گذاري رهيا هئا، ۽ جن کي پڻ آخرڪار سنڌو لوڪن اتان اچي پچايو ۽ سندن جاءِ والاري. هڪ زيادهه قديم تمدن واري راڄ جي اِها بستي، جيڪا سيلابي ميدان جي پار اُپرندي ڇيڙي تي، يعني روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي گول دائري جي ٻاهران دريائي سيلابن جي لتاڙي ميدان جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ وانگر بيٺل آهي، آمريءَ وارن جي بستيءَ کان به وڌيڪ اهميت جي حامل آهي. جيڪڏهن اُهي لوڪ به اصل ۾ اُلهندي واري جابلو ملڪ [2] کان لڏي اُتي آيا هئا، ته پوءِ پوري اعتماد سان فرض ڪري سگهجي ٿو ته انهن ماڻهن به، آمري لوڪن وانگر، بلڪ اُنهن کان به وڌيڪ، پنهنجي اصلوڪي جابلو وطن کي خيرباد چئي، پاڻ کي، آئينده جي گذر اوقات جي معاملي ۾، پوريءَ طرح سنڌو درياءَ جي رحم و ڪرم تي آڻي ڇڏيو هو. هاڻي ڪين هڪ اٿاهه درياءَ ۽ ان جي شاخن جو سيلابي ويڪرو ميدان، اُنهن ٽاڪرو پَٽن جي حفاظت ۾ بيٺل سندن پراڻي ماحول کان جدا ڪري رهيو هو. جيڪي هنن کي اُتان جي چشمن، تيز وهي ويندڙ پاڻيءَ جي نهرن يا بارش جي ڦاٿل پاڻيءَ تي ڇڊو پکڙيل گاهه ۽ مختصر فصل فراهم ڪندا هئا. هنن اهي پنهنجي جابلو ماحول جون سڀ شيون بظاهر لٿيءَ جي وٽن سان پريل اهڙن گهاٽن ۽ دور تائين پکڙيل جهنگن سان ڏڪيل پٽ سان بدلايون هيون، جنهن ۾ ڪين ڪٿي کَهرو گاهه ۽ سَرَ، ته ڪٿي سڌا سنوان، ويران ۽ ساوڪ کان خالي زمين جا ٽڪرا مليا هوندا، جن جا ٿورا گهڻا حصا منداٿتن مينهن جي تيز يا ماني پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ويندا هوندا يا جن کي درياءَ جي اڻ-ڪٽ موجي مزاج مطابق ان جو پاڻي ڪڏهن ته ڪائي ڳاري ڇڏيندو هوندو ته ڪڏهن انهن جي مٿان لٽ چڙهي ويندو هوندو يا وري اُهي پاڻيءَ جي چڙهڻ ڪري خشڪ ۽ سڪل رهجي ويندا هوندا. درياءَ جي موافق اُٿل کان پوءِ

دور دور تائين پکڙيل انهن علائقن ۾ اهڙا تہ سرسبز ۽ گهاٽا فصل پوکجي سگهيا هوندا، جيکي انهن ماڻهن جي جابلو ابن ڏاڏن جي تصور کان بہ ٻاهر هوندا . پر جيڪڏهن ٻئي سال جي اُتل انهيءَ پٽ تي وٺن نہ پهتي هوندي، جتي کين ان جي اچڻ جي اميد هوندي، تہ پوءِ هنن لاءِ اُهو پٽ ڇڏي، اڳتي وڌي اُتي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. جتي اُها اُتل پهچي سگهي هوندي ۽ اُن سان اُتي جي زمين آباديءَ لائق ٿي هوندي، جنهن کان پوءِ هو اُتان جي پيداوار ۽ ٻيو سامان گڏاري جو ساڻ کڻي، موٽي پنهنجي پڪي شهر طرف هليا ويندا هوندا . عام طرح هنن حالتن ۾ مال چارڻ جهڙن سهولتون هنن لاءِ وڌيڪ پائدار هونديون. ڪوٽ ڏيجيءَ جي اوائلي آبادڪارن کي، هڪ طرف جتي پنهنجي اصلوڪي جابلو ماحول کي خيرباد چئي، پنهنجي زندگيءَ جي ڍنگ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو هوندو، اُتي اسان کي ائين سمجهڻ لاءِ ڪي ثبوت نہ مليا آهن، تہ ان جي نتيجي ۾ اهي ماڻهو پنهنجن پوئتي جبلن ۾ رهجي ويل ماڻهن جي ڀيٽ ۾، سنڌو لوڪن جي تهذيب جي مٿيريءَ منزل جي وڌيڪ ويجهو پهتا هوندا، جن پوءِ کين اچي اُنهن نين دريائي بستين تان هٽائي ڪڍيو هو. جو تہ سنڌن هيلتائين مليل آثارن مان ڪنهن بہ قسم جي لکت، شهري تمدن يا واپار لاءِ ناهيل مال جو اجا تائين ڪوبہ ثبوت برآمد نہ ٿيو آهي. ۽ اهي ئي ٿي ڳالهيون هيون، جي اِچ سنڌن "تهذيب" کان بهتر "سنڌو تهذيب" جهڙن مکيہ علامتون سمجهيون وڃن ٿيون.

سنڌو تهذيب جي سلسلي ۾ ترقيءَ جو انتهائي فيصلہ ڪن اڳتي قدم سيلابي ميدان کان ڪجهہ پريرو هڪ شهر جي اڏاوت هو. هن باري ۾ اسين اِهو انومان ڪڍي سگهون ٿا، تہ سنڌو لوڪن آمري ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جي اڳاٽن رهاڪن کي، جيڪي بظاهر ڪچي کي آباد ڪرڻ ۾ ئي مطمئن رهندا هئا پر جيڪي پڻ پنهنجون رهڻ جهڙن ڇڙوڇڙ جايون سيلاب جي پهچ کان ڪجهہ پر پرو ٻهاڙي علائقي ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي ماٿر تي رکندا هئا، سنڌن پٽن تان ڌڪي ڪڍڻ جي فيصلي ڪرڻ کان گهٽو اڳي پوريءَ ڪاميابيءَ سان اهو شهر بنديءَ جو قدم کڻي ڇڏيو هو. انهي انومان جي روشنيءَ ۾، جيڪب آباد کان ڪي ارڙهن ميل اُتر اُلهندي ۾ واقع "جڏير جو دڙو" نالي سنڌو لوڪن جي بستيءَ کي خاص اهميت حاصل آهي. اها جاءِ بلڪل ڪليل پَٽَ جي وچ ۾ ربينل آهي. پر

اهو ميدان ڪڇيءَ جو آهي، ۽ اُهو انهن ٽڪرين جي ماٿر تان، جيڪي ان کي ٽن طرفن کان وڪوڙي بيٺيون آهن. بارش جي پاڻيءَ ذريعي آيل رائي واريءَ مٽيءَ جو ٺهيل آهي، ۽ نه سنڌونديءَ جي سيلابي ميدان جي لٽاشي مٽيءَ مان. معلوم ائين پيو ٿئي ته اُنهيءَ هنڌ تي اُها بستي، سنڌونديءَ جي انتهائي اُترينءَ شاخ جي سيلابي يا ٽَڪرن تان لهندڙ ندين جي وهندڙ پاڻيءَ مان فائدي وٺڻ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي. سنڌونديءَ جا اُها انتهائي اترين شاخ ٿورو ئي پري، ڏکڻ الهندي رخ ۾ وهندي هئي. اُن کي بگٽي، ٽڪرين ۾ وسندڙ برسات کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن لهري ۽ ڇَتر نين ذريعي برساتي پاڻي پڻ ملي ويندو هو. اهڙيءَ طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو ته 'جڏير جي دڙي' جون حالتون اهڙيون ئي هونديون، جهڙيون سنڌو لوڪن کي سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ کان اڳي، سندن عبوري يا تجرباتي منزل ۾ پيش آيون هونديون. ٻئي طرف، هن هنڌ جي وقوع واري جاءِ اهڙيءَ نوعيت جي آهي، جو جيڪو ڪم "موئن جي دڙي" يا "چنهو دڙي" جي حالت ۾ نه پئي تي سگهيو. يعني اُنهن دڙن جي انتهائي هيٺانهين سطح تائين کوٽائي نه تي سگهي آهي، جتي [3] خالص زمين تائين وڃي پهچجي، سو هتي ڪري سگهجي ٿو. مڪمل کوٽائي ٿيڻ تائين اسين اِهو نٿا چئي سگهون ته هتِي پڻ، سنڌو لوڪن پاڻ کي ڪانئن اڳ آباد لوڪن جي مٿان وڃي مسلط ڪيو هو. جهڙيءَ طرح آمريءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ وٽ ڪيو هئائون يا جڏير جو دڙو خود سندن ئي هڪ اصلوڪي ڪوشش هئي. جيڪڏهن پوئين صورت آهي، ته پوءِ اسان کي هيءَ توقع رکڻ گهرجي ته اِڳتي هلي ڪا اهڙي شهادت نڪري پوي، جنهن مان اُن جي تاريخ جو اندازو لڳائي سگهون، جنهن جو پوءِ اسين سيلابي ميدان ۾ واقع سنڌو تهذيب جي ٻين آبادين سان به اطلاق تي سگهي.

موئن جي دڙي ۾ هن وقت تائين ڪيل کوٽائيءَ مان سڀ کان وڌيڪ اڳاٽين والاريل سطحن جي اونهائيءَ جا آثار ميدان [4] جي موجوده مٿاڇري کان 39 فوٽ هيٺ آهن. هاڻي جيڪڏهن اسين سنڌوءَ جي سڄي سيلابي ميدان جي ذرتيءَ جي تَهن جي قدرتي واڌ جي عام طور تسليم ڪيل پيماني، يعني هر صديءَ کان پوءِ سَتن انچن جي واڌ، کي هن سلسلي ۾ ڌيان ۾ آڻيون ٿا، ته اسين 4700 سال ق.م واري زماني تائين وڃي نڪرون ٿا، جنهن جو ناممڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ صاف ظاهر آهي. جنهن وقت اهو حساب لڳايو ويو هو، ان وقت هيءَ ڳالهه فرض ڪئي ويئي هئي، تہ موئن جي دڙي جي تيهن فوٽن جي گهرائيءَ واري آبادي اٽڪل 3000 سال ق.م آڳاٽي آهي، جيڪو سال هاڻي بہ امڪان جي حد کان گهٽ وڌيڪ آڳاٽو نظر ايندو. پر آبي انجنير، جن سطح جي واڌ جي رفتار جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ مختلف تفصيلن کان ڪم ورتو هو، سي هن ڳالهہ کي بار بار ورجائين ٿا تہ جيڪڏهن سنڌن.انهيءَ ڪٿيل انگ ڪي، جيڪو ملڪ جي وسيع علائقي جي سراسري سطحي اوچائيءَ جو انگ آهي، درياءَ جي ڪنڌيءَ واريءَ زمين جي تـهنَ ۾ ايندڙ واڌ سان ڀيٽيو ويندو تہ اُها واڌ هڪ سؤ (5) سالن ۾نيان گهٽ ۾ گهٽ هڪ فوٽ تائين وڃي رسندي. اسان کي هن يقين ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب آهن تہ سنڌو درياءَ هِن شه ي سڄي زندگيءَ جي مدت تائين اُن جي ڪافي ويجهڙائيءَ ۾ وهي رهيو هو، ۽ اسان کي اهو بہ معلوم آهي تہ درياءَ هڪ ڀيرو وري سن 1740ع يا ان کان ڪجهہ ن شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ وهڻ لڳو آهي. انهيءَ ڪري هي اندازو معقول لڳي ٿو، تہ موئن جي دڙي جي بلڪل ويجهڙائي وارو ميدان سراسري طور هڪ صديءَ ۾ 9 يا 10 انچن تائين مٿي چڙهيو هوندو. اهو ڪاٿو شهر جي وسڻ جي انتهائي اوائلي تاريخ متعلق سال 3200 ۽ 2700 ق.م جي درمياني حصي طرف اشارو ڪري ٿو.

هن سلسلي ۾ هيءَ راءِ پڻ ڏني ويئي آهي تہ سنڌو لوڪن طرفان ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ آمريءَ جو والارجڻ، سڄي سنڌو ماٿريءَ تي سندن قبضي ڄمائڻ جي ڪوشش جي آخري منزل هئي. اهو بہ ممڪن آهي تہ جڏير جو دڙو سندن طرفان ڪنهن بئي وڌيڪ اوائلي تمدن جي مٿان مڙهيل شهر ثابت ٿي پوي. پر جيسين اسان کي ڪو اعتماد لائق مواد ملي، جنهن جي ذريعي اسين هنن جي طرفان سنڌو ماٿريءَ جي هيٺانهين علائقي ۾قائم ڪيل مختلف آبادين جي تاريخن جو ڪو تعين ڪري سگهون، تيسين هيءَ خيال معقول نظر اچي ٿو تہ هُنن جي دور جو آغاز خود موئن جي دڙي جي قيام سان ئي ٿيو.

هيءُ خيال، تہ اهي لوڪ سنڌونديءَ جي وهڪري کي ڪنهن طرح سان ڦيرائي يا روڪي سگهندا هئا، محض هڪ وهم آهي. اسين انهيءَ ڳالهہ جو اندازو ڪائنن اٽڪل چار هزار سال اڳـي جي حالتن کي خيال ۾ رکي، چڱيءَ طرح لڳائي سگهون ٿا. اسان جي پنهنجي جديد زماني، يعني 46-1845ع، ۾

اپر سنڌ جي هڪ خاص علائقي ۾ ٻوڏ جي امڪان کي روڪڻ لاءِ چنبڻ ذريعي پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ جي رٿا جو نتيجو، جيڪا انگريز انجنيرن طرفان پوريءَ طرح رٿيل ۽ عمل ۾ آندل هئي، فوراً مڪمل ۽ شرمناڪ ناڪاميءَ [6] جي صورت ۾ نڪتو هو. ۽ ان کان پوءِ به ڪيترن ئي موقعن تي هِن مست درياءَ سائنسي طريقي سان رٿيل بچاءَ بندن جي ڏکي سلسلي کي پيچي پوري ۽ ڊاهي ڇڏيو آهي، جيڪڏهن سوين نه، ته درجنن جا درجن ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا اٿس ۽ انهن جي فصلن کي لوڙهي ڪٽي ويو آهي، مٿس دارومدار رکندڙ واهن ۾ گهارا وجهي، انهن جا منهن ريٽ سان بند ڪري ڇڏيا اٿس، وڏن شهرن کي ڪانئس وقت بوقت ٻوڏ جو خطرو پيش رهيو آهي. ۽ اُن پنهنجي انهيءَ دائمي پوشيده طاقت جو ڌڙڪو قائم پئي رکيو آهي، جنهن کي شايد جديد سائنس به پنهنجي سيني فني ڪاريگرين ۽ ذريعن سان هميشه لاءِ زير نه ڪري سگهي. يعني اُن ۾ اُها طاقت آهي، جنهن سان هو پنهنجو وهڪرو اوچتو ۽ هميشه لاءِ ڦيرائي سگهي ٿو، ۽ ويهين صديءَ جي شاندار بئريجن ۽ واهن کي انساني آبادين کان خالي ٿيل ويرانن [7] ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کان گهٽو پري خشڪ حالت ۾ ڇڏي، پنهنجيءَ موج ۾ ٻئي ڪنهن طرف منهن موڙي، نڪري وڃي سگهي ٿو. سنڌو لوڪن کي جنهن ڳالهه جو فن حاصل هو. بلڪ اسان کي هتي اهو چوڻ گهرجي ته جنهن معاملي ۾ سنڌن قسمت چڱي هئي، سو اهو هو ته هنن پنهنجي شهر ٻڌڻ لاءِ جيڪا سر زمين منتخب ڪئي هئي، سا انتهائي حد تائين موزون هئي، يعني اهو هنڌ سنڌو درياءَ يا ان جي ڪنهن وڏيءَ شاخ جي ايتريقدر قريب هو، جو آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ اهو پاڻيءَ جي وڏي مقدار مان پورو پورو فائدو وٺي پئي سگهيو. پر اهو ٻوڏ جي خطري کان يا اُن جي حملي کان وري به محفوظ رهندو هو، جو ته اهو بهرحال درياءَ جي ايڏو ويجهو نه هو، جو اُن جي مخصوص نموني سيرن متائڻ سبب اُن جي پائيندڙ جي خطري ۾ رهي، ۽ دراصل اُهو درياءَ جي ڪنهن اهڙيءَ شاخ جي ٻيءَ ڪنڌيءَ تي هو، جتي درياءَ بنيادي طور پنهنجو پيٽ آسانيءَ سان ڦيرائي به نه پئي سگهيو [8]. اهڙن طبعي اسبابن ڪري هن شهر ڪيئي لاها چاڙها به ڏٺا، جن جي نوعيت کي اسين شايد ڪن اتفاقي شهادتن ۽ ثبوتن ذريعي سمجهي سگهون، پر خود سنڌو درياءَ طرفان گذريل پنجن هزار سالن جي مدت جي دوران انهيءَ سرزمين کي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرو بہ پائيندڙ جو خطرو درپيش نہ آيو هو.

انهن ماڻهن جي ٻئي شهر واري هنڌ "هڙاپا" طرف ٿوريءَ دير لاءِ توجهہ ڦيرائيندي، اسان کي اهو صاف نظر اچي ٿو تہ ان جو اُن هنڌ تي بنياد ۽ تعمير انساني اعتماد ۽ همت جو اهڙو نمايان ڪارنامو ڪونہ هو. جهڙو موئن جي دڙي کي وسائڻ جو هو. راوي ندي سندن اهڙي خطرناڪ پاڙيسرڻ ڪانہ هئي، جهڙو سنڌو درياءَ جو هينيون (سنڌ وارو) حصو هو. ۽ هڙاپا وارا سنڌو لوڪ اُنهيءَ راويءَ جي ڪناري کي آباد ڪرڻ وارا پهريان ماڻهو بہ نہ هئا. اسان وٽ هن وقت هن حقيقت جي تصديق ڪرڻ جا ذريعا ڪينهن، تہ موئن جي دڙي جا انتهائي هيٺيان تهہ جيڪي شايد هميشہ لاءِ غرقاب ٿي چڪا آهن. سنڌو تهذيب وارا آهن يا اهي پنهنجي سيني ۾ اجا بہ ڪنهن وڌيڪ قديم ۽ اڳاٽيءَ تهذيب کي دفن ڪيون پيا آهن. پر معقول ۽ مناسب اندازو اهوئي آهي تہ اُهي سنڌو لوڪ ئي هئا، جن سڀني کان اڳ ۾ اهڙي کليل ۽ خوفائتي هنڌ تي پنهنجي پهرين مستقل آبادي اچي تعمير ڪئي هئي. اهو تصور ڪري سگهجي ٿو تہ اوائل ۾ اِهو هنڌ هڪ اهڙي معموليءَ مٿانهينءَ وارو پَٽ هوندو، جيڪو يا تہ درياءَ جي ڪنهن اڳوٽي ڇڏيل ڪنڌيءَ جي ڪنهن سڌي اُڀريل دڙي جو حصو هو، يا تيز هوائن ذريعي اُڏامي آيل دريائي مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ واري قدرتي عمل ذريعي ٺهي پيو هوندو، ۽ پوءِ برساتن پوڻ سان مستحڪم ۽ سنئون پَٽ بڻجي پيو هوندو، ۽ ان تي هنن کي زمين جو هڪ اهڙو کليل ميدان ملي ويو هوندو، جيڪو رواجي ٻوڏن ۾ آسپاس جي پٽ کان مٿيري هئڻ ڪري ٻوڏ کان بچيل رهندو هوندو. هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ "لوهم جي دڙي" جهڙو دڙي ۽ سيلابي ميدان ۾ وسايل سنڌو لوڪن جي ٻين آبادين جي خاص هنڌن جي چونڊ ساڳين ئي سهولتن جي آڌار تي ڪئي ويئي هوندي. اهي سڀ هنڌ گهڻو ڪري سنڌو درياءَ جي ڪنهن پختيءَ ۽ موسمي چاڙهہ واريءَ شاخ جي پسگردائيءَ ۾ هوندا.

مطلب تہ ٻئي ڪنهن واضح ثبوت جي عدم موجودگيءَ ۾ اسين جيڪڏهن هن اندازي ڪرڻ تي مجبور آهيون تہ اهي ماڻهو پنهنجي تهذيب جا بنيادي عنصر پنهنجي اوائلي وطن کان، جيڪو اولهہ طرف ڪنهن هنڌ هوندو، هيٺ سنڌو ماٿريءَ ڏانهن پاڻ سان کڻي آيا، تہ اُن حالت ۾ اسان کي هيءَ اميد رکڻ گهرجي تہ آئينده ڪنهن وقت ايران يا ڪن ٻين پاڙيسري ملڪن ۾ ٿيندڙ کوجنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اجا بہ شايد اسان کي انهن ماڻهن جي اصلي بيخ ۽ بنياد جو ڪو وڌيڪ پروسي جهڙو سراغ ملي وڃي. ان اوائلي دور جي انسانن کي دجلہ ۽ فرات کان گهٽو اورتي، هيلمند درياءَ جي هيٺانهين حصي تي يا ان جي هامون [9] شاخ تي رهندي، وڏي درياءَ ۽ پوک لاءِ تمام گهٽي مقدار ۾ ايندڙ موسمياتي پاڻيءَ کي وراڻڻ ۽ ٻڌڻ، توڙي اڎاوت جي مقصدن لاءِ پڪين سرن جي استعمال جو تجربو حاصل ٿي پيئي سگهيو. انهن ڳالهين ۾، سنڌو لوڪ، جيستائين اسان کي اُنهن بابت سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ کوٽيل دڙن مان حاصل ٿيل اهڃاڻن مان معلوم ٿي سگهيو آهي، فني بلوغت ۽ رٿابنديءَ جي پروسي جوڳيءَ سطح تي پهتل هئا. جنهن مان اِهو انومان ٿئي ٿو تہ سندن اهڙن مهذب خيالن ۽ عادتن جي نشونما اڳيئي ڪنهن ٻئي هنڌ تي ٿي چڪي هئي.

زندگيءَ جو اهو رنگ ڍنگ، جنهن ۾ شهري ماڻهو هڪ وڏي درياءَ تي ٿيندڙ وسيع پيماني واري کيتي واڙيءَ ۾ مصروف هئا ۽ لکت جي هڪ مخصوص طريقي سان حساب ڪتاب رکندا هئا. چار هزار سال قبل مسيح جي پوئين اڌ حصي [10] ۾ ميسو پوٽيميا جي ڏاکڻيءَ ماٿريءَ ۾ رائج هو. خوشحاليءَ ۽ نظم وضبط جون عجيب غريب ڳالهيون "آر" مان آيل افواهن ۽ مسافرن جي ذريعي پهتل ڪهاڻين ۽ قصن معرفت چوڌاري مٿانهن پَٽن جي رهاڪن ۾ ڦهلجي ويون هونديون. ۽ انهن ڳالهين نيٺ رهاڪن مان ڪن گروهن ۾ تقليد ڪرڻ جو جذبو اُڀاريو هوندو. جيڪي پنهنجن ٻين همساين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ لائق ۽ مهم جُو هوندا. انهن ماڻهن وري پنهنجن فنن ۽ لياقتن کي منظم ڪري ڪمال تي پهچايو هوندو ۽ پوءِ انهن هڪ اهڙيءَ سر زمين جي ڳولا ڪئي هوندي، جتي ڪين سندن هنرن ۽ لياقتن کان ڪم وٺڻ جا پورا موقعا ميسر هجن. بهرحال، ائين پيو نظر اچي تہ سنڌو لوڪن فقط منظم شهري زندگيءَ جي هڪڙي خيال کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ ٻئي هنڌان اُڌاري نہ ورتي هئي، ڇاڪاڻ تہ هنن جو تمدن پنهنجي انفرادي مادي خصوصيتن جي لحاظ کان، اُن "ٻن درياهن واري ملڪ" * ۾ مروج ڪنهن بہ دستور يا رواج جو يا تہ بلڪل نہ يا تمام ٿورو مقروض هو.

سنڌو لوڪن طرفان سندن اڎاوتي ڪمن ۾ پڪين سرن جي تمام گهٽي

* ميسو پوٽيميا، جديد عراق. - مترجم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدار جو استعمال. سنڌن تمدن جو هڪ اهڙو رخ آهي، جيڪو ڪين ميسو پوٽيميا جي "آروڪ" ۽ اُتان جي بعد وارن اوائلي لوڪن ڪان الڳ ۽ نمايان ڪري بيهاري ٿو. موئن جي دڙي ۾ اِها تعميري حرفت پنهنجي انتهائي ترقي يافته صورت ۾ موجود آهي، هتان جي دريائي ميدانن ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي "سنڌو" آباديون آهن، جن ۾ گهرن جي اڏاوت ۾ اُس ۾ سڪايل مٽيءَ جي (ڪچي) سر جو گهٽي قدر استعمال ڪيل آهي، ۽ پڪي سر زياده تر فقط انهن مقصدن خاطر مخصوص ڪيل آهي، جن ۾ انهن جو استعمال بلڪل اٽڻر هوندو هو. مثلاً: نالين جي نظام ۾. سرن جي ٻنن لاءِ گهربل پارڻ پڪ ئي پڪ مقامي طور حاصل ٿي سگهندڙ جهنگ جون ڪاٺيون هوندو. تنهنڪري انهيءَ فرق مان هي نتيجو نڪري ٿو ته ڪن خاص آبادين جي پسگردائيءَ ۾ جهنگ جون ڪاٺيون ٻين آبادين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ملي سگهنديون هونديون، ۽ انهيءَ ڳالهه جو، پنهنجي ليکي، دارومدار انهن مخصوص آبادين وارن علائقن ۾ اُتل جي پاڻيءَ جي زور ۽ باقاعدگيءَ تي رهيو هوندو. جتي ڪو شهر سنڌو درياءَ يا ان جي شاخن منجهان ڪنهن وڏيءَ شاخ يا اُتل جي پاڻيءَ جي ڪنهن واهڙ يا چِندڻ جي ويجهڙائيءَ ۾ اڏيل هوندو، اتي ٻارڻ لاءِ جهنگ جي ڪاٺين جي فراهمي وري وري نئين ۽ تازي ٿيندي رهندي هوندي. معلوم ٿئي ٿو ته موئن جي دڙي جي ويجهڙائيءَ ۾ اها شيءِ اڻ کُٽ مقدار ۾ موجود هئي.

شهري زندگيءَ جو هڪ ٻيو رخ، جنهن ۾ سنڌو لوڪ ساڳئي زماني جي ڪنهن به ٻيءَ تهذيب، ۽ ڪانئن پوءِ ايندڙ گهڻين ئي تهذيبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ترقي يافته هئا، سو هو سنڌن شهري رٿابنديءَ جو فن. اهڙيءَ طرح موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هن وقت تائين ظاهر ٿيل انتهائي اوائلي ۽ هيٺانهين سطح پنهنجن وڏن رستن ۽ ننڍين ڳلين جي مستطيلي شڪل ۽ صورت جو ڪامل مظهر آهي. اهو نمونو هيلنائين اسان کي ائٽلانٽڪ پار جي قديم لوڪن جي آباد ڪيل شهرن جي کنڊرن ۾ ئي ملي سگهيو آهي. اُن ڪان اجا به وڌيڪ حيرت انگيز ۽، هن وقت تائين حاصل ٿيل ڄاڻ موجب، قديم دنيا ۾ لاثاني ۽ بي نظير ڳالهه اُنهن لوڪن جي انتهائي ڪاريگريءَ سان تيار ڪيل پاڻيءَ جي نيڪال واري جوڙجڪ هئي، جيڪا نه فقط خود انهيءَ عظيم شهر ۾، پر ٻين اهڙين آبادين ۾ پڻ موجود هئي، جن کي شهر جو نالو به نه ٿو ڏيئي سگهجي.

انهن نالين جو بنيادي ۽ اصلي مقصد، بارش جي پاڻيءَ يا گهرن جي ڪني پاڻيءَ کي گلين جي نالين تائين پهچائڻ نہ، بلڪ وهنجڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي ڪاريگريءَ ۽ خوبيءَ سان نيڪال ڪرڻ هو- عملي طور موئن جي دڙي جي هر هڪ گهر [11] ۾ پنهنجو انفرادي غسل خانو موجود هو، جيڪو گهٽيءَ واريءَ عام ناليءَ سان ڳنڍيل هوندو هو. هن باري ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ پوڄا پاٺ جي رسمن جي ادائگيءَ لاءِ "اشنان" يا غسل خانگي نموني سان ڪيو ويندو هو. ڪوٽ جي دڙي وارو "وڏو ڪليل تلاءُ" شايد ڪنهن خاص رسم جي ادائگيءَ يا رعايت حاصل ٿيل خاص طبقي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل هو. مذهبي نقطي نگاهہ کان وهنجڻ جي اِها اهميت سڌيءَ طرح سان، پوءِ جي هندو مذهب طرف اشارو ڪري رهي آهي.

سنڌو لوڪن ۾ مذهب سان واسطو رکندڙ مسئلا ڪنهن حد تائين ڪنهن خاص نسل جي ماڻهن سان وابستہ نظر اچن ٿا. اِنهيءَ پوئينءَ ڳالهہ لاءِ ثبوت، موئن جي دڙي جي انهيءَ سطح مان، جنهن کي اُنهيءَ نسل جي تهذيب طور شناخت ڪيو ويو آهي، لڌل انساني لاشن جي هڏانون پڃرن جي پيمائش ۽ گهڙيل بُتن ۽ ڍاليل مجسمن جي نوعيت مان حاصل ڪيا ويا آهن. افسوس آهي تہ هن وقت تائين موئن جي دڙي يا سنڌ ۾ موجود بين آثارن مان ڪو مُردن جو دفينو هٿ نہ لڳو آهي. انهيءَ معاملي ۾، "هڙاپا جي دڙي" مان هڪ مخلوط نسل جي لاشن جي گهڻ لڌي ويئي آهي، جن مان ٿلهي ليکي هڪڙن جِي اُنهيءَ نسل سان مشابهت ملي ٿي، جنهن کي آثار قديمہ جي ماهرن طرفان "پروٽو- آسٽريلائڊ" (Proto-Australoid) سڏيو وڃي ٿو، ۽ ٻين جي مشابهت انهيءَ نسل سان ڏٺي وئي آهي، جنهن کي "يونوچ سمنڊ وارن علائقن ۾ آباد گروهہ" (Mediterranean group) چيو وڃي ٿو. موئن جي دڙي جي آخري دور وارين مٿانهين سطحن مان هڏن جي پڃرن جي صورت ۾ جيڪا شهادت ملي آهي، سا سڄي "آخري ڪوس" جي مقتولن جي لاشن جي آهي. انهن جي وڏي اڪثريت بہ پروٽو- آسٽريلائڊ ۽ "ميڊيٽرنينين" نسلن سان واسطو رکي ٿي، ۽ ڪجهہ ٿورا نمونا "منگولين" ۽ "آلپائين" نسلن جا بہ اُنهن سان شامل مليا آهن. موئن جي دڙي جي کوٽاين مان لڌل مجسمن جي ٻن انتهائي نمايان ۽ حيرت انگيز نمونن کي، هڪ نچڻي ڇوڪريءَ جي پتل واري ننڍڙي

بت ۽ ساڳيءَ شهرت واري گهاٽيءَ ڏاڙهيءَ واري مرد جي ڇاتيءَ تائين اڌ مجسمي کي، جنهن کي بدن تي محرابدار ڇٽن سان سينگاريل چوغو پيل آهي. شايد مخلوط انساني آباديءَ جي ٻن انتهائي نمونن طور فرض ڪري سگهجي ٿو. نچڙي ڇوڪري ظاهر ظهور پروٽو- آسٽريلائڊ نسل جي خصوصيت رکي ٿي ۽ ذري گهٽ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي ئي ماڻهو سنڌوءَ جي سيلابي ميدان جا 'قديم النسل' رهاڪو هئا، جن ۾ شڪاري، مهاڻا ۽ خانہ بدوش مال چاريندڙ قبيلا شامل هئا. ۽ جن لاءِ اسين سمجهون ٿا ته اهي بعد ۾ مسلط ٿيل سماجي جوڙجڪ [(12)] ۾ دٻجي ۽ مغلوب ٿي ويا هئا. جيڪڏهن چوغي پاتل نيم مجسمو ڪنهن ديوتا جي نمائندگي ڪري ٿو، جيئن ڊاڪٽر مٽڪي جو خيال آهي، ته پوءِ هيءُ اندازو معقول ٿيندو ته انهيءَ مجسمي جي صورت ۽ شڪل سماج جي ڪنهن انتهائي اوچي طبقي جي ماڻهن منجهان ڪنهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي صورت سان مشابهہ ناهي ويئي هوندي، جيڪو مجسمي ساز فنڪار جو چڱيءَ طرح ڏٺل وائٺل ۽ ڇاتل سڃاتل هوندو. ڇاڪاڻ تہ اهو مجسمو اُن زماني جي ذري گهٽ ڪنهن سچي پچي زندهہ شخص جي حُليي سان نهڪي اچي ٿو. ان جي شبيهہ مان "آرمينائڊ" (Armenoid) نسل جو اندازو ٿئي ٿو. جنهن کي علم الانسان جا گهڻا ماهر آلپائين نسل ۽ ميڊيٽرينين نسل جي انڊو- ايراني شاخ جي وچ تي هڪ مستحڪم ۽ مستقل نوعيت جو مخلوط نسل شمار ڪن ٿا. پوئين نالي جي نسل وارا اُنهيءَ قوم جي نمائندگي ڪن ٿا، جنهن سڄي مغربي ايشيائي علائقي ۾ انتهائي قديم ۽ اوائلي زراعتي ماڻهن جون آباديون قائم ڪيون هيون. ۽ ان قوم يا نسل کي ئي سنڌو تهذيب ۾ بنيادي نوعيت جو تشڪيلي عنصر سمجهڻ گهرجي. ڪن ٻين مستند عالمن جو خيال آهي تہ اهو رعبدار نيم مجسمو پنهنجي "سرد مزاج تحڪمانہ" صورت سان سنڌو لوڪن جي پروهت بادشاهہ جي شبيهہ جو نمونو آهي [(13)]. پٿر جو نهيل هڪ ٻيو مٿو، ڪن ٿورن تفاوتن کان سواءِ، انهيءَ نيم مجسمي سان حيرت انگيز مشابهت رکي ٿو- مثلاً اُن جي ساڳيءَ نوعيت جي خَطَ ورتل ڏاڙهي، مٿي جي وارن تي ويڙهيل پٽي، جيڪي ويڙهي سيڙهي، ڪياڙيءَ وٽ گول مُڇي جي صورت ۾ جمائي ٻيهاريا ويا آهن. ۽ مُڇن ڪوڙيل مٿيون چپ، اُها پٽي "پروهت-بادشاهہ" جي مٿي واريءَ ويڪريءَ پٽيءَ

يا مُـکـٽ جي پيٽ ۾ هڪ سنهي سڳي کان وڌيڪ معلوم نہ ٿي ٿئي، ۽ ٻيو تہ هن جي ڇهري تي نہ فقط رحمدليءَ جا آثار ظاهر آهن، پر اُهو وٽندڙ حد تائين خوش مزاج پڻ ڏيکارجي ٿو. انهيءَ مٿي کي پٿر مان تـُـکڻ ۽ ناهڻ ۾، اُن جي ڪَنَ جي وضع قطع کي صحيح نموني سان نمايان ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيل آهي، جهڙيءَ طرح سان پروهت-بادشاهہ جي مشهور نيم مجسمي جي حالت ۾ ڪيل آهي، پر ان جي باوجود اُن جي منهن جي ڳلن وارين هڏين جي ٺُـڪ جو ڪم گهڻو بهتر ٿيل آهي. درحقيقت پهرئين نيم مجسمي ۾ باقاعدگيءَ جو جيڪو عنصر موجود آهي، سو هن راءِ کي تقويت ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن اهو ڪنهن ديوتا جي نہ، تڏهن بہ ڪنهن نہ ڪنهن مقدس هستيءَ يا ڪنهن اهڙي بادشاهہ جي نمائندگي ضرور ڪري ٿو، جيڪو پنهنجي بادشاهيءَ لاءِ خدائي حق جو قائل هو.

جيتوڻيڪ موئن جي دڙي [14] جي جاين مان هن وقت (1968ع) تائين ڪنهن بہ هڪ جاءِ کي يقيني حد تائين مندر يا عبادتگاهہ طور شناخت نہ ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود اُتان سنڌو لوڪن جي پوڄا پاٺ جي مختلف شين جي موجودگيءَ جا ڪافي ثبوت ملي چڪا آهن، جيڪي شيون ڪجهہ حد تائين انساني آباديءَ جي مختلف عنصرن سان مطابقت رکن ٿيون. موئن جي دڙي جي مُهرن وارن ”تعويذن“ تي ٻن چيتن سان وڙهندي جنهن هيرو يا نيم-ديوتا جي شبيهہ ڏيکاريل آهي، سو سُميريا واري ”گِـلميش“ سان قريبي مشابهت رکي ٿو. سِـگَ واري چيتي تي حملو ڪندڙ هڪ نيم انسان ۽ نيم ڍڳي جهڙي مخلوق ساڳيءَ طرح سان سُـميريا واري ”اينڪيدو“ جي يادگيري ڏياري ٿي. ممڪن آهي تہ انساني مُنهن جي نِـڪر مان ناهيل هڪ نقاب تي پڻ ساڳئي ديوتا جي شبيهہ ناهيل هجي، جنهن جي ڪاڌيءَ هينان ڏاڙهي ۽ مٿي تي سِـگَ ٺهيل آهن، جيڪي (سِـگَ) بدقسمتيءَ سان هن وقت ڀڄي [15] ڀُري ويا آهن. انهن نمونن مان هيءَ راءِ قائم ٿئي ٿي تہ اُنهن ٻنهي تهذيبن (سميري ۽ سنڌو) جي ڪن عقيدن ۾ ڪنهن زماني ۾ اشتراڪ هو، جيڪو ڪنهن اهڙي اوائلي دور کان وٺي هلندو آيو هو، جنهن ۾ انهن جي ابن ڏاڏن جو مغربي ايشيا جي ڪنهن علائقي ۾، علي الترتيب سنڌو نديءَ ۽ ”جاڙن درياهن“ جي ملڪن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪرڻ کان اڳ ۾، هڪٻئي سان تعلق رهيو هو.

ديوي ماتا جي پوڄا سڄي الهندي ايشيا ۾ دور دور تائين عام جام هئي

۾ سنڌو تهذيب جي مختلف آبادين ۾ بستين مان نڪر مان نهيل بلڪل اُگهاڙيءَ عورت جا جيڪي ننڍا مجسما لڌا ويا آهن، سي شايد انهيءَ ئي ديويءَ جي نمائندگي ڪن ٿا. پر هن خيال لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي تہ اهو مذهب اُلهندي طرف کان سنڌو ماتريءَ ۾ درآمد ڪيو ويو هو، ڇا ڪاڻ تہ اهو ذري گهٽ سڄي هندستان جي اڻ سڌريل قومن ۾ اڄ تائين عام آهي، تنهنڪري ان کي مقامي ئي فرض ڪرڻ گهرجي، ان جي برعڪس اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ "ٻاهر" جي متانهن پٽن کان هتي وارد ٿيل "نئين" قوم ۽ هتان جي ميدانن ۾ اصل رهندڙ قديم النسل قوم جي درميان، سنڌن ڀهرئين تصادم کان گهڻو اڳي، سنڌن مشترڪہ پوڄا جي اِها هڪ شيءِ موجود هئي.

مٿينءَ ڳالهہ کان علاوهہ، گهٽ ئي قسمن جا اهڙا علامتي نشان پڻ آهن، جيڪي ڀهرينءَ ئي نظر سان مذهب سان وابستہ، معلوم ٿين ٿا. سر مارٽيمر وهيلر اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ "اهڙا علامتي نشان عام طور مذهب جي صحيح نوعيت ۽ اهميت اسان جي ذهن ۾ آڻي نہ ٿا سگهن، انهن مان گهٽ ئي نشانن کي، هندستان جي ٻين هنڌن وانگر موئن جي دڙي ۾ پڻ روحاني خواهہ غير روحاني معنيٰ ۽ مفهوم هوندو. اهي ڪڙمي طبقي جي زندگيءَ جون خوفائتيون "مذهبي" علامتون سچ پچ اُن جي بلندتر فڪر جا علامتي نشان سمجهي سگهجن ٿا." مهرن وارن "تعويذن" تي، جيڪي سنڌو تهذيب جو ايترو اهم حصو آهن، پپل جي وڻ سميت، بظاهر، وڻن جي پوڄا جا نظارا ڏيکاريل آهن، ڪن ٻين تي مقدس جانورن جون تہ ڪن تي وري بِٽَن جانورن جون شڪليون آهن، جن سان ڪن حالتن ۾ انساني شڪليون ملايون ويون آهن، جيڪي آثارقديمہ جي عالمن جي راءِ مطابق، شايد "ٻن بنيادي طور علحده جانورن جي پوڄا وارن مذهبن جي ميلاپ جي نشاندهي ڪن ٿيون، ۽ ٻئي طرف شايد "آدمزاد ديو پوڄا" طرف سنڌن "ترقيءَ" ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.[16]" ٽن مهرن تي، بهرحال، هڪ اهڙي ديوتا جي شبيهہ ڏيکاريل آهي، جنهن کي واضح طور شِوديوتا سان سنڌس "پسئو پتيءَ" يعني جانورن جي آقا هئڻ جي حيثيت ۾ شناخت ڪري سگهجي ٿو. ٻن حالتن ۾ انهيءَ شبيهہ کي ٽي شڪليون آهن[17]. ان ۾ بعد واري هندو مذهب سان سنئون سڌو رابطو نظر اچي رهيو آهي.

گول شڪلين وارين مهرن تي اُڪريل ٿوهي واري ڍڳي جي شڪل جي اڪثر

حالتن ۾ موجودگي، اسان کي شِو ديوتا جي انهيءَ جانور سان وابستگي ۽ هن جي "قدرت جي پيدائشي قوت جي مجسم حيثيت" جي يادگيري ڏياري ٿي. موئن جي دڙي وارن ماڻهن ۾ انسان جي تناسلي عضون جي وڏي پيماني تي ٺينڊڙ پوڄا ۾. جيڪا هندستان ۾ عام طور ٺينڊڙ "لِنگم" جي پوڄا سان مشابهت رکي ٿي، ٻنهي تهذيبن جي رابطي جو هڪ ٻيو ثبوت ملي ٿو. وهنجڻ جي رسم جي اهميت جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي، جيڪا سنڌو ماٿريءَ جي رهاڪن جي روزانه زندگيءَ ۾ پڪ ٿي پڪ پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي مذهبي رسم هوندي. مطلب ته سنڌو لوڪن ۾ مذهب جي نوعيت، جيستائين ان جو قديم آثارن مان اندازو ٿي سگهي ٿو، وڏيءَ حد تائين غير آريائي مفهوم ۾ "هندستاني" آهي. انهن ماڻهن وٽ ڪُٺون مقدس ڪانه هئي، ان جي شبيهه هڪ هنڌ به نه ڏٺي ويئي آهي، حالانڪ ڍڳو هر هنڌ موجود آهي. هن ڳالهه جو امڪان آهي ته وڻن، جانورن ۽ تناسلي عضون جي پرستش وارا وڏيڪ اڻ گهڙيا مذهب سنڌو واديءَ جي اصلوڪن قديم نسل قومن وٽ موجود هئا، ۽ انهن مذهبن جون پاڙون هنن ۾ اهڙيون ته پختيون ڪتل ڏسجن ٿيون، جو اسين جنهن به "ٻاهرينءَ" قوم کي سنڌو يا هڙاپا واريءَ قوم جي نالي سان شناخت ڪري رهيا آهيون، تنهن جي طرفان انهيءَ ملڪ ۾ آنڌل عقيدا ۽ رسمون انهن اوائلي مذهبن کي پوريءَ طرح سان اکيڙي نه سگهيا. پوئين نالي وارن لوڪن پنهنجي نئين ماحول ۾مقامي عقيدن جي قوت کي يقيناً محسوس ڪيو هوندو، ۽ انهيءَ احساس اڄڻ کان پوءِ انهن عقيدن کي اُڏاري طور پنهنجي ڪرڻ جي حد تائين ڪجهه اڳتي قدم کڻڻو پيو هوندن. "سنڌو زماني" جي گهٽي حصي ۾ پروهت طبقي کي، جنهن کي اسان جي خيال موجب تمام گهڻو اثر ۽ رسوخ حاصل هو، مقامي پوڄا پاٺ جي مذهبن سان ڪا همدردي نه هئڻ جي باوجود، آخرڪار، انهن جي ڪن فلسفيانه عنصرن کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪرڻو پيو هوندو، ۽ جيسين ممڪن ٿي سگهيو هوندو، هنن اهڙن عنصرن کي پنهنجي اعليٰ تر تمدن سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو هوندو. سنڌ جي آبو هوا ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ضرور آهي، جيڪا عام طور هڪٻئي سان اختلاف رکندڙ مذهبن جي سرحدن جي نشانن کي آهستي آهستي جهڪو ڪيو ڇڏي. جديد دور ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٿي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ صوفياڻي- روحانيت ميلاپ جو ذريعو بنيل هئي.

انهيءَ کان به وڌيڪ اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ هئي ته جتي به "دريا پنٿي" سنڌو درياءَ کي اُڏيرو لال جي شڪل ۾ پوڄيندا هئا. اُتي مسلمان وري درياءَ جي روح جو خواجه خضر جي نالي سان احترام ڪندا هئا. ڪن ٻين مزارن تي پڻ هندو ۽ مسلمان ٻئي مشترڪ طور ايندا ويندا رهندا هئا. ۽ دوستانه رقابت ۽ مقابلي طور انهيءَ ساڳيءَ مزار لاءِ ڪنهن خاص ديوتا يا ڪنهن خاص پير [18] جي جاءِ هئڻ جي دعويٰ ڪئي ويندي هئي.

سنڌو لوڪن جي انتهائي مخصوص ۽ انفرادي نوعيت جي قديم آثارن مهرن وارن "تعويذن" جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، جن تي ديوتائن، بلائن ۽ جانورن جون شبيهون اُڪريل آهن. انهن مان اڪثر مهرن تي تصويري اکرن ۾ مختصر ڪتبا نقش ٿيل آهن، انهيءَ لکت جو راز اڃان تائين معلوم ٿي نه سگهيو آهي، بظاهر اها لکت تصويري لکت هئڻ سان گڏ آوازي حرفن ۽ شايد توصيفي اکرن جي ٺهيل آهي. ان ۾ ڪجهه قدر مصر جي تصويري تحرير وارو رسمي اسلوب ۽ چٽائي موجود آهي، ۽ ائين پيو نظر اچي ته هن وقت تائين ان جا جيڪي انتهائي قديم نمونا لڌا ويا آهن، تن جي دور کان گهڻو اڳ ۾ هن تحرير پختگي ۽ بلوغت حاصل ڪري ورتي هئي. اهو نتيجو هن حقيقت مان ڪڍي سگهجي ٿو، جو انتهائي قديم ۽ آخري دور وارين مهرن ۾ استعمال ٿيل اکرن جي درميان ڪوبه ڦيرڦار نظر نه ٿو اچي، ۽ صاف طرح سان جدا نظر ايندڙ علامتن جو تعداد - اٽڪل 250 - انهن علامتن جي عدد کان گهڻو گهٽ آهي، جيڪي سُميريا جي اوائلي "گهرائي" [19] واري زماني جي لکٽيءَ ۾ استعمال ٿيل آهن. اُنن يا وڌيڪ صدين جي مدت دوران تحرير جي نموني ۾ ڪنهن به قسم جي ردوبدل ۽ واڌ جو نه هئڻ، نمايان طور محفوظ يا ساڪت سنڌو تمدن جي ٻين عام حالتن سان پڻ ٺهڪي اچي ٿو. اهي نشان جڏهن ٺڪر جي ٿانون تي خوبصورت چِٽن طور ليڪيل نظر اچن ٿا، تڏهن انهن جي ڪا معنيٰ معلوم نه ٿي ٿئي، ۽ جيڪي نشان ٽامي جي برتنن تي اُڪريل آهن، سي به اهڙائي رسمي آهن، جهڙا مهرن تي نڪتل نشان. اسان کي ڀن ٻولين ۾ لکيل ڪنهن اهڙيءَ تحرير جي دستياب ٿيڻ کان نا اميد ٿيڻ نه گهرجي، جيڪا ممڪن آهي ته سُمير ۾ مٽيءَ جي ڪنهن اهڙي تختيءَ تي اُڪريل هجي، جنهن تي سنڌو لوڪن جي لکت اتان جي قديم مخروطي اکرن سان گڏ اُڪريل هجي، پر جيئن

تہ سنڌو لوڪن جي هن وقت تائين هٿ آيل ڏکي ۾ ڏکي تحرير ۾ ويهن کان بہ گهٽ علامتون آهن. تنهنڪري امڪان اهو آهي تہ اهڙي خوش قسمتيءَ جي نتيجي ۾ بہ انهن ماڻهن متعلق اسان جي ڄاڻ ۾ شايد ڪو خاص اضافو نہ ٿي سگهي. بهرحال، انهيءَ وسيلي هن باري ۾ شايد ڪو ـ لو ٿي پوي تہ موجوده وقت ۾ جيڪو هيءُ انومان ڪيو پيو وڃي تہ اها ٻولي مرڪزي هندستان جي "مُندا" (Munda) سٽ جي ٻولين سان ملندڙ هئي، سو انومان صحيح آهي يا غلط. ٿي سگهي ٿو تہ اُن مان اسان کي سنڌو لوڪن جي ڪن ديوتائن يا ماڻهن جا انفرادي نالا معلوم ٿي وڃن. پر اسين اهڙن ذريعن مان انهن ماڻهن ۽ سنڌن تاريخ بابت ڪا گهڻي معلومات حاصل ڪرڻ جي اميد نہ ٿا رکي سگهون. ممڪن آهي تہ هنن پنهنجي عبادتگاهن جو حساب ڪتاب رکيو هجي يا بادشاهن جون فهرستون ۽ روزنامچا لکيا هجن. اهو بہ امڪان آهي تہ هنن سُمير ۾ رهندڙ پنهنجن گماشتن ڏانهن واپاري نوعيت جا پيغام موڪليا هجن. اسان کي هن ڳالهہ جي اڳيئي پڪ ٿي چڪي آهي، تہ مُهر واري 'تعويذ' تي جيڪا تصويري تحرير آهي، تنهن جو واسطو ان تي اُڪريل جانور سان ڪونهي. هن ڳالهہ جو امڪان وڌيڪ آهي تہ انهيءَ لکت جو اشارو ڪنهن اهڙي واپاري برادريءَ جي هڪ فرد ڏانهن هجي، جنهن (برادريءَ) اُهو خاص جانور پنهنجي مخصوص نشان طور اختيار ڪيو هو. وري هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو جانور انهيءَ ماڻهوءَ جي فطري خصوصيت جي علامت ظاهر ڪندو هجي، جنهن جو نالو مهر تي اُڪريل آهي. سيني چورس مهرن جي پٺيئن پاسي ڏاڍي پوئڻ لاءِ سوراخن جو هڪ سنڌو ۽ مٿي اُڀريل ٻُونبو بہ نهيل آهي، ۽ جيئن تہ اهي تمام وڏي تعداد ۾ لڌيون آهن، ان ڪري هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌو لوڪن جي وڏي اڪثريت دائمي انهن کي پاڻ وٽ رکندي هوندي [20].

جديد دور جي سنڌي ڳوٺاڻي جي پنهنجي ڏوري ۾ تعويذ ٻڌڻ واري رواج ڪي- جيڪو (تعويذ) ڏاتوءَ مان نهيل سڌيءَ سنئينءَ شڪل جو هڪ پورو ڪوڪو هوندو آهي، ۽ جنهن جي ماپ ذري گهٽ سنڌو لوڪن جي مُهر جيتري هوندي آهي، ۽ جنهن ۾ عام طرح سان تعويذ ٻڌڻ واري ماڻهوءَ جي مرشد جي لکيل ڪا مقـ.س تحرير پيل هوندي آهي، وسيع معنيٰ ۾ موئن جي دڙي وارن ۾ موجود اُنهيءَ عام رواج جو متوازي سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌو لوڪن جي پنهنجي علائقي ۾ شهر پناهن کان سواءِ وسايل آبادين جي تعداد مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اتان جي قديم نسل وارا ماڻهو سنڌن حڪومت ڏانهن مڪمل طور فرمانبردار ۽ اطاعت پذير هئا. اسين هن ڳالهہ جو فيصلو نہ ٿا ڪري سگهون تہ انهن جي فرمانبرداريءَ جي اُها ڪيفيت نئين آيل لوڪن جي تسلطي هٿيارن پنوهارن جي قوت جي آزمائش ۽ تجربي جي نتيجي ۾ پيدا ٿي، يا اها اُنهن برتر هنرن جي مالڪن لاءِ، جيڪي عام زندگيءَ جي نظم ۽ ضبط ۽ خوشحاليءَ جا ضامن هئا. ادب ۽ احترام طور هنن ۾ ازخود پنهنجي ڪمتر حيثيت جي احساس طور پيدا ٿي هئي. اناج جي ڳاهہ ڪرڻ لاءِ پيلپ ۾ رکيل هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي رهائش لاءِ سادي قسم جا وڏا وڏا باريڪ، يا بار ڍوئڻ وارن جي رهائش لاءِ جهوپڙين جون ڊگهيون قطارون، سنڌو لوڪن جي زندگيءَ جو هڪ مخصوص انگ هو. ۽ اهڙيون ئي جايون هڙاپا ۾ ۽ موئن جي دڙي ۾ بہ ملن ٿيون [21]. ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ سنڌو لوڪن جي آمد کان اڳ واريءَ زمين جي جنهن سڙيل تَــهَـ جي مٿان وري سنڌو لوڪن اچي اڏاوت ڪئي، تنهن مان انهيءَ زماني ۾ هڪ قوم جو ٻيءَ جي هٿان مظلوماڻي انداز ۾ برباد ٿيڻ جو ثبوت ملي رهيو آهي. پر ان جي معنيٰ ٻيءَ صورت ۾ بہ نڪري سگهي ٿي، ۽ يقيناً ان مان ڪي بہ عام نتيجا ڪڍڻ نہ گهرجن. گهٽ ۾ گهٽ هن ڳالهہ جو امڪان ضرور آهي تہ اوائلي مقامي ماڻهو هٿيارن پنوهارن جي معاملي ۾ ڪافي حد تائين نقصان هيٺ هئا. سنڌو لوڪن وٽ پتل جون ننڍيون ترارِيون، ڪهاڙيون ۽ خنجر هئا. سنڌن تيرن ۽ نيزن جا مُنهن پڻ ساڳئي ڌاتوءَ جا نهيل هئا. ڏنڊو شايد سنڌن دلپسند هٿيار هو. انهن جا مٿا مختلف قسمن جي پٿر توڙي ٽامي مان جدا جدا شڪلين جا نهيل هوندا هئا. هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل ذڪر آهي تہ تيز ڌارَ وارن هٿيارن ۽ اوزارن جي وڏيءَ اڪثريت وارن هٿيارن جا ڦر، جيڪي هن وقت تائين لڌا ويا آهن، نہ ڪن ڳنن تي چاڙهيا ويا آهن، ۽ نہ انهن ۾ ڳن لڳائڻ لاءِ ڪو پاهو نهيل آهي، پر اهي بلڪل چٽيل ۽ سڌا سنوان آهن. انهن ڪي پٿر جي دور وارن اوزارن وانگر ڪاٺ جي چيريل ٻہ-چانگي جي وچ ۾ ٻڌو ويندو هو. هنن جي چاقوءَ ۽ نيزن جا ڦر ايڏا تہ سنها ڏنا ويا آهن، جو ماڻهو ائين سمجهي ٿو تہ ڳن جي ڪانيءَ ڪي ڊگهو ڪري، ڦر جي نوڪ طرف اڌ ڪان بہ وڌيڪ اڳتي پهچايو ويندو هو تہ جيئن ان ڪي ڪم اچڻ

مهل سهارو ملي. ساڳئي سبب ڪري ڪهاڙين جي ڳنن واري ڪانيءَ ڪي پڻ ڪافي گهرائيءَ تائين چير ڏنو ويندو هوندو، جتي ان جون پيئي ڦاڪون ڦر ڪي ڇهڻي بيهنديون هونديون. پٽل جي ٻه مُنهين ترار کي اڌ ڪان هيٺ ٿلهو بنايو ويندو هو، پر اِئين عام طور نہ ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ موئن جي دڙي جي ڌاتن جي ڪاريگرن نچڻي ڇوڪريءَ جي مشهور مجسمي ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ کي ڳاري قالب ۾ وجهڻ جو طريقو استعمال ڪيو هوندو، پر ان جي باوجود هنن ڪپڻ وارن اوزارن ٺاهڻ لاءِ اهو يا بند قلب ۾ ڳريل ڌاتو پلٽڻ جو طريقو پوريءَ طرح اختيار نہ ڪيو ٿو پائنجي. هن ڳالهہ ۾ شڪ نہ آهي تہ هو انهيءَ قسم جي اوزار کان باخبر هئا، ڇاڪاڻ تہ ڳن لاءِ پاهي واريءَ ڪهاڙيءَ جو مٽيءَ جو نهيل هڪ نمونو موئن جي دڙي جي هيٺين سطح مان دستياب ٿيو آهي، پر اتان جا ڌاتو گر پوءِ بہ ڪهاڙيءَ ۽ ڇيٽيءَ جا سڌي سادي نموني جا ڦر ٺاهيندا رهيا، جن جو اڳيئي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي ايران [22] ۽ ٻين ملڪن ۾ ڌاتوءَ جي اوزارن جي انتهائي اوائلي زماني واريءَ ساخت جي خصوصيت جا حامل هئا. شهر مان لڌل اوزارن مان ڳن لاءِ پاهي وارن اوزارن جو فقط هڪ ئي نمونو، جن ۾ هڪ خوبصورت ڪهاڙي ۽ ٻي ڇيٽي آهي. ويجهي زماني سان واسطو رکي ٿو. ۽ هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ اهو اوزار گهڻو ڪري سُمير سان مال جي بدلي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ جي دوران اُتان کان آيل آهي. مٽيءَ جي ڪهاڙيءَ جي جنهن نموني جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سو شايد ميسوپوٽيميا کان آيل ڪنهن اوائلي مسافر يا اُتان کان ٿي آيل ڪنهن سنڌو منش جي هدايتن مطابق، سنڌ ۾ رائج ڪرڻ جي ارادي سان ٺاهيو ويو هوندو. ائين پيو معلوم ٿئي تہ موئن جي دڙي جي ڌاتوگرن جي جبلتي قدامت پسندي يا سُست رفتاري انهيءَ اوزار جي عام اختيار ٿيڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بني هوندي.

هن باري ۾ معقول حد تائين اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌو لوڪن کي سنڌن سوين سالن جي حڪومت جي آخر تائين ڪنهن مضبوط ۽ طاقتور دشمن سان جنگ ڪرڻي نہ پيئي، پر موئن جي دڙي جي زندگيءَ جي انهيءَ دور ۾ جڏهن شهر جو نظام پوريءَ طرح قائم ٿي چڪو هو، ڪو اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن جو انهيءَ معاملي تي شايد سڌو اثر پيو هجي. ائين پيو معلوم ٿئي تہ شهر جي اُلهندي واري آباد علائقي تي حڪومت طرفان ڪوٽ نهرائڻ لاءِ

قبضو ڪيو ويو هو. ان لاءِ گهربل اوچائي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ علائقي جي مٽان مٽيءَ ۽ ڪچين سرن جو ويهه فوٽ اوچو وڏو دڙو ٺاهيو ويو هو. ائين به ظاهر آهي ته انهيءَ هٿراڌو دڙي کي چوطرف مضبوط ڪرڻ لاءِ پوءِ پڪين سرن جي ديوارن ڪڙي ڪئي ويئي ۽ ان جي ٻن ڪُنڊن تي ساڳئي ئي سامان مان مضبوط برج تعمير ڪيا ويا. انهن مان ڏکڻ- اوڀر وارن برجن جي مٿان، جن جو منهن اصلي شهر طرف هو، مضبوطيءَ سان ناهيل مورچا بنايا ويا، ۽ انهيءَ هنڌ تکر جي ڳوڙهن جو ڪافي وڏو ذخيرو [23] مليو آهي، جيڪي شايد ڪانياٽين ذريعي دشمن تي اُڇلائڻ لاءِ هئا. هي اندازو بجا طور ڪري سگهجي ٿو، ته شروعات ۾ اهڙا وڏيڪ برج ٻاهرئين فصيل جي چوطرف ورچيل هئا. سر مارٽيمر وهيلر انهن برجن منجهان سيني ڪان قديم برج جي هڪ عجيب وغريب ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، اها آهي سر بنديءَ جي ڪم ۾ متوازي بيهاريل ڪاٺ جي شهتيرن جو استعمال، جيڪي وقت گذرڻ سان ڪاٺي ويا ۽ نتيجي ۾ سرن جي پٽين جو ڪجهه حصو ڊهي پيو، جنهن کي بعد ۾ وري به سرن سان مرمت ڪري ٺيڪ ڪيو ويو. اها غلطي بعد وارن برجن ۾ نه ڪئي ويئي، ۽ ڪوٺائي ڪندڙ هي اندازو ڪري ٿو ته اها غلطي انهن رازن ڪان ٿي هوندي، جيڪي ڪچين سرن يا مٽيءَ جي پٽين کي اهڙيءَ طرح پُشتا ڏيڻ تي هريل هوندا ۽ هنن اها ڳالهه محسوس نه ڪئي ته پڪين سرن جي تعميرات لاءِ انهيءَ ڳالهه جي ضرورت نه هوندي آهي. ڪوٽ جي مٿئين تلهي تي نهيل اناج کي محفوظ رکڻ واري گدام جي ٻاهرينءَ اوچي ديوار جي اڏاوت ۾، جيڪا عملي طور ڪوٽ جي فصيل جو هڪ حصو هئي، ساڳيءَ طرح ڪاٺ استعمال ڪيو ويو هو. "ذري گهٽ ائين پيو نظر اچي ته اهو دڙو ۽ ان تي اڏيل عمارتون بعد ۾ ٻاهران آيل ڪنهن نئين حڪومت جو ڪم آهي، جيڪا پڪين سرن جي اڏاوت ڪرڻ بدران ڪچين سرن جي اڏاوت جي روايتن تي هريل هئي" [24].

ڪوٽ جي دائري اندر هن وقت تائين جن به عمارتن جي ڪوٽائي ڪئي ويئي آهي، سي سڀ سرڪاري قسم جون عمارتون آهن. انهن ۾ هڪ وڏو وهنجڻ جو تلاءُ، جنهن جي چوڌاري خانگي حمامن سان ننڍن ڪمرن جو پيچيده جار ڦهليل آهي، محل يا پروهتن جو ادارو، عظيم الشان اناج جو گدام ۽ راڄ جي اجتماع جو وڏو ڪمرو (هال) شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال آهي تہ ڇا، ڪوٽ جي بنيادن پوڻ کان اڳي شهر ۾ اهڙن ادارن جو وجود قائم هو؟ ”هيٺئين شهر“ ۾ ڪوٺيل ڪي وڏيون عمارتون ممڪن آهي تہ مندر هجن، پر اتي سرڪاري عمارتن جو ڪو اهڙو نشان نظر نہ ٿو اچي، جيڪي ڪوٽ وارين عمارتن سان مشابهت رکندڙ هجن. شايد ڪنهن اڳئين وقت ۾ انهيءَ قسم جون جايون هجن، جن جي مٿان بعد ۾ مصنوعي دڙو ڪڙو ڪيو ويو هجي. مثلاً اوائلي زماني جون ڪي اهڙيون سرڪاري جايون هجن، جيڪي بعد ۾ دائمي طور وڌندڙ شهر يا نئين حڪومت جي ضرورتن لاءِ ناڪافي سمجهيون ويون هجن ۽ ان ڪري انهن کي ڊاهي، انهن بدران وڌيڪ شانائتي نموني جون نيون جايون اڏايون ويون هيون، جن جا نشان اسين ڪوٽ جي دائري ۾ ڏسي سگهيا آهيون. هن وقت تائين جيڪا بہ ان سلسلي ۾ اسان کي شهادت ملي چڪي آهي، سا اهو ڏيکاري ٿي تہ ڪوٽ جي تعمير سان گڏ يا ان کان پوءِ عام ماڻهن جي مادي زندگيءَ جي طريقي ۾ ڪا نمايان تبديلي ڪانہ آئي هئي. ان جي بجاءِ، ائين ٿي سگهي ٿو تہ ڪوٽ جي اڏاوت هڪ نئين گهراڻي جي حڪومت جي آغاز جي علامت ظاهر ڪندي هجي، يا ان طرح موئن جي دڙي ۽ ٻين ”سنڌو لوڪن“ جي شهرن جي باهمي تعلقات ۾ آيل ڪنهن تبديليءَ جو اِهو نتيجو هجي.

هن وقت تائين اهڙيون شهادتون ڪافي مقدار ۾ نہ ملي سگهيون آهن، جن جي ذريعي انهن ماڻهن جي مکيہ شهرن جي بنيادن پوڻ جي وقت جو تعين ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن شهرن کي سڃاڻي سگهجي ٿو تہ اهي ويجهي زماني جا نهيل آهن. هڪ وقت اهو خيال ڪيو ٿي ويو تہ هڙاپا موئن جي دڙي کان اڳي جو آهي، پر جڏهن کان وني پوئين شهر جي آباديءَ جي آخري ۽ سڀ کان وڌيڪ هيٺانهين تَهہَ جي پوري اونهائي معلوم ڪئي ويئي آهي- حالانڪ انهن تَهنَ جي پوري دريافت ناقبلِ عمل رهي آهي. تڏهن کان وني هيءَ راءِ قائم ٿيڻ لڳي آهي تہ ٻنهي شهرن ۾ موئن جي دڙي وارو شهر وڌيڪ آڳاٽو آهي. بهرحال، هن ڳالهہ جو امڪان نظر اچي ٿو تہ سرڪاري عمارتن واري حصي جي مخصوص تنظيم ۽ رٿابندي، جيڪو هيٺئين شهر کان مٿينءَ سطح تي اڏيل هو. شايد هڙاپا [25] ۾ شروع ٿي ۽ موئن جي دڙي ڏانهن در آمد ڪئي ويئي، ۽ بعد ۾ اها فقط ڪن ننڍن شهرن لاءِ نموني طور اختيار ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺي. اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهڙا شهر شايد ضلعي هيڊ ڪوارٽر هئا، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اُها رٿابندي عام طرح سان (نئين؟) حڪمران طبقي جي پاليسيءَ جي عڪاسي ڪري رهي هئي، جن پنهنجي وقار کي مادي شين جي وسيلي سان وڌائڻ پئي چاهيو. اهائي تنظيم ۽ رٿابندي سنڌو لوڪن جي عظيم ڏاڪڻي "صوبي" جي ٻن شهرن، "ڪالي بنگن" ۽ "لوٿل" [26] ۾ نظر اچي ٿي، جنهن (صوبي) جو خاڪو گذريل ڏهن سالن جي کوجنائن جي نتيجي ۾ تشڪيل ٿيو آهي. انهيءَ صوبي جي شناخت ۾ سنڌو تمدن جي جمنا جي واديءَ تائين واڌ سان، جيئن اُڪلنا جي آثار قديمه ۾ ڏنو ويو آهي، منهنجيءَ راءِ موجب هن پراڻي نظريي جي ترديد نه ٿي آهي ته سنڌو "رياست" تي، ان جي قيام ۽ وجود جي وڏي عرصي تائين، گهٽ ڪري ٻن گادين وارن شهرن (هڙاپا ۽ موئن جي دڙي) مان، جيڪي هڪ ٻئي کان چار سؤ ميل [27] پري هئا، حڪومت ڪئي ويندي هئي، ٻنهي گاديءَ وارن شهرن جي وچ ۾ پاڻيءَ رستي سڌو رابطو قائم هو. ۽ اسان کي اها حقيقت معلوم آهي ته سنڌو لوڪ ٻيڙيون ڪم آڻيندا هئا، جن جي بناوت ۽ شڪل صورت انهن کان مختلف نه هئي، جيڪي هن زماني ۾ درياءَ تي هلن ٿيون. ظاهري طور ساڳئي قسم جي رياست لاءِ ٻن دارالحڪومتن رکڻ جو اصلي سبب انهيءَ قوم طرفان آباد ڪيل سنڌو واديءَ جي وڏي ڊيگهه نه، بلڪ انهيءَ واديءَ جي پنجاب جي ميدان ۽ سنڌ جي ميدان ۾ قدرتي تقسيم ۽ انهن جي وچ واري علائقي ۾ ڪنهن هنڌ هڪڙي مرڪزي دارالحڪومت جي قيام لاءِ ناموزونيت هو. اهو درمياني پٽو نه فقط تمام ڏبيل ۽ سوڙهو آهي، پر ساڳئي وقت اُهو درياهن ۾ اينڊڙ خطرناڪ تبديلين ۽ تباهه ڪن سيلابن جي سدائين زد ۾ پئي رهي ٿو.

اسين هيءَ اندازو بخوبي ڪري سگهون ٿا ته بهاولپور ۽ بيڪانير وارن علائقن ۾ قائم ٿيل شمالي آباديون، رُوپر ۽ اُڪلنا سميت، هڙاپا جون زيردست هيون، ۽ جادم جو دڙو ۽ بلوچستان وارين ٻين آبادين سميت سنڌ واريون سڀ آباديون موئن جي دڙي جون زيردست هيون. اسان کي هيءَ حقيقت شايد ڪڏهن به معلوم ٿي نه سگهي ته انهن ٻنهي وڏن شهرن جي وچ ۾ سنڌن مشترڪه وجود جي دوران سچ پچ ڪهڙا ناتا ۽ واسطا قائم هئا. جيتريقدر اسان جو واسطو سنڌ سان آهي، اسين پوري اعتماد سان دعوا ڪري سگهون ٿا ته موئن

جي دڙي ۽ ان جي ماتحت شهرن کي خود مختيار حيثيت حاصل هئي.

هن رياست جي "اقتصاديات"، جيڪڏهن اسين اُنهيءَ دؤر جي معاشي حالت متعلق اهو لفظ استعمال ڪٽي ڪريون. بنيادي طور زرعي نوعيت جي هوندي، ۽ اُها گهٽو ڪري اڳيئي ترقي ڪري پنهنجي گذاري واريءَ سطح کان وڌي انهيءَ منزل تائين پهتي هوندي، جڏهن زرعي پيداوار پاسي وارين ايراضين جي ڪن اهڙين شين سان مال بدلي مال جي بنياد تي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي هوندي، جيڪي سنڌو ماٿريءَ ۾ موجود نـه هونديون ۽ جيڪي سنڌو لوڪن جي تمدن واريءَ انهيءَ منزل ۾ اڳي ئي سنڌن ضرورت جي شين جي حيثيت اختيار ڪري چڪيون هونديون، جتي هو پنهنجي سابق سر زمين ۾ ترقي ڪري پهتا هوندا. ڪين اُلهندي واري سڄي جابلو ملڪ جا معدني ذريعا ۽ وسيلا، (مثال طور) لس ٻيلي ۾ ٽامي ۽ شيهي جي ذخيرن جا هنڌ ۽ انهن مخصوص جماعتن جا نالا يقيناً چڱيءَ طرح معلوم هوندا، جيڪي اُنهن شين ۽ ٻين اهڙين ضرورت وارين شين، مثلاً: چيروليءَ ۽ ميٽ جي واپار ڪرڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار هونديون. ۽ انهيءَ حالت ۾ هيءُ تصور ڪرڻ بـه آسان آهي تـه اهڙيءَ روانگيءَ ۽ آمدنيءَ جي واپار جي ڏي وٺ ۾، مقدار ۽ مفاصلي جي لحاظ کان، بتدريج واڌارو ايندو رهيو هوندو. چاڪاڻ تـه ميدانن ۾ وٽن گهٽو ڪجهه موجود هو، جيڪو اهي ٻين کي ڏيئي ٿي سگهيا. مثال طور: اتي عمارتي ڪاٺ گهٽو هو. وري مختلف قسمن جا ڪنؤر ۽ مصالحا، تيل، رنگ ۽ انهن سيني کان وڌيڪ ويڳر جون شيون ۽ اناجَ وٽن جام هئا، وٽن لوڻ بـه هو. ۽ حيواني پيداوار ۾ عاج، ڪوڏ ۽ سـنگَ بـه هئا. تنهن کان سواءِ وٽن مختلف قسمن جا زراعتي ريشا پڻ جام هئا ۽ انهن ۾ خاص طرح ڪپهه سڀ کان وڌيڪ اهم هئي.

"سنڌو" سلطنت ۾ ڪپهه جيڪو ڪردار ادا ڪيو، تنهن بابت اجا تائين ڪو قطعي فيصلو ٿي نـه سگهيو آهي. اسان کي اها پڪ هئڻ گهرجي تـه انهيءَ شيءِ جو وڏي پيماني تي گهريلو استعمال ٿيندو هو. موئن جي دڙي مان گهڻي تعداد ۾ لڌل چڪراوان ٽـڪلا اُنهيءَ قسم جا آهن، جيڪي، ڊاڪٽر مئڪي جي چوڻ مطابق، صاف ظاهر ڪن ٿا تـه اُهي فقط ڪپهه جي ڌاڳي وٽڻ لاءِ استعمال ٿي پئي سگهيا. ۽ خوش قسمتيءَ سان انهيءَ شيءِ جو هڪ اُٽيل ٽڪرو اتي لڌو

ٻہ آهي، جنهن ۾ هيرن جواهرن جو خاصو تعداد ويڙهيل هو. ان کان علاوه، نيم مجسمن ۽ پتلين جي جسمن تي جيڪي ڇڻن وارا چوغا نڪتل نظر اچن ٿا، تن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ اهي ڪنهن سنهي ۽ هلڪي ڪپڙي جا ٺهيل هوندا. هن باري ۾ ڪو ثبوت نہ مليو سگهيو آهي، تہ "سنڌو" ملڪ جي ڪپڙن ۾ پشم يا سُٽي استعمال ڪئي ويندي هئي، جيڪي ٻئي شيون انهيءَ دؤر جي سُمير سلطنت ۾ بنيادي ۽ وڏي اهميت واريون هيون. ۽ ان جي ابتڙ، اسان کي هن باري ۾ بہ ڪو علم ڪونهي تہ "سنڌو" ايراضيءَ کان ٻاهر، ايندڙ ڪيترين ئي صدين تائين، ڪپهہ جو ڪو استعمال ڪيو ويندو هو يا اهو ٻوٽو اُتي ٻاهر ڪٿي پوکيو بہ ويندو هو. انهيءَ ٻوٽي جي سنڌو لوڪن طرفان ٿيندڙ پوک جي حقيقت مان ڪجهہ اهم نتيجا نڪرن ٿا[28].

هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ هيءَ ڳالهہ سمجهائي وئي هئي تہ هيٺينءَ "سنڌو" واديءَ ۾ خريف واري فصل جي پوک، جنهن ۾ ڪپهہ پڻ هڪ جنس هئي، ربيع جي فصل جي ڀيٽ ۾ (جنهن مان ماڻهن جي خوراڪ جو وڏو مقدار حاصل ٿيندو هو)، چوڻ گهٽي پاڳي وڌيڪ خطري واري هوندي هئي، ۽ انهيءَ فصل جي ڪاشت ۾ ڇا لاءِ وڌيڪ محنت ۽ مشقت جي ضرورت پوندي هوندي. هن باري ۾ اڃا تائين ڪوبہ اهڙو ثبوت نہ مليو آهي، تہ سنڌو لوڪن طرفان استعمال ٿيندڙ گُڏ ڪرڻ جي ڪربي ڪانيءَ کان علاوه ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ٺهيل هئي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي قسم جو اوزار فقط اهڙي کيت ۾ اثرائتي نموني ۾ هلائي سگهبو هوندو، جيڪو اڳيئي آلو ٿئي، نرم بنجي چڪو هوندو. سنڌ ۾ ڪيل جديد تجربا ٻڌائين ٿا تہ پوک ڪرڻ جا ٻيا طريقا ۽ رستا، جهڙوڪ هر ڏيڻ (جيڪڏهن انهن ماڻهن کي هر جي استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ هئي)[29]. ۽ ڪربيءَ سان گُڏ ڪيڻ پڻ، ريجيل زمين ۾ ئي اختيار ٿي سگهيا ٿي. فقط ان هڪ ڳالهہ ٿي اُن زماني جي سنڌو درياءَ جي سيلابي ميدان ۾ خريف واري فصل جي پوک کي ڪن خاص هنڌن لاءِ انتهائي مخصوص نوعيت جي مهم جي صورت ڏيئي ٿي ڇڏي. فقط ڪن اهڙن زمين جي ٽڪرن ۾، جيڪي دريائي پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ سيلابي ڇنڊڻين جي لحاظ کان خاص طور موافق هنڌن تي بيٺل هوندا، اهڙن فصلن جي ڪاشت مفيد ۽ ڦلدائڪ ثابت ٿي سگهندي هوندي، هنن جي اُنهن تقريباً "ٻاراڻن" اوزارن سان ٻنين ٻارن کي حد کان زيادهہ.

پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان محفوظ رکڻ ۽ آبپاشيءَ تي ضابطي رکڻ لاءِ بندن ٻڌڻ جو ڪم فقط ان صورت ۾ اثرائتو ثابت ٿي سگهيو ٿي، جتي اهو سڄوڪم تمام ننڍي پيماني تي ٿيندڙ هجي ها. وري خريف واري فصل ۾ ڪيهه اهڙي جنس آهي، جيڪا پچڻ ۾ بين سيني جنسن کان وڌيڪ وقت وٺي ٿي. ان ڳالهه سان هن حقيقت جي وضاحت به ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ سن 1900ع کان اڳي، جڏهن آبپاشي فقط سيلابي واهن ۽ نارن جي پاڻيءَ جي مدد سان ڪئي ويندي هئي، تڏهن ڪيهه تمام ٿوري پيماني تي پوکي ويندي هئي ۽ ان ۾ به ڪا حقيقي ڪاميابي ڪانه ٿيندي هئي. اهو ته فقط سدا وهندڙ جمڙائو واهه جي کلڻ جو نتيجو هو، جو ويهين صديءَ جي سنڌ ۾ انهيءَ فصل اهميت حاصل ڪئي. سدا وهندڙ واهن ذريعي آبپاشي مارچ جهڙي اڳاٽي مهيني ۾ ٻج ڇٽڻ کي ممڪن بنائي ٿي، ته جيئن ڪيهه جو آخري چوندو سياري جي پارن کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي سگهي. پر جن هنڌن تي پوک جو دارو مدار درياءَ جي موسمي چاڙهه تي رهي ٿو، اتي ٻج ڇٽڻ جوڪم عام طور تي جون يا سوير کان سوير مئي کان اڳ ۾ شروع ٿي نٿو سگهي، ۽ هن ڳالهه جو امڪان رهي ٿو ته فصل جي[30] چونڊي لاءِ پچي راس ٿيڻ کان اڳي ئي ان کي ڪو نقصان پهچي وڃي. هڪ پاسي جتي درياءَ جي ڪپر وارن ڪچي جي علائقن ۾سالياني اُٿل جو پهريون ئي پاڻي پهچي وڃي ٿو، اتي انهن ايراضين کي بعد ۾ وڌيل پاڻيءَ جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ نهايت ڏکيو ڪم ٿي پوي ٿو. پوءِ، جيڪڏهن اسين اهو اندازو لڳايون ته سنڌو لوڪ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڪيهه پوکڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا، ته ان صورت ۾ اسان کي هيءَ ڳالهه به تسليم ڪرڻي پوندي ته انهيءَ زماني ۾ هن علائقي جي آبو هوا اسان جي پنهنجي زماني جي آب هوا جي ڀيٽ ۾ وونڻ جي ٻوٽي جي اوسر لاءِ وڌيڪ موافق هئي. پهرئين جلد ۾ هن شهادت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو هو، ته ڏکڻ اولهه واريون چوماسي جون هوائون موجوده دؤر جي مقابلي ۾ اُن وقت (ٿر جي ريگستان ۾) وڌيڪ زورائتيون لڳنديون هيون، ۽ هيءَ ڳالهه سمجهائي ويئي هئي ته جيڪڏهن اها ڳالهه تسليم ڪجي ته هڙاپائي دور ۾ اهي حالتون موجود هيون، ته پوءِ اسان کي هيءَ ڳالهه به تسليم ڪرڻي پوندي ته انهيءَ علائقي جي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه حصي[31] مثال جديد دور جي ڀيٽ ۾ برسات وڌيڪ مقدار ۾، باقاعدگيءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي هوندي. جيڪڏهن ائين هو، تہ سنڌو واديءَ ۾ ڪپهہ جي فصلن جي پوکجڻ ۽ اُسرڻ جي راهہ ۾ حائل دشوارين جو، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، اثر تمام گهٽي قدر گهٽ هجي ها. حالانڪ پوک لاءِ ڪم ايندڙ اوزارن ۾ ڪا گهٽي خوبي ۽ خصلت ڪانہ هئي.

بهرحال، هڪ ٻيو امڪان پڻ آهي، جيڪو اسان جي غور لائق آهي، جنهن ۾ آب و هوا جي مختلف حالات بابت ڪي انداز ۽ انومان شامل ناهن. اهو امڪان هي آهي تہ سنڌو لوڪ ڪپهہ جي پوک جو وڏو حصو پنهنجي سلطنت جي ڏاکڻين صوبي (هاٿوڪي گجرات) جي ڪاريءَ مٽيءَ واريءَ زمين تي ڪندا هئا. جتي جديد زماني ۾ بہ، يعني گهٽ ۾ گهٽ گذريل صديءَ ۾ پڻ، اها جنس فقط چوماسي جي برساتن تي وسيع علائقن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي ويئي آهي.

جيڪڏهن سوتي ڌاڳي ۽ سوٽي ڪپڙي جي ڏيساورن ڏانهن روانگي "سنڌو" لوڪن جي اقتصاديات جو هڪ اهم جُز هو، تہ پوءِ ماڻهو هيءُ بہ اندازو ڪري سگهي ٿو تہ اُهو ڏورانهون ڏاکڻون علائقو انهيءَ ريشي جي پيداوار تي هڪ هنڌيءَ واري ضابطي حاصل ڪرڻ جي مکيہ مقصد لاءِ سنڌن حڪمرانيءَ هيٺ آندو ويو هو. پر اڄ ڏينهن تائين اسان کي هن معاملي ۾ ڪابہ پڪي ثابتي نہ ملي آهي، تہ سنڌو لوڪ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪپهہ جو روانگي واپار ڪندا هئا، ۽ نہ وري اهڙن ملڪن ۾ ڪپهہ جي ڪپڙي جي استعمال جي رواج جو ثبوت مليو آهي، جن سان اُنهن جا تجارتي تعلقات قائم هئا. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان کي معلوم ٿي چڪو آهي تہ سُمر ۾ "اُر" جي ٿئين، گهراٽي جي تحت، سال 2100 کان 2000 قبل مسيح تائين، جتي اوني ڪپڙن جو عام ۽ وڏي پيماني تي رواج هو، اتي گهٽ ۾ گهٽ ٻن زرعي ريشن مان پڻ ڪپڙو اُڻجي رهيو هو. جيڪي ريشا ڪاشتڪارن طرفان انهيءَ ملڪ ۾ پوکيا ويندا هئا. انهن مان هڪ ريشو سڻي معلوم ٿئي ٿو، جنهن مان انتهائي نفيس قسم جو ڪپڙو ناهيو ويندو هو. ٻئي وڏيڪ عام قسم جي ريشي (جيڪو بظاهر سڻيءَ جو ڪونہ هو) مان گهٽو ڪري ميجيءَ مارڻ لاءِ رسا، يا چار ناهڻ کان علاوه هڪ اهڙو ڌاڳو بہ ناهيو ويندو هو، جيڪو ڪپڙي جي ڪن مخصوص قسمن ۾ پيٽي طور ڪم آندو ويندو هو. ۽ وڏيڪ عاميانہ ڪپڙو سچو انهيءَ ڌاڳيءَ مان ناهيو ويندو هو. "اُر" وارو اهو دور، گجرات مٿان سنڌو لوڪن جي

حڪمرانيءَ جي وڏيڪ آڳاٽي دور سان بظاهر ٺهڪي اچي ٿو. انهيءَ باري ۾ راءِ ڏيڻ تي دل هرڪي ٿي ته "سُمر" وارن جو اهو عام فائدي وارو سُٽ، جيڪو "گوُ" (gu) جي نالي سان سڏبو هو. سو انهيءَ ڪپهه جو ڌاڳو هو، جيڪا هڪ وقفي کان پوءِ، جنهن جي دوران ۾ ان کي "سنڌو" ملڪ کان درآمد ڪيو ويو هو. ميسوپوٽيميا ۾ پوکي ويئي هئي، ۽ پوءِ انهيءَ سر زمين جي وطني هوڻ جي شڪل اختيار ڪري ويئي هئي. پر در حقيقت، اسيريا ۾ ڪپهه کي هڪ بيو نالو ڏنو ويو هو. جڏهن اُها اٽڪل تيرهن سؤ سال پوءِ بظاهر پهرين پيرو سيناچريب (Sennacharib) طرفان انهيءَ ملڪ ۾ متعارف ڪرائي ويئي. وري، اسان کي ٿئين گهراٽي وارن جي 'اُر' تحريرن مان معلوم ٿي چڪو آهي ته اهي ماڻهو سنڌو ۽ آسپاس وارن ملڪن کان دراصل کهڙيون کهڙيون شيون درآمد ڪندا هئا (بشرطيڪ انهن شين کي اسين سندن سُميرين نالن سان پوريءَ طرح سڃاڻي سگهون). ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته انهن شين مان ڪپهه هڪ جنس ناهي، جن جو انهن تحريرن ۾ ذڪر ڪيل آهي [32].

سُمر ۽ سنڌو سلطنت جي اوج واري دور ۾ هليل سڌي واپار جي تفصيلن تي غور ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو. پر هِتي اسين انهن ڳالهين جي جاچنا ڪنداسون، جيڪي وڏيڪ آڳاٽي دور جي متعلق بنهي ملڪن ۾ ظاهر ٿيون آهن. پروفيسر گارڊن چائيلڊ ٻڌائي ٿو ته سميريا جي آڳاٽي گهراٽي واري زماني ۾، جيڪو سن 2850 ق.م ۽ 2380 ق.م جي درمياني پنج سؤ سالن جي وچ وارو ليکيو وڃي ٿو، انهيءَ ملڪ جو واپار ڪيڏي نه وسيع پيماني تي هلندو هو. مثال طور ڪوٺائين مان انهن جي طرفان سچن موتين جي تمام گهڻي استعمال جون ثابتيون مليون آهن، جيڪي هنن کي جيهون درياهه (oxus) واري علائقي مان ئي حاصل ٿيندا هوندا. هاٿي ڏند اهڙي شيءِ ساڳئي وقت تي سنڌو وارن شهرن ۽ مصر، بنهي هنڌن تي بـ ڪم آندي ويندي هئي. تنهنڪري، گارڊن چائيلڊ چوي ٿو، "سال 2500 قبل مسيح ڌاري اسان کي دجلہ کان وٺي سنڌوءَ ۽ جيهون تائين، ۽ فرات جي الهندي ۾ ويندي نيل [33] درياءَ تائين ڦهليل واپار جي هڪ وڏي سرشتي جو حقيقي ثبوت ملي چڪو آهي." ساڳيءَ طرح موئن جي دڙي ۾ هٿيڪ جي پنيان آيل ڪوٺائي ڪندڙن اتان لٿل ڏاتن، پين غير مقامي شين نيم-قيمتي پٿرن جي اصلوڪن ملڪن معلوم ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي جاکوڙ پئي ڪئي آهي. ان مان واپاري تعلقات جو جيڪو نقشو اُڀري نڪتو آهي، سو محض پنهنجي وسعت جي لحاظ کان حيرت انگيز آهي. موئن جي دڙي کان قطب نما جي مڪيه رخن کان نهارڻ سان نظر ايندو ته ماڻهن کي سچن موتين حاصل ڪرڻ لاءِ اُتر طرف بدخشان تائين ۽ زمردن لاءِ شايد ترڪستان ۾ وڃڻو پوندو هوندو. ڪشمير مان ڪين ديودار جو ڪاٺ ۽ ڪي پيون شيون ملنديون هونديون. اوڀر طرف، ڪين شيهو اجمير جي ويجهڙائيءَ ۾ ملندو هوندو. ۽ راجستان مان عام طرح ڪين ٽامو ۽ گهڻ درجي وارن قيمتي پٿرن جا مختلف قسم دستياب ٿيندا هوندا. ڏکڻ طرف، سپين ۽ نادن جا ٽڪرا ۽ موتي ڪاٺياواڙ ۾ ملي پئي سگهيا. پر زمرد لاءِ دکن تائين وڃڻ ضروري هو ۽ اجا به وڌيڪ ناياب پٿر نيلگري ٽڪرين تائين وڃڻو پوندو هو. جيتوڻيڪ اهو پٿر ڪشمير مان پڻ دستياب ٿي سگهندو هون. آخر ۾ الهندي طرف ٽامي، چيروليءَ ۽ سنگمرمر جهڙي پٿر ۽ سنگ جراحت لاءِ بلوچستان وڃڻ ضروري هو، جو اهي سڀ شيون اتي موجود هيون. سون، چاندي، قلعي ۽ فيروزن لاءِ ايران ۽ هيرن [34] لاءِ ايراني نار جي ڀيٽن ڏانهن وڃڻو پوندو هونَ. انهن انتهائي قيمتي شين جي جواب ۾ سنڌ مان ڪهڙيون شيون ڏيساور موڪليون ونديون هيون؟ ٿي سگهي ٿو ته سنڌو ملڪ جي سُٽ ۾ سوٽي ڪپڙي لاءِ اُڀرندي ۽ ڏکڻ وارن ملڪن ۾ تمام گهڻي ۽ فوري کپت جون واپاري منڊيون موجود هيون توڙي ڪٿي سُمر ۾ انهيءَ شيءِ جي گهرج نه به هئي، جتان کان وري نفيس ڪپڙن جي اناطوليه ڏانهن برآمد ٿيندي هئي. جيڪي بظاهر سميريا جي پيداوار هئا. اهو سچو واپار اُنهن جي "ٽئين گهراڻي" جي بادشاهيءَ کان پوءِ آيل دؤر ۾. ڏاتن جي بدلي ۾ هلندڙ هو. جنهن جو آغاز شايد گهڻو [35] اڳاٽو ٿي چڪو هو.

هڪ ڳالهه يقيني نظر اچي ٿي ته سنڌو لوڪن جي سلطنت اُنهيءَ دؤر جي قديم دنيا ۾ ٻين سيني سلطنتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وسيع هئي. سنڌو ترائي ۽ ان سان لاڳو اُتر اوڀر وارن ميدانن جي پکيڙ، جتي انهن ماڻهن جي آبادين ۽ شهرن کي سڀ کان ڀهرين سجاتو ويو. ڊيگهه ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست سؤ ميل، ۽ ويڪر ۾ هڪ سؤ يا هڪ سؤ پنجاهه ميل آهي. البت اسان کي اهو معلوم ناهي ته هنن سنڌو لوڪن يا "هڙاپا لوڪن" کي سنڌن آباديون ايڏي علائقي ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪيترو زمانو لڳو. پر اها ايراضي ذري گهٽ اوتري وڏي آهي، جيتري بعد

واري اسيريا سميت، سُمر ۽ اڪاد جي گڏيل ايراضي آهي، ۽ "مينس" جي اُترئين ۽ ڏاکڻين مصر جي گڏيل ايراضيءَ کان وڏيڪ وڏي آهي. ان جو سبب، سنڌن گذاري جي موجود ذريعن تي وڌندڙ آدم شماريءَ جو دٻاءُ نہ هوندو، جنهن انهن کي پنهنجي آباديءَ کي ماپائڻ لاءِ ايڏي وڏي ايراضيءَ تي قبضي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو. اسين هن سلسلي ۾ هي اندازو بخوبي لڳائي سگهون ٿا تہ سنڌن سر زمين ۾، سنڌن مقابلي ۾ اُن طويل دؤر ۾ سنڌن اهڙا ڪي رقيب ڪين آيا، جن ۾ هنن جي حڪمراني ڪرڻ جي حق کي للڪارڻ جي قوت هجي، ۽ اها صورتحال ميسوپوٽيميا جي حالت کان بلڪل مختلف هئي، جتي هڪٻئي سان وڙهندڙ ۽ جنگيون جوٽيندڙ شهري رياستون ۽ طاقتور وحشي پاڙيسري هر وقت موجود هئا. ڇا، هي سنڌو لوڪ اهڙا اڻ- ڏاپندڙ سامراجي هئا؟ يا ائين هو، جو انهن ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڪندڙ ۽ اهڙا نت نوان پيدا ٿيندڙ، گهراڻا هئا، جيڪي پنهنجي حڪمرانيءَ جي خواهش کي انفرادي طور پوري ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کان جدا ٿيندا ٿي رهيا، ۽ دور هئڻ جي باوجود پاڻ وٽ پنهنجي عام تمدن جون اصلوڪيون صفتون ۽ خوبيون ساڳيءَ حالت ۾ برقرار رکندا آيا. انهيءَ سلطنت جي ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي طرف ڏانهن عظيم توسيع، انهيءَ دؤر ۾ ٿيل معلوم ٿئي ٿي، جڏهن موئن جو دڙو ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي ميدانن ۾ قائم ٿيل ٻيون آباديون اجا تائين خوب وسندڙ هيون. جيڪڏهن هڙاپا وارن يا سنڌو لوڪن کي گهگر- هاڪڙا علائقي ۾ نہ، تہ سنڌو واديءَ جي سرزمين ۾ حيرت انگيز طور انتهائي ٿوري تعداد ۾ تصور ڪيو وڃي، تہ پوءِ اسان انهن جي انهيءَ نموني سان سوين ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ واقع ملڪن ۾ پهچڻ ۽ وڏيڪ آبادين جي وسائڻ کي ڇا سمجهون؟ هن وقت ان جي سبب متعلق صرف اندازو ئي لڳائي سگهجي ٿو، پر ان لاءِ هيءَ سمجهاڻي بہ اهڙي ئي معتبر ٿي سگهي ٿي، جهڙي ڪا ٻي، تہ هنن کي سنڌن هن خواهش اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو تہ ڪين سنڌو ماتريءَ ۾ موجود قدرتي شين جي وسيلن کان مختلف ۽ وڏيڪ قسمن جي شين جو قبضو ملي ۽ ان سان گڏ انهيءَ طرف جي تجارتي مرڪزن تي پڻ ڪين دسترس حاصل ٿئي، جيڪي هنن جي انهيءَ قبضي کان اڳي ئي وڌندڙ ۽ ويجهندڙ سامونڊي واپار جا مرڪز هوندا هئا.

سنڌو لوڪن ڏکڻ ميسو پوٽيميا ۾ واقع اُر جي ماڻهن جي درميان واپاري

تعلقات جي موجودگيءَ جي حقيقي صورت ۾ انتهائي اوائلي شهادت. ’اُر‘ جي شهري - رياست وارن آڳاٽن بادشاهن جي شاهي قبرستان مان، جيڪي 2700 سال ق.م کان بہ اڳي اتي حڪومت ڪندا هئا، هڪ اهڙي مٽڪي جي دستيابيءَ جي صورت ۾ ملي آهي، جيڪو مخصوص ”سنڌو“ ساخت جو آهي.[36] انهيءَ مان هرويرو سنڌين سڌي تعلق هئڻ جو ثبوت نہ ٿو ملي، پر هيءَ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ ”سنڌو“ لوڪ (جيڪي انهيءَ زماني تائين شايد سنڌو نديءَ جي ميدان ۾ اچا آباد نہ ٿيا هئا؟) ۽ سمير يا جا ماڻهو انهيءَ وقت هڪ ٻئي قوم سان واپار ڪري رهيا هئا. پروفيسر پگٽ جو رايو آهي تہ سنڌو لوڪن جو سُمر وارن سان واپار ڏکڻ بلوچستان ۾ واقع ”ڪُلي“ لوڪن سان ناتن هئڻ جي ڪري وڌيو، جن جا سُمر وارن سان قديم گهراڻن واري دور ۾ پنهنجا سڌا تعلقات قائم ٿيل هئا. ڪُلي تمدن جي هڪ مخصوص پيداوار مقامي پٿر مان ٺُڪي ناهيل هڪ اهڙو ٿانءُ هو، جنهن جي ظاهري شڪل ٽوڪريءَ جي اڻُت سان مشابهہ هوندي هئي. اهڙا برتن يا ساڳئي قسم جون صندوقون، سوسا، ’اُر‘ ۽ ميسو پوٽيميا جي ڪن ٻين هنڌن مان مليون آهن، ۽ موئن جي دڙي جي مٿانهين توڙي هيٺانهين سطحن مان پڻ دستياب ٿيون آهن، جنهن مان انهن ٻنهي ملڪن جي درميان انهيءَ خاص چيز [37] جي واپار جي ڏگهي سلسلي جو نتيجو نڪري ٿو. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ ”سنڌو“ ساخت جون ميسوپوٽيميا ۾ سجاتل گهڙيون ٿي شيون - چِٽن واريون مهرون، مخصوص قسم جي جڙاءَ واريون شيون، ٺوهي واري ڏڪي جون رسمي طور کونَر جي اڳيان بيٺل شبيهون - ديالا نديءَ جي واديءَ وارن ميدانن ۾ قائم ٿيل آبادين مان لڌيون ويون آهن، جيڪا [38] سُمر جي اُتر ۾، آڪاد جي بادشاهيءَ ۾ دجلہ جي هڪ شاخ هئي. هن مان اهو انومان نڪري ٿو تہ ”سنڌو“ واپار جو چڱو خاصو حصو زميني رستي سان ٿيندڙ هو، جنهن ۾ شايد اتر- اُلهندي ايران جا شهر، حصار ۽ سيالڪ، پڻ اچي ٿي ويا، جن هنڌن تي سنڌو لوڪن جي نمونن جي نهيل شين جا ڪيترائي قديم آثار دستياب ٿيا آهن. هڪ مخصوص شڪل واريون پتل جون ميخون، جيڪي ايران جي انهن ”وحشي“ قومن جي هڪ خاص ڪاريگريءَ جون شيون هيون، جيڪي موئن جي دڙي ۽ چانهو دڙي مان لڌيون ويون آهن. سي اُتان جي انهن تورين ناهيل شين ۾ شامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. جن لاءِ اسان کي معلوم آهي تہ "سنڌو" لوڪ [39] انهن کي ڏيساور کان در آمد ڪندا هئا. ترڪستان جي شهر انائو مان مٽيءَ جي نهيل گاڏيءَ جو هڪ نمونو لڌو ويو آهي، جيڪو هڙاپا ۽ چانهو دڙي وارين گاڏين جو هوبهو نمونو هو. جيڪا ڳالهہ انهن جي قريبي تعلقات ڏانهن اشارو ڪري ٿي، هيءَ ڳالهہ اهميت جي ٿي سگهي ٿي تہ انائو مان مليل ٽامي جي شين ۽ موئن جي دڙي مان لڌل ڪن ٽامي وارين چيزن جي تجزيي مان ظاهر ٿيو تہ ٻنهي حالتن ۾ ڌاتوءَ ۾ مليل سينڪئي جو فيصد حصو ساڳيو ئي هو[40].

ائين پيو معلوم ٿئي تہ سنڌو لوڪن پنهنجي گهٽين ئي پسگردائيءَ وارين آبادين کي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ سهولت وارن مرڪزن طور منتخب ڪيو هو. خواهہ انهن ۾ ڪهڙي بہ مال جي ڏي وٺ عمل ۾ ايندي هئي. امڪان آهي تہ علي مراد الهندي طرف ڪير ٿر جبلن جي قطار مٿان ويندڙ مکيہ شاهراهہ تي هڪ قلع بند ڪاروانسراءَ هو. ڪوٽلا نِهنگ خان (روپار)، لورالائي ۾ ڊبر ڪوٽ، جهالاوان ۾ ميهي ۽ مڪران ۾ سُتڪاگين دو، سڀ ئي بظاهر انهن شاهراهن جي اهڙن مرڪزي نقطن تي بيٺل آهن، جن ٽان واپار هلندڙ هو. هن باري ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ "سنڌو" [41] واري زماني ۾ سُتڪاگين دوڙ تائين سمنڊ رستي پهچي سگهبو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اُهو شهر سُمر ۽ ڪُليءَ جي درميان واپار هلائڻ لاءِ بندر طور ئي وجود ۾ آيو هجي، پر ان جون پيچيده قلع بنديون سنڌو لوڪن جهڙيون آهن، ۽ اها تبديلي شايد انهيءَ دور جي نشاندهي ڪري ٿي، جڏهن اها جاءِ موئن جي دڙي ۽ 'اُر' جي درميان زمين ڪان ويندڙ تجارتي شاهراهہ جي درجي کان ڦري، ساموندي واپار جي شاهراهہ جي حيثيت اختيار ڪري رهي هئي، جو ان تي انهيءَ تبديليءَ جي دوران قبضو ڪيو ويو.

نوٽ

(1) موئن جو دڙو. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو "سلطنت" جا بہ گاديءَ وارا شهر هئا، جن مان ٻيو هڙاپا هو. پر هن ڪتاب جو بنيادي طور واسطو سنڌوءَ جي هينئين حصي واري صوبي سان آهي، جنهن تي موئن جي دڙي مان حڪومت ڪئي ويندي هئي.

(1 - الف) آمريءَ لاءِ، حوالو جي. ايم. ڪئسل "فوئليس ڊي آمري".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئرس، 1964ع.

(2)حوالو، هن سلسلي جو پهريون (سنڌ، هڪ عام واقفيت) صفحا. 97 - 98، نوٽ، 72 - اي.

(3) ڊاڪٽر اي. مئڪي، "آڳاٽيون سنڌو تهذيبون" ليوزئڪ ائنڊ ڪمپني، ٻيو ڇاپو (1948) صفحا. 122، 149، 155.

(4) سر مارٽيمر وهيلر، "سنڌو ماٿريءَ ۽ ان جي پرڀان جون تهذيبون"، ٿامس ائنڊ هنڊسن، (1966ع) ص. 70.

(5) سر ڪلاڊ انگليس، "دريائن ۽ واهن جي هلت ۽ ضابطو" (پونا 1949) ص. 172.

(6) ايچ. ٽي. لئمبرڪ، "سر چارلس نيپئر ائنڊ سنڌ"، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس. (1952)، صفحا. 316 - 318.

(7) گذريل ڪجهه سالن کان هيءَ خيال ڪيو پيو وڃي ته سنڌو نديءَ کي، جي هاٿي ڇڳيءَ طرح سان قبضي ۾ ڪيو ويو آهي، ته آئينده لاءِ فقط ان جي پاٽيءَ جي ورچ جي سلسلي ۾ پيدا ٿيندڙ ذيلي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ دائمي طور نظرداري رکڻ جي ضرورت آهي، ۽ اهو خيال سنڌ ۾ ملازمت ڪندڙ فني عملي جو پڻ آهي. ان هوندي به انهيءَ خيال کي سنڌونديءَ تي مستند عالم، سرڪلاڊ انگلس، جي رڪارڊ ڪيل قطعي چتاءَ جي روشنيءَ ۾ خطرناڪ حد تائين خوش فهمي ۽ دلجمعي سمجهڻ گهرجي (بحواله "دريائن ۽ واهن جي چال ۽ ضابطو" صفحا. (204 کان 207).

(8) سنڌو نديءَ جي چال متعلق اسان جي جمع ٿيل ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ اسين هن اندازي ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿينداسون ته نديءَ ويجهڙائيءَ ۾ ئي پنهنجو اهو وهڪرو قائم ڪيو هو، جڏهن ان جي آسپاس ۾ اهو شهر وسايو ويو هو.

(9) انهيءَ علائقي جو سر ٽي. ايچ. هولڊچ طرفان سندس ڪتاب "دي انڊين باڊر لئنڊ"، ميٿيون (1901)، ص. 9 - 107 ۾ تمام سٺي نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جي. پي. ٽيٽ "دي فرنٽيئرس آف بلوچستان"، ودربي، لنڊن، 1909، ص. 112 - 118، ايچ. ڊبليو. بيليو. "فرام دي انڊس ٽو دي ٽائيگرس"، ٽروبنر، لنڊن، 1874ع، ص. 241، 7 - 245.

(10) وي. گارڊن چائيلڊ "نيو لائيٽ آن دي موسٽ اينشنٽ ايسٽ"،

روٽليج اينڊ ڪيگان پال، جوٽون ڇاپو (1958)، باب 7 "دي اربن ريووليوشن اِن ميسوپوٽيميا"، خاص طرح ص. 9 - 128 .

(11) اي. مئڪي، ص. 31 جي سامهون.

(12) شايد اها نوجوان عورت، جنهن جي ڪوپڙي چنهو دڙي مان ملي هئي، ساڳئي قسم جي نسل سان واسطو رکندڙ هئي. اي. مئڪي ص. 4-153 تائين.

(13) پي. بي. شيليءَ جو نظم "او زيمانڊياس".

(14) سر ايم. وهيلر، ص. 25.

(15) اي. مئڪي، ص. 67، تصوير XVI، شڪليون 4. اي، 4. بي، تصوير نمبر: XVII، شڪل 5، ايس. پگٽ "پري-هسٽارڪ انڊيا"، پينگئن جو ڇاپيل ڪتاب، (1950) ص. 183، تصوير 22، نمبر 6.

(16) ايم. وهيلر، "دي انڊس سِولزيشن"، ڪيمبرج (1953ع)، ص. 4-83.

(17) اي. مئڪي، تصوير XVII ، شڪل 9.

(18) آر. بَرٽن، "سنڌ اينڊ دي ريسز دئٽ اِنهيبٽ دي لوئر وئلي آف دي انڊس" ڊبليو. ايڇ. ائلين، (1851ع)، ص. 3 - 172 ۽ 198.

(19) اي مئڪي، ص. 11، پگٽ، ص 179.

(20) اي. مئڪي، ص. 125.

(21) ايس. پگٽ، سامهون صفحي. 70 - 169 جي ۽ شڪل 19، صفحو. 160.

(22) سُمر ۽ آڪاد جا انهيءَ زماني جا حڪمران پنهنجن ويڙهو ماڻهن کي مٽي تي پائڻ وارن لوهن ٽوپن سان مصلح ڪندا هئا، ۽ انهن جا حملي ڪرڻ جا هٿيار سنڌو لوڪن کان وڌيڪ سنا ۽ اثرائتا هئا. سر ايل. وولي "دي ايڪس ڪَئويشنس ائٽ اُر"، اونيسٽ بين، بيو ڇاپو (1963ع)، ص. 9-88، تصوير 7، ص. 64، تصوير 13، ص. 96 جي سامهون.

(23) سر ايم. وهيلر "سِولزيشنس آف دي انڊس وئلي ائنڊبيانڊ" (1966ع)، ص. 6 - 15 ۽ تصويرون 5 - 6.

(24) ايم. وهيلر "سِولزيشنس" (1953) ص. 28.

(25) سر ايم. سر وهيلر "سِولزيشنس آف دي انڊس وئلي ائنڊ بيانڊ"، ص. 057 سنڌو تمدن واري زماني کان اڳاٽي دور جي تمدن جا آثار "ڪوٽ جي دفاعي فصيل هينان" لڌا ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(26) ايضاً، ص. 3 - 30.

(27) هيءَ ڳالهه غير امڪاني معلوم نـ ٿي ٿئي تـ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات واري اِنهيءَ ڏاکڻين صوبي لاءِ شايد ڪو ٿيون گاديءَ وارو شهر بـ هو. جيڪڏهن ائين هو تـ ان صورت ۾ لوٿل پين سيني کان انهيءَ مرتبي لاءِ وڌيڪ لائق معلوم ٿئي ٿو. حالانڪ ان کي اجا تائين انهيءَ حيثيت ۾ نـ سڃاتو ويو آهي.

(28) مئڪي، ص 82 - 105. هن حقيقت کي، تـ ڪپهـ جو هڪ خود رو جهنگلي ٻوٽو، "گوسيپيم اسٽاڪ سائي" (Gossypium stocksii) سنڌ ۾ ملي ٿو، هاڻي هن مسئلي سان ڪا وابستگي نـ ٿي ڏني وڃي تـ ڪپڙي اُڻڻ لاءِ اڳاٽي زماني ۾ ڪپهـ استعمال ڪئي ويندي هئي. هن باري ۾ نباتيات جي ماهرن جي راءِ بلڪل واضح آهي تـ ڪپهـ جي پوکيل ڪنهن بـ قسم جي جنس انهيءَ جهنگلي ٻوٽي مان حاصل ٿيل ناهي. "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ"، 1907ع، ص. 33، سي. ايف. سرجارج وا [illegible]، "دي وائيلڊ ائنڊ ڪلٽيويٽيڊ ڪاٽن پلانٽس آف دي ورلڊ." (لانگمئنس [illegible])، ص. 60 - 59، 63، 4 - 73.

(29) اهڙي اوزار جي موجود [illegible]ءَ بابت سنڌو وارن شهرن جي آثارن مان ڪابہ سني شهادت اجا دستياب [illegible] ڪانـ ٿي آهي. جن شين جي متعلق مئڪي ائين سمجهيو هو تـ اُهي [illegible]رن جون چونيون هونديون، سي اهڙا تـ بي ڍنگا ۽ ڳرا آهن، جو اُهي ڳـڏ ڪڍڻ يا هـر ڏيـڻ وارا اوزار ٿي ئي نـ ٿا سگهن. (مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 132 جي سامهون. سي. ايف. وهيلر. "دي انڊس سوليزيشن" 1953ع، ص. 57). العُبيد ۾ ڪم آندل سخت پٿر مان نهيل چونين تي غور ڪريو تـ اُهي ڪهڙي نـ سهڻي نموني سان ناهيون ويون آهن (وولي، حوالي ڏنل ڪتاب جي ص 25 جي سامهون ڏنل شڪل، 2).

(30) "گزيٽيئر آف سنڌ" ص. 7 - 226، 3 - 232.

(31) "سنڌ، اي جنرل انٽروڊڪشن" ص. 8، 80 - 79.

(32) سُمر ۾ اُٽيل ڪپڙن لاءِ، حوالو "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس III" (اُر جي ٽئين گهراڻي جا ڪاروباري دستاويز)، ڇاپو ليئون لنگرين، ٽيڪسٽس 23، 1503-1504 وغيره کان 1780 تائين. سي ايف. آر. ڪئمپبيل ٿامپسن جي "اي ڊڪشنري آف اسيرين باٽني" 1949ع، ص. 113. سيناچيرب جي اعلان لاءِ حوالي، ڪنگ، "ڪيونيفارم ٽيڪسٽس فرام بائبيلونين ٽئبليٽس"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره، XXVI, 56 vii ۾ "پروسيڊنگس آف دي سوسائٽي آف ببليڪل آرڪيئالاجي" 1909، ص. 341، سميريا جي (شايد) سنڌ مان درآمدات لاءِ حوالو يو. اي. ٽي. III ٽيڪسٽس 430، 818، 1368، 1498 وغيره.

(33) گورڊن چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 17 جي سامهون.

(34) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي صفحن. 5 - 174 جي سامهون. سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 177 جي سامهون. سون پڻ شايد ڏکڻ هندستان کان حاصل ڪيو ويندو هوندو.

(35) سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 169 جي سامهون.

(36) سر ايل. وولي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 112 جي سامهون، اي. مئڪي حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 146 جي سامهون.

(37) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 7 - 116، 8 - 207 ۾ شڪل، 10. (ص. 111) جي سامهون.

(38) سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 70 - 169 جي سامهون.

(39) ايس. پگٽ، ص. 210.

(40) ايس. پگٽ، حوالي ڏنل ڪتاب جو ص. 209، سي. ايف. گورڊن چائيلڊ جي حوالي ڏنل ڪتاب جي ص. 177 جي سامهون.

(41) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص 118 جي سامهون، ڊيلس "هڙاپين آئوٽ پوسٽس آن دي مڪران ڪوسٽ"، جي "ائنٽي ڪُئٽي، XXXVI. (1962)، جو صفحو. 86.

2

سنڌو تهذيب جو عروج ۽ زوال

سنڌو لوڪن ۽ ميسوپوٽيميا جي ماڻهن جي درميان عظيم بادشاهه سارگن جي دور تائين، جيڪو سال 2380 ق.م ڌاري سُمر ۽ آڪاد، ٻنهي جو حڪمران هو، تجارتي تعلقات گهاٽا ۽ باقاعده طور قائم ٿي چڪا هئا، ۽ هُن کان پوءِ سندس جانشينن جي زماني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ تائين ساڳيءَ طرح هلندا رهيا. قديم آثار جون اڪثر شيون، جيڪي هيلتائين "ٻن دريائن واري" ملڪ مان لڌيون آهن، ۽ جيڪي سنڌو تهذيب سان واسطو رکي سگهن ٿيون، اُر، ڪِش ۽ تَل آسمار جي آثارقديمه جي اُنهيءَ متي ذڪر ڪيل دور وارن تَهنَ مان مليون آهن. انهن شين ۾ اُڪريل مهرون بہ شامل آهن، جن تي "سنڌو" دور جي مخصوص جانورن جون شبيهون نڪتل آهن، ۽ انهن منجهان ڪن مهرن تي تہ سنڌو لوڪن جي "خط" ۾ ڪي لکتون بہ ڏنل آهن. سُمر ۾ تَل اسمار وٽ، سارگن بادشاهہ جي دور وارن ذخيرن ۾ سنڌو لوڪن جي مخصوص طريقي سان ناهيل ڪيئي شيون مليون آهن، جهڙوڪ نقش ڪيل موتين جا داڻا يا مڻڪا، هڏن تي مخصوص گلڪاري، ۽ "مُنئي وارا ٺڪر" جا برتن. انهن سيني شين مان انتهائي حيرت انگيز ۽ دلچسپ شيءِ، جيڪا لڌي آهي، سا آهي نرم چيڪي مٽيءَ جي ٺهيل مهر، جنهن جي پُٺ تي کهري ڪپڙي جو نشان يا ٺپو صاف لڳل هو. هيءَ حقيقت پڻ اهميت واري آهي تہ ڪي مهرون، جن تي سنڌو لوڪن جي خصوصي علامتي نشانن جا ڇاپا لڳل آهن، تن جي صورت نُول وانگر گول ۽ ڊگهي آهي. مُهرن جو اهو نمونو خاص ميسوپوٽيميا وارن وٽ رائج هو، ۽ ٻئي طرف وري خاص "سنڌو" شڪل جي هڪ مهر تي سميريا وارن جي مخصوص مخروطي [1] اکرن ۾ ڪجهہ تحرير موجود آهي. اسان کي يقين رکڻ گهرجي تہ اهي شيون سميريا جي ڪاريگرن سنڌو لوڪن جي ڪن اهڙن واپارين جي آرڊر تي ٺاهيون هونديون، جيڪي هڪ باقاعده طور ڪم ڪندڙ درآمدي برآمدي اداري جي گماشتن ۽ منتظمين جي حيثيت ۾ انهيءَ ملڪ ۾ مقرر ٿيل هئا.

انهيءَ حقيقت جي ثبوت جو دارومدار تہ اهو سمورو واپار ان دؤر ۾ سمنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي ۽ ٻن سر زمينن جي وچ ۾ سڌيءَ طرح هلندڙ هو. ڳهٽي ياڳي هڪ اهڙي ملڪ جي سڃاڻپ تي آهي، جنهن کي "سنڌو سلطنت" جي هڪ سامونڊي ساحلي صوبي جي حيثيت سان قبولي سگهجي ٿو، جنهن جو سميريا جي قديم تحريرن ۾ "ميلوها" جي نالي سان بار بار ذڪر ٿيل آهي. هن سلسلي ۾، ان دؤر جو هڪ اهڙو ڪتبو موجود آهي، جنهن ۾ سارگن بادشاهه وڏي فخر سان اعلان ڪري ٿو ته "ميلوها، مَڪن ۽ دِلمُن کان آيل يا اوڏانهن ويندڙ وارا سامونڊي جهاز سندس گاديءَ واري شهر اڪيد جي ٻاهران واقع بندرگاهه ۾ لنگرانداز آهن." پهرين نگاهه ۾ ٿي انهيءَ بيان مان جيڪو هڪ ٿي صحيح نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، سو اهو آهي ته اهي ڪي ڏورانهان ملڪ هئا. اهي تفصيل، جن مان انهن کي اعتماد جي حد تائين شناخت ڪري سگهي ٿو، سي سارگن جي زماني کان بعد وارن سالن جي وڏي تعداد ۾ هٿ آيل تحريرن ۾ موجود آهن. تنهنڪري انهيءَ سڄي مسئلي تي هن قياس جي آڌار تي تاريخوار سلسلي سان وڏيءَ آسانيءَ سان غور ڪري سگهجي ٿو ته ميلوها هيئنئين سنڌو ملڪ يعني سنڌ سان تعلق رکي ٿو. [2]

متي ذڪر ڪيل سارگن بادشاهه جي دؤر واريءَ تحرير سان اهو واضح نٿو ٿئي ته مذڪوره جهاز ميسو پوٽيميا جا هئا يا ميلوها ۽ ٻين ملڪن جا هئا. امڪان اهو آهي ته سمنڊ رستي واپار جي شروعات سُمر کان ٿي. انهيءَ ملڪ جا ماڻهو ئي قديم دنيا جا سڀني کان اڳاٽا سامونڊي ملاح معلوم ٿين ٿا. ايريڊو (Eridu) نالي شهر جيڪو سميريا جي سڀني شهرن کان وڏيڪ قديم سمجهيو وڃي ٿو، تنهن جي هڪ قبر مان، جيڪا ويجهي عبيد دؤر جي يعني اٽڪل 4000 ق.م. جي آهي، هڪ بادباني ٻيڙيءَ جو نمونو هٿ آيو آهي، جيڪو ڪافي ترقي يافته ۽ مضبوط صورت جو ۽ وڏن سمنڊن جي هلڻ لائق آهي. ان کان علاوه اُر دؤر جي قريبي سالن جون تحريرون ملاحن ۽ جهازن جي بيانن ۽ حوالن سان پريون پيون آهن. انهن ۾ سڙهه جي ڪپڙي جو ذڪر آهي، ايتري قدر جو اسان کي ملاحن [3] جي جماعتن جا نالا به معلوم ٿيا آهن. گُنٽي وحشين جي حملي جي نتيجي ۾ سارگن گهراڻي جي بادشاهيءَ جي خاتمي کان ڪجهه سال پوءِ، انهن جي ليگاش صوبي جي هڪ گورنر، جنهن جو نالو 'گُديا' هو، قيمتي سامان آڻڻ لاءِ پنهنجا جهاز ڏورانهن ملڪن ڏانهن

موڪليا، تہ جيئن انهيءَ سامان سان اي ني نُــو جي تباهہ ٿيل مندر کي ٻيهر تعمير ڪيو وڃي. اسان کي هن ڳالهہ لاءِ شڪر گذار هئـ ـجي، جو گُـدِيا کي پنهنجي شانَ ۽ وقار رکڻ جوڏاڍو خيال هو ۽ هن فيصلہ ـ ر هو تہ ايندڙ زماني جي ماڻهن کي سندس ڪارنامن کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو نہ ملي. هن پنهنجي پنيان ڪيئي پنهنجا بت ڇڏيا، جن تي تحريرون اُڪريل هيون ۽ انهن کان علاوه هن ڪيئي ڏڳهيون تحريرون ڇڏيون، جن ۾ هن پنهنجين ڪارگذارين جا تفصيلوار بيان ڏنا آهن. اهڙين تحريرن منجهان هڪ گول ۽ ڏگهي پيلپائي تي اُڪريل تحرير ۾ ديوتا 'ايني نُـو' کي هيئن اعلان ڪندي ڄاڻايو ويو آهي تہ سندس (بحال ٿيل) مندر جي نالي جو پڙاڏو "آسمان جي هڪ چيڙي کان ونني ٻئي تائين پڌڻ ۾ ايندو. ۽ ماگان ۽ ميلوها[4] کان بہ پوڄارين کي اچڻ تي مجبور ڪندو." اهڙيءَ طرح، اسان کي وري بہ اهوئي قياس ڪرڻو پوي ٿو تہ اُهي ملڪ ليگاش جي رهاڪوءَ لاءِ، انهيءَ وقت جي معلوم دنيا جي انتهائي ڏورانهن ملڪن منجهان هئا. ٽن ٻين سر زمينن جو ذڪر بہ اُن تحرير ۾ ڪيل آهي، جن جا نالا ڪيماش، گوٻن ۽ دلـمُــن آهن. ڪيماش سان، جيڪو تامي ۽ بظاهر سون جو پڻ بر آمدي هنڌ هو، سو اُتر اُلهندي اسيريا ۾ واقع ڪردستان جو شهر هو، ۽ اُن سان اسان جو هتي ڪو واسطو ڪونهي. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ مال جا گهٽي کان گهٽا نمونا ميلوها کان ايندا هئا، **Cornelian** يا **Porphyry** ، سون جو ڀورو، "اوشو" نالي مشهور ڪاٺ سميت ڪاٺ جا ٻيا سڀ قسم ۽ سچا موتي اُتان ايندا هئا. ماگان نالي ملڪ پڻ عمارتي ڪاٺ مهيا ڪندو هو ۽ اهو قيمتي پٿر پڻ اتان آيو هو، جنهن مان خود گُـدِيا جو پنهنجو مجسمو اُڪيري ٺاهيو ويو هو، ۽ گوٻن مان ڪاٺ جي هڪ ٻي جنس ايندي هئي، جيڪا پڻ اُڪـرَ جي ڪم لاءِ موزون هوندي هئي.

گُدِيا اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ميلوها ۽ ٻين ملڪن کان حاصل ڪيل ڪاٺ جهازن تي چاڙهيو ويندو هو ۽ ان طرح ليگاش [5] پهچندو هو. ڪاٺ کي جهازن ذريعي آڻڻ جي ذڪر مان شايد هن کان سواءِ ٻيو مطلب نہ هجي تہ اهڙيءَ طرح سان پريل جهاز، ميلوها، ماگان ۽ گوٻن مان پرجي دلـمُــن جي رستي ميسوپوٽيميا پهچندا هئا، جيڪو بندر شايد بحرين هو، جيڪو پاڻ عمارتي

ڪاٺ جو ذريعو ڪونہ هو. سُميريا جي هڪ اشلوڪ ۾، جيڪو ڪريمر نقل ڪيو آهي، جن شين لاءِ ميلوها مشهور هو، سي هيون "قيمتي ڪاٺ جا قسم ۽ خلاصي". ۽ ماگان (ماڪان) "طاقتور ٽامون ۽ قيمتي پٿر" بر آمد ڪندو هو ۽ "سامونڊي، زمين" وري "آبنوس.....جيڪو بادشاهن جو زيور آهي". برآمد ڪندي هئي. بين تحريرن ۾ چاٺايل آهي تہ ميلوها کان جيڪي شيون حاصل ڪيون ويندي هيون، تن ۾ سون، عاج ۽ عاج مان ٺهيل يا عاج جي گلڪاريءَ واريون شيون، جهڙوڪ عاج مان تراشيل "ميلوها پکي"، ڦٽيون، آئينا، ڍبليون ۽ سَرايون شامل هيون. اسان کي هڪ قيمتي پٿر مان تراشيل هڪ پولڙي، ڪنهن آملهہ ڪاٺ مان ٺاهيل پيالي ۽ هڪ ٻئي قيمتي ڪاٺ مان گهڙي ٺاهيل مناري بابت پڻ ٻڌايو ويو آهي. هيءَ ڳالهہ ذري گهٽ يقيني آهي تہ "اوشو" ڪاٺ شيشم جو ڪاٺ ٿي آهي، جنهن بابت اسان کي معلوم آهي تہ اهو پهرين [6] صدي عيسويءَ جي دوران هندستان کان جهازن ۾ چاڙهي ايراني نار وارن ملڪن ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. شيشم جو وڻ ڪرمان جي ڪن حصن، مڪران ۽ جهالاوان ۽ ان کان بہ مٿي وڏيڪ اُتر ۾ مقامي طور پوکيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ ان جي اپر سنڌ ۾ اڄڪلهہ جي موجودگيءَ کي، گذريل ٻن يا ٽن صدين کان وني باقاعده طور پوکڻ جو نتيجو سمجهيو وڃي ٿو، ان جي باوجود ممکن ٿي سگهي ٿو تہ اهو وڻ شايد سنڌ جي انهيءَ حصي جي قدرتي خودرو وڻن مان هڪ هجي، جيئن اهو اُلهندي پنجاب جي خودرو وڻن ۾ يقيني طور شامل هو.

ڊاڪٽر ميلووان ماگان يا ماڪان واري ملڪ جي نشاندهي فارس ۽ ڪرمان ۾، ۽ ميلوها جي انهن ايراضين جي هڪدم اُبرندي پاسي يعني مڪران ۾ ڪري ٿو. هن جو دليل اهو آهي تہ ٽامون، جنهن لاءِ ماڪان يا "ڪاٺين جو ملڪ" مشهور هو، سو زاگروس جبلن مان ڪڍيو ويندو هو. پر ليمئنس ٻڌايو آهي تہ ڏکڻ ميسو پوٽيميا ۾ سارگن بادشاهن جي دور کان پوءِ وارن قديم عجائبات ۾ جيڪو ٽامون ڪم آندل آهي، اهڙي ساخت ڏيکاري ٿو، جيڪا اومان جي قديم کاٺين مان نڪتل ٽامي جي ساخت سان مطابقت رکي ٿي، ۽ هو پروفيسر ايلرس جي هن راءِ کي پسند ڪري ٿو تہ جنهن ملڪ کي سميريا وارا ماڪان نالي سان سڃاڻندا هئا، سو ايراني نار جي سوڙهي سمنڊ جي

ايراني يا عربي ڪناري مان ڪنهن بہ هڪ طرف هو ۽ ان جو نالو جديد "مڪران" جي نالي ۾ اڄ بہ موجود آهي. مون ڪي مئلوون جي راءِ ڪان هيءَ سڃاڻپ وڌيڪ امڪاني نظر اچي ٿي. ٻئي طرف وري "پيريپلس" اِن ڪي ٽيڪو ڊينڊڙ ثابتي مهيا ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ انهيءَ ڪتاب جو مصنف جنهن ڊيساور ڪي "اومان" طور سڃاڻندو هو، سو نار [7] جي ايران واري ڪناري تي واقع هو. ان ڪان علاوه، انهيءَ انتظام جو هڪ آخري هلڪو نشان سن 1960ع تائين هن ڳالهہ ۾ باقي رهندو آيو تہ مڪران جو شهر گوادر انهيءَ سال ڪان اڳي عربستان رياست مسقط جي ماتحت هو. پوءِ انهيءَ قياس مان تہ ماگان يا ماڪان نالي وارو ملڪ مڪران هو. هيءَ يقيني نتيجو نڪري ٿو تہ ميلوها نالي وارو ملڪ سنڌ ئي هو، جنهن ۾ شايد لسٻيلو بہ شامل هو. هيءَ ڳالهہ يقين جي حد تائين نہ ٿي ڪري سگهجي تہ سميريا جا ماڻهو جيڪي شيون ميلوها ڪان گهرائيندا هئا، سي سڀ جون سڀ ڪي سنڌ جي قدرتي پيداوار هيون. ممڪن آهي تہ اوشو يا سيسوُ ۽ ٻين قسمن جو ڪاٺ هماليہ جي دامن وارن جبلن ڪان سنڌو نديءَ رستي هيٺ موڪليويندو هوندو، ۽ سون ۽ شايد عاج بہ، ٻاهران گهرائي، وري ٻيهر روانو ڪيو ويندو هوندو. هڪڙيءَ تحرير مطابق، هڪ ٻي شيءِ، جيڪا ميلوها ڪان گهرائي ويندي هئي، سا هئي "سامونڊي–ڪاٺ". آءٌ نٿو سمجهان تہ هن باري ۾ ڪو گهڻو شڪ ٿي سگهندو تہ ان جو مطلب Mangrove سان آهي. سنڌ ۾ ان جا جيڪي نمونا "تمر" ۽ "چوڙي" [8] جي نالن سان سڃاتا وڃن ٿا، تن مان سخت ڪاٺ ملندو آهي، ۽ اهو ٻيڙين جي "گوڏن" ۽ تاڪين ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي. مئنگروو جا جهنگ سنڌو نديءَ جي ڪيٽيءَ وارين سامونڊي ڪارين ۽ ڪراچي بندر ۾ عام ڦهليل آهن، ۽ اهڙيءَ ئي گهٽائيءَ سان لسٻيلي جي ڪناري تي مياڻي هوڙ ۽ ڪلمت هوڙ ۾ ڦهليا پيا آهن.

جيڪڏهن ماگان جي معنيٰ مڪران ۽ ميلوها جو مطلب سنڌ ۽ لسٻيلو آهي، تہ پوءِ "سامونڊي ملڪ" جتان سميريا وارا آبنوس جو ڪاٺ حاصل ڪندا هئا، ڪهڙو ملڪ آهي؟ منهنجو خيال آهي تہ اهو "سنڌو سلطنت" جو ڏاکڻون صوبو يعني گجرات هو. آبنوس جو ڪاٺ گاڙا (ٻڙ وچ، جيڪو "سنڌو دوَر" واري لٿل قديم سيهگام شهر جي ويجهو آهي) ڪان پهرين صدي عيسوئيءَ ۾

ايراني نار رستي جهازن وسيلي موڪليو ويندو هو. انهيءَ سر زمين ۾ ان جي پاسي وارن ٻين هندستان جي صوبن ۾جيڪا مقامي جنس پوکي ويندي آهي، سا "ڊيئوس پائروس ميلان آڪسيلان (Diospyros Melanoxylon) آهي، جنهن مان ڪارو منڊل: آبنوس [9] جي نالي وارو آرائشي ڪاٺ ملندو آهي. اهو ڏاڍو چمڪندو آهي ۽ ان کي سميريا وارن جي اشلوڪ ۾ بادشاهن جو زيور" جو سڏيو ويو آهي. تنهن جو اهو بلڪل لائق آهي. باقي رهيل ڏورانهون ملڪ، جنهن سان گُڏيا واپار ڪندو هو، يعني گوٻن، سو شايد جديد ڪڇ يا سوارشٽر تي سگهي ٿو.

سُمر وارن جي ايراني نار جي ڏکڻ وارن ملڪن سان هليل واپار جي سلسلي ۾ دلِمُن نالي هڪ ملڪ جو ذڪر اڳيئي اچي چڪو آهي. اسان وٽ انهيءَ ملڪ جي جهازن بابت هڪ ڪتبي ۾ جنهن لاءِ خيال آهي، تہ اهو 2450 سال ق.م جو آهي، بلڪل واضح حوالو موجود آهي، سميريا جي شهري رياست ليگاش جي گورنر، آرنان شي، جنهن جو سارگن گهراڻي جي بادشاهن جي زماني کان اڳي ڏاڍو زور هو، پٿر جي هڪ تختيءَ تي هيءَ ڳالهہ اڪيرائي ڇڏي تہ دلِمُن جا جهاز دور دراز ملڪن کان ڏانهنس عمارتي ڪاٺ ڪٽي پهچائيندا آهن، هن جي دعويٰ هئي تہ اهو ڪاٺ ڏانهنس موڪليل ڏن هو. اٽڪل ٽي صديون پوءِ، اُر جي ٽئين گهراڻي جي بانيءَ اُر -ناموءَ طرفان نصب ڪرايل هڪ شاهي ڪتبي ۾ ماگان جي جهازن جو حوالو ڏنل آهي. بادشاهہ جي طرفان ماگان ڏانهن جهازن جي "بحاليءَ" جي اصلي معنيٰ واضح ناهي، پر اسان کي سميريا جي انهيءَ دؤر جي گهڻين ٿي تحريرن مان اهو ضرور معلوم آهي تہ اُها صدي، جنهن جي دوران ۾ "اُر" ۾ ٽئين گهراڻي جي بادشاهن جي حڪومت قائم هئي، [10] ان ۾ ماگان ۽ ميلوها نالي وارن ملڪن سان سنڌن تمام گهٽو ۽ تڪو واپار هلندڙ هو. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ جنهن اشلوڪ ۾ دلِمُن تي برڪتن نازل ڪرڻ جي التجا ڪيل آهي، جنهن جو حوالو اسان اڳيئي ڏيئي چڪا آهيون، تنهن ۾ ميلوها نالي واري ملڪ کي التجا ڪيل آهي تہ اهو انهيءَ ملڪ لاءِ پنهنجي "سيسو" ڪاٺ کان علاوه "خلاصي" موڪلي، ساڳيءَ طرح "اُر جي عبادتگاهہ" وٽان بہ خلاصين سان گڏ اناج، ترن جي تيل ۽ شاندار پوشاڪن جي گهر ڪئي ويئي آهي. [11]

THE 'INDUS EMPIRE' IN RELATION TO SUMER, AKKAD, ETC.
MODERN EXTENSIONS OF SEA-COASTS AND RIVER COURSES INDICATED BY BROKEN LINES.
SCALE IN MILES 0 50 100 200 300 400 500
Black Sea
Caucasus Mts
Caspian Sea
Aral Sea
Tien Shan
Alai Range
Pamirs
Hindu Kush
Karakoram
Elburz Mts
Zagros Mountains
Bronze Age Cultures of Iranian uplands
ASSYRIA
AKKAD
SUMER
BABYLON
KISH
LARSA
UR
ERIDU
SUSA
SIALK
HISSAR
(Kavir)
ANAU
Oxus?
Hari Rud
Helmand
Suleiman Ra.
Indus R.
Jhelum R.
Chenab R.
Ravi R.
Beas R.
HARAPPA
MOHENJO DARO
Thar Desert
India
Arabia
Persian Gulf
Bahrein?
?DILMUN?
(Oman)
Arabian Sea
GAN? (Makran)
?GUBIN?
?SEA LAND?
Jumna R.
Ganges R.
M.T.L. fecit

ساموندي سفر جي لائق ٻيڙين متعلق جيڪا ڀرين پڪي ثابتي سنڌو تهذيب جي زير اقتدار ڪنهن علائقي مان ظاهر ٿي آهي، سا لوٿل مان هٿ لڳي، جيڪو شهر هاٿي ڪنڀي جي نار کان پري هٽيل آهي، ۽ جيڪو انهيءَ ملڪ ۾ آهي، جنهن لاءِ مون اهو رايو پيش ڪيو آهي ته انهيءَ ملڪ کي سميريا وارا "سمنڊ وارو ملڪ" جي نالي سان سڃاڻندا هئا. انهيءَ هنڌ تي هڪ وڏي گودي يا ٽانڪي پاڻيءَ واري کاري هئي، جنهن جو ڪنارو ٻنن ۾ پڪل سرن سان ٺهيل هو ۽ جنهن جي ڊيگهه 710 فوٽ ۽ ويڪر 120 فوٽ هئي. انهيءَ ۾ جهاز فقط وڏيءَ وير مهل هڪ اهڙي رستي کان داخل ٿي سگهندا هئا، جيڪو ان جي اُڀرندي طرف ٽيويهه فوٽ ويڪرو هو. ۽ جتي "پاڻيءَ کي روڪڻ واري پٽ وچي چائنٺ جي اڳيان ڏنل ٻنوڙي جهڙي ٿي آهي ۽ جيڪا وِير جي هر حالت دوران گوديءَ ۾ پاڻيءَ جي موزون سطح کي روڪي سگهي ٿي." پاڻيءَ جي سطح کي هڪ دروازي ۽ چنبڙ جي ذريعي وڌيڪ هيٺ به ڪري سگهبو هو. ظاهر آهي ته جهازن ۾ مال چاڙهڻ يا انهن مان مال لاهڻ جو ڪم گوديءَ جي اُلهندي پاسي ٺهيل هڪ وڏي ٿلهي يا گهاٽ تان ڪيو ويندو هو. انهيءَ هنڌ تي ٺهيل لنگر ۽ بنيادن جا نشان ڏيکارين ٿا ته اتي ڪي "گدام" هئا يا اهڙو ڪو اُجهو هو، جنهن جي هيٺيان مال رکيو ويندو هو. ساموندي سرگرمين جي وڌيڪ ثابتي، لوٿل ۾ لڌل ساموندي جانورن ۽ ٻيڙين جي تصويرن جي صورت ۾ به ملي آهي، جيڪي لنگرن، برتنن جي ٽُڪرن ۽ بادباني ڪشتيءَ جي ڳاڙهي مٽيءَ مان ناهيل هڪ نموني تي رنگ ۽ روغن سان نڪتل آهن. معلوم ٿئي ٿو ته بندر جي گودي شهر جي زندگيءَ جي ٻئي دور ۾ تعمير ڪئي ويئي هئي ۽ اُها چوٿين دور تائين استعمال ۾ ايندي رهي [12]. اُهو سڄو دور اٽڪل روءِ 2100 سال قبل مسيح کان وٺي 1800 ق.م تائين، يعني ته سُمر جي تاريخ جي لحاظ کان ٽئين گهراڻي جي سڄي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ آيل لارسا گهراڻي جي زماني تائين، هليل معلوم ٿئي ٿو. جيئن اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي، انهيءَ صديءَ جنهن ۾ "اُر" جي ٽئين گهراڻي ڏکڻ ميسوپوٽيميا تي حڪمراني ڪئي، انهيءَ ملڪ ۽ سنڌو سلطنت جي درميان واپاري سرگرمين جو عروج ڏٺو. ميلوها جي پيداوار جو انهيءَ دور جي ڪاروباري تحريرن ۾ بار بار ذڪر ڪيل آهي ۽ اهو ذڪر نه فقط ڪچي مال جي شين جو آهي، پر انهن چيزن جي به آهي، جيڪي

انهن مان ٿاهيون وينديون هيون. معلوم ٿئي ٿو تہ عاج مان تراشيل "ميلوها پکي" انهيءَ ملڪ ۾ ڏاڍا مقبول هئا ۽ اندازو اهو آهي تہ اهي پکي گهڻو ڪري مور هئا. اسان کي عاج جي هڪ جهنگلي ٻڪريءَ ۽ انساني شبيهہ وارين پُتلين، مرد خواهہ عورت، ٻنهي جنسن بابت پڻ ٻڌايو ويو آهي، ۽ هڪ پولڙي جي بوتي جو ڏس پڻ مليو آهي، جيڪو ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان ٺهيل هو. انهن تحريرن ۾ نہ فقط انتهائي قيمتي "سيسو" ڪاٺ جا حوالا موجود آهن، پر ساڳئي وقت ميلوها ڻامي، ميلوها آبنوس جو پڻ ذڪر ٿيل آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهو ملڪ انهن شين جو پڻ واپار ڪندو هو [13].

ان جي اُبتڙ، آئسين - لارسا دور، جيڪو سال 2000 ق.م کان وٺي سال 1800 ق.م. تائين هليو، تنهن جي متعلق هن وقت تائين مليل اٺن سون کان بہ وڌيڪ ڪاروباري تحريرن مان ڪنهن هڪ ۾ بہ ميلوها يا ان جي مال جو ڪو سڌو سنئون حوالو نہ ٿو ملي. فقط هڪ تختيءَ ۾، جنهن جو لارسا گهراڻي جي ٽئين بادشاهہ، سومو-آئيلو، جي زماني سان تعلق آهي، اهڙين قيمتي شين جي فهرست لکيل آهي، جيڪي شايد اُتان جون هجن. اهي شيون دلمُن ڏانهن ڪيل هڪ سامونڊي سفر تان واپسيءَ ۾ آنديون ويون هيون [14] ۽ نِنگال جي مندر ۾ ديويءَ جي آستان تي نذراني طور پيش ڪيون ويون هيون. اِنهيءَ ۽ ساڳئي قسم جي ٻين شهادتن مان، جن جي نوعيت گهڻي قدر منفي آهي، هيءُ نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ جتي سارگن بادشاهن جي زماني ۾ واپاري جهاز سُمر ۽ سنڌو سلطنت جي سامونڊي ڪناري وارن ملڪن جي درميان يڪو سفر ڪندا رهندا هئا، اتي ٽئين گهراڻي جي دور جا سميريا وارا واپاري جنهن انتهائي دور دراز ملڪ جو باقاعدي سفر ڪندا هئا، سو ماگان هو، اُن کان پوءِ آئيسن-لارسا دؤر ۾ اهي وري دلمُن کان وڌيڪ پري ڪونہ ويندا هئا. ائين پيو نظر اچي تہ انهيءَ شهر ترقي ڪري، هڪ اهڙي تجارتي مرڪز جي حيثيت اختيار ڪئي هئي، جو "سنڌو" ديس جا واپاري، ماگان وارا ۽ سميريا جا تاجر، جيڪي آئلڪ دلمُن (يا جديد اصطلاح ۾ دلمُن ورڪي) جي نالي سان مشهور هئا، انهن ملڪن جي ٺهيل مال جي ڏي وٺ لاءِ اُتي وچي گڏ ٿيندا هئا. ائين پيو پاڻئجي تہ انهن ڏورانهين ڪاروباري سرگرمين لاءِ ئي هڪ خاص قسم جي مهر جو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو هو، جيڪا گول شڪل جي هئي، اهي مهرون

ھاٽي "ايراني نار واريون مهرون" سڏجڻ لڳيون آهن.[15] سميريا جي هڪ تختيءَ تي، جنهن تي هڪ لارسا واري واپاريءَ طرفان هڪ معاهدو لکيل آهي، جنهن موجب هن کي ڪنهن ڏورانهينءَ منزل ڏانهن سمنڊ رستي ڪٽڪ، ٽامو ۽ پشم برآمد ڪرڻي هئي، انهن مهرن منجهان هڪ اهڙي مهر جو ٺپو لڳل آهي، جيڪا ذري گهٽ انهيءَ ساڳئي قسم جي مهر آهي، جنهن جو هڪ نمونو لوٿل مان مليو آهي. پر، انهن گول مهرن جو تمام گهڻو تعداد بحرين ۽ فيلڪا نالي هڪ ٻيٽ مان دستياب ٿيو آهي، جيڪو ٻيٽ (ايراني) نار[16] جي منهن وٽ بيٺل هو. دلمُن جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ ۽ ان جي وسيع علائقن ۾ ڦهليل واپار تي فخر ۽ ناز جي احساس جو اظهار انهيءَ اشلوڪ ۾ ڪيل آهي، جنهن جو ذڪر اڳيئي ڪيل آهي. واپار جي انهيءَ طريقي مان سُمر کي پڻ فائدو ٿيندڙ نظر اچي ٿو. دراصل وولِيءَ جو اهو قول آهي ته رَم- سِن جي زماني وارو اُر، جيتوڻيڪ تڏهن سُمر جي حڪمران گهراڻي جي گاديءَ وارو هنڌ نه رهيو هو، پر ان جي باوجود اهو "انهيءَ دؤر واري شهر کان درحقيقت وڌيڪ وڏو ۽ شايد وڌيڪ آسودو هو، جيترو اهو اُر - ناموَ واري دؤر ۾ هو". جنهن جو اهي ٽي صديون اڳي گاديءَ وارو شهر ٿي رهيو هو. پر سال 1783 ق.م ڌاري رَم، سِن جي ڊگهي حڪومت جو بابل جي بادشاهه حمورابيءَ جي هٿان زبردست خونريزيءَ سان اوچتو خاتمو آندو ويو، جنهن هن کي شڪست ڏيئي قيدي بنايو، سڄو سُمر پنهنجي ماتحت آندو ۽ 'اُر' کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت کان وٺي، ڪيترين ئي صدين تائين، ميسوپوٽيميا جي ڪنهن به تحرير يا ڪَتبي ۾، ايراني نار رستي واپار جو ڪوبه ذڪر نه ٿو ملي. بابل وارن جو پنهنجو واپار اڳيئي ڪن ٻين ملڪن سان ٿيندڙ هو، جنهن ڪري انهن ڪنهن زماني جي سُمر وارين انتهائي طاقتور شهري رياستن جي آسودگيءَ ۽ خوشحاليءَ جي بحاليءَ کي پاڻ لاءِ خطرناڪ سمجهيو هوندو.

۽ ايراني نار جي اورئين پاسي وارن ملڪن سان اُر وارن جي سابق تجارتي تعلقات جو ڇا ٿيو؟ لوٿل ۾ مليل شهادت مان جيڪو هي اندازو ٿئي ٿو، ته اُتان جي عظيم سامونڊي گوديءَ جو استعمال 1800 سال ق.م. کان جلدي پوءِ ختم ٿي ويو. (ايراني) نار کان اورئين پاسي وارن ملڪن جي واپار جي اهڙي تباهيءَ ۽ تفرقي واري نظريي سان خوب نهڪي اچي ٿو. اُر کان سواءِ دلمُن

بيڪار نظر ايندو هوندو. بهرحال لوٿل محض هڪ سامونڊي بندر کان علاوه ٻيو به ڪجهه هو. ان کي پنهنجون صنعتون هيون. خصوصاً مٽڪن ٺاهڻ جون - اُتان جو اهو ڪارخانو سنڌ ۾ چنهو دڙو جي هڪ ٻئي اهڙي ڪارخاني جي ياد تازي ڪري ٿو. ۽ اهو شهر ذري گهٽ يقين جي حد تائين ضلعي يا صوبي جو مرڪزي شهر هو. جاڪاڻ ته شهر جي نقشي ۾ "ڪوٽ" جي رٿا ۽ نشان پڻ شامل آهن. اها جاءِ سنڌو لوڪن طرفان فتح ٿيل ڪانه هئي، بلڪ هنن ان جو پاڻ بنياد وڌو هو. ۽ اُتي موئن جي دڙي کان، انتهائي سهنجي رستي جي حساب سان، (وچ وارن انتهائي دشوار گذار بيابانن کان پاسو ڪندي،) شايد پنج سوُ ميل پري، اسان کي سنڌو تهذيب جي هڪ مخصوص شهر جهڙيون ڳالهيون ۽ اتان جي ماڻهن جي تمدن جو هوبهو نقل نظر اچي ٿو. ساڳين ئي سِرن جون جايون، پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالين جو چار، مقرر نمونى جا اوزار ۽ هٿيار، مهرن وارا "تعويذ" جن تي ڏنل وانئل "سنڌو" جي جانورن جون شڪليون ۽ تحريرون اُڪريل آهن، مخصوص شڪل شبيهه ۽ چٽن وارا ٺڪر جا ٿانءَ، ۽ "مٿئين شهر" ۾ هڪ اهڙي جاءِ، جيڪا اناج جي ذخيري ڪرڻ لاءِ گدام وانگر لڳي ٿي، وغيره. مطلب ته اتي ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانه ڏٺي ويئي آهي، جيڪا سنڌ يا پنجاب جي شين جي نمونن سان مطابقت نه رکندڙ هجي [17].

اهائي تمدني ۽ فني يڪسانيت آهي، جنهن کي گهڻي وقت کان وٺي، سنڌو تهذيب کي ٻين کان نمايان ۽ جدا ڪندڙ انتهائي لاجواب خصوصيت طور تسليم ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود جڏهن به ان جو ڪو نئون مثال سنڌو ماٿريءَ جي "بادشاهي شهر" کان دور ۽ اجا به وڌيڪ دور واقع ڪنهن علائقي مان ملندو، تڏهن اُهو وري نئين سر آثار قديمه جي ڳولائن لاءِ حيران ۽ متعجب ڪرڻ جو سامان مهيا ڪندو. ٺڪر جي ٿانئون جي ساڳي شڪل ۽ صورت ۽ مٿن نڪتل ساڳين چٽن ۽ تصويرن جو بار بار ۽ باقاعدگيءَ سان ايڏيءَ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ ڦهليل شهرن مان لڀڻ، ماٿوءَ جي دل ۾ اُلهندي يورپ ۾ "ساماڻين" برتنن جي وسيع ايراضيءَ ۾ دريافت جو خيال پيدا ڪري ٿو. پر ان مان هي نتيجو نٿو ڪڍي سگهجي ته سنڌوءَ جا ٺڪر وارا ٿانوَ خود سنڌو سلطنت ۾ شامل ٿيل علائقن ۾ تقسيم ڪرڻ جي غرض سان ڪو وڏي پيماني

تي ناهيا ويندا هئا. مٿڪي چوڻ آهي ته نڪر جي قانون جي جنس کي خيال ۾ آڻيندي، معلوم پيو ٿئي ته "موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي ماڻهن ۾ تخليقي قوت جي انتهائي حد تائين ڪوتاهي ۽ ڪمي هئي" [18]. پر حقيقت ۾ انهن وٽ تخليقي قوت جي شايد ايتريقدر ڪمي ڪانه هئي، جيتري اُها ڏيکاري ويندي هئي يا ڄاڻي ٻُجهي ان جي حوصلہ شڪني ڪئي ويندي هئي. يعني ائين ڪٿي چئجي ته سنڌو لوڪن جي ماتحت ايراضين مان هر ايراضيءَ ۾، انهيءَ "صنعت" جي فن ۽ مهارت جي نظم ۽ ضبط جو ڪو مرڪزي ادارو باقائدگيءَ سان ڪم هلائيندو هو، ۽ سڄيءَ "سلطنت" ۾ هڪ مرڪز تان نڪر جي قانون جي تقسيم نہ، بلڪ تربيت يافته ڪاريگرن جي تقسيم ٿيندي هئي. اهائي حالت تامي ۽ پتل جي اوزارن جي آهي. انهن اوزارن جا هر شهر ۾، جتان به اهي لڌا آهن، ساڳئي قسم ۽ ماپ جا نمونا ڪم ۾ آندل ڏنا ويا آهن، ۽ هر هنڌ انهن جي هڪ ئي مقرر نمونن جي حد بندي رائج ملي آهي. اوزارن جي ناهڻ جي فن ۾ انهيءَ حيرت انگيز ۽ عجيب هڪجهڙائيءَ جا به ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ان ڪان علاوه عام استعمال ۾ ايندڙ سيني قديم شين جي ساخت ۾ (مهرن وارن "تعويذن" ڪان علاوه) فني ۽ حرفتي مهارت، پروفيسر پگٽ جي قول موجب، ڪڏهن به "ماهرانہ يڪرنگيءَ" کان متي نتي پهچي. اهڙيءَ يڪسانيت جو سبب هن قياس ڪرڻ سان نهايت آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿو، ته "سنڌو سلطنت" جي دؤر ۾ سنڌن هر هڪ هنر ۽ فن جو نظام انهيءَ فن سان وابسته جماعت هلائيندي هئي.

ترڪيب ۽ فني طريقي ۾، زمان توڙي مڪان جي لحاظ کان، جمود ۽ قدامت پسنديءَ کي، عام طرح سان "سنڌو" وارن ملڪن جي هنرن لاءِ مخصوص سمجهيو ويو آهي. اهو هن طرح جو انهيءَ تهذيب جي زندگيءَ جي سڄي دؤر ۾، جيڪو هن وقت تائين ڪيل کوٽائين مان ظاهر ٿيو آهي، ان جي ڪاريگرين ۽ هنرن ۾ ڪوبہ قابل قدر واڌارو يا سُڌارو ڪونہ ٿيو. گذريل چند سالن کان وٺي انهيءَ نظريي سان ڪجهہ قدر اختلاف ڪيو ويو آهي، پر اِهو اُنهن خصوصيتن جي وڏيءَ اڪثريت متعلق صحيح آهي، جيڪي انتهائي حد تائين ذاتي ۽ خصوصي طرح سنڌو لوڪن جون آهن. بهرحال ذاتن مان نهيل اوزارن توڙي "سنڌو" تحرير جي سلسلي ۾ نهايت آڳاٽن ۽ ويجهي کان ويجهي

دؤر وارن نمونن ۾ ڪوبہ فرق نظر نٿو اچي. سرجان مارشل جو بيان آهي تہ سندس طرفان موئن جي دڙي ۾ ڪيل تهن جي ورچ ان جي اڏاوتي آثارن جي دؤرن سان واسطو رکي ٿي، ۽ نہ مختلف تهن مان لڌل "قديم شين" جي نوعيت تي، ڇاڪاڻ تہ "عام طور انهي قديم دؤر جي ننڍين کان ننڍين ۽ وڏين کان وڏين شين جي...صورت ۽ نمونن ۾ اهڙو تہ مختصر ۽ ٿورڙو فرق ظاهر آهي، جو دڙي جي هڪ تَهہَ مان لڌل شين کي ٻئي تَـهہَ مان لـڌل شين کان جدا ۽ مُميز ڪرڻ ممڪن ئي ناهي."

اِنهيءَ باري ۾ وڏيڪ تبصرو ڪندي هن لکيو آهي، تہ "جيڪڏهن موئن جي دڙي جي آباديءَ جو عرصو ڊگهو هجي ها، تہ پوءِ جيڪا يڪسانيت هـتي ڏٺي ويئي آهي، سا هوند ممڪن نہ رهي ها". هن جيتري ڪوتائي پاڻ ڪئي هئي، تنهن جو هن اِهو اندازو لڳايو هو تہ اُن وقت ۾ وڌ پنج سؤ سالن جي عرصي جي نمائندگي ڪئي ٿي. پر "جنهن منزل تي هيءَ تهذيب اسان جي اڳيان ظاهر ٿئي ٿي، اُن منزل تي اها اسان کي اڳي ئي پوريءَ طرح سان پنهنجي بلوغت کي پهتل نظر اچي ٿي، ۽ انهيءَ ڪري اسين هيءَ اندازو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا تہ اُها پنهنجي اوسر جو هڪ وڏو دؤر ان منزل کان اڳ ئي گذاري چڪي هئي"[19]. بهرحال هيءَ ڳالهہ بہ ڪنهن ثابت ٿيل حد تائين پختي ڪانهي تہ ڪن خاص حالتن ۾، هنرن ۽ ڪاريگرين جي طريقن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڊگهي عرصي تائين ڪا تبديلي رونما نہ ٿي ٿئي تہ اُها ڪا غير معمولي يا غير فطري ڳالهہ آهي. سر ليئو نارڊ ووليءَ "تل اشناالالخ" مان لڌل نڪر جي ٽانـون ۾، هڪ هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي دوران ساڳيءَ هڪ حيرت انگيز يڪسانيت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي [20]. اسين ان باري ۾ ڪهڙي بہ راءِ رکون، تہ آيا هنرن ۽ ڪاريگرين جي معيار ۾ ترقي ۽ واڌارو ڊگهي ۽ لاڳيتي انساني تهذيب جي عرصي جي هڪ قدرتي ۽ لازمي وصف آهي يا نہ، بهرحال اسان کي اهو بہ ڄڻائي ٿو تہ اسين سر مارٽيمر وهيلر جي هن بيان کي بہ خيال ۾ رکون، تہ "سنڌو لوڪن جي تمدن جي هن نامر نهاد يڪسانيت کي وڌائي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ اها يڪسانيت جيتريقدر قديم دور جي ڪاريگرن جي جبلتي ۽ فطري قدامت پسنديءَ جو نتيجو ٿي سگهي ٿي. اوتريقدر اهو نتيجو اسان جي پنهنجي تحقيق ۽ تطبيق جي ناقص ۽ فرسوده طريقن جي ڪري پڻ اخذ ڪيل

ٿو ڀانئجي." ان جي باوجود، سر مارٽيمر ويلر به اها شاهدي ڏئي ٿو ته خصوصاً سنڌو لوڪن جي ٺڪر جي ٿانون جي ساخت ۾ "سنڌو تهذيب جي پوين دورن ۾ فني معيار جو تنزل ظاهر ظهور ڏسي سگهجي ٿو." مٿڪي خود به ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو هو، ته ٺڪر جي ٿانون جي چٽسالي جو، پوئين دورن جي ڀيٽ ۾، اوائلي دورن ۾ وڌيڪ عام رواج هو [21]. جيسين مُهرن جو واسطو آهي، ته وائس، هڙاپا جي انتهائي هيٺانهين سطحن مان مليل هڪ اهڙيءَ ننڍڙيءَ سهڻيءَ مهر ڏانهن توجهه ڇڪايو آهي، جيڪا مخصوص قسم جي اوچي معيار جي جڙيل هئي. ٻئي طرف مٿڪي موئن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي تختين جو خاص طرح بيان ڪيو آهي، جي ان جي پوئين دور سان واسطو رکندڙ آهن، ۽ اُهي ڪاريگريءَ جي ڪنهن خاص معيار جون معلوم نه ٿي ٿيون. مطلب ته جيڪي به ٿوريون گهڻيون فن ۽ ڪاريگريءَ جون تبديليون نظر آيون آهن، سي اڪثر حالتن ۾ بهتريءَ بدران خرابيءَ ڏانهن لاڙو رکندڙ ڏٺيون ويون آهن. باقي جيستائين ميسوپوٽيميا وارن جي ساڳين مثالن جو معاملو آهي، ته اُنهيءَ سُلسلي ۾ به وولِيءَ سُمر جي ڌاتو گرن جي فن ۾ آيل "افسوسناڪ ابتريءَ" ڏانهن ئي ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪا انهن ۾ اوائلي گهراڻي جي دور وارن اعليٰ درجي جي پتل جي پَلٽيل اوزارن جي ڀيٽ ۾ اڪيڊيا واري زماني جي ٺانارن جي هٿان، ٻي ڍنگي طريقي سان متر ڪن سان ڪُٽيل سَٽيل شين جي صورت ۾ آيل هئي. سُميريا جي ٻين قديم دور وارين شين ۾ به هو انهن جي "عقل ۽ ڪاريگريءَ ۾ آهستي آهستي آيل تنزل" جي نشاندهي ڪري ٿو. هن جي انهيءَ سلسلي ۾ اهائي راءِ آهي ته انهن جي "ڪاريگريءَ جي جميل ۽ بيٺل طور طريقن سنڌن فن جي اصليت کي درجي بدرجي ختم ڪري ڇڏيو." [22]

اهي ڳالهيون اسان کي وري ڦيرائي گهيرائي انهيءَ ئي اصلوڪي خيال تي پهچائين ٿيون، ته سنڌو لوڪن جون مکيه صنعتي ۽ ڪاريگريءَ جون شيون هڪ سخت ۽ اڏول جماعتي نظام جي تحت هيون، ڇاڪاڻ ته اسان جو اهو خيال هن عام تصور سان پوريءَ طرح ٺهڪي اچي ٿو ته سنڌو تهذيب جي شهرن ۾ زندگيءَ جو نظام صدين تائين ڪن اهڙن حڪمرانن جي ضابطي هيٺ هلندڙ هو، جن جو سچو اختيار ڪُلي تسليم ٿيل مذهبي قاعدن ۽ دستورن تحت هلندڙ هو. پروفيسر پگٽ جي لفظن ۾ "ان جي پنهنجي روزمره جي ننڍين ننڍين

ڳالهين کي بہ صدين تائين جيئن جو تيئن محفوظ رکڻ ۽ ان جي اهڙيءَ حيرت انگيز دستور پسنديءَ مان.....يقيناً هڪ اهڙي سماجي نظام جي نشاندهي ٿئي ٿي. جنهن ۾"مندر" جي ناقابل تبديل روايتن کي وقت جي حڪمران جي ذاتي آرزوئن ۽ خواهشن کان وڌيڪ وڏي اهميت حاصل هئي [23]." اهڙيءَ طرح، جاين جي بار بار نئين سر نهڻ جي صورت ۾ بہ گهٽين جي اصلوڪين حدن جي باريڪيءَ سان ڪيل حفاظت، دستياب ٿيل بيشمار وٽن ۾ ڪوڙن وٽن جي ڪُلي عدم موجودگي (جن سچن ۽ تُز وٽن جي آثار تي انهيءَ زماني جي مروج تور ۽ ماپ جي اڪائيءَ ۽ بيڻ واڌو ڏهائيءَ جو نظام اخذ ڪيو ويو آهي)، گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ محنت ۽ سچائيءَ سان بنايل نظام کي صاف ڪرڻ جو معياري انتظام- اِهي سڀ ڳالهيون هڪ خبردار ۽ قابل شهري انتظاميہ جي نشاندهي ڪن ٿيون. ساڳيءَ طرح سان اناج جا وڏا وڏا گدام ۽ (هڙاپا ۾) انهن سان گڏ اناج کي ڪُٽي سَٽي صاف ڪرڻ جا ٿلها، ۽ ساڳئي وقت مزورن جي رهڻ لاءِ نهيل جهوپڙين ۽ ڪچن گهرن جون "ڏگهيون قطارون"، ملڪ جي زراعتي معيشت تي رياست جي ضابطي جو ثبوت پيش ڪري رهيون آهن. ۽ انهيءَ حڪومت جي نوعيت جو عڪس موئن جي دڙي واري ڪوٽ تي تعمير ٿيل عمارتن مان پڻ ملي ٿو، ۽ انهيءَ نوعيت جي تصديق، هڙاپا جي ساڳئي قسم جي ڪوٽ جي پٽ سان جلوسن ڏسڻ لاءِ نهيل ٿلهن مان پڻ ٿئي ٿي. ڇا، اهي "بلند جايون" ڪنهن اهڙي "قومي" سرپرست ديوتا جون تہ نہ هيون، جنهن جي نمائندگي وقت جي پروهت، راجا يا پروهتن جي پُشت مان پيدا ٿيل وارثن طرفان ڪئي ويندي هئي، جن جو انتظامي اوزار هڪ اهڙي باضابطہ دفتري حڪومت هئي، جنهن جو بنيادي پاليسي اصول هيءَ هو، تہ اُهائي "بهتر ڇاڻي ٿي" تہ سنڌو ديس ۽ ان جي ماتحت علائقن ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي ڀلائي ڇا ۾ هئي؟

اهو سخت ۽ اڏول نظام پنهنجي پوري جوبن ۾ ڪيترو وقت هليو، سو ڪنهن بہ طرح سان واضح ڪونهي. جيئن تہ اسين موئن جي دڙي ۽ چنهو دڙي جي هيٺانهن طبقن ۾ زير زمين پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب انهن گاديءَ وارن مکيہ شهرن جي انتهائي اوائلي ۽ ابتدائي آبادين وارن حصن تائين نہ ٿا پهچي سگهون. ۽ جڏير جي دڙي ۽ نوهتو جي پرسان ڳاڙهي پڙي جي شهادتن جو بہ

اجا انتظار ٿي ڪرڻو پوي ٿو. ان ڪري اسان کي نسبتاً "ٻاهرين" شهادتن تي ئي غور ڪرڻو پوي ٿو. جيڪي سردست اسان وٽ موجود آهن. پوءِ اُنهن جو اصل حقيقتن جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ في الحال قدر ۽ قيمت ڇا بہ هجي. سنڌو لوڪن جو لوٿل تي قبضو شايد ٽن صدين تائين هليو. جنهن کان پوءِ انهن جو ضابطو ختم ٿي ويل. يا ڪنهن ٻئي تمدن واريءَ اهڙيءَ قوم جي وڌنڌڙ اثر جي دٻاءَ کان جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هلڪو ٿيندي نظر اچي ٿو. جيڪا شايد انهيءَ علائقي جي اصلوڪن رهاڪن تي ئي مشتمل هئي ۽ جنهن پنهنجن پهرين حڪمرانن جي تمدن جون ڪجهہ روايتون پنهنجي لاءِ انتظامي سهوليت طور ڪٽي اختيار ڪيون هيون. سنڌو لوڪن جي حڪمراني دؤر کان بعد واري دؤر سان واسطو رکندڙ هتان جي اَرضي تَہہ مان لڌل شين جي ريڊيو-ڪاربان ڇڪاس مان ان دؤر جو اهڙو سال مليو آهي، جيڪو اُر جي تباهيءَ واري سال کان ڪو گهٽو پوءِ جو نہ آهي. راجستان جي "ڪالي بنگن" آثارن مان لڌل شين جي ساڳئي طريقي سان ڪيل ڇڪاس مان مليل سال پڻ ٻڌائين ٿا. تہ سنڌو لوڪ انهيءَ جاءِ کي بہ انهيءَ ئي دؤر ۾ ترڪ ڪري ويا هئا. جيتوڻيڪ اُها سرزمين اُن زماني ۾، ساموندي واپارجي مانائيءَ جي خطرناڪ اثر هيٺ بہ اچا آيل ڪانہ هئي. هن جاءِ تي پڻ سنڌو لوڪن جي حڪومت جو دؤر ٽن سؤ سالن تائين هليل نظر اچي ٿو [24]. اهڙيءَ طرح هيءَ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ "سنڌو سلطنت" پنهنجي طاقت جي چوٽيءَ واري نڪتي تي سال 2150 قبل مسيح ڌاري پهتي هئي ۽ سال 1750 ق.م کان اڳي ئي انهيءَ نُڪتي تان هٽڻ ۽ هيٺ لهڻ لڳي هئي.

جڏهن اسين گاديءَ واري شهر، موئن جي دڙي، طرف ڌيان ڪريون ٿا، تڏهن اِئين پيو معلوم ٿئي تہ جنهن زماني ۾ اُر اجان ترقيءَ جي اوج تي هو، تڏهن سنڌو تهذيب جو هيءُ شاهہ شهر، اڳي ئي زوال پذير ٿي چڪو هو. نہ فقط آباديءَ وارو سيني ڪان متيون تَہہ، بلڪ ان سان لڳو لڳ هينيون تَہہ بہ، جيڪي ٻئي تَہہَ وقت جي لحاظ کان هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي جي نمائندگي ڪن ٿا، ان جي تنزل جا بيشمار ثبوت ظاهر ڪري رهيا آهن. اتفاق سان موئن جي دڙي ۾ ريڊيو ڪاربان طريقي سان اڳ ۾ ئي جسمي شين جي تحقيقات ڪئي ويئي. مثلاً سڙيل ڪٺڪ جي داڻن جي، جيڪي پوئين زماني

واري آباديءَ جي سطح مان هٽ آيا هئا. ۽ انهن جي چڪاس مان ڪٺڪ جي داڻن جي عمر بابت اهڙا سال مليا. جيڪي رمِ سِن [25] جي زوال وارن سالن سان نهڪي بيهن ٿا. جيتوڻيڪ اڪيلي هن تجربي تي اهڙي نتيجي لاءِ ڀروسو ڪرڻ اعتبار جوڳي ڳالهه ڪانهي، ان جي باوجود هن خيال لاءِ معقول سبب ملي ٿو، تہ موئن جو دڙو سُميريا جي اُر واري دور کان پوءِ بہ قائم هو. پر انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ جو اهو شهر ابتريءَ واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي وجود کي جيئن تيئن ڪري محض گِهلي رهيو هو. اُن جي اِنهيءَ دور جي جاچنا ڪرڻ کان اڳ ۾، اسان کي ڪجهہ پنتي نهاري، هن ڳالهہ تي غور ڪرڻ گهرجي تہ هن شهر جي زندگيءَ تي طبعي حالات، خصوصاً سنڌونديءَ جي چال چلت جو، ان کان اڳين دؤرن ۾ ڪهڙيءَ طرح اثر و انداز ٿيڻ جو امڪان هو.

موئن جي دڙي جي پوئين دؤر کان اڳ جي صدين - ڇهن يا ڪجهہ وڌيڪ جي عرصي ۾، جنهن ۾ موئن جي دڙي جي صورتحال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، اهو شهر آسپاس واري ميدان کان درجي بدرجي اُتانهون ٿيندو رهيو هو. کوٽائي ڪندڙن جي مختلف جماعتن منجهان سيني کان اوائلي کوٽائي ڪندڙن آباديءَ وارن مختلف تَهن جي چاليهن فوٽن هيٺ تائين بلڪل سڌي سنئين کوٽائي ڪئي، ۽ هيءَ ڳالهہ حيرت انگيز معلوم ٿيندي، تہ ڊاڪٽر مئڪي طرفان چاليهن فوٽن جي اونهائيءَ وارن تَهن جو وقت جي لحاظ کان پهريون اندازو فقط ٽي صديون هو. ۽ هن شهر جي هن اوچائيءَ طرف اهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان واڌ لاءِ ٻوڏن ۾ ٿيندڙ تباهيءَ کي بنيادي سبب طور شمار ڪرڻ تي ڪيو. هن جي طرفان انهيءَ باري ۾ اصرار ڪيو ويو تہ پڪين سرن سان، اهڙيءَ آب و هوا ۾، جهڙي سنڌ جي اُترئين حصي ۾ ملي ٿي، ڪنهن قسم جي ڍِگهيءَ عمر کي منسوب ڪرڻ غلطي آهي. "جن ماٿهن ٿوري ئي برسات پوڻ کان پوءِ، پڪين سرن کي ڪلر جي اثر کان پَچندي پُرندي ڏٺو آهي، سي انهيءَ ڳالهہ کي فوري طور محسوس ڪندا تہ هن حالت ۾ پاڻي ۽ گِهم ڪيڏو وڏو نقصان ڪري سگهن ٿا." ان کان سواءِ "گهرن مان گند ڪچري جي ڦٽي ڪرڻ، پتين ۽ ڇتين تان پاڻيءَ سان گَپ چِڪ جي ڳري هيٺ لهڻ، ...۽ هوا جي ذريعي دريائي چيڪي مٽيءَ جي ذرن جي جمع ٿيڻ ڪري، شهر جي آباديءَ واري سڄي دور ۾، ان جي سطح ۾ مستقل طور آهستي

آهستي واڌ ايندي رهي، ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جڏهن بہ گهرن جي فرش ۽ ٻاهرين گهٽين جي سطحن ۾ آيل فرق تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿي ٿيو، تڏهن پتين، فرشن ۽ چتين جي سطح کي مٿي ڪرڻ ضروري ٿي پيو.“ سرليئو نارڊ وولي ڏاڍيءَ وضاحت سان ڏيکاري ٿو تہ ڪيئن نہ اُر شهر ۾ بہ جاين جون سطحون، سيلاب جي سبب کان اثر پذير ٿيڻ کان سواءِ ئي، مستقل طور ساڳئي اهڙي ئي طريقي سان مٿي چڙهنديون ٿي رهيون [26].

موئن جي دڙي جي پسگردائيءَ واري سيلابي ميدان جي سطح سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ سان گڏ ايندڙ ريٽ جي مخصوص عمل جي ڪري پڻ درجي بدرجي مٿي چڙهندي رهي هوندي، جيتوڻيڪ ميداني علائقي جي سطح جي چاڙهہ جي رفتار، شهر جي سطح ۾ ايندڙ واڌ جي ڀيٽ ۾ گهٽي قدر گهٽ هوندي. اسان کي اهو معلوم ناهي تہ انهيءَ زماني ۾ سنڌونديءَ جو وهڪرو ڪهڙو هو، ۽ نہ وري اها خبر آهي تہ اُها هڪ ئي شاخ جي صورت ۾ سمنڊ ۾ وڃي ڇُڙندي هئي، يا موئن جي دڙي کان ڪجهہ مٿيرو اُها ٻن شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ڇوڙ ڪندي هئي. ان کان سواءِ اهو ممڪن آهي تہ سنڌو لوڪن جي دؤر ۾ ستلج ندي، هاڪڙا نارا ۾ وڃي پوندي هئي، ۽ نہ سنڌونديءَ ۾. جيسين سنڌونديءَ جو واسطو آهي، تہ انهيءَ نديءَ گذريل ٻن هزار سالن جي دوران سنڌ مان جيڪي وهڪرا ڦيرايا آهن، تن جي ثابتين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ان جي ٻن شاخن واري صورت انهيءَ مدت جي بہ ٽياڳي ٽئين حصي جي دوران قائم رهي، جنهن کان پوءِ ست صديون اُها ندي هڪ ئي يڪي وهڪري جي صورت ۾ وهي، سمنڊ ۾ ڇُڙڻ کان ٿورو اڳي، وڃي هڪ ننڍڙي ڪيٽي ناهيندي [27] هئي. اهو ممڪن آهي تہ سنڌو ندي پنهنجي هيٺانهين حصي ۾، اڳي پڻ تمام گهڻيءَ مدت جي دوران هڪ ئي وهڪري رستي يا، ورهائجي ٻن شاخن ۾ وهڻ جو نمونو واري وٺيءَ سان اختيار ڪندي رهي آهي.

سنڌو لوڪن لاءِ هڪ ئي اهڙيءَ نديءَ جي اُتل واري حد اندر شهر جو بنياد پڌڻ جي ڀيٽ ۾، جيڪا پنهنجي پاڻيءَ جي سڄي مقدار ۽ ريٽ کي ڪٽي سڄيءَ سنڌ مان گذري وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري، درياءَ جي ٻن وڏين شاخن مان ڪنهڙيءَ بہ هڪ جي ويجهڙائيءَ ۾ بنياد وجهڻ گهٽ خطري وارو هو، ۽ جڏهن سنڌو ندي هڪ ئي وهڪري جي صورت ۾ موئن جي دڙي جي پاسي کان وهندڙ

هجي ها. يا جڏهن اها پنهنجي پاٽيءَ ۾ ريٽ جو سمورو يا گهڻو مقدار انهيءَ هڪ شاخ وچان ڏکي سمنڊ تائين پهچائيندڙ هجي ها. جنهن جي قريب اهو شهر ٻڌل هو. تہ پوءِ ڪيئي سال لنگهي سگهيا ٿي، جو پاٽيءَ جي ڪا تمام وڏي اُٿل ٿي سگهي ها. ۽ ان جي نتيجي ۾ گهٽي مقدار ۾ ريٽ جي جمع ٿيڻ جي توقع ڪري سگهجي ها.

سر ڪلاڊ انگلس، جيڪو سنڌو نديءَ جي معاملات جي متعلق اعليٰ ترين اختياري آهي، انهيءَ سيلابي ميدان جي تمام وڏي ۽ دور تائين ڦهليل علائقي ۾ درياءَ جي انهيءَ عمل ذريعي سطح ۾ ايندڙ سراسري چاڙهہ جو تخمينو هڪ صديءَ پنيان ست انچ لڳايو آهي، پر سمنڊ ۾ چوڙ ڪندڙ شاخ (يڪي هڪ وهڪري واريءَ) جي آسپاس ۽ ويجهڙائيءَ واري ميدان جي صورت ۾ اُها سراسري "هڪ سؤ سالن ۾ هڪ فوٽ جيتري" هجي ها. بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، هن انهيءَ تخميني لڳائڻ ۾ ستلج نديءَ جي اهڙي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار کي ڌيان ۾ رکيو آهي. اسان کي هن هنڌ سر جان مارشل جي هن راءِ کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ "جنهن رفتار سان درياءَ جو ريٽ ڇمندو ۽ گڏ ٿيندو رهيو، اُهو (موجوده رفتار جي بنياد تي) ڪافي وڌيڪ ٿي سگهيو ٿي، ڇو تہ سنڌو ندي هڪ سست رفتار سان وهندڙ درياءَ آهي، ۽ ان جي نتيجي ۾ اُن جي پيٽ ۾ ريٽ وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان گڏ ٿيندو رهي ٿو." [28] يقيناً، جيڪڏهن ڊاڪٽر ڊيل جي کوٽاين دوران جيڪي 64 - 1965ع ۾ موئن جي دڙي ۾ ڪيون ويون، شهر جي آباديءَ واريءَ سطح جي گند ڪچري جا ذرا پُرزا ايتريقدر گهٽيءَ اونهائيءَ مان ٻاهر ڪڍيا ويا. جيڪا موئن جي دڙي جي پسگردائيءَ واري ميدان جي مٿاڇري کان اوٽيتاليهہ فوٽ هيٺ هئي، تہ پوءِ ماڻهوءَ کي هي نتيجو ڪڍڻو پوندو تہ يا درياءَ جي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار انتهائي تيز هئي، يا اُنهيءَ سر زمين تي ماڻهن جي آبادي اُنهيءَ زماني کان گهڻو اڳي ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ عام طرح سان سنڌو ماٿريءَ واريءَ تهذيب جي ظهور ۾ اچڻ متعلق عقيدو رکيو وڃي ٿو. هن هنڌ تي سر جان مارشل طرفان ڏنل هڪ ٻيءَ راءِ کي جاءِ ڏيڻ موزون ٿيندو... "مجموعي طور انهيءَ سڄي مسئلي تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿريءَ واري تهذيب درياءَ جي ڪَپن تي انهيءَ زماني کان ڪيئي صديون اڳ وجود ۾ اچي چڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي، جڏهن اها پوءِ اسان جي چاڻ ۾ آئي آهي. ڪيترو اڳي، تنهن بابت ماٺهو فقط اندازو ئي ڪري سگهي ٿو. پر ائين چوڻ معقول ۽ مناسب ٿيندو تہ اهڙي نتيجي جي ظهور پذير ٿيڻ لاءِ هڪ هزار سال بہ تمام گهٽ عرصو شمار ڪري سگهجي ٿو (29)."

ڊاڪٽر ڊيل جي تحقيقات کان اڳ، ميدان جي مٿاڇري کان هيٺ، اونهي ۾ اونها هنڌ، جن تي ڪليل کوٽائين ذريعي آباديءَ جا آثار ظاهر ٿيا هئا، سي سن 1932ع ۾ چوويهہ فوٽ ۽ سن 1950ع ۾ چويهہ فوٽ هيٺ هئا. پنهي حالتن ۾ زير زمين پاڻيءَ جي موجودگيءَ وڌيڪ هيٺ کوٽائي ڪرڻ جو رستو روڪي ڇڏيو. انهن هنڌن تي آباديءَ جون اهڙيون سطحون انهيءَ تلهي ۽ اڻ تتل پٽي کان گهٽو هيٺ موجود هيون. جيڪي مارشل ۽ مئڪي طرفان "اوائلي دور" جي نالي سان سڏيون ويون آهن. انهيءَ انتهائي اونهي نقطي کان، جتان سجاٽپ ۾ اچي سگهندڙ شيون، جهڙوڪ ڪچيون سرون، هٿ آيون آهن، هينئين مفاصلي جي حساب ۾ آٺ سان، انهن سطحن جي قدامت کي 2400-2500 ق.م کان وڌيڪ دور نہ ٿو رکي سگهجي. اسين، البت اهو فرض ڪري نٿا سگهون تہ اهي نقطا انهيءَ زماني جي آسپاس واري پاهرئين ميدان جي عام سطح سان مطابقت رکن ٿا. جيڪڏهن ائين هجي ها، تہ چوئيتاليهن صدين جي دوران مٿاڇري جي چويهن فوٽن تائين مٽي چڙهڻ واري عمل جي سراسري رفتار ست انچ في صديءَ جي حساب سان ٿي هوندي. ممڪن آهي تہ اها رفتار ڪجهہ وڌيڪ تڪڙي هجي. هينئين شهر ۾، "ڊي-ڪي" دڙو، جتي اهي تحقيقي ڪارروايون ڪيون ويون هيون. سنڌو لوڪن جي آباديءَ جي اوچي کان اوچي سطح، انهيءَ نقطي کان، جتي سن 1932ع ۾ ڪيل کوٽاين ۾ ماٺهو پهتا هئا، اٽڪل چائيتاليهہ فوٽ مٿي بيٺل آهي. انهيءَ هنڌ جي آسپاس ڪيل کوٽاين ۾ بہ هنڌن تي "مئڪي" کي ڊنل جاين ۽ پٽين جون وڏي مقدار ۾ نشانيون نظر آيون، جن کي هُن انهيءَ پڪي پختي شهر جي زندگيءَ جي ٻن مختلف دؤرن ۾ آيل غير معمولي ٻوڏ جي اثرات سان تعبير ڪيو. اڏاوتن جي اها ڊاهہ ڊوهہ - مئڪي انهن ٻنهي سطحن ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي ڇڏيل ريٽ جي موجودگيءَ جو بيان نہ ڪيو آهي. ڏهن فوٽن جي عُمق واري مفاصلي تي موجود ٻن مختلف مٿاڇرن تي ٿيل آهي. انهن ٻنهي سطحن جي "درمياني" وقفي کي، جيڪو

ٿُلهي ليکي ٽن دؤرن تي مشتمل آهي، موئن جي دڙي جو "انتهائي ترقيءَ ۽ نهايت خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ وارو دور" چئجي ٿو [30]. ميسوپوٽيميا واريءَ هِن شهادت مان، ته اهو دور "اُر" واري ٽئين گهراڻي جي ابتدا ۽ "لارسا" دور جي اختتام جي وچ تي آيو هو، جنهن جو اسان اڳيئي ذڪر ڪري آيا آهيون. اهو نتيجو اخذ ڪرڻ صحيح معلوم ٿئي ٿو. اسين جيڪڏهن انهيءَ دؤر کي 2050 کان 1850 ق.م تائين ٻن صدين جو عرصو فرض ڪري وٺنداسون ته اسين اصل حقيقت جي گهڻو قريب نه ته اُن کان گهڻو پري به نتا ٿي سگهون، ۽ انهيءَ دؤر ۾ جاين جون سطحون هڪ سؤ سالن جي پنيان اٽڪل پنجن فوٽن جي حساب سان مٿي چڙهيون هونديون.

مئڪي کي شهر جي اندرين حدن ۾ پنهنجي کَيل کوٽاين مان جيڪي شهادتون هٿ آيون، تن کي هِن پسگردائيءَ واري ميدان ۾ جدا جدا هنڌن تي کوٽايل کاهين مان دستياب ٿيل شين سان ملائي نتيجن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جاين مان ٻن ۾، جن مان هڪ جاءِ "ڊي-ڪي دڙي" جي اُترينءَ کُنڊ جي ويجهڙائيءَ ۾ هئي، ۽ ٻي جاءِ "اِسٽوپا" دڙي جي ڏاکڻينءَ کُنڊ وٽ هئي، هن کي ڀُريل ۽ پُريل سرن جي ٻن تَهن جي وچ ۾ واريءَ مٽيءَ جو هڪ تَهه نظر آيو. ۽ سرن واري تَهه جي هيٺئين طرف وري ڪيس سخت مٽيءَ جو هڪ تَهه مليو. انهن جي آڌار تي هو هنن نتيجن تي پهچي ٿو ته مٽيءَ جو مٿانهون ۽ تراکڙو تَهه اُنهيءَ ساڳئي سيلاب جي نتيجي ۾ پاڻيءَ مان آنرجي جميو آهي، جيڪو شهر جي اوج واري زماني ۾ آيو هو ۽ ان جي پڳل ٽٽل جاين جا ٽڪرا ٽوٽا زمين تي وڇائي هليو ويو هو. ۽ هيٺانهون ۽ وڌيڪ اونهو چيڪي مٽيءَ وارو سخت تَهه شهر جي اُنهيءَ دؤر کان اڳ ۾ آيل ڪنهن اوائلي سيلاب جي تباهيءَ جي نشاندهي [31] ڪري ٿو. آنر جي هيٺ وينل اُنهن ٻن جدا جدا تَهن کي، مئڪي جي اَرضي سطح جي ماپ جي بنيادي انگ سان ڀيٽيندي، ظاهر ٿئي ٿو ته انهن ٻن تَهن مان ٻهريون تَهه ميدان جي موجوده سطح کان ڪي ڏهه فوٽ مٿي آهي، ۽ هيٺيون تهه انهيءَ سطح جي لڳ ڀڳ سنوت تي واقع آهي. وري، ٻاهرئين ميدان جي اُنهن ٻنهي متبادل تهن جون سطحون اُن جي موجوده سطح کان هيٺ ترتيبوار هڪ کان ٽن فوٽن، ۽ ڇهن ۽ ستن فوٽن جي درميان موجود ڏٺيون ويون. جيڪڏهن انتهائي محتاط حساب

لڳايو ويجي، ته ميدان جو متاڇرو سراسري طور هڪ صديءَ جي پويان ست انچ مٿي چڙهيو آهي، ته پوءِ ائين نظر ايندو ته مئڪي وارين ڪاهين ۾ جن سيلابن وارياسي مٽيءَ جا اهي تَهه ناهيا هوندا، سي، ڪن مناسب صدين جي وچوٽيءَ سان، خود عيسوي سن جي شروع کان پوءِ ئي آيا هوندا. مئڪي، شهر جي مٿي چڙهندڙ سطحن ۽ ٻاهر ميدان جي قدرتي چاڙهه جي وچ ۾ نسبتي تعلق ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾، هن ڳالهه جو خيال ئي نه رکيو آهي ته موئن جي دڙي جي اوج واري زماني ۽ ان جي آخري دورن ۾ ڪيتريقدر نه وڏي ناموافقت هوندي. بهرحال، هو پاڻ ئي اها ڳالهه قبول ڪري ٿو ته "جيئن ته شهر کان ٻاهرئين ميدان جي سطح شهر جي گهٽين جي سطح کان ڪافي حد تائين هيٺ هوندي، ان ڪري ٻوڏ جي پاڻيءَ جو، سواءِ ڪنهن وڏيءَ ٻوڏ جي، گهٽين ۾اندر داخل ٿيڻ مشڪل هوندو. پر سيلابن جو عمارتن تي، سم جي صورت ۾، جيڪو خطرناڪ اثر ٿي رهيو هو، تنهن جو ثبوت اسان جي کوٽاين مان مليل پڳل ٽٽل سرن جا هيٺ ڇميل تَهه آهن. شهر جي تاريخ جي وچولي ٽئين دؤر وارين پٽين ڪي پاڻيءَ مان آنرجي هيٺ وينل مٽيءَ کان پڻ زبردست نقصان پهتو آهي، ۽ اُنهيءَ دور جو اختتام پاڻيءَ جي سيمي سبب دڙي جي حد کان زياده آلي ٿي وڃڻ ڪري آيو. اِها حقيقت هِن مان ثابت آهي ته شهر جي رستن جي پاسن کان نهيل تَلهنَ جهڙيون هلڪيون اڏاوتون به ويهي رهيون آهن."

هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي ته کوٽائي ڪندڙ طرفان "دريائي ريٽ جي انهن ٽن تُلهن تَهن بابت، جيڪي ڪيس "ڊي-ڪي" دڙي جي مرڪزي حصي ۾ جدا جدا سطحن تي مليا"،[32] هڪ لفظ به نه چيو ويو آهي. اهڙو هڪ ٻيو مثال، جيڪو مون کي نظر اچي ٿو، ۽ جيڪو مئڪي کي شهر جي "آباديءَ واري حصي جي اندر" کوٽائي ڪندي سامهون آيو. سو هڪ تمام اوائلي تهه ۾ هو، جيڪو سندس سطحي ماپ جي بنيادي انگ کان پنجٽيهه فوٽ هيٺ، ۽ ٻاهرئين سيلابي ميدان جي جديد سطح کان چوڏهن فوٽ هيٺ هو. هُو چوي ٿو ته "اِنهيءَ بنيادي سطح کان هيٺ سخت مٽيءَ جي تَهه ۾ ڪٿي ڪٿي خاڪي رنگ جي واريءَ جي موجودگي اُن دور ۾ اُتي سيلاب اچڻ جو واضح ثبوت آهي."[33] انهيءَ سخت مٽيءَ جي تهه مان ڪو پيروسي جوڳو مطلب ڪڍڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. عمارتن جي سطح سان ان جي نسبتي تعلق مان اهو معلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ٿو، تہ اهو تَـهہ شهر جي تاريخ جي اوائلي زماني ۾ ڄميو آهي. پر خود اُن جي پنهنجي ڪافي گهٽي ٿولهہ ڏهن فوٽن کان مٿيري ڏيکاري ٿي تہ اِهو هنڌ، جيڪو شهر جي آباد علائقي جي آخري ڇيڙي ڪان گهٽو پري ڪونهي، طويل زماني تائين بار بار سيلابن جي زد ۾ ايندو رهيو آهي. بهر حال، جيڪڏهن مٿڪي "ڊي ڪي ڊڙي" وارين سندس ڪوٽـاين مـان مليل شهادتن جـي مطلب ڪيڻ ۾ صحيح آهي تہ پوءِ اسان کي هيءَ نتيجو ڪيڍٽو پوي ٿو تہ موئن جي دڙي جي تاريخ جي وچولي دور ۾ بن يا ٽن صدين جي وقفي سان اٽڪل ٽي غير معمولي ٻوڏون آيون هيون. انهن جهڙيون ٻوڏون غير معمولي اسبابن جي نتيجي ۾ اينديون آهن، جهڙوڪ هماليا جبلن جي مٿانهين چوٽين وٽ جبل جي ڪن وڏين ڇپن يا برف جي وڏين ڇپن، جن سنڌو نديءَ يا ان جي معاون (34) درياهن جي بـالائي حصن ۾ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي هيٺ وهي اچـڻ ڪـان ڪنهن وڏيءَ مدت تائين روڪي رکيو هو، تن جي اوچتو ٽٽڻ سبب پاڻيءَ جي اٿاهہ مقدار جو اُنهن رڪاوٽن مـان آزاد ٿـي هيٺئين طرف وڏيءَ طاقت ۽ وڏي زور سان وهي اچڻ. پر هن ڳالهہ جو پوءِ بہ گهٽو امڪان ڪونهي تہ خود اهڙيون تباهڪن اُٿلون بہ، جيڪي اهڙن غير معمولي واقعن جي رونما ٿيڻ سان پيدا ٿين ٿيون، پاڻيءَ جو ايڏو مقدار کڻي اينديون هونديون، جو اُهو موئن جي دڙي جي ايڏين اوچين گهٽين تائين اندر بار بار داخل ٿي ويندو هوندو. پر هيءَ حقيقت ناقابل ترديد آهي تہ شهر جي ٻاهرين حصن وارين عمارتن جي پيٽين جي چوڌاري رڳو پنجن فوٽن تائين ٻوڏ جو پاڻي بہ لڳاتار ڪجهہ هفتا جيڪڏهن بيهي ٿي سگهيو، تہ پوءِ اهو نہ فقط اُنهن پيٽين کي ڳاري، ڪيرائي سگهيو ٿي، پر سيمو ڪري ڪافي ڪجهہ اندر پرو بہ پنهنجو اثر پيدا ڪري سگهيو ٿي. گهٽي قدر خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ انهيءَ طرح ٿي درياءَ جو سيلابي پاڻي شهر جي اتانهين سطحن ۾ وڏي پيماني تي جاين کي ڪيرائڻ ۽ اُنهن جي مَلبي جي جمع ٿيڻ جو سبب بڻيو. ان کان ڪجهہ گهٽ پيماني جي تباهي مٿي بيان ڪيل واقعن کان گهٽ ڊرامائي واقعن جي نتيجي ۾ بہ ٿي سگهي هوندي، جهڙوڪ هماليہ جبلن جي علائقي ۾ پاڇاتي موسم ۾ برف جو تيزيءَ سان ڳرڻ ۽ ساڳئي وقت تي جبلن کان هيٺ ميداني علائقي ۾ زوردار برساتن جو شروع ٿيڻ، ۽ شهر جي طويل حد تي تاريخ جي مختلف دورن، ٿوري ٿوري وقفي کان

پوءِ، اهڙي نموني سان آيل پاڻيءَ جي ججهي مقدار واريون غير متوقع ٻوڏون ۽ اُنهن جي چر ۽ سيمي جا مضر اثرات.

هن ڳالهه جو اڳي ئي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ موئن جي دڙي وارو ڪوٽ، شهر جي اُلهندي علائقي ۾ ڪچين سرن ۽ چيڪي مٽيءَ جي تمام وڏي تَلهي تي مصنوعي طور ناهيل اٽڪل ويهن فوٽن جي اوچي دڙي تي اڏيو ويو هو. سر جان مارشل انهيءَ حقيقت مان اهو اندازو لڳايو تہ انهيءَ ڳالهہ جو مقصد سرڪاري عمارتن کي "سيلابن" سبب ٿيندڙ ان نقصان کان محفوظ ڪرڻ هو. ساڳيوئي مقصد، ننڍي پيماني تي ۽ ساڳئي سامان مان ٺهيل اُنهن پڪن بنيادن يا انهن هيٺانهن ۽ ننڍن تلهن جو نظر اچي ٿو، جن جي مٿان شهر جي مختلف حصن ۽ آباديءَ جي ايراضين ۾ گهرن جون جايون جوڙيون ونديون هيون. مٿڪي اهڙن تلهن منجهان هڪ جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو شهر جي اوائلي دور جو آهي، جنهن ۾ بعد ۾ اضافو بہ ڪيل آهي، اهو "ڪچين سرن جي ڀَري پُري، گڏجي هڪ تي وجهڻ سان هڪ يڪو پڪو مواد نظر اچي رهيو هو[35]." هڪ ٻئي اهڙي اوائلي مثال بابت هو چوي ٿو تہ "هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو نظر نہ ٿو اچي تہ اِهو پَراءِ ان وقت ڪيل آهي، جڏهن انهيءَ عمارت کي ٻوڏ جي اثر کان بچائڻ جي ارادي سان چاڻي واٽي مٽي ڪرٽو پيو هوندو." مارشل تہ هيءَ بہ دعويٰ ڪري ٿو تہ "سواءِ ڪن تمام ننڍين جاين جي...سيني ۾ فرش جي هڪ حصي کي تَلهي جي صورت ۾ ايترو مٽي ۽ مضبوط ڪيو ويو هو. جو اهو جاءِ کي انهن ٻوڏن جي اثر کان محفوظ رکي سگهي، جيڪي انهيءَ دور ۾ سال بسال شهر لاءِ خطرو بنجڻ لڳيون هيون." مٿڪي هن کان وڌيڪ محتاط هو. پوئين دور جو بيان ڪندي، هو لکي ٿو، "ڪنهن سبب ڪري، جيڪو غير معمولي ٻوڏين سان واسطو رکندڙ معلوم ٿئي ٿو، بعد جي دور واريون گهٽيون جايون، اهڙن تَلهن جي مٿان ناهيون ويون آهن، جيڪي انهن جاين جي هيٺان اوائلي جاين جي ڪوئين ۽ ڪمرن کي ڪچين سرن، چيڪي مٽيءَ يا ڪن حالتن ۾ سرن ڀچائڻ جي ڀَنن مان ڀوئي آنڌل سروٽن وغيره سان ڀري ناهيا ويا هئا...آءُ هن خيال جو آهيان تہ ٻوڏن ۾ موئن جي دڙي جون گهٽيون جايون ڌرتيءَ جي هيٺ ويهي رهڻ ڪري ڪريون آهن. گهٽيون جايون. خاص تَلهن جي مٿان بہ نهيل ناهن، ۽ اهي اُنهن اوائلي هيٺ ويهي رهيل جاين جي مٿان تعمير

ڪيل معلوم ٿين ٿيون. ۽ اهڙيءَ طرح اُهي سـر سبب اڳوٽين هيٺ ويهي رهيـل جاين جو واضح ثبوت پيش ڪن ٿيون [36]." هڪ ٻئي هنڌ تي هو چوي ٿو تـه "هن ڳالهه کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تـه پڪيءَ سر مان نهيل جاءِ ۽ سروٽن جا ٽڪرا پاڻيءَ کي جُـهڻ جا اثرائتا مـُثل ڪـکر آهن. جن ۾ پاڻيءَ جي سطح کان گهٽو مٿي تائين پاڻيءَ جي آلاڻ پهچي ويندي آهي..." هو ڏي. ڪي ايراضيءَ ۾ پاسي واريءَ سر زمين جي ڪن ٻين حصن ۾ مليـل ٿـلهن جو حوالـو ڏيندي، چوي ٿو. "اڪثر حالتن ۾ گـهر ۽ آلاڻ ڪچيـن سرن کي اهڙيءَ طرح ملائـي ڇڏيو آهي، جو اهو سڄو مواد مٽيءَ جي هڪ وڏي چـپ نظر اچي ٿي... انهـن مان اڪثر ٿـلها شهر جي وچولي زماني جي ٻئي دور ۾ ٻهرئيـن وڏي سيلاب کان پوءِ، جنهن جي اسان کي ثابتي ملي آهي، ناهيا ويا هئا. ۽ ڪي وري ٻئي دور جي پوئيـن حصـي ۾ آيـل ٻئي سيلاب کـان پـوءِ ناهيـا ويـا هـئا. جيتوڻيـڪ اهڙي چيڪيءَ مٽيءَ جي نهيل پڪي ٿـلهي جو هيٺيون حصو ڪجهه وقت تائين ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل ٻه رهي ها، تڏهن بـه ان متان نهيـل جاين کي پاڻيءَ جي جُـهجي مٿي چڙهڻ واري عمل کان، پڪيـن سرن يا انهـن جي ٽڪرن ٽوٽـن مـان نهيل ٿـلهن کان گهٽ نقصان پهچڻ جو خطرو هو [37]."

جيتوڻيـڪ ڪوٽائيءَ جو ڪـم ڪندڙ ٻهرينءَ جماعت جا ماڻهو هن باري ۾ بـه -چتـا ٿي پيا تـه انهن ٿـلهن جو مقصد جاين کي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي اوچائيءَ واريءَ سطح کان مٿي ڪرڻ هو. يا ٻوڏ جي پاڻيءَ جي سيمي واري عمـل جـي ذريعي آلاڻ جي مٿي پهچڻ واريءَ آخري سطح کان بـه مٿي ڪـرڻ هـو. سـيلابي ميدان جي سطح ۽ شهر جي آباديءَ واريءَ سطح جي درميـان، جيئـن تـه وڏنـدڙ نامطابقت آهي، ان ڪري هاڻي اها ڳالهه بلڪل واضح آهي، تـه شهر جي جاين کي پاڻيءَ جي سيمي جي نتيجي ۾ پهچندڙ تباهي ئي اصلي ۽ حقيقي خطرو هو.

ممڪن آهي تـه شهر جي ڪن اهڙن حصن ۾، جيڪـي ان جي آخـري چيڙي کان پري هئا (۽ ان طرح سان پاڻيءَ جي سيمي کـان، توڙي آسپاس واري پـاڻي کان، جيڪو ٻاهر ڪليل پـٽن تي، هفتن تائين ٽن يا چئن فوٽن تائين موجود ٿـي رهيو، محفوظ هئا)، ڪڏهن ڪڏهن ڪن ٻين سببن ڪري بـه جايون اهڙن ٿـلهن تي ناهيون وينديون هيون. انهيءَ باري ۾ ڪـوٽ واري دڙي جو مثال اڳي ئـي ڏنو ويو آهي، سرڪاري عمارتن کي دشمـن يا حملي آور ذاڙيلن جي زد کان

محفوظ رکڻ يا شان و شوڪت لاءِ پڻ اهڙي طريقي سان مٿانهينءَ سطح تي ناهيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪو پروهت - راجا هو، تہ ان جو محل بہ اهڙيءَ طرح اوچائيءَ تي اڏجي سگهيو ٿي، جو اُهو سڄي شهر جي مٿان ڪَر ڪنيو بيٺو هجي! شهر جي وڏيڪ شاهوڪار ۽ خوشحال رهاڪن لاءِ، سنڌن جاين کي مٿانهينءَ تي جوڙائڻ لاءِ جيڪي بيا مقصد ٿي پئي سگهيا. تن مان هڪ انهيءَ ڳتيل شهر ۾ اونهاري جي موسم وارين ٻوساٽيندڙ راتين ۾ وڌيڪ تازي ۽ بهتر هوا حاصل ڪرڻ جو مقصد بہ ٿي سگهيو هوندو. ساڳيءَ طرح اهو بہ ممڪن هو تہ شاهوڪار گهراڻا سنڌن پاسن ۾ رهندڙ گهٽ ذاتين وارن همساين جو، انهن جي گهرن اندر نهارڻ ناپسند ڪري، پنهنجين جاين کي مٿيرو جوڙائيندا هوندا. اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙيءَ گرم موسم ۾، جاين جون ڇتيون عام طرح سان اوچيون ۽ سڌيون سنيون هونديون، جيئن اُهي اڄ بہ ان پاسي جي عام رهائشي جاين ۾ ڏسجن ٿيون.

ساڳيءَ طرح، ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ هن ڳالهہ جو ٿيندڙ تجربو، تہ سنڌوندي جڏهن شديد سيلابي ڪيفيت ۾ اچي، انسانن جي هٿان پاڻيءَ روڪ لاءِ ناهيل بندن کي پيچي پوري، ٻاهر نڪري اچي ٿي، تڏهن ڪهڙي حالت ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ اهڙا موقعا هن زماني ۾ دير دير سان ۽ فقط تڏهن رونما ٿين ٿا، جڏهن اِها ندي پنهنجي گذريل دور واريون "قدرتي حالتون" پيدا ڪري ٿي- اسان کي انهن اثرن جي اندازي لڳائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، جيڪي موئن جي دڙي جي زندگيءَ تي ٻوڏين جي حالت ۾ پيدا ٿيندا هوندا. اڄ بہ ان صورتحال ۾ اِهو پاڻي ملڪ جي سڄي علائقي ۾ ٽن يا چئن فوٽن جي اونهائيءَ ۾ ڦهلجي وڃي ٿو، ۽ پنهنجي لاءِ هيٺانهين سطحن مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ رستا ڪڍي وهي ٿو، ۽ انهيءَ عمل دوران اهو اهڙن دڙن کي چئن ئي پاسن کان وڪوڙي وڃي ٿو، جن جي چوٽين تي قديم وقت کان وٺي اڪثر ڳوٺ آباد آهن. اِهو پاڻي، فقط اهڙين ڪڏن ڪوٻن کان سواءِ، جن کان ٻاهر نڪرڻ جو اُن لاءِ ڪو رستو ڪونهي، اُنهيءَ وقت تائين اڳتي وهندو رهي ٿو، جيستائين بخارن جي صورت ۾ اڏامي، سُڪي، ختم نہ ٿي وڃي، يا زمين ۾ جذب نہ ٿي وڃي، يا جڏهن سرءُ جي موسم ۾ درياءَ جي پاڻيءَ جي سطح هيٺ لهي ٿي، تڏهن اُهو موٽي وڃي ان سان ملي ٿو. ٻوڏ جي پاڻيءَ جي رستي ۾ بيٺل شهر يا ڳوٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽو ڪري اُتل واري پاڻيءَ جي سطح ڪان مٿيرو ٿي بڻل هوندا آهن. پر پاڻي انهن دڙن مان سيمو ڪري، انهن ۾ ڪافي اندر تائين پهچي وجي ٿو. ۽ جاين کي ان مان پڌري پٽ نقصان رسندو رهي ٿو. اهي دڙا گهٽين حالتن ۾ اُنهن ٿي جاين جي پنجوءَ ۽ مَـلبي جي بين شين تي ڊهندا ۽ نهندا ۽ وڌندا رهن ٿا. جيڪي اِنهيءَ طرح مُند مُند تي آيل ٻوڏن ۾ ڊهي زمين سان هڪ ٿينديون رهن ٿيون. اسان کي بار بار اهوئي عمل سنڌ ۾ اڄ بہ پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳي ٿو. يعني اٿل جو پاڻي دڙي جي چوڌاري چوليون ماريندو رهي ٿو. ۽ سيمو ڪري مٿي تائين پهچي وجي ٿو. دڙي جي ٻاهرئين گهير واريون جايون ڦهڪو ڪري ڪِرڻ لڳن ٿيون. ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ شهر جي ڳتيل آباديءَ واري وچين حصي ۾ بہ ڪِريل پٿين جا حصا زمين دوز ٿيڻ لڳن ٿا. ۽ آخر ۾ جڏهن پاڻي لهي وجي ٿو، تڏهن وري ساڳين هنڌن تي جاين جي ٻيهر تعمير ڪرڻي پوي ٿي. ڪن حالتن ۾ تہ ٻوڏ جو پاڻي جڏهن ڳوٺ واري دڙي کي گهيرو ڪري بيهي ٿو، تڏهن ڳوناٺا پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي بہ وڃن ٿا. پر جيڪڏهن سندن اناج جا ذخيرا دڙي تي صحيح سلامت آهن. ۽ جيڪڏهن سندن وهڻ ۽ مال لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ ڪو گاهہ جو ٿُڪر بہ بچيل موجود آهي يا سندن سُڪي گاهہ ۽ داڻي جو ڪجهہ ذخيرو محفوظ آهي، (توڙي ڪٿي انهن کي گاهہ واريءَ زمين تائين گوڏي جيڏو پاڻي جهاڳي بہ وڃڻو پوي ٿو يا ٻيڙيءَ ۾ ويهي اتي پهچڻو پوي ٿو). تڏهن بہ اُهي مضبوطيءَ سان ڄميا، اتي پنهنجن گهرڙن ۾ وينا رهندا آهن. پر جيڪڏهن نقصان شديد ٿيو هوندو ۽ ڳوناٺن کي خوراڪ جي قِلت هوندي، تہ پوءِ اهي عارضي طور ڳوٺ ڇڏي بہ وڃي سگهن ٿا. ۽ پاڻيءَ جي سُڪي وڃڻ تائين هو پر پاسي ۾ ڪنهن پوني تي ڇانوٽي هٽي، وقت گذاري پورو ڪن ٿا. جيسين وري ٻيهر واپس اچي، پنهنجي ڳوٺ کي آباد ڪن. هنن جي اها "جلاوطني" فقط ڪن هفتن جي مس ٿيندي آهي. ۽ جيڪڏهن انهن وٽ ايندڙ ربيع موسم لاءِ ٻج لاءِ ڪافي مقدار ۾ اناج موجود آهي، تہ پوءِ هو انهن ٿي زمينن تي تمام پلن فصلن پوکڻ ۽ لڻڻ جون اميدون رکيو وينا هوندا آهن، جن تان ٿورو ٿي وقت اڳي ڪين لڏٿو پيو هو.

سنڌ جي ميدانن ۾ موجود آباديءَ وارين جاين جي سطحن جي جيئن پوءِ تيئن مٿي چڙهڻ لاءِ ذميدار قدرتي سببن ۾ فقط ٻوڏ جو پاڻي ٿي اڪيلو سبب

ڪونهي. انهيءَ ملڪ ۾ سال جي وڏي حصي جي دوران خشڪ ساليءَ جون جيڪي حالتون قائم رهن ٿيون، تن ۾ گرم ۽ خشڪ هوائون پڻ هڪ وڏو اثرائتو ذريعو آهن. جن سان ملڪ جي ظاهري شڪل ۽ صورت بدلجندي رهي ٿي. جو اهي هوائون مٽيءَ، واريءَ ۽ دريائي ريٽ کي هڪڙي هنڌان کڻي ڪيئي ميل پري اچي اُڇلائين ٿيون. اهڙيءَ خشڪ موسم ۾ رستن تي جانورن جي کُرن يا گاڏين جي ڦيٿن، خاص طور بيل گاڏين جي هل هلان- سنڌ جي ناميـاريءَ دز ۽ ڌوڙ کي اُٿاري، ان جا ڪڪرن جا ڪڪر اڏائي ٿي، ان ڪان وڌيڪ وزندار ۽ ڳريون شيون، واريءَ جون آنڌيون ۽ مٽيءَ جا طوفان، جيڪي اونهاري جي موسم جي پيشبنديءَ طور لڳندا آهن. هڪ ڪان ٻئي هنڌ آڻيو سَٽين ٿا. اُهي شيون اهڙي هنڌ پهچي هيٺ ڪِرن ٿيون، جتي ڪا رنڊڪ هوا جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ساڪت هوا جا جهول پيدا ٿين ٿا. جيڪي انهن وزندار شين کي اتي هيٺ ڪرڻ ۽ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي، جمع ٿيندي رهڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ڳوناٺن کي، ٿورن ئي مهينن لاءِ ترڪ ڪيل سنڌن ڳوٺ، انهن جي موٽي اچڻ تائين، مٽيءَ ۽ دز جي انبارن هيٺان سچو نـ تـ اڌو ڳابرو دبيل ملي سگهي ٿو. مٿيڪي هڪ ڪان وڌيڪ پيرا، موئن جي دڙي جي رهائشي سطحن جي، جيئن پوءِ تيئن مٿي چڙهڻ جي مختلف اسبابن ۾ هوائن جي ذريعي ائين ڪچي آيل ۽ اتي اچي گڏ ٿيندڙ مٽيءَ ۽ دز جو هڪ اهم وسيلي طور حوالو ڏئي ٿو [38].

جن ماڻهن اپر سنڌ جي ڳوناٺي زندگيءَ ۾ ايندڙ اهڙين تبديلين جو مشاهدو ڪيو هوندو، سي هن ڳالهه کي هڪدم تسليم ڪندا تـ موئن جي دڙي وارين صدين ۾ پڻ انهيءَ شهر کي نـ فقط ڪيئي دفعا ٻوڏين جو مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، پر هن ڳالهه جو بـ بلڪل امڪان آهي تـ انهيءَ شهر کي مڪمل يا جزوي طور، نـ فقط ٻوڏين جي اچڻ ڪري، بلڪ سنڌو نديءَ جي بلڪل اُبتي جنون جي نتيجي ۾ بـ خالي ڇڏڻو پيو هوندو، يعني تـ، جڏهن شهر جي معقول ويجهڙائيءَ اندر سنڌو ندي گهربل ڪارائتي سيلاب جو پاڻي پهچائڻ ۾ ناڪام ٿيندي هوندي، جنهن تي رواجي طرح شهر جي آباديءَ لاءِ ٿيندڙ پوک جو دارو مدار هوندو هو. هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي تـ اهڙيءَ صورتحال کي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن منهن ڪيندي هئي، منهن ڏيڻ لاءِ اناج جو وڏو گدام احتياط

طور قائم ڪيو ويو هو. تنهنڪري، هڪ پاسي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي پوسل ۽ سيمي ڪان ڪِرندڙ ڄاڻن جو ڍهڻ ۽ انهن جو ملبو ۽ ٻئي طرف عارضي طور خالي ٿيل شهر تي هوائن ذريعي اڏامي ايندڙ ريٽ ۽ واريءَ جو حملو- انهن ٻنهي مان هڪ عمل يا ٻنهي گڏجي، ماڻهن کي ڪافي مقدار ۾ وقت بوقت نئين سر اڏاوتن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هوندو.

هاڻي اسين انهيءَ منزل تي پهتا آهيون، جتي اسين انهيءَ نمايان تبديليءَ جي اهميت تي غور ڪري سگهون ٿا. جيڪا موئن جي دڙي جي زندگيءَ جي آخري دؤر ڪي انهن سيني ڳالهين کان جدا ڪري ٿي، جيڪي اُتي اڳي واقع ٿي چڪيون هيون. شهر جي کوٽائي ڪندڙ پهرينءَ جماعت جا اڳواڻ، سر جان مارشل ۽ ڊاڪٽر مئڪي، ٻنهي هن راءِ جا هئا تہ شهر جي زندگيءَ جو اهو پويون ڏندلڪو دؤر اهڙي وقت تي نئين سر آباد ڪاريءَ جي صورت ۾ شروع ٿيو، جڏهن اهو ڪافي گهٽي عرصي لاءِ اُن کان اڳ مڪمل يا جزوي طور خالي ڪيو ويو هو. مئڪي جي راءِ موجب، موئن جو دڙو انهن ٻن قيامت خيز سيلابن منجهان ٻئي سيلاب جي دوران، جن جو اڳئي ذڪر ڪري چڪو آهي، خالي ڪيو ويو هو. تباهہ ٿيل ايراضيءَ جي مٽيءَ ۾ مليل ڪلر جو غير معمولي حد تائين گهٽجو حصو انهيءَ نظريي کي هٿي ڏئي ٿو. تہ اهو علائقو ڪجهہ وقت لاءِ غيرآباد ۽ قدرتي عناصر جي رحم ڪرم تي نڌڻڪو پيو رهيو [39].

پر اُها جاءِ وري ٻيهر آباد ڪئي ويئي، ۽ سا بہ "سنڌو" لوڪن طرفان، پر نئون شهر پراڻي جي ڀيٽ ۾ نمايان طور سادو ۽ گهٽ درجي وارو هو. عمارتن جو معيار ٻي ڊنگو ٻڇي چڪو آهي، جو گهرن جون جايون گهٽو ڪري انهن سرن مان نهيل معلوم ٿين ٿيون، جيڪي اڳين اوچاين تان ڍاهي آنديون ويون آهن، ۽ اهي ڪڏون، جن مان مٽي ڪڍي ويئي آهي، سي ڇڻ تہ ڪنهن ٻم جي اثر ڪان وجود ۾ آيل ڪڏن وانگر سڄيءَ ايراضيءَ ۾ وات ڦاڙيو بيٺيون آهن [40]. اهي ڪڏون پنهنجي ليکي وري انهيءَ ايراضيءَ جي قابل استعمال حدن کي سوڙهو ڪن ٿيون، جنهن تي نئين اڏاوت ٿي ٿي سگهي، ۽ انهيءَ ڪري جايون هڪ ٻيئي جي مٿان چڙهيو بيٺيون آهن. خوشحاليءَ واري دور جون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون بنان سوچ سمجهہ جي ننڍين ننڍين ڪوٺڙين ۾ ورهايون ويون آهن. ۽ گهٽين جي مقرر ٿيل اُنهن حدن ۾ ناجائز حد دخليون ٿيل آهن. جن ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل ڪيترين ئي صدين جي دوران سختيءَ سان برقرار رکيو ويو هو. اُڀرائيءَ ۾ نهيل بي ڍنگن دڪانن جون وڏن رستن جي پاسن کان قطارون نهيون بيٺيون آهن. ۽ تعميري رٿائن جي معيارن ۾ آيل ابتريءَ جو هڪ وڏيڪ نمايان مثال اِهو آهي ته ڪنيارن جون آويون، جيڪي اڳين ڏينهن ۾ شهر جي اندرين حدن اندر ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪيون وڃن ها. هاڻي هِتي هُتي قائم ٿيل ڏسجن ٿيون. ۽ حد تہ اِها آهي، جو انهن مان هڪ آوي تہ رستي جي بلڪل وچ تي بيٺي آهي (41).

صاف ظاهر آهي تہ شهري انتظاميہ جو سخت ضابطو، جيڪو شهر جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي طويل عرصي جو هڪ نمايان نشان هو. سو ان جي پوئين دور جي ابتريءَ سان گڏو گڏ غائب ٿي چڪو آهي. هيءُ موئن جو دڙو اُهو ساڳيو هڪ عظيم قوم جي گاديءَ جو شهر ۽ هڪ تجارتي سلطنت جو دارالحڪومت باقي نہ رهيو آهي، ۽ نہ وري هاڻي اُهو پروهت راجا جي رهڻ وارو مرڪزي شهر ئي رهيو آهي. هاڻي اُتي ڪاريگرن، قوت گذر ڪيندڙ ڪڙمين ڪاسبين ۽ مزورن جو مجمعو اچي گڏ ٿيو آهي، جيڪي انهيءَ سرزمين تي هڪبئي سان اٽڪيا پيا آهن، جيڪي ٿورين گهٽين شيون اتي ٺهن ٿيون، سي هاڻي ڏيساور لاءِ نہ. پر شايد شين جي ڏي وٺ جي بنياد تي داخلي کپت لاءِ ٺاهيون وڃن ٿيون. بنان ڪنهن شڪ جي، اهو تنزل گذريل دور جي پڇاڙيءَ ڌاري ئي شروع ٿي چڪو هو، جڏهن شهر جو سامونڊي واپار ختم ٿي چڪو هو. جنهن کان هڪدم پوءِ "سلطنت" جي حدن اندر واقع تجارتي مرڪزن ۽ واپار وارن شاهراهن تي رهندڙ رعيتي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل بي آراميءَ ۽ مقامي بدانتظاميءَ جي نتيجي ۾ قاعدي ۽ قانون جي ضابطي ۾ ڪجهہ هلڪائي ۽ ڍِلائي اچي ويئي. يقيناً، انهيءَ طاقتور واپاري قوم جي ماڻهن ڪي، جيڪي صدين کان وٺي موئن جي دڙي جي عظمت ۽ دولت سان سجاتا ويندا هئا. جڏهن اهو مسئلو طئي ڪرڻو پيو هوندو تہ انهيءَ شهر ۾ وري بيهر آباد ٿجي يا نہ. جنهن ڪي اهڙيءَ بربادي ۽ تباهيءَ مان گذرڻو پيو هو. پنهنجي دل ۽ من کان خوب پڇڻو پيو هوندو ۽ گهٽيءَ دير تائين شش و پنج ۾ گذارڻو پيو هوندو. هنن ضرور پاڻ کان اهڙا سوال پڇيا هوندا، تہ اتي رهي وري بيهر واپار ڪي وڌائي سگهبو يا وڏيڪ عقلمنديءَ جو طريقو اهو ٿيندو تہ پنهنجا نقصان

هميشه لاءِ برداشت ڪري ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن. شايد هڙاپا ۽ اُترئين صوبي ڏانهن لڏي هليو ويجي. جيڪي ان وقت تائين سرسبز ۽ شاداب هئا. شايد هنن کي درياءَ جي آئينده جي ٻوڏين جي پڌرن خطرن آخرڪار فيصلي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هجي. هيءَ ڳالهه ڪا ناممڪن ناهي ته اهو فيصلو هنن انهن موقعن مان ڪنهن هڪ تي ڪيو هجي، جڏهن سنڌو درياءَ ڪنهن دؤر ۾ لاڳيتا ڪي سال ڦوڪجي مٿان لهندو هو، ۽ پاڻيءَ جو تباهڪن مقدار ساڻ آڻيندو هو. جيئن مٿي، هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيو ته "هر سال" (هنن ٻن لفظن تي مصنف طرفان زور ڏنل آهي) شهر جي چوڌاري ٻن يا وڌيڪ فوٽن جيتري وڌي پاڻيءَ کان وڌيڪ بيهڻ سان ٿي شهر جي شاهوڪار ۽ خوشحال طبقي جي لڏ پلاڻ لازمي بنجي ويندي هوندي. چاڪاڻ ته ان صورت ۾، ٻيڙين جي مدد کان سواءِ، هنن لاءِ مال اسباب جو آڻڻ نيڻ ناممڪن بنجي ويندو هوندو."[42] ظاهر آهي ته لاڳيتن اهڙن موقعن تي بريءَ طرح ستايل "واپاري برادريءَ" جا ماڻهو وڌيڪ برداشت نه ڪري سگهيا هوندا، ۽ نيٺ هڪ پيري ٻاهر نڪري پوڻ کان پوءِ هو وري واپس نه آيا هجن. ان کان پوءِ هنن جو ڪهڙو حشر ٿيو، تنهن جي اسان کي ڪا خبر ڪانهي.

امڪان آهي ته "عام ماڻهو"، جن ڪنهن عرصي کان پوءِ ٻيهر اچي شهر آباد ڪيو، تن ۾ سنڌو لوڪن جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو به شامل هجن، شايد اهي "لوهم جي دڙي" ۽ 'جهڪڙ' جا رهاڪو هئا، ۽ ڪي شايد "چانهو دڙي" کان آيل ٻوڏ جا ستايل پناهگير هئا. هن ڳالهه ۾ شڪ جو امڪان ڪونهي ته "چانهو دڙي جي شهر جي ماڻهن کي هڪ ٻئي پٺيان آيل ٻوڏين جي ڪري اتان نڪرڻو پيو هو، جن ان شهر ۾ سندن رهائشي علائقي جي ڪجهه حصي کي زمين دوز ڪري ڇڏيو هو، ۽ سڄي شهر کي آباديءَ جي ناقابل بنائي ڇڏيو هو. بهرحال اسين هن باري ۾ خاطريءَ سان ڪجهه نٿا چئي سگهون ته اتي اهي سيلاب به انهيءَ وقت ئي آيا هئا، جڏهن موئن جي دڙي واري اها "خاص" ٻوڏ آئي هئي، جنهن "تاجر برادريءَ" جي ماڻهن کي دائمي طور ۽ "عام ماڻهن" کي عارضي طور اُتان لڏڻ لاءِ مجبور ڪيو هو[43]. ڪنهن عام طبعي تباهيءَ ۽ بربادي جي سوال کان قطع نظر، ٻاهرين ضلعن ۾ وڌنڌڙ بي آرامي ۽ عدم سلامتي، گاديءَ واري شهر جي ڪمزور ٿي ويل مرڪزي اختياريءَ جو پڻ

سنڌو سنئون نتيجو سمجهي سگهجي ٿي. بهرحال هن ڳالهه جي مڃڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونهي ته انهيءَ شديد سيلاب جو، جنهن جي ڪري موئن جي دڙي يا ڪنهن ٻئي شهر کي عارضي طور ڇڏڻو پيو هو، انهيءَ جي آسپاس جي زرعي پيداوار تي به ڪو خاص نقصانڪار اثر پئجي سگهيو هوندو. هن ڳالهه جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي، ته سنڌ ۾ ايندڙ سخت ٻوڏين جا ذيلي اثر عام طور فائديمند ٿيندا آهن. انهن جي نتيجي ۾ سيلابي پوک جي لائق ايراضيون وڌي وينديون آهن. انهيءَ ڪري، خاص طرح "موئن جي دڙي" جي شهر جي آخري دؤر ۾ ان جي آدمشماري ان جي اوج واري زماني جي ڀيٽ ۾ جيڪڏهن وڌيڪ نه، ته به اوتري ئي نظر اچي ٿي. ابتري ۽ تنزل فقط صنعت ۽ حرفت جي معيار ۾ آيل هو. ساڳئي وقت آسپاس جي "ستايلن" کي ڪشش ڪرڻ لاءِ، وري به انهيءَ شهر ۾ گذر سفر جا، توڙي پناهه ۽ نسبتي طور سلامتيءَ جا ڪافي ذريعا موجود نظر آيا هوندا. پروفيسر پگٽ انهيءَ وقت ذاري ڪُلي (Kulli) ۽ موئن جي دڙي جي ماڻهن جي درميان لاڳاپن ۾ وڌيڪ ويجهڙائيءَ اچڻ جي ثبوتن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. ۽ ساڳئي ئي دؤر ۾ هو بلوچستان ۾ ڪن ٻين هنڌن جا اهڙا مثال پيش ڪري ٿو، جن ۾ ٻين "ثقافتن" جي پراڻن ۽ قديم دؤر جي قائم ٿيل ڳوٺن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو آهي، ۽ انهن جي باشندن کي ماري ڪُٽي ختم ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جي مٿان وري نيون آباديون قائم ڪيل آهن. بهرحال ائين پيو ڀانئجي ته اسان کي انهيءَ دؤر يا انهن دؤرن کي وڌيڪ باريڪيءَ سان طئي ڪرڻ لاءِ، جڏهن اها بربادي ۽ تباهي آئي هئي (44)، وڌيڪ ثابتين هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي. بهر حال انهيءَ وچ ۾ "سنڌ جي شاهه شهر" ۾ "پرلئي کان اڳ جي سر ڇائي" اجا به وڌيڪ ٽن يا زياده نسلن تائين گهلبي رهي.

ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ مون اها راءِ ڏني هئي، ته موئن جي دڙي جي آخري پڇاڙي شايد ڪنهن اهڙيءَ قدرتي آفت جي نتيجي ۾ آئي هوندي، جنهن اُتان جي باشندن کي گذر سفر جي ذريعن کان محروم ڪيو هوندو. مثال طور سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ آيل ڪو وڏو ڦيرو. درياءَ جيئن وڌيڪ ڏگهي عرصي لاءِ پنهجو دستوري وهڪرو قائم رکيو هوندو، جنهن مان شهر جي پسگردائيءَ ۽ ويجهڙائيءَ وارو علائقو رواجي طرح ڇگي خاصيءَ باقائدگيءَ سان ، ۽ ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ ايندڙ پاڻيءَ جي اُٿل مان آباد ٿيندو رهندو هو، ۽ اهڙين

تقريباً لاڳيتين هڪجهڙين حالتن جي مدت اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ستن کان ونئي اٺ صديون سمجهڻ گهرجي، تيئن ان جي لَٽ ۽ ريٽ جي تَهه بہ تَهه جمڻ کري درياءَ جي تري جي مٽي ڪچي اچڻ، ۽ ان کان پوءِ ان جي پاٽيءَ جي وهڪري جو هيٺانهين سطح اختيار ڪري ٻئي مُنهن سان وهڻ لاءِ زبردست ڦيرو کائڻ- ان جا امڪان اوڏائي وڌي ويا هوندا. اهڙيءَ طرح انهيءَ زماني ڏاري هن ڳالهہ جو هڪ زبردست طبعي امڪان صاف ظاهر نظر پئي آيو هوندو، تہ درياءَ جي پيٽ ۾ جلد ڦيرو اچڻ وارو آهي. سنڌو ماٿريءَ وچان گذريل ڪن هزارن سالن جي عرصي دوران سنڌو درياءَ جي سچي تاريخ اهڙن رخن بدلائڻ جي ڏکهي تاريخ رهي آهي، جن جي نتيجي ۾ متاثر علائقن جي ڪيفيت آسودگيءَ ۽ نيم- ريگستاني حالتن جي درميان ڦرندي گهرندي رهي آهي (45). مون کي يقين آهي تہ هيءُ واقعو اهڙن ئي واقعن مان هڪ هو. درياءَ جي پيٽ ۾ هيءُ وڏو ڦيرو ان جي شهر کان اصلوڪي اُيرندي پاسي واري رخ ۾ آيو، ۽ درياءَ اُتان کان هٽي موئن جي دڙي کان ٽيهارو ميل پري اوير طرف وهڻ شروع ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح ان اهي زمينون، جن کي هو اڳي سائو ۽ آباد ڪندو آيو هو، خشڪ ساليءَ جي حالت ۾ فقط وقتي بارش جي رحم ڪرم تي تيزيءَ سان ويران ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنيون. ممڪن آهي تہ اُنهيءَ تبديليءَ مڪمل ٿيڻ ۾ ڪي سال ورتا هجن، ۽ شهر جي رهاڪن کي شروع ۾ سندن مڪمل نا اُميديءَ جي صورتحال جو احساس نہ ٿيو هجي. پر هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ جيڪڏهن اڳي نہ، تہ عين انهيءَ ابتريءَ جي وقت، موئن جي دڙي جي ڪمزوريءَ اُلهندي طرف وارن "وحشين" کي اُن تي حملي ڪرڻ لاءِ هرکائڻ جو ڪم ڏنو. هنن جا پهريان حملا "ڏک هنيو ۽ ڀڄو" جهڙا هوندا. پڪٽ پوئين دور جي هڪ اهڙي قبرستان جي نشاندهي ڪري ٿو، جيڪو امڪان آهي تہ انهن حملي آورن جوئي هڪ قبرستان هجي. آباديءَ جي پوئين زماني وارين سطحن جي ڪوٺاين مان، اِنهن علامتن کان علاوه، ننڍيون ترايون ۽ پاهي واريون سهٽيون ڪهاڙيون پڻ مليون آهن، جيڪي سنڌو ديس ۾ ناياب هيون، پر اُتر ايران ۽ ان کان بہ ڪجهہ پر پرو اولهہ طرف عام هيون (46). شهر جي رهاڪن کي بهرحال جلدئي احساس ٿيو هوندو تہ دشمن وڏيڪ تعداد ۾ وري چاڙ ٿو موٽي، هيءَ ڳالهہ خاص طور تي توجه جي قابل آهي تہ انهيءَ وقت ڏاري ماڻهن پنهنجيون قيمتي

شيون زمين ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيون هيون. شهر جي کوٽائي ڪندڙ پهرين ماهرن کي ان جي آخري آباديءَ واري مٿانهين سطحن مان قيمتي هيرن، جواهرن ۽ سون جا ڪيئي دفينا هٿ آيا هئا. وڌندڙ بي دليءَ ۽ همت هارڻ جي ڪري ماڻهن جلد ئي محسوس ڪري ورتو هوندو، ته پرپور هٿيار بند وحشين جو هاڻي هو گهڻي وقت تائين مقابلو نه ڪري سگهندا.

انساني هڏن جي پڃرن جا ڍڳ، جن تي ڌڪن ۽ گهائن جا نشان صاف نظر اچن ٿا، موئن جي دڙي جي مختلف حصن ۾ هڪ ئي هنڌ تي ڪَٺا ملن ٿا، ۽ انهن مان اڪثر شهر جي بلڪل آباديءَ وارين سطحن مان دستياب ٿيا آهن. اهي شهر جي انتهائي پوئين دور ۾ ان تي ٿيل حملن ۾ ماريل هوندا، ۽ ممڪن آهي ته انهن مان ڪي اُهي به هجن، جيڪي شهر ۾ ٿيل "آخري ڪوس" ۾ قتل ٿيا هجن. جيئن منهنجو رايو آهي، جيڪڏهن سنڌو نديءَ پنهنجو وهڪرو بدلايو هو، ۽ شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪٽي به پوڪي راهي ڪرڻ ذري گهٽ ناقابل عمل ٿي ويئي هئي، ته آباديءَ جو وڏو حصو گذر اوقات جي تلاش ۾ اڳيئي اُتان لڏي هليو ويو هوندو. اهڙا ڪي ٿورا ئي ماڻهو هوندا، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن بحاليءَ جي اميد ۽ آسري ۾ پنهنجن گهرن گهاٽن کي چنبڙيا پيا هوندا، ۽ اهي ئي هئا، جيڪي نيٺ وچي ترار جو قُوت بڻيا.

فاتح قوم جي ماڻهن جو موئن جي دڙي ۾ آباد ٿي ويهڻ جو ثبوت نه ٿو ملي، حالانڪ اُهي جُهڪڙ، لوهر دڙي ۽ چانُهو دڙي جي ويران سر زمين ۾ آباد ٿي وينا هئا. سنڌو تهذيب جي هِن شاهه شهر کي هُنن طرفان اِئين نظر انداز ڪرڻ جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو، ته هنن کي سابق دارالحڪومت واري شهر جي آسپاس پوکيءَ راهيءَ جا ڪي آثار نظر نه آيا هوندا، جيتوڻيڪ اُنهن ماڻهن لاءِ هيءَ اندازو ئي ڪري سگهجي ٿو ته انهن جي زندگيءَ جي طرز نيم-خانه بدوشيءَ واري هئي، ۽ اُهي فقط پنهنجي مال جي ڌڻ مان ٿيندڙ اُپت ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ ئي ڪڏهن ڪڏهن زراعت ڪندا هئا. اُنهن حملي آور ماڻهن جي دؤر جا جن کي اسان "جهُڪڙ وارن لوڪن" جي نالي سان ڄاڻون ٿا، جيڪي قديم اوزار مليا آهن، اُنهن جو گهڻي ڪان گهڻو تعداد ۽ گهڻي ڪان گهڻا مختلف نمونا چانهُو دڙي مان دستياب ٿيا آهن، ۽ اُهي بلوچستان جي پري پري تائين منتشر ٿيل هنڌن مان هٿ آيل شين سان به مطابقت رکن ٿا، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنڌن ۾ شاهي- ٽمپ وارو ڪُجائو قبرستان ۽ اُتر ايران جي سرزمين پڻ شامل آهن، انهن جي مليل نشانن ۾ ڪي مهرون بہ آهن، جي ايشيا مائنر مان هٿ آيل شين جي ياد تازي ڪن ٿيون [47].

جيستائين مون کي معلوم آهي، هيءَ راءِ ڪڏهن بہ ڪنهن عالم طرفان ڪانہ ڏني ويئي آهي تہ اُهي ”وحشي لوڪ“ رگ ويد وارا آريا هئا، پر انهيءَ ”نظريي“ جو ذڪر ضرور ڪرڻ گهرجي، جنهن مطابق ائين مڃيو وڃي ٿو تہ اُهي آريائي هئا، جن سنڌو تهذيب کي موتمار ڌڪ هنيو هو. گهڻو وقت ٿيو تہ اها راءِ پيش ڪئي ويئي هئي تہ ويدن جي اشلوڪن ۾ ”دَسيوز“ جي جن شهر پناهہ وارن شهرن جو اندر يا اگني ديوتائين هٿان تباهہ ۽ برباد ٿيڻ جو بار بار ذڪر ٿيل آهي، سي ضرور سنڌو لوڪن جا شهر هوندا. ٻئي طرف رگ ويد ۾ ذڪر ڪيل مال وند ۽ تاجر ”پَڻي“ لوڪن کي سنڌو لوڪن سان شناخت ڪرڻ جي راءِ اول ٿي سن 1926ع [48] ۾ ڏني ويئي هئي. پروفيسر بَرو، سن 1963ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ رگ ويد جي اشلوڪن مان ٻہ ٽڪرا نقل ڪيا. تن مان پهريون ٽڪرو جڏهن بعد واري دور ۾ لکيل هڪ ”برهمڻ“ نظم جي اشلوڪ سان گڏي پڙهجي ٿو، تڏهن اهو هن نظريي جي يقيناً تائيد ڪري ٿو تہ آريا حملي آورن سچن پچن ننڍن توڙي وڏن شهرن کي ناس ڪيو هو، جيڪي سنڌو لوڪن کان علاوه ٻين ڪن ماڻهن جا نہ ٿي سگهيا. ٻيو هڪ ٽڪرو بہ جنهن ۾ هڪ ”تباهہ ٿيل“ شهر جي نالي، ۽ ان جي زير ڪرڻ ۽ شهرين جي عام ڪوس ڪرڻ جو حوالو ڏنو ويو آهي، انهيءَ راءِ جي تائيد ڪري ٿو [49]. ان جي باوجود آءٌ انهيءَ سلسلي ۾ موئن جي دڙي کي ۽ ان جي آخري آباديءَ وارين سطحن مان گهٽين لاشن جي دريافت کي حوالي طور پيش ڪرڻ کي صحيح نٿو سمجهان. اهو نظريو هڙاپا ۽ ٻين اُترين شهرن[50] جي سلسلي ۾ خواهہ ڪيترقدر بہ ظاهري طور معقول ۽ ممڪن نظر ايندو هجي، پر سنڌوءَ جي هيٺانهين علائقي وارن شهرن انهيءَ نظريي کي وابستہ ڪرڻ ۾ ڪيترائي سنگين اعتراض موجود آهن.

رِگ ويد اندر ملندڙ داخلي شهادت مان ائين پيو معلوم ٿئي تہ ان جي اشلوڪن جو وڏو خاصو حصو ڪرو ڪيشتر جي ”پاڪ“ سر زمين تي، ستلج ۽ جمنا ندين جي درميان واقع سر سوتي نديءَ جي آسپاس جوڙيو ويو هو. پنجاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فتح ڪيو ويو هو. ان جا درياءَ مشهور ۽ معروف هئا. نہ فقط اتان جي قديم نسل لوڪن جنگيون جهيڙا ٿيا هئا، بلڪ خود آرين جي درميان قبائلي لڙائي پڻ ٿي گذري هئي. اِهي ۽ اشلوڪن ۾ ذڪر ٿيل ڪي مخصوص ڳالهيون پڌائين ٿيون، تہ اُهي اشلوڪ هندستان جي سرزمين ۾ آرين جي پهرئين پيري قدم رکڻ کان گهٽا ئي سال، شايد هڪ ٻہ صديون پوءِ مرتب ڪيا ويا هئا. پر انهن ۾ ڪوبہ اهڙو ثبوت ڪونهي تہ حملي آور ڪي سمنڊ تي بہ پهتا هئا. اُنهن ۾ ڪم آيل لفظ "سموندر" بظاهر سنڌو نديءَ ۽ [51] پنجند وارن درياهن جي ملڻ واري هنڌ کان هڪدم هيٺ ان جي اُتل سان تعلق رکي ٿو. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ چيتو، جيڪو سنڌوءَ جي هيٺئين علائقي ۾ هڪ چاتل سجاتل جانور هو، تنهن جو رگ ويد ۾ ڪٿي بہ ذڪر آيل ڪونهي، ۽ مڇيءَ مارڻ کي، جنهن کي سنڌ ۾ وڏي اهميت حاصل هئي، بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي [52]. انهيءَ ڪري هيءَ ڳالهہ انتهائي حد تائين غير امڪاني نظر اچي ٿي تہ جنهن زماني ۾ رگ ويد مڪمل ڪيو ويو هو، جيڪو آرين جي پنجاب ۾ وارد ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا ٻہ صديون پوءِ لکيو ويو هوندو، تڏهن سنڌ جو ملڪ ڪو آرين جي قبضي ۾ هو، يا اهي اجا انهيءَ ملڪ اندر داخل ئي ٿيا هئا. اشلوڪن جي مرتب ٿيڻ کان گهٽو اڳي، "الهندي وارا وحشي" چانهو دڙي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ آباد ٿي چڪا هئا، ۽ اهي ماڻهو، جيئن مٿي چاٽايو ويو آهي، واضح طور بلوچستان کان سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا. پروفيسر پگٽ ڏيکاري ٿو تہ هن باري ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ دليل آهن تہ نئين آيل قوم وارن "سنڌو" جي ڪاريگرن جي پاڻ وٽ جبري پرتي ڪئي هئي، ۽ اهو ممڪن آهي تہ سنڌو لوڪن مان ڪي ٻيا عناصر، خاص طور آبادگار پڻ، سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهجي پيا هوندا، جتي هو پنهنجن هنن "وحشي" آقائن لاءِ سهولت سان فصل پوکي ۽ ٻي ڪار ڪرت ڪري پئي سگهيا.

انهيءَ دوران، ويران ۽ پَٽيانگ ٿيل موئن جي دڙي ۾ ريت ۽ مٽيءَ چڙهڻ جو عمل شروع ٿي چڪو هو. اهو ساڳيو عمل، جنهن سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ عمارتن ۽ شهرن جي قتل نشانن تي ساڳئي قسم جي خاڪي ۽ ميٽوڙي رنگ جي مٽيءَ جي چادر چاڙهي ڇڏي هئي. ڪنهن خيالي ڍنڍ جي مٽيءَ ۾ ڍڪجي ۽ جڪڙجي وڃڻ جو عمل نہ، بلڪ ڌوڙين ۽ مٽيءَ جي آنڌين

جي ڪُلهن تي سوار ٿي ايندڙ دَرَ ۽ واريءَ ۾ درجي بدر جي وڪوڙجي پوسائجڻ، ۽ انهيءَ طرح سان نهيل دڙن جي مٿان پوندڙ برسات سبب ڄمي پڪي ٿي وڃڻ جو عمل [53].

ساڳئي ئي طريقي سان، هڪ هزار ڪان به وڌيڪ سالن ڪان پوءِ، اُر شهر جي نئين سر آبادڪاريءَ جو خاتمو واقع ٿيو هو. فرات نديءَ اهو پيٽ بدلائي ڇڏيو، جنهن تي اُر شهر جي زندگيءَ جو هميشه انحصار رهندو آيو هو "جڏهن نديءَ پنهنجو پيٽ بدلايو. تڏهن ان جي پراڻي ترِي جي مٽي ڇڙهي خشڪ ٿيڻ جو نتيجو هيءُ ٿيو، ته پاڻيءَ تي ٿيندڙ آمدورفت جو خاتمو ٿي ويو. ۽ ساڳئي وقت زراعت به ختم ٿي ويئي. اُنهيءَ بدنصيب فاقه ڪش شهر کي ان کان پوءِ وجود ۾ رهڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. گهرن جون جايون پــَـِـڇي پـُري ڪري پيون، هوائون پوءِ خشڪ ٿيل ۽ ويران ميدانن مان لنگهندي پاڻ سان ريتيءَ جا گهاٽا ڪڪر ڪٽي ايندين رهيون، جن کي اهي ڊنل جاين جي باقي بيٺل پٽين جي پنيان سٽينديون ۽ گڏ ڪنديون رهيون. ۽ جيڪو ڪنهن زماني ۾ هڪ عظيم شهر هو، سو نيٺ ويران پَٽَ جي ڇاتيءَ مان اُڀرندڙ، سروٽن سان سَٽيل دڙن جو سنسان ويران بَريَٽ بنجي ويو. [54]"

نوٽ

(1) ايس. پگٽ "پري. هسٽارڪ انڊيا"، ص. 208 سر. ايم. وهيلر "دي انڊس سوليزيشن". (ٽيون ڇاپو 1968ع) ص. 117.

(2) ماڳان ۽ ميلوها نالن وارن ملڪن کي، جن جو ذڪر سال 1500 ق.م وارن بابلي تحريرن ۾ ملي ٿو، اسيريا جي تهذيب جي عالمن طرفان عام، قديم مصر ۽ اِٿوپيا سان ٿوري گهٽي مشابهت رکندڙ سمجهيو ويو آهي، ۽ گڏريل ڪجهه سالن کان وني اها راءِ ڏني ويئي آهي ته اِهي بيا نالا اُنهن ملڪن کي هن ڪري ڏنا ويا هئا، جو اُهي اُنهن ساڳين قيمتي شين، خاص طور تي عاج، جا ذريعا هئا، جهڙيءَ طرح سابق زمانن ۾ مٿين نالن وارا مشرقي ملڪ انهن شين جو ذريعو هئا، جن سان واپاري ناتا ڪيئي صديون اڳي ختم ٿي ويا هئا. دلمُن يا تلمُن، جيڪو گهڻو ڪري بحرين سمجهيو وڃي ٿو، واپار جي آفريڪي رستي تي واقع هڪ بحري بندرگاهه هو، جهڙيءَ طرح اُهو اڳئين دور ۾ هندستان واري بحري شاهراهه جو هڪ بندر ٿي گذريو هو. پروفيسر ڪريمر نالن جي ردوبدل جي

انهيءَ نظريي سان اختلاف ڪيو آهي، ۽ سندس چوڻ موجب ميلوها، سُميريا خواهه بابل جي پوئين دور جي دوران اِٿوپيائي هو. انهيءَ سلسلي ۾ "اگيد (ديويءَ) جي پاراتي" ميلوها جي رهاڪن ڪي جو "ڪارا ميلوهائي" جي لفظن سان پڪاريو ويو آهي، تنهن جو هو حوالو ڏئي ٿو ۽ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو تہ اُنهيءَ دور کان گهڻو پوءِ واري زماني جي "اِيسرهيدن" ڪتبي ۾ "ڪارا ميلوهائيءَ" جو جيڪو اصطلاح ڪم آندل آهي، تنهن جو اشارو واضح طور "اِيٿوپيا وارن" ڏانهن آهي. پر ڪريمر جي راءِ تي پڻ اعتراض جو دروازو کليل آهي، ۽ اهو اعتراض هي آهي تہ هن ڳالهه لاءِ ڪوبہ ثبوت موجود ڪونهي تہ سال 2500 ق.م ڌاري ايٿوپيا جي ڪا اهڙي تهذيب وجود ۾ هئي، جنهن پنهنجا جهاز (شيپس آف ماگان، بحواله ايضاً) ايراني نار ۾ موڪليا هجن. ميلو ها جي رهاڪن جي ڪاري چمڙيءَ جي حوالي مان هي نتيجو بخوبي ڪڍي سگهجي ٿو تہ اُنهن جو ملڪ سنڌونديءَ جي هيٺئين پاڳي ۾ واقع هو. چاڪاڻ تہ "پيري پلس آف دي ايري ٿرين سي" جو مصنف حضرت عيسيٰ کان پوءِ پهرين صديءَ ۾ لکندي، دعويٰ سان چوي ٿو تہ "سنڌ جا ماڻهو ڊگهي قد وارا ۽ "رنگ جا ڪارا" هئا ("رنگ جا ڪارا" لفظن تي زور ايڇ. ٽي. لئمبرڪ طرفان). "ائنٽي ڪُئٽي 37 "(1963ع)، ڪريمر. ايس. اين "دلمُن. ڪُئيسٽ فار پئرادائيز"، ص. 112 نوٽ 2.

"جرنل آف دي اَمريڪن اوريئينٽل سوسائٽي" جلد، 74. (1954ع)، اوپينهئم اي. ايل "دي سي فيئرنگ مرچنٽس آف اُر" ص. 12، "پيري پليس"، ايڊ. مئڪ. ڪرنڊل، پئرا 41.

(3) "ائنٽي ڪُئٽي 32" (1958)، آر. ڊي. بارنيٽ، "آرلي شپنگ اِن دي نيئر ايسٽ" ص. 221 ۽ تصوير 21. بي، سامهون ص. 256، گارڊن چائيلڊ، "نيولائيٽ آن دي موسٽ اينشنٽ ايسٽ"، ص 115، ۽ خاڪو صفحي 231-233، "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس"، ج:، 3، چاپو ليئون ليگرين، ٽيڪسٽس 1053، 1054، 1459، 1680.

(4) ايرا مارس پرائيس، "دي گريٽ سِلنڊر اِنسڪرپشنس آف گڊيا"، 1927، ص. 13 (سلنڊر اي 90).

(5)ايضاً صفحا. 64 - 63، 71 (اسٽئچوز بي ۽ ڊي).

(6) "ائنٽي ڪُئٽيز 37"، ايس. اين. ڪريمر.

"جرنل آف دي امريڪن اوريئينٽل سوسائٽي"، ج:، 74، اي. ايل اوپينهيم.
"بليٽن آف دي اسڪول آف اوريئينٽل اينڊ افريڪن اسٽيڊيز"، ج، 19. (1957)
"سيسو" اينڊ سوسا" از ايليا جرشيوچ صفحا 320-317، "پرسي پوليس آف ايري ٿرين
سي"، ايڊ. وليم. ونسينٽ، پاڱو پهريون ص. 94، پاڱو 2، ص. 342.

(7) "ايران"، ج، III (1965ع) "دي مڪئنڪس آف اينشنٽ ٽريڊ ان
ويسٽرن ايشيا"....وغيره، از ايم. اي. ايل. ميلووان صفحا. 7-1، ليمئنس
"جرنل آف دي ايڪانامڪ اينڊ سوشل هسٽري آف دي اوريئينٽ" جلد، III ،
ص. 27، سر ايل. وولي "ايڪس ڪئويشنس اينٽ اُر"، بيو ڇاپو 1955ع، ص.
116، "پيري پلس" وغيره ايڊ. ونسينٽ (1805ع) پاڱو 2، ص. 341.

(8) جي. واٽ "دي ڪمرشل پراڊڪٽس آف انڊيا"، لنڊن 1908ع، ص.
293 ("ائويسينيا آفيس اٺلس" ۽ سيريئوپس ڪئنڊولين).

(9) "پيري پــلس"، ونسينٽ 1908ع، ص. 94، جي واٽ، سامهون ص.
498. (مٿيون حوالو).

(10) "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس، I " (رايل اِنسڪريشنس ايڊ.
سي. ايس گڏ ليئون ليگرين ص. 11، (ٽيڪسٽ 50).

(11) "ائنٽي ڪئٽي، 37"، ايس. اين. ڪريمر، ص. 113.

(12) "السٽريٽيڊ لنڊن نيوز"، فيبروري 25، 1961ع، ص. 302- "نيو
لاٿيٽ" وغيره، از سري. ايس. آر. راءِ، لوٿل جي متعلق.

(13) اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس، III"، "بزنيس ڊاڪيومينٽس آف
دي ٿرڊ ڊاءِ نيسٽي اُر"، ايڊ. ليئون ليگرين، مثلاً ٽيڪسٽس 818، 368، 828.

(14) "اُر ايڪس ڪئويشنس V "، "ليٽرس اينڊ ڊاڪيو مينٽس آف دي
اولڊ بائبيلونين پيريڊ"، ايڊ. ايچ. فگيولا ۽ ڊبليو. ايف. جي. مارٽن،
ٽيڪسٽ 292.

(15) "ائنٽي ڪُئٽي 37" (1958ع) جي. بي ائنڊ اَدرس، ص. 6 -243،
سر ايم. وهيلر ص 6 - 115 (مٿي ڇاڻايل ڪتاب).

(16) سر ايل. وولي ص. 4 - 193 (مٿي ڇاڻايل ڪتاب).

(17) سر ايم. وهيلر ص. 5 - 64 (مٿيون حوالو).

(18) اي. مئڪي، "ارلي اِنڊس سوليزيشنس"، بيو ڇاپو (لنڊن، 1948ع)

ص. 120. ايس. پگٽ، سامهون صفحي. 201-200 جي، بي ائنڊ آر ائلچين "دي برٿ آف انڊين سولِيزيشن" (1968ع) ص. 134.

(19) سر جان مارشل "موئن جو دڙو ائنڊ دي انڊس سولِيزيشن" ج، 1، صفحا. 10، 103.

(20) سر ايل. وولي. الالخ "رپورٽس آف دي ريسرچ ڪاميٽي آف دي دوسائٽي آف ائنٽي ڪُئيريز آف لنڊن"، نمبر 18، صفحا. 10، 304، 8 – 377.

(21) سر ايم. وهيلر، ص. 94. (متي ڄاڻايل ڪتاب).

اي. مئڪي، ص. 114. (متي ڄاڻايل ڪتاب).

(22) ايم.ايس. واٽس، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ هڙاپا" I ، ص. 324.

سر ايل. وولي، ص. 116 (متي ڄاڻايل ڪتاب).

سر ايل. وولي، "دي سميرينس"، ص. 42، 44.

(23) ايس. پگٽ، ص. 151. (متي ڄاڻيل ڪتاب).

(24) سر ايم. وهيلر، حوالو ڏنل ص 151.

(25) سر ايم. وهيلر بحوالہ ايضاً.

(26) اي. مئڪي "فردر ايڪس ڪئويشنس ائٽ موئن جو دڙو"، دهلي 1938، ج. I صفحا. 8-7.

ايل. وولي، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ ار"، ص. 8 – 177.

(27) ڊي. اي. هومز "دي ريسينٽ هسٽري آف دي انڊس"، جاگرافيڪل جرنل 134 ڀاڱي 3 ۾ (سيپٽمبر 1968) ص. 382 – 367.

(28) سر ڪلاڊِ انگليز "دي بهيوير ائنڊ ڪنٽرول آف رورس ائنڊ ڪئنالس" وغيره، گورنمينٽ آف انڊيا ريسرچ پبليڪيشن نمبر: 13، پونا 1949، ج ص. 172، سرجان مارشل، حوالي ڏنل ڪتاب ص 8.

(29) سرجان مارشل، ص. 103.

(30) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس" وغيره ص. xiv 2، 101، 8 – 107.

(31) اهڙين گهٽين ئي ڪاهين جو بيان مئڪي طرفان "فردر ايڪس ڪئويشنس" ص. 1 کان 5 ۾ ڏنو ويو آهي. انهن منهنجا ڇهن جي جاءِ وقوع صاف ظاهر نظر اچي ٿي. ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ٻن ڪاهين جا تفصيل هن طرح آهن:

(الف) ڊي. ڪي ڏڙي جي اترينءَ ڪنڊ کان اٽڪل 40 فوٽ، اي. مئڪي ص.

2، ڪاهيءَ جو هڪ حصو تصوير vii ، ايچ. 2 ۾ نظر اچي ٿو. ان هنڌ تي ميدان جي متاچري جي سطح سمنڊ جي متانچري کان اٽڪل 159 فوٽ متي آهي.

(ب) "ايل" دڙي ۾...استوپا دڙي جي ڏاڪٽيـن لاهيءَ جي درميان: مئڪي، ص. 3. سلاميءَ ۾ دوباره داخل ٿيندڙ رستي طور بينل آهي، جنهن جي ڪري دڙي واري ڪوٽ ڪي ذري گهٽ بـن اڏن ۾ ورهائي بيني آهي.

سـ ميءَ جو متاچرو هن هنڌ تي سمنڊ جي سطح کان اٽڪل روءِ 6 - 155 آهي ۽ اها آسپاس واري ميدان جي سراسري اوچائي آهي.

(32) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس" ص. 2.

ايس. پگٽ، نوٽس وغيره "ائنشنٽ انڊيا" نمبر: 4، (48-1947ع) ۾ اي. مئڪي جي ڪوتائي ۾ سندس طرفان ڏنل ارضي تهن جي خاڪي جي حوالن سان لکي ٿو، "(تعميراتي سطحن) هڪبئي جي اڳيان پنيان اچڻ جي حالت ۾ هڪ اهم ڳالهه، مختلف سطحن تي دريائي ريت جي ٿن جدا جدا ٿـلهـ ٠ تهن جي موجودگي آهي" (ص. 27 ڏسو خاڪو ص. 28 تي).

فقط هڪ کان سواءِ، ريت جي انهن ٿنهي تهن منجهان ڪوبه شهر جي آباديءَ واري علائقي ۾ ڪونه هو، پر اهي تهه ٻاهرئين طرف ڪوٽيل ڪاهين ۾ موجود هئا. ڏسو اڳيون نوٽ ۽ ضميمو.

(33) اي. مئڪي، ساڳيو ڪتاب ص. 44.

(34) سن 1929ع واري وڏي ٻوڏ. شيئاڪ نديءَ تي واقع اهڙي ئي برفاني بند جي ٽٽڻ جو نتيجو هئي.

(35) سرجان مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 125.

اي. مئڪي ۽ مارشل، ص. 265.

(36) سرجان مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 21.

اي. مئڪي ۽ سرجان مارشل، ص. 265.

(37) اي. مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 2، 170، 171.

(38) اي. مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 8، 66.

(39) اي. مئڪي ۽ مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 265.

(40) اي. مئڪي "فردر ائڪس ڪئويشنس"، ص. xiii ، ص. 6 (فٽ نوٽ)، تصوريرِ xx .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(41) اي. مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 6.

(42) اي. مئڪي اڳي ڏنل حوالو.

(43) اي. مئڪي، "چانهو دڙو ائڪس ڪئويشنس" (نيو هئوين، ڪَنيڪٽيڪٽ 1943ع) ص. 18، 59، 63.

(44) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 4 - 192، 5 - 214.

(45) هن تاريخ جي جلد I جو حوالو. "سنڌ اي جنرل انٽروڊڪشن" ص. 5 - 34.

سي. ايف: ڊي. اي. موئن "دي ريسينٽ هسٽري آف دي انڊس" جاگرافيڪل جرنل، سيپٽمبر 1968ع، ص. 375 ۾ "ائنٽي ڪُئٽي 19 (1945ع)، ڊوروٿي. مئڪي، "اينشنٽ رور بيڊس ائنڊ ڊيڊ سٽيز".

(46) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 229 - 228.

(47) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 226 - 223.

(48) راما پرساد چندا: "دي انڊس وئلي ان دي ويدڪ پريڊ"، آرڪيئالاجيڪل سروي آف انڊيا، نمبر: 31 (1926ع) ص. 4 جي ميمايرس ۾، ۽ "سروائيول آف دي پري هسٽارڪ سويليزيشن آف دي انڊس وئيلي". ايم. اي. ايس. آءِ. نمبر: 41 (1929). رنگ آچاريه جي "ويدڪ انڊيا". ڀاڱو I ص. 147، 181 - 169 ۾ "هسٽري آف دي پري - مسلمان انڊيا".

(49) ٽي. برو، "جرنل آف انڊين هسٽري، اپريل 1963ع، ص. 5 - 163 ۾ "لفظ "آرما" جي اهميت بابت" ۾.

(50) ايضاً 20 - 161. ٻن سوترن ۾ سرسوتي ۽ دريشاوتي ندين جي ڪنارين سان برباد ۽ ويران آبادين جو ذڪر آيو آهي.

(51) مئڪڊونيل ائنڊ ڪيٿ، "ويلڪ انڊيڪس آف نيمس ائينڊ سبجيڪٽس" ص. 432، "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا I- " ص. 79.

ان جي ابتڙ، ڏسو راما پرساد چندا ايم. اي. ايس. آءِ. نمبر: 31 (1926ع)، ص. 5 - 2 ۾.

(52) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ص. 101.

(53) ايچ. ٽي. لئمبرڪ، "دي انڊس فلڊ. پلين ائنڊ دي انڊس سوليزيشن"، جاگرافيڪل جرنل، ڊسمبر 1967ع، ص. 491-490 ۾.

(54) سر ايل. وولي، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ اُر" ص. 248.

(باب 1 ۽ 2 جو ضميمو)

موئن جي دڙي ۾ ٻوڏون

ٻوڏن ۽ سنڌو لوڪن جي شهر موئن جي دڙي تي انهن جي اثرن بابت ثابتين ۽ شهادتن، جيئن اهي کوٽائي ڪندڙ پهرين ماهرن کي نظر آيون هيون، ۽ جهڙيءَ طرح انهن شهادتن جي تشريح انهن ماهرن طرفان ڪئي ويئي هئي، تن جو هن ڪتاب جي ٻئي باب ۾ جائزو ورتو ويو آهي. انهن کان سواءِ ٻين سمجهاڻين ۽ تشريحن، ۽ ٻين اهڙن تفصيلن جي موجودگيءَ جا پڻ، جن بابت رايا موجود آهن، مختصر طور حوالا ڏنا ويا آهن. جيئن ته انهيءَ موضوع جي تشريح ۽ تفصيل متعلق راءِ جو اختلاف پيدا ٿي پيو آهي، ان ڪري آءٌ انهن پوين تفصيلن ۽ ثابتين جو، جن جي آڌار تي اهي تشريحون ڪيون ويون آهن، مختصر طور جائزو وٺڻ مناسب سمجهان ٿو، ته جيئن اهو ڏيکاري سگهجي ته غلطي ٿيڻ جو ڪيئن ۽ ڇو امڪان پيدا ٿيو آهي.

سر جان مارشل ۽ ڊاڪٽر مئڪي جو تعلق آثار قديمه جي ماهرن "فلنڊرس پيٽري" اسڪول سان سمجهڻ گهرجي، جيڪو مصر ۾ تشڪيل ڏنو ويو هو، ۽ جيڪو گهڻو ڪري انهيءَ ملڪ فلسطين، ميسو پوٽيميا ۽ هندستان جي برصغير ۾ ڪم ڪندو رهيو. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي پوئين حصي جي دوران ۽ ان کان پوءِ "پيٽ رِورس" اسڪول ۾ سکيا ورتل آثار قديمه جا ماهر، جن کي برطانيا ۽ الهندي يورپ ۾ تحقيق جو تجربو حاصل ٿيو، اهي "سنڌو تهذيب" جي مرڪزن جي نئين سر تفتيش ڪري ۽ انهيءَ ميدان ۾ سنڌن پيشرو ماهرن طرفان ڪيل ڪم جو جائزو وٺي سگهيا. انهن ماهرن جي اڳواٽن کي مارشل ۽ مئڪي جي طرفان اختيار ڪيل کوٽائيءَ واري طريقي ۽ دڙي جي ارضي طبقات واريءَ تقسيم کي تقريباً رد ڪرڻو پيو. ۽ انهن جي نڪته چينيءَ جو گهڻو حصو، بيشڪ، حق بجانب ۽ مفيد هو. پر ڪن حالتن ۾ اُهي حد کان گهڻو ٻاهر نڪري ويا، ۽ اهو ثابت ڪيائون ته نڪته چيني ڪندڙن پنهنجن پيشروئن جي مذمت ڪرڻ جي اُبهرائيءَ ۾ هن ڳالهه کي ڇڳيءَ طرح سمجهيوئي ڪونه ته انهيءَ "ناقابل اعتبار" طريقي کي، جنهن کي تقريباً رد ڪري رهيا هئا، عملي طور ڪيئن لاڳو ڪيو ويو هو[1].

سن 1948ع ۾، پروفيسر اسٽوئرٽ پگٽ پنهنجي هڪ مضمون ۾، جنهن جو بنيادي واسطو موئن جي دڙي مان اڳي لڌل ڪن مخصوص قديم شين جي اهميت ۽ تشريح سان هو. مٽڪي جي طرفان متعلقہ ايراضيءَ - ڊي ڪي دڙي ۾ ڪيل کوٽائيءَ جي رڪارڊ بابت ٽي شڪايتون ڪيون.

1. هُن دڙي جي انهيءَ حصي بابت ارضي طبقات جو خاڪو نہ ڏنو هو.

2. هُن لڌل شين کي مٽيءَ يا ملبي جي انهيءَ قدرتي سطح سان منسوب ڪرڻ بدران، جنهن ۾ اهي مليون هيون، بنان ڪنهن دليل جي متعين ڪيل هڪ خيالي بنيادي سطح جي نسبت سان کوٽائيءَ جي تهن جا دؤر مقرر ڪيا ۽ انهن کي متعلقہ دؤرن سان وابستہ ڪيو هو.

تعميراتي دؤرن لاءِ هن جي طرفان ڪم آندل اصطلاح "ڏاڍا منجهائيندڙ" هئا، ۽ ارضي طبقات متعلق هن جو سڄو بيان "پيچيده ۽ ڪن صورتن ۾ متضاد هو" [(2)].

انهيءَ ڪري پگٽ پنهنجي طرفان "پيهر تيار ڪيل" هڪ نقشو پيش ڪيو، جيڪو حالانڪ بلڪل پنهنجي ذاتي اندازي طور هن تيار ڪيو هو. پر اُهو، سندس دعويٰ موجب، "کوٽائي ڪندڙ کي ڊي-ڪي دڙي جي مرڪزي حصي ۾ لڌل شين ۽ طبقن جي امڪاني مُدتي سلسلي جو آسان بصري صورت ۾ هڪ خاڪو پيش ڪري رهيو هو." جيتوڻيڪ هو پنهنجي خاڪي ڏانهن هن طرح ڌيان ڇڪائي ٿو. "اِنهيءَ سلسلي جو هڪ اهم پهلو مختلف سطحن تي دريائي ريٽ جي ٿُلهن تَهن جي موجودگي آهي. ۽ اُنهن تَهي کي مٽڪي طرفان ڏنل تفصيلن جي آذار تي خاڪي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو." هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ مٽڪي کي ڊي-ڪي دڙي جي اونهي کوٽائيءَ ۾ دريائي ريٽ جو فقط هڪ تَهہ مليو هو، ريٽ جا ٻيا بہ تهہ، جن جو هن ذڪر ڪيو آهي، سچ پچ تہ ڪيس شهر جي آباديءَ واري علائقي کان ٻاهر سيلابي ميدان ۾ کوٽيل کاهين ۾ نظر آيا هئا. جيتوڻيڪ هن انهن ٻن تَهن کي، منهنجي راءِ موجب غلط طور دڙي جي اندر مليل تعميراتي ملبي جي ٻن سطحن سان، جن کي هن سيلاب سبب پيدا ٿيل سيمي جو نتيجو سمجهيو هو، هڪٻئي سان ڳنڍي ڇڏيو هو [(3)]. ان کان پوءِ پگٽ، مڪيہ تعميراتي دورن لاءِ مٽڪي طرفان ڏنل اصطلاحن جو حوالو ڏيئي، چوي ٿو تہ "هن حقيقت کي مٽڪي طرفان

بظاهر اهو نہ سمجھيو ويو هو، تہ ڀوڏ جو ريٽ هر حالت ۾ ترتيب وار انهن مکيہ دورن جي نسبت سان موجود ناهي.“ پر درحقيقت ڀوڏ جو ريٽ ڊي-کي ڏڙي ۾ ڪيل اونهيءَ کوٽائيءَ ۾ مکيہ دورن جي مٿان ڀيل مليو ئي نہ هو، جيتوڻيڪ اُهو مجموعي طور اوائلي دور ۾ موجود آهي، جيڪو کوٽائيءَ جي وڏيڪ هيٺانهين سطحن مان ظاهر ٿيو هو. باقي جيسين ناموافقت جو تعلق آهي، اُن سلسلي ۾ تہ مئڪي صاف لفظن ۾، نيئن شهادتن (ڀوڏين طرف منسوب ڪيل تعميراتي ملبي) جي روشنيءَ ۾، مارشل طرفان ارضي طبقات جي ڏنل خاڪي جي ترميم جو پاڻ خواهشمند آهي،جيتوڻيڪ هُن جو پنهنجو چوڻ آهي تہ ”نام نهاد قريبي ٽئين دور کي درمياني دور جو انتهائي بالائي تَہ سمجهڻ گهرجي. جنهن جو خاتمو شهر کي ڪنهن وڏي سيلاب جي موقعي تي مڪمل طور خالي ڪرڻ ذريعي آيو. اُهو قريبي ٻيو دور ئي آهي، جيڪو آخري دور جي حقيقي آغاز جي نشاندهي ڪري ٿو.“ ساڳيءَ طرح، ”درمياني ٽئين دور کي حقيقي طرح اوائلي زماني جو آخري دور سمجهڻ گهرجي. انهيءَ دور جو انت اوائلي ٻن ڀوڏين مان، جن جو اسان وٽ ثبوت موجود آهي، وڏيڪ اوائلي زماني واريءَ ڀوڏ آندو....[4]“ انهن هيٺانهين سطحن بابت پگٽ جي ”ٽئين سر ناهيل“ نقشي ۾ هيئن چيو ويو آهي. ”ڊي-ڪي واري ايراضيءَ جي کوٽاين ۾ زير زمين پاڻيءَ جي موجوده مٿاڇري سبب ڌرتيءَ جو اهو هيٺانهون تهہ کوٽجي نہ سگهيو، جتي ابتدائي زماني ۾ شهر جا بنياد وڌا ويا هوندا. پر اُتي دريائي ريٽ جو پتو ڏنو ويو آهي، جنهن جي مٿان پوريءَ طرح سان شناخت نہ ٿي سگهندڙ سطحون مليون آهن، جيڪي خود ڪنهن اوائلي ڀوڏ جي پاڻيءَ مان هيٺ وينل ريٽ سان ڍڪيل هيون. اُنهن جي مٿان اڃا بہ ٻہ ٻيون تعميراتي سطحون موجود هيون، جيڪي ڀوڏجي پاڻيءَ جي ريٽ جي ٻئي تَہ جي مٿان پهرئين اوائلي ۽ درمياني ٽئين دورن جون هيون[5].“

هتي پڻ، ايس. پگٽ جو ”ٽئين سر ناهيل“ نقشو اي. مئڪي جي تحقيقات جي بلڪل غلط تشريح ڪري رهيو آهي، ۽ جيئن تہ خود مئڪي جي پنهنجي تيار ڪيل ارضي طبقات جي خاڪي ۾ ڊي-ڪي ڏڙي ۾ ڪيل اونهين کوٽاين ۽ سيلابي ميدان ۾ کوٽيل کاهين ۾ ڪيس واقعي قليل شين ۽ اشارن کي پورين جاين تي رکي ڏيکارڻ ۽ انهن کاهين جي اندازاً صحيح جاءِ متعين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



MOHENJO DARO
SECTION OF
DK MOUND (MACKAY)
MOHENJO DARO
SITE PLAN
Scale:-1" = c.1500 ft.
STUPA
DK
HR
Position of Mackay's deep excavation
SECTIONS OF ADJOINING PLAIN IN MACKAY'S TRENCHES
Mean level of surface of plain
WATER-LAID SANDY CLAY
STIFF CLAY DEPOSITED BY FLOOD
CLOSE PACKED CLAY MIXED WITH SHERDS
DEEP DEPOSIT OF SANDY CLAY
WATER DEPOSITED CLAY
WATER
North-eastmost trench, 574 feet from edge of DK mound
Trench 40 feet from hedge of DK mound
Between DK mound and Stupa mound
Between L mound and south face of Stupa mound
Close to Site N23' north of Stupa mound
Deep dug-outs in plain west of Stupa mound
D-B = Disintegrated Brick; S-C = Sandy clay; R = Rubbish
ref. Mackay, Further Excavations
FEET ABOVE SEA LEVEL
PIGGOTT'S RECONSTRUCTION
Datum Level
MACKAY'S DATUM LEVEL 178·8
surface
Flood silt 3 (Piggott)
Flood silt 2 (Piggott)
Flood silt 1 (Piggott)
Silt (Piggott)
surface of plain in 1927-31 A.D.
(figures are of feet below surface)
Based on diagram Fig. 2, p. 28, 'Ancient India' No 4, 1947-8.
Subsidences and salt (Mackay)
Subsidences (Mackay)
Phase I Late
Phase II Late
Phase I Intermediate
Phase II Intermediate
Phase III Intermediate, or, Last Phase of Early Period
LATE
INTERMEDIATE
EARLY PERIOD
MUD BRICK PLATFORM
Rubble, broken bricks, sherds, etc.
STIFF CLAY WITH PATCHES OF GREY SAND
MACKAY, Further Excavations, pp 42-44
3 courses of sun-dried bricks
Subsoil water level, 7 March 1931
Buildings as low as here.
Subsoil water level, end of April 1932
Wheeler 1950
G.F. Dales 1964-5
Scale of Section (Vertical) 1 Inch = 10 feet.
H.T.L. fecit, 1968
ABOVE DATUM
BELOW DATUM

ڪرڻ ۽ هُن جي طرفان اوائلي طبقي بابت ڏنل حوالن جي مطابق سڄي علائقي جي ارضي طبقات کي واضح ڪري ڏيکارڻ ۾ ڪا وڏي دشواري ڪانهي، ان ڪري مون اهي سڀ ڳالهيون هِتي پنهنجي طرفان ترتيب ڏنل نئين ارضي خاڪي ۾ ڪڍيون آهن. ۽ ساڳئي وقت اُن ۾ مون پروفيسر پگٽ جي "پيهر ناهيل" خاڪي کي بہ تقابلي پيٽ جي خيال کان شامل ڪيو آهي، ۽ اُن باري ۾ وڌيڪ غلط فهمين کي روڪڻ لاءِ آءٌ اِنهيءَ خاڪي سان هيءُ وضاحتي نوٽ پڻ شامل ڪري رهيو آهيان.

خاڪي جي ساڄي پاسي کان ڊي-ڪي دڙي جي هڪ حصي جو سيلابي ميدان جي جديد سطح کان متين خواهہ هيٺين تهن جو نقشو ڏنل آهي، جنهن ۾ مٺڪي طرفان ڊي-ڪي ايراضيءَ جي "جي - سيڪشن" مان، جتي هن پنهنجي اونهي کوٽائي ڪئي هئي، لڏل ڪن شين جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. سمنڊ جي مٿاڇري کان 178'8 فوٽ مٿي بنيادي سطح، جنهن کي هُن هيٺ سڌائيءَ ۾ کيل کوٽاين جي حوالن ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو هو، خاڪي ۾ ساڄي طرف سڌيءَ ليڪ ذريعي ڏيکاري ويئي آهي، جيڪا بنيادي سطح کان هيٺ کيل کوٽائين جي گهرائي فوٽن ۾ ڏيکاري ٿي. مٺڪي پنهنجي سڄي مسودي ۾ ائين ڪيو آهي.

دڙي جي متعلق تيار ڪيل منهنجي خاڪي ۾ دؤرن ۽ زمانن جي ذريعي ارضي طبقات جو تقرر بلڪل ائين ٿيل آهي، جيئن مٺڪي جي "انٽروڊڪشن ٽو فردر ايڪس ڪئويشن" جي صفحن XIV کان XV تائين ڏنل آهي ۽ جنهن ۾ سندس رمارڪن جي نتيجي ۾ جيڪي ترميمون ٿيون آهن، سي پڻ شامل ڪيل آهن، يعني نام نهاد قريبي ٿيون دور..... "درمياني دور (درمياني پهرئين) واري انتهائي بالائي طبقي جي صورت ۾ نظر اچي ٿو". جنهن سان گڏ "درمياني ٿيون دور...اوائلي زماني (اوائلي پهرئين زماني) جو آخري دور" پڻ موجود آهي.

مون پسگردائيءَ واري ميدان جي سال 31-1927ع واري "سراسري" سطح پڻ سمنڊ جي مٿاڇري کان 157 فوٽ مٿي (يعني دڙي جي بنيادي سطح کان 218 فوٽ هيٺ) ڪڍي آهي. انهيءَ سطح کي سڌيءَ ليڪ ذريعي خاڪي جي ڏائي طرف ڇڪي وڌايو اٿم، جتي فوري طور سڄاٽپ ۾ ايندڙ مٺڪي جي ڇهن

ڪاهين جا پاڳا وغيره. سندس تحرير ۾ بيان ڪيل ٻين تفصيلن جي حوالي سان هڪٻئي جي پاسي ۾ ڏيکاريا ويا آهن. انهن جي مٿان وري مون موئن جي دڙي جو هڪ ننڍو خاڪو پڻ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ مون دڙن جي حدن بابت 160 فوٽن واري لائين اختيار ڪئي آهي، تہ جيئن ڪاهين جي وقوع واري جاءِ آسانيءَ سان ڏسي سگهجي.

ڊي. ڪي دڙي جي حصي ۽ آسپاس واري سيلابي ميدان ۾ ڪاهين جي حصن جي درميان مون پروفيسر پگٽ وارو "نئين سر تيار ڪيل" نقشو شامل ڪيو آهي، جهڙيءَ طرح اهو هن جي "ائنشنٽ انڊيا" نمبر: 4 ناالي 1948ع واري مضمون ۾ شامل ڪيل شڪل نمبر 2 ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن مان مون فقط ٽاچنين ۽ کهاڙيءَ جي شڪلين کي خارج ڪري ڇڏيو آهي، پر ان ۾ مون مٿاچري جي هيٺان لاءِ اختيار ڪيل فوٽن جو پيمانو بحال رکيو آهي. مون هن جو "مٿاچرو" (O=) مئڪي جي طرفان ڊي-ڪي دڙي ۾ قريبي دؤر 1 - اي لاءِ اختيار ڪيل اوچي ۾ اوچي مٿاچري يعني بنيادي سطح کان 86 مٽي (ڏسو فَردر ايڪس ڪئويشنس جو صفحو XIV) سان مطابقت رکندڙ تسليم ڪيو آهي.

ڊي. ڪي ايراضيءَ ۾ اڏاوتي ملبي واريون عام سطحون، جن کي مئڪي ٻوڏين جي اثرن سان (سيمي) سان منسوب ڪيو آهي، تن کي ٿورو هيٺ پرو يعني ترتيبوار درمياني ٻئي ۽ قريبي ٻئي دؤرن کان اڳي داخل ڪيو ويو آهي، جاڪاڻ تہ هن جي ڪتاب "فردر ايڪس ڪئويشنس" جي صفحن XIV ، 2، 8، 101، 8-107 ۽ "مارشل جلد-1" ۾ صفحي نمبر: 265 ۽ جلد.2 جي تصوير LXII جي سندس رمارڪن جي بظاهر ۽ واضح تشريح اهائي آهي. دڙي جي اندر مئڪي جي اونهي کوٽائيءَ جي ارضي طبقات جي ورچ کي پڻ، سندس ڪتاب "فردر ايڪس ڪئويشنس" جي صفحن 44-42 تي ڏنل تفصيلن جي حوالي سان شامل ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾، هن جي طرفان ڊي-ڪي دڙي ۾ ڪيل تفتيش جي بيان ۾ جنهن سيلابي ريٽ جي هڪ ئي مثال جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو آءٌ ڳولي سگهيو آهيان ۽ جيڪو تفتيش دوران واقعي هن جي سامهون آيو هو ۽ جنهن کي هن انهيءَ حيثيت سان سڃاتو هو، سو پڻ شامل ڪيو ويو آهي- 35 فوٽن کان (يعني آغاز واري سطح کان هيٺ) هيٺ سخت مٽيءَ جو تہ، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي خاڪي رنگ جي واريءَ جا خانا نظر اچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا، ٻوڏ جي اچڻ جو بلڪل واضح ثبوت آهي.“ سن 1931ع ۽ 1932ع جي دوران انتهائي گهري کوٽائيءَ ۾ جن آخري هنڌن تي کوٽائي ڪنڌڙ پهتا هئا، سي بہ ڏيکاريل آهي، ۽ فوري طور حوالو وٺڻ ۾ سهولت لاءِ مون سن 1950ع ۾ وهيلر، ۽ 5-1964ع جي دوران جي. ايف. ڊيلس سنڌن طرفان ڪيل کوٽاين ۾ جن سطحن تي پهتا هئا، تن جو پڻ مون اضافو ڪري ڇڏيو آهي، ڇڻ تہ اهي پڻ ڊي-ڪي دڙي جي وچان کوٽيون ويون هيون.

مئڪي کي کاهين ۾ يا ”آسپاس واري ميدان“ ۾ جيڪي مختلف شين جا ذخيرا نظر آيا هئا، تن جي تهن جو خاڪو، هن جي ڪتاب ”فردر ايڪسڪئويشنس“ جي 6-2 صفحن ۾ سندس طرفان ڏنل تفصيلن مطابق ڪڍيو ويو آهي ۽ انهن مان ٻن تَهن جو، جن کي مون نمبر 1 ۽ 2 ڏنو آهي، خاڪو هن جي طرفان ڏنل انهن خاڪن سان بلڪل ملي بينو آهي، جيڪي هن انهيءَ ڪتاب جي تصوير VIII جي شڪلين نمبر: H-8 ۽ H-2 ۾ شامل ڪيا آهن.

مون کي يقين آهي تہ هنن، ۽ مئڪي جي طرفان بيان ڪيل بين تفصيلن ۽ سطحن، ۽ پگٽ جي ”نئين سر ناهيل“ خاڪي جي تفصيلن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل منهنجي خاڪي ۾ صحيح طور هڪ ئي هنڌ ڏيکاريو ويو آهي. يقيناً سمنڊ جي مٿاڇري کان مٿي فوٽن کي مئڪي جي بنيادي سطح کان هيٺ وارن فوٽن سان ۽ پڻ پگٽ جي بنيادي سطح کان هيٺ وارن فوٽن سان (ڊي-ڪي دڙي جي حصي ۾) لاڳو ڪري، ان جو تقابلي مطالعو آسان بنايو ويو آهي.

جيڪڏهن آءٌ ڪا وڏي غلطي نہ ڪري رهيو آهيان، تہ پوءِ پگٽ جي ”سيلابي ريٽ وارن تهن“ سان مئڪي جي اڪين سان ڏنل ملبي جي سطحن ۽ ”سخت مٽيءَ جي ذخيري، جنهن ۾ خاڪي رنگ جي واريءَ جا خانا آهن“، جن کي هن آيل سيلاب جي يقيني ثبوت طور تسليم ڪيو آهي، تن جي ڪابہ مطابقت ڪانهي. پگٽ جو ”ٽيون نمبر سيلابي ريٽ“ لوڻ سان مليل ملبي جي انهن تَهن کان مٿي بيٺل آهي، جنهن کي مئڪي ”درمياني دؤر“ جي پڇاڙيءَ ڌاري آيل ٻوڏ سان منسوب ڪيو آهي، ٻئي طرف ”نئين سر نقشو تيار ڪنڌڙ“ جو ”ٻيو نمبر سيلابي ريٽ“ انهن اوائلي مَلبن کان مٿي بيٺل آهي، ۽ هن جو ”پهريون نمبر سيلابي ريٽ“ انهن مَلبن کان هيٺ آهي، جن کي مئڪي انهيءَ ٻوڏ جو نتيجو ڄاڻايو آهي، جنهن جي اچڻ سان دڙي جي اوائلي قديم زماني جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختتام ٿيو. وري پگٽ جي طرفان هن جي ٿيهن فوٽن واري مٿاڇري کان مٿي ڇاڻايل "ريٽ" جو اهڃاڻ، "سخت مٽيءَ جي تهه کان، جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ خاڪي رنگ جي واريءَ جا خانا آهن". ڪيئي فوٽ مٿي آهي، جنهن کان مٿئين مٿاڇري بابت مئڪي چوي ٿو، ته اهو ڊي-ڪي دڙي ۾ بنيادي سطح کان پنجٽيهه فوٽ هيٺ بيٺل هو.

ٻئي طرف کان، پگٽ جي "سيلابي ريٽ نمبر پهرئين" ۾ سندس بنيادي "ريٽ"، جا مٿاڇرا مئڪي جي ڪاهي نمبر -2 واري واريا سي مٽيءَ جي ٻن تـَـهن سان قريبي موافقت رکن ٿا. مئڪي جي ٻيو نمبر ڪاهي، ڊي-ڪي دڙي جي اُترينءَ ڪنڌ کان چاليهه ميل پري ميدان ۾ کوٽي ويئي هئي.

هاڻي جيڪڏهن انهن تفصيلن ۾ مشابهتن کي صحيح طور مٿي بيان ڪيو ويو آهي، ۾ منهنجي هتي ڏنل خاڪي ۾ پيش ڪيل سيني خاڪن جي تقابلي صورتحال جو پوريءَ طور مطالعو ڪيو وڃي، ته گهٽي قدر اِن ئي نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته پگٽ جي طرفان ڊاڪٽر ارنيسٽ مئڪي جي ڪم کي شايد غلطيءَ وچان وڏي افسوسناڪ حد تائين غلط نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ۾ اها غلطي مئڪي سان ڪيل بي انصافيءَ کان اجا بـه اڳتي وڃي ٿي. پروفيسر پگٽ واري خاڪي جي اشاعت کان وٺي ويهن سالن تائين، انهيءَ موضوع تي ٻين لکندڙن طرفان ائين قبول ڪيو ويو آهي، ڄڻ تـه اُهو "هيٺئين شهر" جي ارضي طبقات جو انتهائي حد تائين معتبر نقشو آهي- اها هڪ اهڙي غير علمي روش هئي، جنهن جي ڪري خود مئڪي جي انهن بيانن ۾ نقشن جي، جيڪي سندس ڪوتاين سان وابستا هئا، ٻيهر جاچنا ڪرڻ جي تڪليف کان عالمن پاڻ کي ڇـُـٽل پئي سمجهيو.

جيتوڻيڪ، اسان کي "اندس سوِليزيشن" جي ٽئين ڇاپي (1968ع) ۾ سر مارٽيمر وهيلر کي "سيلابي ريٽ جي گَهرائيءَ وارن ذخيرن بابت، جهڙا مئڪي طرفان وڏيڪ اُوچائي وارين سطحن تي، جن تائين هو داخل تي سگهيو هو، ڏنا ويا هئا". لکندو نظر اچي ٿو. اُن سان هُـن هيءُ حاشيو پڻ ڳنڍيو آهي تـه "ڏسو "ائنشنٽ انڊيا نمبر 4" (1948ع) صفحي 27 ايف ايف ۾ پگٽ طرفان مئڪي جي دعويٰ سان بيان ڪيل "ارضي طبقات جي نظريي تي ڪيل بحث". اهڙيءَ طرح وهيلر ص 119 تي لکيو آهي، تنهن کان سواءِ هـُـن اڳيئي پگٽ جي "نئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ناهيل نقشي" بابت صفحي 55 تي ڏنل فٽ نوٽ ۾ بہ حوالو ڏنو هو. وري صفحي 127 تي وهيلر لکي ٿو. "مکيہ کوٽائي کنڌڙن جي رڪارڊن مان اهو پيو نظر اچي تہ انهن پنهنجا مشاهدا اهڙي ناڪافي ۽ منجهائيندڙ نموني ۾ لکيا آهن. جو موئن جي دڙي جا تي مکيہ دور تن وڏين ٻوڏين جي دوُرن سان ڳنڍي ملايا ويا آهن." اُن کان پوءِ وري هڪ فٽ نوٽ ۾ لکيو اٿائين تہ اهڙيءَ پيشڪش جو بنياد "جيسين ثبوت اجازت ڏين ٿا. تيسين انهن کي ڳنڍي پگٽ جي طرفان ائنشنٽ انڊيا نمبر 4 (1948ع) ص 28 تي رکيو ويو آهي."

وهيلر جي انهيءَ ڇاپي جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ مسٽر آر.ايل. ريڪس پگٽ جي "دريائي ريٽ جي ٿُلهن تَهن" جي هن طرح سَنَد (مصنوعي) ڏني هئي تہ "اُنهن کي موئن جي دڙي بابت اونهي بينل پاڻيءَ جي ٻوڏ واري نظريي جي ارتقا ۾ وڏي اهميت حاصل آهي." ريڪس سنڌس 1965ع واري مضمون "موئن جي دڙي واريون ٻوڏون" ۾ پنهنجي اڳي لکيل مضمون "دي اينڊ آف دي ائنشنٽ سٽيز آف دي انڊس"، [6] جو حوالو ڏيندي لکي ٿو.... "(پگٽ طرفان) اوائلي کوٽاين جي ارضي طبقات کي وري بيهر ناهڻ جي هڪ ٿي اِها قابل قدر ڪوشش ڪيل آهي." انهيءَ سلسلي ۾ سيني کان وڏيڪ اهم دليل "بيهر تيار ڪيل ارضي طبقات ۾" جدا جدا ريٽ وارن تَهن جي تمام گهٽي تولهہ هو.... "ظاهر هو تہ مارشل جي ريٽ وارا تيهہ فوٽ سيلابي ميدان جي هاڻوڪي سطح جي هينان هئا، پر اهو واضح نہ هو تہ پگٽ جي ارضي طبقات جي بيهر ناهيل صورت انهيءَ ساڳئي ايراضيءَ جي نسبت سان هئي يا نہ. جيڪڏهن آثار قديمہ جا ثبوت صحيح هئا، تہ پوءِ ريٽ جو اهو سڄو ذخيرو ان وقت گڏ ٿيو، جڏهن شهر اجا آباد هو.

پر بعد ۾ جڏهن مسٽر ريڪس کي خود موئن جي دڙي جي مشاهدي ڪرڻ جو ڪجهہ موقعو مليو، تڏهن هن ڏنو تہ "(ڪو عجب ڪونہ هو) جو ٻوڏين دوارن هيٺ وينل مٽيءَ ۽ ريٽ جي تجزيي مان عام ٻوڏ وارين سطحن جي نشاندهي نٿي ٿئي، جهڙيءَ طرح پگٽ جي نئين ناهيل ارضي طبقات واري خاڪي ۾ بيجا اعتماد سان ڏنل هئي" [7]. درحقيقت جنهن شيءِ کي هـن بينل پاڻيءَ جي ٻوڏ ۾ هيٺ گڏ ٿيل مٽي ۽ ريٽ سمجهيو هو، سا قتل نشانن جي ذري گهٽ هر هنڌ، سيلابي ميدان جي موجوده سطح کان اُٺتيهہ فوٽ مٿي موجود هئي. هن انهيءَ ريٽ کي هڪ ڍنڍ اندر بند ٿيل سنڌونديءَ جي پاڻيءَ

مان هيٺ وينل متي سمجهيو، جنهن جو ٻاهريون متاچرو اڃا بہ ڪجهہ مٿيرو هو. اهڙي ڍنڍ موجود ڪرڻ لاءِ هن درياءَ جي هيٺئين ڀاڱي ۾ ڪنهن اهڙي فرضي گڙٻڙ جو تصور ڪٿي ڪيو، جنهن درياءَ جي پاڻيءَ کي سمنڊ سان ملڻ ۾ رڪاوٽ وڌي هئي. هن سمجهيو تہ درياءَ جي پاڻيءَ جي انهيءَ بندش جي ڪري پاڻيءَ جو زور آهستي آهستي پنئين طرف ٿيندو رهيو ۽ ان جي رفتار ۾ اها سستي اڳيان آيل آڏ مان سيمي ۽ پاڻيءَ جي سج جي گرميءَ سبب ٻاڦ ٿي متي اُڏامڻ ڪري آئي. آخرڪار موئن جي دڙي کي گپ ۾ ڦاسي بوسائجڻ جي منزل تائين پهچايو ويو آهي. پر ان کان پوءِ وري جيئن تيئن ڪري ٻوڏ کان اڳي واريون حالتون بحال ڪيون ويون آهن ۽ انهيءَ قدرتي آڏ جا سڀ آثار گم ڪيا ويا آهن.

پڳٽ جي انهيءَ نظريي ۽ انهن ثبوتن ۽ تفصيلن کي، جن تي ان جو بنياد رکيو ويو هو. موجوده مصنف 1967ع ۾ هڪ مضمون ۾ چئلينج ڪيو هو. جيڪو انهيءَ سال جي ڊسمبر مهيني واري جاگرافيڪل جرنل ۾ "انڊس فلڊ پلينس اينڊ دي انڊس سوليزيشن" جي عنوان هيٺ لکيو ويو هو(8). هن سلسلي ۾ پڙهندڙ کي معقول دليلن ڏسڻ لاءِ انهيءَ مضمون جي مطالعي جي سفارش ڪجي ٿي. سڀ کان اول جيڪڏهن ڪو ايڏيءَ وڏيءَ ماپ وارو قدرتي بند، جيڪو هن کي پنهنجن مقصدن لاءِ فرض ڪرڻو پيو هو. اڄ کان 4000 هزار سال اڳي وجود ۾ اچي ها، تہ ان جا هن وقت بہ صاف نشان ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ها. پر اهڙو ڪوبہ نشان ڪٿي بہ موجود ڪونهي. ٻيو تہ موئن جي دڙي جي قديم آثارن جي ايڏين سارين سطحن تي قدرتي ريٽ جا آثار سيلابي ميدان جي موجوده سطح کان متي جنهن ذريعي رهجي ويا آهن، سو ذريعو هوائون آهن. سنڌ ۾ هوائن جي ذريعي ڪجي آيل متيءَ، ريٽ ۽ واريءَ جو تشڪيلي اثر انهيءَ ملڪ جو انتهائي حيرت انگيز خاصو آهي. يقيناً، انهن شين جي، جن کي مبينہ طور بيٺل پاڻيءَ جي "ريٽ واري متي" سمجهيو ويو آهي، پوريءَ طور چڪاس ڪندڙ ڪنهن ارضياتي ماهر جي طرفان جاچنا ٿيڻ ۽ ان مان معنيٰ ڪڍڻ گهرجي، جنهن کان پوءِ ئي انهن کي هوائن جي وسيلي سان گڏ ٿيل متيءَ بدران ڪنهن ڍنڍ جي تري جي گپ طور تسليم ڪري سگهبو.

انهيءَ وچ ۾ پڳٽ ۽ ريڪس جي نظريي کي سرمارٽيمر وهيلر طرفان وڏي پنيرائي ۽ حمايت حاصل ٿي آهي. هو سن 1968ع ۾ لکي ٿو، "هيءَ ڳالهہ

ڪافي سمجهڻ گهرجي تہ موئن جي دڙي ۾ آيل ڏکيي عرصي واريون ٻوڏون ظاهر ظهور نظر اچن ٿيون، ۽ انهن جا انساني زندگيءَ تي پيل اثر پڻ ظاهر ظهور سمجهہ ۾ اچن ٿا. شهرين کي بار بار تمام سخت حالتن سان منهن ڏيڻو ٿي پيو. انهيءَ ڍنڍ جو پاڻي وري وري متن حملو ڪري آيو هو ۽ جيئن پوءِ تيئن ماتريءَ ۽ ان کان بہ اڳي وڌندو رهيو هو. آخرڪار اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ اهو شهر پاڻيءَ جي وچ ۾ گهيريل اپيٽ ٿي ويو هو، جنهن جون جايون زمين ۾ قاتل سمنڊ اندر اوچن بنيادن تي بيٺل هئڻ ڪري محفوظ هيون. ۽ پوءِ ڪيترو پوءِ، سو ڪير ٿو چئي سگهي؟ ڍنڍ وري زمين جي پنتي هٽڻ واريءَ ڪنهن حرڪت جي نتيجي ۾ يا بند ۾ پيل گهارن سبب، ان جي وچ ۾ بيٺل بيٽ گند ۽ ريت جي ظاهر ٿيڻ ڪري وڏو ٿيندو رهيو. انهن ڳالهين ماڻهن جي زندگيءَ تي بي همتيءَ وارو هوندو ۽ سنڌن رهائش جي شهري معيارن کي خراب ڪيو هوندو، تنهن جو اندازو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو"[9]. پر جيڪي ڳالهيون آسانيءَ سان نٿيون سمجهي سگهجن، سي وري بہ هي آهن:

1. موئن جي دڙي جي ماڻهن وري وري بہ هي گپ ۽ پاڻيءَ جي اهڙن اڻ روڪجي سگهندڙ حملن (سي بہ درياءَ جي هيٺئين پاسي کان ٿيندڙ) جو اتي رهي مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڇو ڪيو هو؟

2. اهڙي بَري سمنڊ اندر اوچن بنيادن تي پنهنجن چوڌاري گپ ۽ پاڻيءَ ۾ قاتل جاين ۾ رهندي، سنڌن گذر سفر جو ذريعو ڪهڙو هو؟

3. جيڪڏهن بيءَ طرح، اهي ماڻهو ڍنڍ جي وچ ۾ اچي ويل انهيءَ شهر کي ان وقت خالي ڪري ويا، جڏهن شهر جو خاصو وڏو حصو ڍنڍ جي گپ ۾ ڦاسي چڪو هو، تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ هئي، جنهن هنن کي پاڻيءَ جي لهي وڃڻ کان پوءِ انهيءَ شهر کي ٻيهر اچي آباد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو؟

پروفيسر ٻگٽ جي ڍي - ڪي دڙي جي تَہ بنديءَ واري نظريي جو تعارف ڪرائيندي، جنهن مختلف معاملن ۾ ايڏو مونجهارو پيدا ڪري وڌو آهي، مون هن جي طرفان مٿڪي جي رڪارڊ رکڻ واري طريقي جي نڪتہ چينيءَ جو مختصر طور حوالو ڏنو، جنهن مجبور ٿي، اُن لاءِ ابتدائي سطح بنياد طور اختيار ڪئي آهي. سر مارٽيمر وهيلر انهيءَ طريقي کي "بيحد نامعقول سڏڻ تي ٻين سڀني کان وڌيڪ زور ڏنو آهي. "هيءَ ڳالهہ وري چوٽي پوي ٿي تہ

سنڌو ماٿريءَ واريءَ تهذيب جي تـَـهه بنديءَ تي مقامي حالات نہ. بلڪ ذري گهٽ 300 ميل پري واقع، سامونڊي سطح اثر انداز ٿي[10] هئي!" هـِـن هنڌ تي، موئن جي دڙي بابت ابتدائي سطح واري نظريي کي متعارف ڪرائيندڙ سر جان مارشل جو رايو بہ ڪجهہ بڌڻ گهرجي، هو چوي ٿو تہ "پڙهندڙ کي ائين هر گز نہ سمجهڻ گهرجي تہ ستن ئي مختلف طبقن يا انهن مان هڪ سطح جا متاچرا سڄي علائقي ۾ هڪ-ڪرا ۽ يڪسان آهن." ان جي بلڪل مرڪزي حصي ۾ بہ انهيءَ دور جي عمارتن يا عمارتن جي ڪـُـهڳـَّـن جي سطحن ۾ غير مطابقت موجود آهي، ۽ اهي هڪٻئي سان برابري نہ ٿيون رکن. ان ڪري پڙهندڙ کي هيءَ حقيقت صاف نظر ايندي تہ جيتوڻيڪ ابتدائي سطح کان هيٺئين طرف واري هڪ تـَـهہ جي اونهائي ڪٿي ڪيتري بہ هوندي ۽ اُها گهٽين حالتن ۾ وڌيڪ ئي هوندي آهي، ۽ ان جي طويل يا مختصر عمر جي نشاندهي بہ ڪندي آهي، پر اها هميشه ائين نہ بہ ڪندي آهي[11]." هن جي توڙي مٿڪي جي لکڻين مان اهڙا گهٽائي ٽڪرا ڪيي ڏيکاري سگهجن ٿا. جن مان اهو ثابت ڪري سگهبو تہ هنن پنهنجي ابتدائي سطح واري نظريي کي اجائي نموني ۾ ۽ هوڏ سان لاڳو نہ ڪيو آهي، پر هنن بين استثنائي حالتن کي بہ ڌيان ۾ رکيو آهي، ۽ اهڙن اسبابن تي غور ڪيو آهي. جيڪي "ابتدائي سطح واري نظريي" کان مختلف آهن. ان طرح مٿڪي لکي ٿو. "مختلف دورن جي جداجدا سطحن جي انتهائي مفيد جڪاس ۽ تحقيق کوهن جي سربنديءَ جي چڪاس ذريعي تي سگهي ٿي، جن جي ٻاهرين پٽين تي انهن سطحن جا نشان اڃ بہ بلڪل صاف بيٺل آهن. جتان کان پوءِ انهن کي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اوچو ڪيو ويو آهي[12]."

آخر ۾ سنڌ جي سيلابي ميدانن وارن قديم قـَـتل نشانن جي سلسلي ۾ هڪ لفظ چوڻو آهي، (جيڪو مستقل مسئلو بنيل رهي ٿو.) يعني "زير زمين پاڻيءَ جي اوچي سطح". جنهن جي ڪري موئن جي دڙي ۽ چنهون دڙي ۾ گهڻي اونهي کوٽائي نہ ٿي ڪري سگهجي. پر هر ڪنهن کي اها اميد رکڻ گهرجي تہ جديد دور جي روزانو وڌندڙ فني سهوليتن جي نتيجي ۾ آخر ڪار انهيءَ ڏشواريءَ تي حاوي پئجي وڃبو. پر جيسين اهو وقت اچي، جيڪو شايد گهڻن سالن تائين اچا نہ اچي، تيسين بين اهڙن قـَـتل نشانن جي تحقيقات ۾ ڪهڙي پاليسي اختيار ڪجي؟ اڳتي هلي، اها اميد رکڻ گهرجي. تہ شايد سنڌو ماٿريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙهو پڙو، تعلقو مني

پڙي جي چوٽيءَ تان هاڪڙي جي ٻئي پار ڳوٺ نهتو ڏانهن ڏسندي

ڳاڙهو پڙو

ميدان تان اتر، اتر، اوير طرف پڙي جو نظارو

جي انهن آبادين جي تحقيق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جن جي متعلق هندستان جي آثار قديمه جي سابق ڊئريڪٽر کي 1946ع واري سال ۾ کوٽائي ڪرڻ جي تجويز ڏني ويئي هئي، يعني اپر سنڌ ۾ تر ۽ هاڪڙا ۽ لوئر سنڌ ۾ ڳاڙهو پٽڙو ۽ نوهتو—(هتي اهو ٻڌائڻ گهرجي ته آر.ايل.ريڪس "ڏکڻ سنڌ جي ميدانن ۾ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب سان واسطو رکندڙن دڙن جي "مڪمل عدم موجودگيءَ" جو بيان ڪيو آهي، جنهن کي هن تڏهوڪي تعميراتي فن جي عدم ترقيءَ جي ثابتيءَ طور پيش ڪيو آهي. پر ڳاڙهو پٽڙو ان جي ترديد ڪري ٿو. ان جي وقوع واري جاءِ زيرين هاڪڙا-نارا وٽ آهي، جتي زمين جو متاچرو سمنڊ جي سطح کان فقط پنهنجويهه فوٽ مس آهي. زير زمين پاڻيءَ جو متاچرو انهيءَ هنڌ تي به گهٽو ڪري اوچو هوندو[13].

مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته جنهون دڙي وٽ ڊاڪٽر مئڪي واريءَ سنڌو لوڪن جي ٽن طبقن جي ترتيب کي اُبتي ڪرڻ ۾ فائدو ڪهڙو ٿيو آهي، جاڪاڻ ته قديم ترين آباديءَ جي اصلوڪي زمين جي انتهائي هيٺانهين سطح واري پٽي تي وري به پهچڻ ناممڪن آهي. آثار قديمه ۾ دلچسپي رکندڙ ڪوبه عقلمند عام ماڻهو هن ڳالهه تي اعتراض نه ڪندو، جيڪڏهن آثار قديمه سان واسطو رکندڙ هڪ فني مقصد لاءِ نمبر شماريءَ جو هڪڙو سلسلو استعمال ڪيل آهي ۽ ٻئي فني مقصد لاءِ ان جي اُبتڙ سلسلو ڪم آندل آهي، بشرطيڪ اهي ٻئي سلسلا عملي طور قابل استعمال هجن. پر هڪ اهڙي طريقي جي متعلق ماڻهو ڇا سمجهي. جنهن کي "منطقي" ۽ عالمي استعمال لائق چيو ويو آهي، ۽ جيڪو موئن جي دڙي ۽ چنهون دڙي جهڙن اهم آثارن جي سلسلي ۾ محض زير زمين پاڻيءَ جي مٿانهين سطح جي ڪري ناقابل عمل ثابت ٿيو آهي. ڳڻپ ۽ شمار ڪرڻ جا اهي ٻئي طريقا سنڌ جي سيلابي ميدان جي خصوصي حالات ۾، سندن مختلف مقصدن لاءِ هڪ ئي وقت "منطقي ۽ قابل عمل ناهن"، جيئن دعوي ڪئي ويئي آهي[14]. هڪ اُئين آهي، ته ٻيو ائين ناهي. جنهن "مطابقت" جو هن هنڌ دليل ڏنو ويو آهي، سا مطابقت تجربي ۽ عام فهم سان آهي. يقيناً، اهڙين حالتن ۾ مٿان کان هيٺ ويندڙ آباديءَ جي هڪبئي جي پنيان قائم ٿيل پٽن کي شمار ڪرڻ لاءِ، "اڳتي ويندڙ انگن" واري طريقي اختيار ڪرڻ جي حق ۾ وڏو وزني دليل موجود آهي، يعني آخرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباديءَ واري پٽي کي نمبر هڪ ڏيڻ گهرجي. انهيءَ طريقي جو ظاهر فائدو اهو آهي تہ جيڪڏهن وڌيڪ اونهائيءَ ۾ کوٽائي ڪرڻ ممڪن بڻجي پوي، تہ پوءِ هر اوائلي دور واري آباديءَ جي پٽي جي عدد ۾ هڪ جو اضافو ڪري سگهبو. حالانڪ بلڪل پهرينءَ آباديءَ واري نوهر زمين تي ڪٽي نہ بہ پهچي سگهجي.

بيشڪ، اهو آثار قديمہ جي ماهرن جي غالب راءِ جي انتهائي طاقتور وهڪري جي اُبتڙ وچڻ جي برابر آهي، پر ان هوندي بہ مون کي آباديءَ جي انتهائي اوائلي دؤر واري پٽي کي پهريون نمبر ڏيڻ ۾ خوبي نظر نٿي اچي. عام حالتن ۾ اسين حضرت عيسيٰ مسيح جي ڄمڻ کان اڳ وارين صدين جي شمار ڪرڻ لاءِ اُبتڙ انگن استعمال ڪرڻ جا عادي بڻجي چڪا آهيون. يعني تہ پهرين صدي ق.م وارو زمانو، ٻي ٽين وغيره صدين جي پيٽ ۾ وڌيڪ پوئتي نہ، بلڪ اڳتي اسان جي زماني کي ويجهو آهي. خود آرڪ بشپ اُوشر (Archbishop Usher) جنهن سترهين صدي عيسويءَ ۾ هن دنيا جي تخليق لاءِ (آثار قديمہ وارن جي ڏسيل انتهائي اوائلي نوهر سطح جي ماپ وانگر) ابتدائي زماني جي سال جو حساب ڪيو هو، تنهن بہ صحيح شمار ڪرڻ لاءِ انهيءَ سال کي "400 قبل مسيح" حساب ڪري بيهاريو، ۽ نہ "تخليق جو سن پهريون". درحقيقت آثارقديمہ جي ماهرن کي قبل از تاريخ واري زماني جي ثقافتي دؤرن کي، سالن ۽ سن جي مختلف سالن جي عدد سان ملائڻو پوندو آهي، ان ڪري جيئن جيئن اُهي وڌيڪ اوائلي دؤر ۾ هوندا آهن، تيئن تيئن انهيءَ صديءَ يا عيسويءَ سن کان اڳئين هڪ هزار سال جو "عدد" وڏو هوندو آهي. پوءِ پلا آثار قديمہ جا ماهر ثقافتي ۽ تهذيبي دؤر جو شمار ائين ڇو نہ ڪن؟ يعني آباديءَ جي مختلف پٽن ۽ طبقن کي، جيئن جيئن اهي کوٽائيءَ جي دوران ظاهر ٿيندا وڃن، هڪ - بہ کان مٿان شروع ڪري هيٺئين طرف ويندي، وڌيڪ وڏو انگ ڏيندا وڃن. آءٌ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ سوچي نٿو سگهان تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ واري سيلابي ميدان جي ڏاکڻين ۽ زيرين علائقي جي حالتن لاءِ اهوئي طريقو موزون ۽ مناسب آهي.

ايچ. ٽي. ايل.

(نوٽ: هن ضميمي جو بنياد اُنهيءَ ليڪچر تي بيهاريل آهي، جيڪو 4- ڊسمبر 1968ع تي يونيورسٽي آف ڪئمبرج ۾ ڏنو ويو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ

(1) بحواله سر. اي. ايم. وهيلر "آر ڪيئالاجي فرام دي ارٿ" (1954) ص. 22 - 14، 56 - 51، 8 - 127.

(2) اسٽوئرٽ پگٽ "ائنشنٽ انڊيا" ۾ نمبر: 4 (48-1947) ص. 40 - 26.

(3) بحواله ايضاً، باب 2، ص. 9 - 38.

(4) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس"، ص XIV

(5) ايس. پگٽ، "ائنشنٽ انڊيا" ۾ نمبر 4، ص. 29.

(6) "ائنٽي ڪئٽي XXXIX"، ص. 203 - 196. "آمريڪن ائنتراپالاجسٽ"، جلد، 66، 1964ع، ص. 299 - 284.

(7) "ائنٽي ڪئٽي XXXIX"، ص. 7-196.

(8) "جاگرافيڪل جرنل"، جلد، 133، ص. 495 - 483.

(9) سر مارٽيمر. وهيلر، "دي انڊس سوليزيشن" ٽيون ڇاپو 1968ع، صفحا. 29 - 128.

(10) سر. اي. ايم وهيلر، "آرڪيئالاجي فرام دي ارٿ"(1954ع) ص. 53.

(11) سرجان. مارشل، "موئن جو دڙو ائنڊ دي انڊس سوليزيشن"، جلد، 1، صفحو. 10.

(12) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس ائٽ موئن جو دڙو"، ج. 1، ص. XV .

(13) آر. ايل. رائيڪس، "ائنٽي ڪئٽي XXXIX" ص. 196. "جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، ج. VII (1946) ص. 60 - 59.

(14) آر. اي. ايم وهيلر، "آرڪيئالاجي فرام دي ارٿ"، ص. 56.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3

سنڌ جي قديم روايتي تاريخ

موئن جي دڙي جي زوال ۽ سنڌو رياست جي تباهيءَ کان پوءِ هڪ اهڙو اونداهو دؤر آيو، جنهن بابت اسان کي ذري گهٽ ڪا معلومات ڪانهي. سنڌو لوڪن جي ادارن، انهن شهرن جي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان پوءِ، جن جي مٿان انهن جو سچو آثار رهندو آيو هو، گهٽي تائين ڏک نہ جهليو هوندو، ۽ انهن ماڻهن جي ثقافت جو فقط هڪ ٿي عنصر، جيڪو بعد واري زماني تائين بہ باقي رهندو آيو، انهن جو مذهب هو. سو بہ انهن رسمن ۽ رواجن جي صورت ۾، جيڪي خود "سنڌو تهذيب" جي اُڀرڻ کان اڳ سنڌو ماٿريءَ ۾ مروج هيون.

هن ڳالهہ جو وڌو امڪان آهي تہ سنڌ ڪافي عرصي تائين انهن وحشي لوڪن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي، جن ان تي سڀ کان اول مغرب کان حملو ڪيو هو، ۽ ويدن وارا آريا لوڪ، جڏهن نيٺ وچي هن ملڪ سان لاڳاپو قائم ڪري سگهيا، سي هتي اهو اثر قائم نہ ڪري سگهيا، جنهن جي زور تي انهن اتر هندستان جي باقي ٻئي حصي ۾ پنهنجا قدم ڄمايا هئا.

سنڌ جي باري ۾ روايتون سنسڪرت، فارسي ۽ پالي ٻولين جي ادب ۾ موجود ملن ٿيون، ۽ اهي هن ملڪ جي تاريخ جي ڀڙئين ڀڙئين پڪي تاريخ کان اڳ واري دؤر جي سياسي حالت جي هڪ جهلڪ ڏيکارين ٿيون. ممڪن آهي تہ انهيءَ روايتي مواد مان ڪجهہ حصي جو تعلق بعد جي زماني سان هجي، پر انهيءَ نُڪتي کي طئي ڪرڻ لاءِ تفصيلن جي ايتري تہ اڻاٺ آهي، جو هن منزل تي انهيءَ موضوع تي رڳو مجموعي طور تي بحث ڪرڻ بهتر ٿيندو.

سڀ کان اڳ ۾ اسان کي هن ڳالهہ تي غور ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ بابت مهاڀارت ۾ ڇا چيل آهي. 'ڪورون ۽ پانڊون' جي عظيم جنگ کي قديم دؤر جي هڪ تاريخي واقعي جي حيثيت ۾ تسليم ڪرڻ گهرجي، حالانڪ ان جو داستان ڪيترن ئي ڏند ڪٿائن ۽ فرضي ڪهاڻين سان گڏجي سڏجي اسان تائين پهتو آهي ۽ ان کي گهڻو پوءِ جي زماني جي نظرين ۽ خيالن سان نهڪائڻ لاءِ منجهس ڪيترن ئي تفصيلن جو اضافو ڪيو ويو آهي. جيئن ڏاڍي صحيح نموني سان چيو ويو آهي، "هندستان جي اُتر ۽ ڏکڻ ۾ رهندڙ ڪيترن ئي پري

پري جي رهندڙ قومن ۽ اتر اولهه جي بعد وارن حملي آور ماڻهن. بلڪل ساڳئي نموني ۾ مهاڀارت جي تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ ڪانهه ڪا شانائتي جڳهه پيدا ڪري ورتي آهي. جهڙيءَ طرح مغربي يورپ جا شاهي گهراڻا پنهجو اصل ۽ نسل هرو ڀرو به يونان جي ٽراءِ وارن بانڪن بهادرن سان وڃي ملائيندا هئا [1]".

اسين اهائي ڳالهه هلندڙ دؤر ۾ بلوچن جي ذهن تي ڇانيل قبائلي فخر جي جذبي ۾ ڏسي سگهون ٿا. اِنهيءَ نسل وارن جو عقيدو آهي ته قبائلي وڏائيءَ ۽ خاندانيءَ جو ثبوت سندن هڪ روايتي نظم ۾ بيان ڪيل قبيلن جي نالن جي فهرست ۾ موجود آهي. جيڪو ديگهه ۾ گهٽو به ڪونهي ۽ جنهن جو نالو "دَپتر شعر" آهي. ڪوبه بلوچ انهيءَ نظم کي پڙهندي يقيني طور پنهنجي قبيلي جو نالو ان ۾ ڪٿي نه ڪٿي ڳنڍي ڇڏيندو. ۽ ائين ڪندي، هو پراڻي زماني کان وٺي ان ۾ شامل ٿيل ڪنهن قبيلي جي نالي کي ان مان ڇڏي ڏيڻ ۾ به ڪا هٻڪ محسوس نه ڪندو.

هاڻي، جئدرٿ ، جيڪو سنڌو ۽ سؤوير لوڪن جو بادشاهه هو، سو مهاڀارت واريءَ لڙائيءَ ۾ ڪورون جي طرف کان اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ۽ ساڪَ ۽ يَوان لوڪ، جيڪي اُتر اُلهندي ڪان تازو آيل حملي آور هئا، ۽ هندستان جي انتهائي ڏاکڻين علائقي جا قبيلا به ساڻن ئي گڏ صف آرا هئا. ٻئي ڪنهن داخلي ثبوت نه هئڻ جي صورت ۾، اسين بخوبي اهو اندازو ڪري سگهون ٿا ته "سنڌو سؤوير" نالو پڻ ڪافي پوءِ واري زماني ۾ اُن لڙائيءَ ۾ شامل ٿيل قومن ۽ قبيلن جي اصلوڪيءَ فهرست ۾ شامل ڪيو ويو هو. جهڙيءَ طرح اُن ۾ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن جا نالا به شامل ڪيا ويا هوندا. پر جئدرٿ ۽ سندس قبيلا ڪورون جي پاسي جنگ ۾ صف آرا ٿيل فوجي دستن مان رڳو هڪ دستو ڪين هئا. اُهي اُنهيءَ داستان جي شروعاتي واقعن ۾ يعني پانڊون جي زال دروپديءَ جي اغوا جي سلسلي ۾ نهايت نمايان ۽ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اُهو واقعو هڪ طرح سان هن داستان جي مکيه موضوع جو مهاڳ آهي، ۽ اُهو اُن داستان جي انهن اصلوڪن تاريخي واقعن مان هڪ نظر اچي ٿو، جن جي ياد نه رڳو قائم رکي ويئي آهي بلڪ اڄ سوڌو اُهي ملهائبا اچن ٿا. ايڏيءَ وڏي اهميت وارو اِهو واقعو، جيڪو سنڌ جي بادشاهه لاءِ ڪنهن خاص عزت جو باعث به نه هو، جيڪڏهن پوءِ ڪنهن دور ۾ اُن مهان نظم ۾ داخل ڪيل هجي

ها. تہ اُن کي اهڙي هر طرح جي ۽ هر طرفي مقبوليت ڪانہ ملي سگهي ها. انهيءَ طرح جي ڪا ڪوڙي ڳالهہ گهڙڻ هڪ ڳالهہ آهي، ۽ رڳو ڪترين جي ذات ۾ ڪنهن قبيلي کي داخل ڪرڻ لاءِ ان کي لڙائيءَ جي ميدان ۾ بينل قبيلن جي قطار ۾ شامل ڪري ڇڏڻ بي ڳالهہ آهي، فقط انهيءَ لاءِ تہ اُهو قبيلو مهاڀاري جنگ ۾ پاڻ کي اِئين خواهمخواه شامل ڪيل ڏسي، پاڻ تي فخر ڪري سگهي.

اهو داستان مختصر لفظن ۾ هن طرح آهي. سنڌو لوڪن جي بادشاهہ جئدرٿ، جنهن کي سُوُوير راجا پڻ سڏيو ويو آهي، دروپديءَ کي سندس سُوُمبر (ڪُنيا؟) ۾ ڏسي ورتو، ۽ بعد ۾ جڏهن پانڊو شڪار ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويا هئا، تڏهن هو موقعو وٺي، دروپديءَ کي اڪيلو ڏسي، سندس جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ کيس کڻي ويو. پانڊون هن کي اڌ رستي ۾ وڃي جهليو ۽ اتي جيڪا لڙائي لڳي، تنهن ۾ جئدرٿ هارايو، ۽ اتان ڀڄي ويو. پر پوءِ هو پڪڙجي پيو، جنهن کان پوءِ هن جي فقط هن شرط تي جان بخشي ڪئي ويئي، جڏهن هُن پاڻ کي سيني جي سامهون ذليل ڪيو ۽ ڪلئي عام جيئدان گهريائين. جڏهن مهاڀاري جنگ شروع ٿي، تڏهن هو پنهنجي جهنڊي هيٺان جمع ڪيل فوج جي وڏي تعداد سان دُريو ڌن سان وڃي مليو. جنهن جهنڊي جي چوٽيءَ تي چانديءَ جو نهيل جهنگلي سوئر جو بُت هن جي پنهنجي قبيلي يا فوج جي نشان طور بيٺل هو.

جئدرٿ ۽ دروپديءَ جي وچ ۾ ٿيل گفتگوءَ ۾ ڪيئي دلچسپ نُڪتا موجود آهن. جئدرٿ پاڻ سان گڏ ٿري گرٿ ۽ ڪُلندا جي راجائن کي ساڻ وٺي، درو پديءَ وٽ اچي ٿو، ۽ اُنهن کان سواءِ هن سان ٻارهن سُوُوير شهزادا ساڻ آهن، جي هن جا جهنڊا کڻي هن سان گڏ اچن ٿا. جئدرٿ انهن جو دروپديءَ سان تعارف ڪرائي ٿو. هوءَ پڇي ٿي، "ڇا، تون سَئويرَ، سيوي، سنڌو ۽ ٻين خوشحال ملڪن تي، جن کي تو پنهنجي محڪوميءَ ۾ آندو آهي، مڪيہ حڪمران جي حيثيت ۾، انصاف سان راڄ ڪرين ٿو؟[2]" جڏهن هو دروپديءَ کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تڏهن هوءَ کيس پانڊون جي انتقام کان ڊيڄاري ٿي، پر هن تي ڪو اثر نہ ٿو ٿئي. "تون اسان کي هاٿي انهن ڌمڪين سان ڊيڄاري نہ ٿي سگهين. اسين پڻ، او ڪرشنا! (دروپديءَ جو ٻيو نالو) پيدائشي طور اعليٰ ذات وارن سترهن قبيلن مان آهيون. ۽ اسين پڻ

ڇهن شاهي خوبين سان نوازيل آهيون. انهيءَ ڪري اسين پانڊون کي پاڻ کان نيچ سمجهي، ڪانئن نفرت ڪريون ٿا." سيوي، سؤوير ۽ سنڌو قبيلن جي بهادرن کي ڄئدرٿ جي فوج ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، انهيءَ لڙائي ۾ وڙهندي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا انهيءَ مهل ڇڙي، جڏهن پانڊون هنن کي اڇي رستي ۾ جهليو، ۽ هن لاءِ چيو ويو آهي تہ هن جي رٿ جي چوڌاري "پنج سؤ جابلو بهادرن" جو محافظ دستو موجود هو.

اهڙيءَ طرح اسين ڄئدرٿ کي هڪ اهڙي طاقتور بادشاهہ طور ڏسون ٿا، جنهن فتوحات جي ذريعي پنهنجي علائقي کي وڌايو هو. هن جو پنهنجي لاءِ آرين جي اعليٰ ترين ذات جي شاهي گهراڻي جي اصل نسل جي دعويٰ ڪرڻ جو مقصد شايد اهو هو، جو هن دروپديءَ جي دماغ ۾ اهو خيال ڪيڻ پئي چاهيو تہ سنڌو ماتريءَ جي هيٺئين علائقي جو راجا، جيڪو ڪُرو ڪيشتر کان ايڏي پَرانهين علائقي جو حڪمران هو، سو ضرور ڪنهن نيچ قوم جو ماڻهو هوندو. مهاڀارت ۾ هڪ ٻئي هنڌ ذڪر آهي تہ نڪول پانڊؤ کي اڳ ۾ سڀني ۽ تري گرت قبيلن کي (جيڪي دوربدي-هرنا-پاروَ ۾ ڄئدرٿ جا ساٿي نظر اچن ٿا) فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو، ۽ هن "سچو الهندو علائقو فتح ڪري ڇڏيو هو جيڪو سچو مليڇن اڻ آرين [3] سان پريو پيو هو. ٻوڌيان جي ڌرم سوتر جي مطابق، سُؤوِيرن جي ملڪ کي آرين جي اصلي بادشاهيءَ جي حدن کان ٻاهر، ناپاڪ علائقو سمجهيو ويندو هو. جيڪي آريا اوڏانهن ويندا هئا، تن کي واپس [4] اچڻ تي پاڪ ٿيڻ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي هئي. هتي هن ڳالهہ جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو تہ هي سڀي لوڪ پوري معقول نموني ۾ سڪندر جي زماني وارا "سبوئي" سمجهي سگهجن ٿا، ۽ ممڪن آهي تہ اهو نالو رگ ويد جي "شِواس" مان نڪتل هجي. وري تري گرت قبيلن جو ذڪر پاڻنيءَ بہ ڪيو آهي، جيڪو چوٿين صدي قبل مسيح واري زماني ۾ ٿي گذريو آهي.

مطلب تہ هن خيال ڪرڻ لاءِ معقول دليل موجود آهي تہ ڄئدرٿ متعلق اسان کي جيڪي ڪجهہ ٻڌايو ويو آهي، سو سنڌ جي گم ٿيل تاريخ جي هڪ قديم ورق جو ڪافي حد تائين سچو بيان آهي. ساڳئي نظر ۾ اسان کي هڪ ٻئي هنڌ تي ان جي تاريخ جي هڪ بعد واري ورق جي مختصر جهلڪ اُتي ڏيکاري ويئي آهي، جتي چيو ويو آهي تہ سؤوير لوڪن تي هڪ يوناني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمران "يَوان ذپ" حڪومت ڪري رهيو آهي، جنهن ڪي جفاڪش پانڊو پنهنجي تسلط هيٺ آڻڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيا هئا. اهو حوالو ضرور انهن انڊو-بئڪٽرين شهزادن مان هڪ ڏانهن آهي، جيڪي سن 200 ق.م ۽ 50 ق.م جي وچ واري عرصي ۾ سنڌو ماٿريءَ ۾ اچي نڪتا هئا.

جئدرٿ سنڌ جو بادشاهہ ڪيئن بڻيو، تنهن جو بيان اسان کي سنڌ جي روايتي تاريخ ۾ ملي ٿو، جنهن کي "مجمع التواريخ" ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ سنسڪرت جي قصي جو جيڪو نقل ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ اهڙن ڪيترن ئي واقعن جو حوالو ڏنو ويو آهي، جن جو مهاڀارت ۾ ذڪر آهي، ۽ اُهي واقعا روايت جي اصلوڪي سرچشمي مان اخذ ٿيل سمجهي سگهجن ٿا. ٻڌايو ويو آهي تہ جٽ ۽ ميد لوڪن جي سردارن اهو ويچار ڪري تہ اُهي هڪٻئي جي پاسي ۾ صلح سانت سان فقط انهيءَ صورت ۾ رهي سگهندا، جڏهن اُهي ڪنهن وڏيڪ طاقتور ۽ اعليٰ اختياريءَ جي ماتحت ٿيندا، پنهنجي طرفان راجا داجوشن (دريو ڌن) ولد ڌرت (ڌرتراشٽر) ڏانهن هڪ وفد موڪلي ڏنو، تہ اُهو هن کي چوي تہ هو سندن مٿان ڪو بادشاهہ مقرر ڪري. "شهنشاهہ داجوشن پنهنجي ڀيڻ، داسل (دهسل) کي، جا جئندرٿ (جئدرٿ) نالي هڪ طاقتور راجا جي زال هئي، نامزد ڪيو تہ هوءَ جٽن ۽ ميدن تي وڃي حڪومت هلائي. داسل اوڏانهن ويئي ۽ اُنهيءَ ملڪ ۽ اتان جي شهرن تي قبضو ڪيائين....پر اُنهيءَ سڄي ملڪ ۾، جيڪو هونئن ڪيڏيءَ بہ عظمت، خوشحاليءَ ۽ شان و شوڪت وارو هو، هڪ بہ برهمڻ يا عقل ۽ حڪمت جو مالڪ ڪونہ هو. انهيءَ ڪري هن پنهنجي ڀاءُ ڏانهن اِن ڳالهہ ۾ سندس مدد ڪرڻ لاءِ هڪ ڏکيو خط لکيو، جنهن سڄي هندستان مان 30000 برهمڻ گڏ ڪيا ۽ انهن کي سڄي ساز سامان ۽ ڀائرن ڀاتين سميت پنهنجي ڀيڻ ڏانهن موڪليو [(5)]". اِئين هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي قديم دور جي تاريخ جي هڪ معتبر روايت اسان ڏانهن منتقل ڪري ٿي، يعني هيءَ تہ هن ملڪ تي آريا لوڪن گهڻيءَ دير کان پوءِ پنهنجو تسلط قائم ڪيو هو ۽ ٻيو تہ اُن کان بہ وڌيڪ دير سان هيءُ ملڪ برهمڻڪي مذهب سان متعارف ٿيو هو.

ٻيون دلچسپيءَ جون ڳالهيون هي آهن تہ جنهن شهر کي انهيءَ راڻيءَ گاديءَ جو شهر بڻايو هو، تنهن جو نالو آسڪلند هو. انهيءَ شهر جو نالو اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي پوءِ وارن دورن ۾ به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ جتن ۽ ميدن کي سنڌن پنهنجن گورنرن جي تحت رهڻ لاءِ الڳ الڳ علائقا ڏنا ويا. داسل ۽ جئدرت جي راڄ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ٿورو وقت هليو. يعني ڪجهه ويهه سال ڪن. "جنهن کان پوءِ پَرت گهراڻي جي قبضي مان ملڪ نڪري ويو." پَرت نالي جو هن هنڌ استعمال آرين جي انهيءَ شاهي گهراڻي جي حوالي سان بلڪل قدرتي آهي، جنهن کي سنڌ تي راڄ ڪرڻ لاءِ نامزد ڪيو ويو هو. انهيءَ نالي جو سنڌ متعلق ٻڌ ڌرم وارن جي روايتن ۾ شايد هن ئي ڏند ڪٿا جي پڙاڏي طور اڳتي ذڪر اچي ٿو.

ٻڌ ڌرم وارن جي ادب جو تاريخي واقعن سان ڪو گهٽ تعلق ڪونهي، ۽ اهو ادب محض اتفاق سان ملڪ جي سياسي حالات تي ڪجهه روشني وجهي ٿو. اهڙوئي هڪ روشنيءَ جو ڪرڻو سنڌو ماتريءَ تي پڻ پوي ٿو. "ڊگهنيڪايا" جي طويل بيان ۾ ڪن قديم اشلوڪن جو حوالو ڏنو ويو آهي، جن ۾ آريائي هندستان جي علائقي جي ستن مکيه پرڳڻن جي هڪ فهرست ڏنل آهي، جنهن ۾ هرهڪ پرڳڻي جي گاديءَ جو نالو به ٻڌايو ويو آهي. ان کان پوءِ انهن مان هر هڪ جي راجا جو نالو پڻ ڏنو ويو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته اهو سڄو بيان انهيءَ دور سان واسطو رکي ٿو، جڏهن اجا ٻڌ ڌرم جو ظهور ڪونه ٿيو هو. سؤوير لوڪن جو ملڪ انهن ستن بادشاهين مان هڪ هو. ان جي گاديءَ وارو شهر رورُڪ هو ۽ ان جو راجا پرت هو[(6)]. انهيءَ راجا، ۽ ٻين ڇهن راجائن کي، جن جا انفرادي طور نالا پڻ ڏنا ويا آهن، گڏي مجموعي طور "ست پرت" سڏيو ويو آهي. وري "جاتَڪن" جي ڪتاب اَنين ۾، جيڪي ٻُڌ جي اڳين جنمن جون ڪهاڻيون آهن، اهو لکيل آهي ته پرت نالي هڪ راجا سؤوير نالي بادشاهيءَ تي رورُو ۾ حڪومت ڪندو هو. "هو ڏهن شاهاڻين خوبين تي عمل ڪندو هو، هُن مقبوليت جي چئن خصلتن سان ماڻهن جون دليون جيتي ورتيون هيون، عام ماڻهن سان ماءُ ۽ پيءُ جهڙو ورتاءُ ڪندو هو، ۽ غريبن، مسافرن، فقيرن ۽ ٻين لائق ماڻهن کي وڏيون وڏيون پاڪرون ۽ دان ڏيندو هو. هن جي پَٽ راڻي، 'سَمُدوجيه' سياڻي هئي ۽ علم جو پندار هئي[(7)]".

ٻنان ڪنهن شڪ شبهي جي، رورُو، رورُڪ نالي جي هڪ بدليل صورت آهي، پر هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ لاءِ به سبب آهي ته انهيءَ دؤر ۾ رورُڪ نالي به بادشاهي شهر موجود هئا، جن کي ٻُڌن جي روايتن ۾ منجهايو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايت مطابق، انهيءَ نالي واري شهر جي رهاڪن طرفان ٻُڌ ڌرم وارن جي هڪ مبلغ سان غلط روش اختيار ڪرڻ جي سزا طور اهو شهر واريءَ ۾ دٻجي ويو هو. هن باري ۾ تاريخدانن وٽ ڪوشش ڪونهي ته اها ڪهاڻي ترڪستان واري روروڪ سان واسطو رکي ٿي، پر اِنهيءَ ڪهاڻيءَ جي ابتدائي لفظن ۾، ديويا وَدَن ۾، تورژي تبيت واريءَ [8] روايت ۾، سؤوير لوڪن واري روروُڪ ڏانهن اشارو ڪيل ٻانئجي ٿو. "ٻڌ راجگڙهه ۾ آهي. ان زماني ۾ جَمبُودوِپا" (اُتر هندستان) ۾ ٻه وڏا شهر پاٽلي پُتر ۽ روروُڪ نالي هئا. جڏهن روروُڪ اُڀري ٿو، تڏهن پاٽلي پتر ڪري ٿو، ۽ جڏهن پاٽلي پتر اوُج ۾ اچي ٿو، تڏهن روروُڪ جو زوال اچي ٿو." ٻنهي شهرن جي درميان واپار هلندڙ آهي، روروُڪ جو بادشاهه. راجا رُدراين، مگڌ جي راجا ٻمبيسر سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍي ٿو، جيڪو هن ڏانهن ٻوڌ ٻاوا موڪلي ڏئي ٿو ۽ رُدراين پنهنجو ڌرم ڦيرائي ٻڌ ڌرم اختيار ڪري ٿو. اهو ڪو ضروري ناهي ته انهيءَ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ٻه معلوم ڪجي، جيڪا ٻئي هر تفصيل ۾ واضح طور مرڪزي ايشيا [9] واري روروُڪ سان تعلق رکي ٿي. پر ان ۾ تجارتي تعلقات ۽ راجا جي مگڌ جي بادشاهه ٻمبيسر سان دوستيءَ جي ڳالهه وري سؤوير لوڪن واري روروُڪ ڏانهن اشارو ڪري ٿي.

ايران [10] جي روايتي تاريخ ۾ سنڌ جي باري ۾ ڏنل حوالن تي نظر وجهڻ کان اڳ ۾، اهو چڱو آهي ته روايتن ۽ ڏند ڪٿائن جي انهيءَ اٿاهه مواد ۽ ٻين ذريعن مان معلوم ڪيل تاريخي حقيقتن جي درميان موجود غلطين ڏانهن ڌيان ڇڪايو وڃي، جن کي فردوسيءَ طرفان حيرت انگيز چمڪيلو لباس پهرايو ويو آهي. ساساني دؤر جي ايرانين عظيم سائرس يا دارا هستاپس جي متعلق ڪي حقيقي روايتون ٻاڻ وٽ محفوظ نه رکيون هيون. پر اڳتي هلي، جڏهن اهي سرياني ذريعن مان ايران جي انهن ٻن انتهائي پُر- شڪوه بادشاهن جي وجود متعلق باخبر ٿيا، تڏهن هنن جا پنهنجي، ملڪ جي تاريخ بابت نظريا اڳيئي پڪا ٿي چڪا هئا، ۽ سندن هر هڪ روايتي بادشاهه جي نسل جي سلسلي ۽ ڪارنامن کي وٽن عام طور تسليم ڪيو ٿي ويو باقي رڳو ڪين ان سلسلي ۾ ايتروٽي ڪرڻو هو، جو جتي به ممڪن ٿي پئي سگهيو، اتي ڪنهن روايتي بادشاهه کي ڪنهن نه ڪنهن تاريخي طور سڃاتل بادشاهه سان ملائي ڇڏڻو هو. جهڙيءَ طرح ڪاسيرس جو نالو وٽن ڪيڪائوس سان نهڪي پئي آيو،

تهڙي نموني ۾ سائرس وري ڪيخسرو ٿي پيو. حالانڪ پوئين نالي وارو بادشاھ درحقيقت انڊو-ايراني روايت وارو ڪَوُهُسرَو هو. انهن کان پوءِ وري آرتاڪسيريس لانگيمانُس ضرور بَهمن هوندو، جيڪو ارد شير دراز دست[11] جي نالي سان وڌن اِئين ئي ساڳئي نموني مشهور ٿي ويو.

اِهوئي بهمن آهي، جنهن کي تاريخ جي روايت ۾ سنڌ کي[12] "شهنشاهيت" سان شامل ڪرڻ جو فخر بخشيو ويو آهي، حالانڪ اهو ڪارنامو سچ پچ دارا هِستاپس جو هو. اهڙيءَ طرح اسان کي مجمع التواريخ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بهمن پنهنجي ڏاڏي گستاسپ جي زندگيءَ ۾ "هندستان ڏانهن فوج سان حملو ڪيو ۽ انهيءَ ملڪ جو هڪ حصو قبضي ۾ آندو...بهمن هندن ۽ ترڪن جي حدن جي وچ ۾ هڪ شهر جو بنياد وڌو، جنهن کي هن ڪَندابيل جو نالو ڏنو، ۽ هڪ ٻئي هنڌ تي، جنهن کي اتان جا ماڻهو "بُڌ" سڏين ٿا. هن هڪ شهر جو بنياد وڌو، جنهن کي هن بهمن آباد جو نالو ڏنو." عرب حاشيه نويس وڏيڪ لکي ٿو، ته "هڪ بيان موجب اهو منصوريہ آهي، پر وڌيڪ خدا ٿو ڄاڻي".[13] ساڳئي ڪتاب ۾، ان کان پوءِ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته "اُتر اُلهندي هندستان جي هڪ حڪمران 'ڪفند بادشاھ'[14] سنڌ کي ٻيهر فتح ڪرڻ لاءِ هڪ لشڪر موڪليو، ته جيئن اُهو "مَهر ايرانيءَ" نالي بادشاھ جي نمائندي کي انهن جاين مان هڪالي ڪڍي، جيڪي بهمن فتح ڪيون هيون، ۽ پوءِ آتشڪدن جي جاءِ تي بُتن جي پوڄا لاءِ مندر جوڙائي." جيئو وڃي ٿو ته اهو ڪارنامو هندستان تي سڪندر جي ڪاھ کان اڳي سرانجام ڏنو ويو هو.

سنڌو ماٿريءَ مان، مقدوني (يوناني) ڪاھ کان ڪجھ وقت اڳي ايراني اقتدار جي پست پئجي وڃڻ جو واقعو حقيقت جي بنياد تي بينل نظر پيو اچي، پر جيئن ته اُها روايت تاريخي ذريعن مان حاصل ٿيل مستند معلومات ۾ ڪو اضافو نہ ٿي ڪري، انهيءَ ڪري اِنهيءَ موضوع جو اُن وقت تائين ذڪر ڪرڻ مناسب نہ آهي، جيسن اُهي ذريعا اسان جي جائزي هيٺ اچن.

نوٽ

(1) ڪئمبرج، "هسٽري آف انڊيا"، ج 1، ص. 307

(2) "مهاڀارت" ترجمو پي.سي.راءِ، ج 2، ص. 2 - 560

(3) ايضاً، ج، II، ص. 32، ج، V، ص. 48، سنڌو سُوِير لوڪن کي پڻ

سندن رسمن رواجن جي خيال کان "مليڇ" سڏيو ويو آهي. ايضاً ج. VI، ص. 101.

(4) "ڌرم سوتر I " 30-32، بحواله بي.سي.لا، "قديم هندستان ۾ قبيلا"، ص. 344.

(5) ايليٽ، "هسٽري آف انڊيا"، ص. 104.

ايم. ريناڊ "فرئگمينٽس عربيز ايٽ پرسنس انڊيٽس رليٽفس اي لي انڊي"، ص. 25.

(6) "ٻڌ مذهب وارن جا مقدس ڪتاب"، ج. 3 "ٻڌ جا گفتا" (ترجمو: ٽي.ڊبليو.رائيز ڊيوڊس ۽ سي.ايف رائيز ڊيوڊس) ص. 280-269

(7) "جاتڪ" (ترجمو: ايچ.ٽي.فرانسز ۽ آر. اي. نيل) ڪتاب VIII نمبر: 242 ص. 280.

(8) "اُدرينہ ڪونِگ وان رورُڪ"، ترجمو: جوهانس نوبيل (ويسباڊن 1955ع) ص. 49.

(9) سي. ايف. هيوبر، "اٽوڊس لٽريچر بوڌيڪ"بليٽن ڊي لي "ايڪول فرئنسيز ڊي ايڪسٽريم اوري اينٽ"، ٽوم وي، ص. 15 - 12 ۽ ص. 340-235.

(10) پڙهندڙ کي اهڙين ڏند ڪٿائن تي بحث جي تڪليف کان بچايو وڃي ٿو، جن ۾ اِهو بيان ڪيو ويو آهي تہ "مهراڻ" جمشيد طرفان کوٽايو ويو هو.

(11) "شاهنامو"، ترجمو: اي. جي. ۽ اي. ڊبليو وارنر، ج. V، ص. 82-281.

(12) "شاهنامي ۾" بهمن جو پيءُ اسفنديار، ايراني سلطنت جو شان و شوڪت گستاسپ جي بادشاهيءَ دوران بحال ڪري ٿو، جنهن کي سنڌ جا بادشاهہ ڏَنَ ڏيندا هئا.

(13) "مجمع التواريخ" وارو بيان، "هندي ٻوليءَ جي ڪتاب" مان ورتو ويو هو. جنهن جو انهن ساڳين ڏينهن ۾ ترجمو ڪيو ويو هو، جڏهن فردوسي "شاهنامي" لکڻ ۾ مصروف هو. گرديزي پنهنجي زين "الاخبار" ۾، جيڪو ڪجهہ وقت بعد ۾ لکيو ويو هو، ذري گهٽ ساڳين لفظن ۾ اهو قصو بيان ڪري ٿو.

(14) ڊاڪٽر وان لوهوزين ڊي لي وو، ڪي. پي. جيسوال جي پيروي ڪندي، انهيءَ اعتقاد جو اظهار ڪري ٿو تہ "ڪَفند" دراصل ڪَجَلُ ڪد فائيسز جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن اٽڪل 25 ق. م. کان 35ع ڌاري بادشاهي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4

سنڌ، ايران جي هخامنشي بادشاهن جي هٿ هيٺ

سنڌ جي تاريخ ۾، سپ کان پهريون سال، جيڪو خاطريءَ سان، ويجهي ۾ ويجهين حدن اندر، مقرر ڪري سگهجي ٿو، سو دارا هستاپس جي حڪمرانيءَ دوران، سنڌ جو ايران جي شهنشاهت سان لاڳو ٿيڻ وارو سال آهي. اُنهيءَ بادشاهه جي فتوحات ۾ هيءَ پهرين فتح هئي، جيڪا ڪيس يا تہ سال 519 يا 518 ق.م ۾ حاصل ٿيل معلوم ٿئي ٿي. هن جي پيشروئن ڪي هندستان جي سرزمين تي گنڌارا ۾ قدم رکڻ جو اڳيئي موقعو ملي ويو هو، جنهن جو ذڪر اُنهيءَ بيستُون ڪتبي ۾ موجود آهي، جيڪو دارا سال 520 ق.م ۾ انهن نوَن (9) بغاوتن ڪي هڪ ئي سال اندر چِٽي ڇڏڻ واري واقعي جي ياد تازي رکڻ لاءِ لڳارايو هو، جن ڪيمبائسز جي مرڻ کان فوراً پوءِ هن جي ملڪ ۾ منهن ڪڍيو هو. اُن ڪَتبي ۾ فقط اُنهن پرڳڻن جا نالا ڏنل آهن، جيڪي هن جي شهنشاهت ۾ اُن وقت شامل هئا، جڏهن اُها ڪيس ايڏيءَ بدنظميءَ جي حالت ۾ ملي هئي.

تاريخ جي ڪن عالمن جي راءِ ۾، ”تَتاگُش[1]“ پرڳڻو، جيڪو پڻ بيستون ڪَتبي جي فهرست ۾ داخل آهي، پنجاب جي اُتر اولهه ۾ واقع هو، ۽ اِن لاءِ وٽن رڳو هيءُ دليل آهي تہ هيرودوٽس طرفان جيڪو اُن لاءِ لفظ Eattayvsai استعمال ڪيل آهي، اُن جو ترجمو ”سوين ڳئون“ معلوم ٿئي ٿو. پر اڪثر عالم اُن پرڳڻي کي غلطئي يا هزارا وارو علائقو ليکين ٿا. اِنهيءَ پرڳڻي جي نالي جي ڳالهہ، بهرحال، ڪيئن بہ هجي، پر ايرانين طرفان سنڌو ماٿريءَ جي هيٺين علائقي ڏانهن پيشقدميءَ لاءِ گنڌارا کي ئي مرڪز طور استعمال ڪيو ويو هو، ۽ اُهو سڄو نئون علائقو گهٽ ڪري سال 518 ق.م ڌاري ايران جي ضابطي هيٺ آيو هو. هيرودوٽس جي چوڻ موجب، هندستانين کي اسڪائلاڪس جي اُنهيءَ مشهور دريائي سفر کان پوءِ[2] تسلط هيٺ آندو ويو هو، جنهن ۾ هو سنڌو نديءَ رستي سمنڊ تائين پهچي، ايران ۽ عربستان جي ڪنارن کان مصر وڃي پهتو هو، پر هن ڳالهہ جو وڌيڪ امڪان آهي تہ اُهو سفر گهٽ ڪري سنڌوءَ جي هيٺين علائقي جي فتح سان گڏو گڏ يا ان کان پوءِ

اختيار ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو بيان درست آهي تہ اسڪائلاڪس کي سنڌو نديءَ رستي سمنڊ تائين پهچڻ ۾ تيرهن مهينا لڳي ويا هئا. تہ پوءِ هي قياس ڪري سگهجي ٿو تہ هن کي زمين تي ڳڏو ڳڏ پيشقدمي ڪندڙ ٻَري فوجي دستن جي مدد ۽ پناهہ بلڪل انهيءَ نموني ٿي ميسر هوندي، جهڙيءَ طرح بعد ۾ سڪندر جي فتح وقت ٿيو هو.

دارا اُن دريائي واڌو بحري مهم لاءِ سنڌو نديءَ مان ايران تائين جهاز رانيءَ جي امڪانن معلوم ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو هو. اسڪائلاڪس کي جيڪو ڪاريہ علائقي جي شهر ڪاريانڊا جو رهاڪو هو، انهيءَ مهم جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو هو. هو گنڌارا نالي جي ملڪ جي ڪاسپاپيروس[3] نالي واري هڪ هنڌ وٽان ٻيڙن ۾ سوار ٿيو. جيڪو هنڌ شايد ڪابل درياءَ جي هيٺين وهڪري تي ڪٿي واقع هو، ڇاڪاڻ تہ هيروڊوٽس ٻڌائي ٿو تہ هو پنهنجا ٻيڙا [4] اُيرندي طرف ڏانهن هاڪاري ويو هو. اڍائي سالن کان پوءِ اسڪائلاڪس مصر پهتو. اسان کي اهو معلوم ناهي تہ اُنهيءَ کان پوءِ سمنڊ رستي باقاعدي طور ايران ۽ اُن جي انهن ماتحت علائقن جي وچ ۾ آمدورفت جو سلسلو قائم ٿيو يا نہ. پر "هندو"، يعني سنڌونديءَ جي هيٺين ماٿري ايراني حڪومت جو هڪ ماتحت علائقو ضرور بڻجي ويو، اُن جو ذڪر هڪ اهڙي ڪتبي ۾ موجود آهي،[5] جنهن جي لکجڻ جو سال 515 ق.م کان بہ ڪجهہ اڳي جو آهي. اهو "شاهي قلعو"، جنهن جو انهيءَ دور جو يوناني جاگرافيدان، هيڪٽيئس، ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ اهو سنڌو درياءَ جي پرسان اوپيائي لوڪن جي ملڪ ۾ واقع هو. سو گهڻو ڪري نئين فتح ڪيل سرحدي صوبي ۾ رکيل ايراني فوجي چانوڻي هئي. هيڪٽيئس اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اوپيائي لوڪن جي ملڪ جي پريان هڪ ريگستان "ويندي هندستانين [6] جي ملڪ تائين" ڦهليل هو. انهيءَ مان اندازو ڪجي ٿو تہ هُن کي معلوم هو تہ سنڌو ماٿريءَ جي پريان اڃا بہ ٻيو "هندستان" موجود هو. پر معلوم ٿئي ٿو تہ ايرانين انهيءَ ڏس ۾ ڪا خاص ڪوج ڪانہ لڳائي هئي. هيروڊوٽس چوي ٿو تہ "هندستان" جو اُيرندو حصو ريگستان آهي، ۽ هن کي گنگا واري ماٿريءَ [7] جي ڄاڻ بلڪل ڪانہ هئي. سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ايراني سلطنت جي آخري حد ضرور ريگستان جي ڪناري تائين ڦهليل هوندي، پر هن ڳالهہ جو امڪان آهي تہ سنڌو نديءَ جي اُيرندي طرف پنجاب جو

خاصو حصو بہ ايران جو ڏن - پــرو هو. ۽ اُهو جيڪڏهن ڪنهن بئي سبب ڪري نہ ٿو چئي سگهجي، تہ گهٽ ۾ گهٽ هن ڪري تہ ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جو "هندستان" جي آمدني ۾ آدمشماري شهنشاهت جي ٻين سيني ماتحت علائقن جي ڀيٽ ۾ گهٽي قدر وڌيڪ هئي. هيروڊوٽس چوي ٿـو تــہ هندستاني سون جي ٻــوري جا ٽي سؤ ۽ سٺ "ٽئلينٽ" ڏن طور ڏيندا هئــا، جيڪي ذري گهٽ ڏهن لکن پائونڊن (يعني ٽڏهوڪن هڪ ڪــان ٻــن ڪــروڙ رپين) جي برابر ٿين ٿا. اها رقم، شهنشاهت جي ايشيائي صوبن تي مڙهيل ڍل جي مجموعي رقم جو ذري گهٽ ٽيون حصو هئي، جنهن مان هـــن "هنـدو" علائقي يا ڪم از ڪم "هندستانين" جي ماتحت علائقي جي وسيع ڦهليـل زراعت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ساڳيو مصنف پوري يقين سان چوي ٿو تــہ هــنن علائقن جي آدمشماري ٻين سيني ملڪن کان، جن جي هن کي ڄاڻ هئي، گهڻي وڌيڪ هئي [8].

دارا سن 486 ق. م ۾ گذاري ويو ۽ "نقش رستم" ۾ هن جي قبر تــي لڳل پٿر جي ٻــتن ۾ ٽن هندستاني قومن جا نمائندا نظر اچن ٿا. هنـن جي بـدن تي پوشاڪ طور فقط هڪ ڌوتي ۽ هڪ قسم جو پٽڪـو نظر اچن ٿا. ۽ سـنڌن ڪلهي وٽان وريل پٽي ۾ هڪ ڊگهي ويڪري تـرار لٽڪيل نظر اچي ٿي. دارا جي وارث خسروءَ جي بادشاهيءَ ۾، جڏهن هن يونان تي حملي لاءِ هڪ زبردست لشڪر ڪٺو ڪيـو هو، ڪيس هن نئيـن "هندو" يعني "سنڌو" صوبي پيادن ۽ گهوڙيسوارن تي مشتمل هڪ فوجي دستو فراهم ڪيـو هو. هيروڊوٽـس ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ دستي ۾ موجود پيـادل سپاهين کي جيڪـي ڪپڙا پيـل هئا، سي سوٽي هئا ۽ وٽن بيد جا تيـر ۽ بيد جو ن ڪمـانون هيـون، جن مـان تيـرن جي منهـن ۾ لوهہ لڳل هو. انهـن سپاهين کي هڪ ايراني ڪمانـدر نــالي "فرنـاز ٿريس" پٽ "آرتي بيتس" جي قيادت هيٺ رکيو ويو هو. گهوڙيسـوار فـوج کـان علاوه وٽن رٿ بہ هئا، جن کي گهوڙا ۽ جهنگلي گڏهہ ڇڪي رهيا هئا [9].

پرسيپولس مان لڌل هڪ پٿر جي تختيءَ تي لکيل آهي تہ خسروءَ "اهر مزد جي رضا" سان ڪن هندستاني ديوتائن جا مندر ڊهرائي ڇڏيا، ۽ حڪم جاري ڪيو تہ "ديوتائن جي پوڄا نہ ڪئي ويندي [10]". "مجمع التواريخ" ۾ لکيـل هڪ روايت مطابق، جنهن جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي، شهنشاهت جي زوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري دور ۾ "هندن" جي طرفان زبردست مخالفانه ردعمل ظاهر ٿيو هو. ۽ هندستانين ايرانين جي تعمير ڪرايل آتشڪدن جي جاءِ تي وري پنهنجن ديوتائن جي پوڄا وارا مندر نهرايا هئا.

اهو بهرحال معلوم نٿو ٿئي ته يونان ۾ خسروءَ جي شرمناڪ شڪست، يا بعد ۾ سندس قتل ٿيڻ کان پوءِ، هندستان واري ماتحت علائقي تي سندس جانشينن جي گرفت اوتري ئي مضبوط بيٺي رهي يا ڍري ٿي ويئي. انهيءَ صورتحال جو بيان هڪ يوناني حڪيم، نالي ڪٽيسياس، جيڪو ايراني دربار ۾ مقيم هو، خسروءَ جي مرڻ کان اٽڪل ستر سال پوءِ لکيو هو. انهيءَ ڪتاب جا، جنهن جو نالو "انڊيڪا" آهي، ڪي ٿورا ورق بچيل آهن. ائين پيو معلوم ٿئي ته ڪٽيسياس پاڻ ڪڏهن به هندستان نه ويو هو، پر هن جي بيان جو دارومدار شهنشاهه جي دربار ۾ حاضريءَ لاءِ ايندڙ هندستانين، انهيءَ صوبي ڏانهن ڊيوٽي پوري ڪري واپس ايندڙ ايراني ڪامورن، ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان سفر ڪندڙ مسافرن ۽ واپارين جي بيانن ۽ ڳالهين تي هو. اها ڳالهه افسوسناڪ آهي ته انهيءَ ڪتاب جا جيڪي ورق اسان تائين پهتا آهن، تن ۾ گهڻو ڪري فقط "مسافرن جون ڳالهيون" لکيل آهن، جيڪي هندستان ۾ ايرانين جي انتظامي طور ۽ طريقي جهڙن مسئلن تي ڪا روشني نه ٿيون وجهن. ان جي باوجود، جيئن هن ڪتاب جي پهرئين جلد [11] ۾ چيو ويو آهي، انهن مان سنڌو ماٿريءَ واري ملڪ جي ڪيترين خصوصيتن جو اندازو لڳي سگهي ٿو. ڪجهه ڏانهن جيڪو واضح اشارو ان ۾ ڪيل آهي، تنهن ڪي انهيءَ صوبي جي حيرت انگيز دولت جي سلسلي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

انهيءَ زماني ۾ به، جڏهن هخامنشي شهنشاهت پڇي پُري، پنهنجي پوري زوال طرف وڌي رهي هئي، تڏهن به هندستان ان ڏانهن پنهنجي وفاداريءَ ۾ ثابت قدم رهندو آيو. دارا ڪودومنيس، سڪندر جي مقابلي ۾ جڏهن آخري مورچو سنڀاليو، تڏهن هن هندستان مان فوجون گهرايون هيون، ۽ هن جو اهو حڪم مڃيو ويو هو. هن ڏانهن پوري وقت تي ماڻهو ۽ هاٿي موڪليا ويا، جن اربيلا [12] واريءَ تباهڪن جنگ جي موقعي تي پهچي، هن سان ساٿ ڏنو. هيءَ ڳالهه ممڪن نظر اچي ٿي ته انهيءَ دور ۾ هندستاني علائقي جي اترئين حصي جي سرحد هنئي سنڌونديءَ جي ڪناري تي اچي بيني هئي، ڇاڪاڻ ته ان موقعي

تي شهنشاهه دارا ڏانهن جيڪي هاٿي موڪليا ويا هئا. سي سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ وارن هندستانين فراهم ڪيا هئا. اهو به امڪان آهي ته انهن ڏينهن ۾ علائقي جو سڄو انتظام بيهر مقامي شهزادن ۽ سردارن جي هٿن ۾ اچي ويو هو، جنهنڪري انهن جي ايران ڏانهن ماتحتيءَ ۽ نيازمنديءَ جو دارومدار ان عظيم شهنشاهه لاءِ سندن شخصي وفاداريءَ تي ئي وڃي بيٺو هو. "انديڪا" ۾ ان علائقي جي ڪنهن به ايراني گورنر جو ڪو ذڪر ڪونهي، ۽ نه وري ائين تو نظر اچي ته چار سال [13] پوءِ جڏهن سڪندر سنڌو ماٿريءَ جي مهم تي پهتو هو، تڏهن ئي هن ڪي ڪو ايراني حاڪم يا ڪامورو اتي مليو هو. يا هن ڪنهن اهڙي ڪاموري بابت ڪا ڳالهه ئي ٻڌي هئي.

هندستان جي اُترئين پاسي کهڙيون به تبديليون آيون هجن، پر هيءَ ڳالهه تسليم ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جو سڄو علائقو، ويندي رڻ جي ڪناري تائين، هخامنشي شهنشاهن جي بالادستي انهيءَ وقت تائين تسليم ڪندو رهيو، جيسين انهن جي بادشاهي ختم نه ٿي. بدقسمتيءَ سان ان دور جا هن سر زمين اندر ڪي به يادگار، ڪتبا يا سِڪا اهڙا نه لڌا آهن، جيڪي انهيءَ ڳالهه تي ڪا روشني وجهن. انهن شين هِيڪيٽيئس ۽ ڪيسياس جي ڪتابن جي اڪثر اوراقن جي عدم موجودگيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ ذري گهٽ ٻن صدين جو اهو ڊگهو عرصو پورو هڪ اونداهو خال پيش ڪري ٿي. البت ايترو سو نظر اچي ٿو ته سنڌ ايرانين جي بادشاهيءَ واري دور کان پوءِ پوريءَ خوشحاليءَ جي حالت ۾ هئي، جو ته اسان وٽ خود سڪندر جو اهو بيان موجود آهي ته اتر سنڌ ۾ موسيڪانس واري سر زمين [14] "هندستان" جو سڀ کان وڌيڪ خوشحالي ۽ آسودو حصو هئي.

نوٽ

(1) پروفيسر اي. هرتزفيلڊ. "ميمايرس آف دي آرڪئالاجيڪل سروي آف انڊيا"، نمبر: 34.

(2)هيروڊوٽس، IV، 44.

(3) هِڪيٽيئس، ايڊٽ ڪيل سي.ملر، ٽڪرو نمبر: 179.

(4) هيروڊيٽس، IV، 44.

(5) همدان ۾ لڌل، ايم. اي. ايس. آءِ، نمبر: 34، ص 2.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) هڪيٽيئس، ٽڪرو نمبر: 175.

(7) هيروڊوٽس، III، 98، IV ، 40.

(8) هيروڊوٽس، III، 94.

(9) هيروڊوٽس، VII، 86.

(10) ايچ. آر. چوڌري، "پوليٽيڪل هسٽري آف ناردرن انڊيا"، ص. 242.

(11) "سنڌ، اي. جنرل انٽروڊڪشن"، صفحا. 2-101.

(12) "ايريئن اٿناباسس III " 08 6-3.

(13) اسٽرابو جي مطابق، پٽروپامي سيڊائي، اراچوٽي، ۽ گيڊروسيني نالن وارا ملڪ سنڌو درياءَ تائين ڦهليل هئا. انهيءَ مان هيءَ معنيٰ ڪڍي ويئي آهي تہ ايرانين طرفان سنڌو ماٿريءَ جي جن ٽڪرن تي قبضو ڪيو ويو هو، تن کي انهن ٽن ڌن پريندڙ رياستن ۾ ورهيو ويو هو. اسٽرابو ii-XV ، 9.

(14) ايريئن، اٿناباسس VI ، سي. ايف. اسٽرابو I, XV . 34.

5

سڪندر اعظم جي ڪاهه

سال 331 ق. م جي سرءُ واريءَ موسم ۾ سڪندراعظم جي خلاف اربيلا واريءَ جنگ ۾ جن هندستاني فوجن، ايران جي ٻين شاهي فوجن سان گڏجي، لڙائي ڪئي هئي، سي خاص طرح بئڪٽريا ۽ آرڪيسيا جي سپاهين سان گڏ ميدان ۾ وڙهيون هيون، ۽ اُهي انهن ٻن صوبن جي وائيسرائن جي ڪمان هيٺ هيون. انهن ۾ "جابلو هندستاني" ۽ ڪي "پندرهن هاٿي" بہ شامل هئا، "جيڪي انهن هندستانين موڪليا هئا، جيڪي سنڌوءَ جي هِن طرف رهندڙ هئا"-يعني ان جي ساڄي ڪپ تي [1]. انهيءَ صورتحال مان هيءُ اندازو ٿئي ٿو تہ هندستان ۾ ايراني حڪومت جو اصلوڪو نظام خواهہ ڪهڙو بہ هو، پر ان وقت انهن جو "شاهن جي شاهہ" سان جيڪو بہ ناتو ۽ واسطو هو، تنهن جو دارومدار اتان جي مقامي شهزادن ۽ سندن قبيلن جي شخصي وفاداريءَ تي هو.

دارا پنهنجي شڪست کان پوءِ اٽڪل ڇهن مهينن کان پوءِ ڪنهن بہ وارث ڇڏڻ کان سواءِ قتل ٿي ويو، ۽ چيو وڃي ٿو تہ مرندي دم هن پنهنجي طرفان انهيءَ خوشيءَ ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو هو تہ ايران جي شهنشاهت وري بہ سڪندر جي هٿن ۾ وڃي رهي آهي، جنهن جو هو لائق هو. ان کان پوءِ ٽن سالن جي دوران هو مقدوني سورمو پوري نظم ۽ ضبط سان هڪ کان پوءِ ٻئي صوبي ڏانهن پيشقدمي ڪندو رهيو ۽ اتان جي ماڻهن جي وفاداريءَ جا وعدا حاصل ڪندو يا انهن کي مجبور ڪري پنهنجي آڻ مڃائيندو رهيو. هو سال 329 ق.م ۾ قنڌار وڃي پهتو، جتان سنڌو ماٿري ويجهي ٿي هئي، پر هو ڦيرو ڪائي بئڪٽريا کي آڻ مڃائڻ لاءِ هليو ويو. هن سال 327 ق.م جي اپريل مهيني کان پوءِ هندوڪش پار ڪري هندستان جو رستو ورتو، ۽ سنڌونديءَ جي اُلهندي وارين جابلو قومن تي ضابطي آڻڻ ۾ هن کي سڄو سارو سال اتي گذارڻو پيو. هن جي لشڪر نيٺ وڃي مارچ سن 326 ق. م ۾ "اوهند" وٽان سنڌو ندي پار ڪئي، ۽ ٽئڪسلا وٽ پهچڻ تي هن کي مقامي بادشاهہ اميءَ وٽان دوستاڻي آجيان ملي، جيڪو اڳيئي سڪندر جي خدمت ۾ پهاڙن ۾ حاضر ٿي چڪو هو. [2] هن جي پاڙيسريءَ راجا پورس، جيڪو هائڊاسپس (جهلم) ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيسائينس (چناب) جي وچ واري علائقي جو حاڪم هو. تنهن سڪندر جي سڏ تي سندس حضور ۾ حاضر ٿي، ڏن پيش ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ وڏو لشڪر ساڻ ڪري، سڪندر جي مقابلي لاءِ جنگ جي ميدان ۾ نڪري آيو. هن کي هائڊاسپس جي جنگ ۾ شڪست کائڻي پيئي، پر پوءِ سڪندر پنهنجي فراخدلانہ روش سان هن کي پنهنجو دوست بڻائي ڇڏيو، ۽ هن جي علائقي ۾ ڪن پاڙيسري ايراضين (3) جو اضافو ڪيو. ان کان پوءِ فاتح اُتر پنجاب جي ميدانن مان فوج وٺي اڳتي وڌيو، هن جي آخري منزل مگڌ جي بادشاهي ۽ ان کان اڳتي "مشرقي سمنڊ" (4) هو. پر بياس نديءَ جي ڪناري تي پهچڻ کان پوءِ هن جي لشڪر اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو، ۽ سڪندر کي لاچار پنتي موٽڻو پيو، جنهن کان پوءِ هن کي هخامنشي سلطنت جي ٻاهرين پسگردائيءَ وارن صوبن کي پنهنجي قبضي ۽ ضابطي ۾ آڻڻ جو ڪم پورو ڪرڻو پيو. ان لاءِ هن پنجاب جي ندين ۽ سنڌو نديءَ کان پنهنجن ماڻهن ۽ سازو سامان جي نقل و حمل لاءِ ڪم وٺڻ جو خيال ڪيو، ۽ ان رستي سان پنهنجي پوئتي موٽ ۾ هن ڀرپائين مغربي سمنڊ تائين پهچڻ جو فيصلو ڪيو (5).

هن جيڪي ٻيڙيون سنڌو نديءَ کي پار ڪرڻ لاءِ ڪم آنديون هيون، سي اڳتي ڪولي، خشڪيءَ رستي جهلم تائين پهچايو ويون هيون، ۽ اُتي اُهي ٻيڙيون ٻيهر ڳنڍي جوڙي راس ڪيون ويون هيون، ۽ اُتي (6) ٻيون نيون ٻيڙيون نهرائي اُنهن جي مجموعي تعداد ۾ اضافو ڪيو ويو. سال 326 ق.م جي آڪٽوبر مهيني ۾، هن جو سڄو آرماڙ سڙهه ڪولي روانو ٿيو، ۽ ان سان گڏوگڏ ڪناري سان سندس فوج جا زبردست دستا پڻ ٻيڙين جي رفتار پٺاندر اڳتي وڌندا رهيا. جلد ئي واٽ تي انهن کي وڏيڪ لڙايون ڪرڻيون پيون.

معلوم ٿئي ٿو تہ ڏکڻ پنجاب جا قبيلا خودمختيار ۽ آزاد هئا، جن ۾ شاهي يا جمهوري طرز جون حڪومتون هيون. اتان جا قبيلا مالي (ملاوا) ۽ آڪسي ڊرڪي (شودر ڪاس) ڀرصورت منظم هئا، ۽ انهن سڪندر (7) جي آڻ مڃڻ بدران، پاڻ ۾ اتحاد ڪري، هن جو مقابلو ڪرڻ چاهيو. مالي لوڪن جا اتحادي ۽ ساٿي جيسين انهن جي واهر ڪرڻ لاءِ پهچن ٿي پهچن، تنهن کان اڳيئي انهن تي حملو ڪري کين شڪست ڏني ويئي، جنهنڪري ٻيئي قبيلا گڏجي پيش پيا. "آڪسي ڊرڪي" لوڪن مان شهرن جا اڳواڻ ٽوڙي صوبن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورنر، ڏيڍ سؤ ٻين انتهائي معزز شخصيتن سان گڏجي آيا، ۽ انهن کي ڳالهيون ڪري، عهد نامي ڪرڻ جا مڪمل اختيار حاصل هئا....انهن اچي چيو ته هُنن پنهنجا ايلچي اڳواٽ نه موڪلڻ جي جيڪا غلطي ڪئي هئي، سا معافيءَ لائق هئي، اِنهيءَ ڪري، جو هو ٻين قبيلن جي پيٽ ۾ آزاد ۽ خود مختيار رهڻ جي خواهش ۾ فوقيت رکندڙ هئا، ۽ هو پنهنجي آزاديءَ کي انهيءَ زماني کان وٺي، جڏهن ڊيونيسس هندستان ۾ آيو هو، سڪندر جي اچڻ تائين محفوظ رکي سگهيا هئا [8]." ائين معلوم ٿو ٿئي ته مالي لوڪ چناب ۽ راوي ندين جي دو آبي ۾، ۽ آڪسي درڪي لوڪ راوي ۽ بياس ندين جي وچ واري علائقي ۾ آباد هئا. استرابو جي چوڻ موجب، ايراني حڪمران آڪسي درڪي لوڪن مان پگهاردار [9] فوجي سپاهي پنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ڪندا هئا، جنهن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته اُهي لوڪ ايراني سلطنت جي محڪوم رعيت نه هئا، نه ته مٿن فوجي خدمت لازمي هجي ها. ايرئن ٻين به ڪن "خودمختيار" قبيلن جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪي مٿين نالن وارن ٻن قبيلن کان هيٺيرو، غالباً سنڌو نديءَ جي ڏائي ڪپ واري علائقي ۾ آباد هئا، هڪڙا آئبستيني جيڪي اُنهيءَ نديءَ ۽ پنجند جي وچ ۾ آباد هئا، ۽ ٻيا سڪيٿريني ۽ اوسيدبيني هئا. ائين ٿي سگهي ٿو ته اُنهيءَ ايراضيءَ ۾ ايراني صوبي جي سرحد، جتي پنجاب سنڌ سان ملي ٿو، خود سنڌوندي هئي، انهيءَ حالت ۾ انهن قبيلن کي پنهنجي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ لاءِ مضبوط دليل ۽ دعوائون هيون [10].

اسان کي سوگدي لوڪن جي نظام متعلق ڪجهه به نه ٻڌايو ويو آهي، جيڪي خود مختيار قبيلن جي علائقي کان سنڌو نديءَ جي ڪناري سان هيٺيرو آباد هئا. پر انهن جي گاديءَ واري شهر کي ايرئن [11] طرنان "شاهي گاديءَ جو شهر" سڏيو ويو آهي. اِهو ممڪن پيو نظر اچي ته اُهو شهر ميوسيڪانس جي بادشاهيءَ جي صوبائي گاديءَ جو شهر هو. ائين ٻڌايل ڪونهي ته سڪندر سوگدي لوڪن سان به اهڙي ئي نموني ڳالهيون ٻولهيون ڪيون، ڇڻ اهي به ڪن آزاد ۽ خود مختيار لوڪن منجهان هئا. هُن انهيءَ شهر جي چوڌاري قلعو ٺهرايو ۽ پوءِ اتي جهازن جي بيهڻ جو دڪو پڻ تعمير ڪرايو، جو هن اها توقع پئي رکي ته ميوسيڪانس ٻاڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ سندس ايلچي، اتي اچي سندس اڳيان پيش پوندا. پر جيئن ته انهيءَ هندستاني شهزادي کان به اهڙي علامت

ظاهر نہ ڪئي تہ ڪيس ڪو سندس سرحد تي سڪندر جي موجودگيءَ جو پتو بہ آهي، تنهنڪري بادشاهہ نهايت تيز رفتاريءَ سان، لهوارو، درياءَ جي رستي هن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وچي متس ڪڙڪيو.

سڪندر اڳيئي سنڌ ڪي، دريائن جي سنگم کان وٺي ويندي سمنڊ تائين، پنهنجي شهنشاهت جي هڪ ئي ماتحت صوبي جي حيثيت ڏيئي ڇڏي هئي، ۽ هن پنهنجي طرفان پيٿان ولد اگينور کي اُن جو وائسراءِ بہ مقرر ڪري ڇڏيو هو. ميوسيڪانس، سنڌو نديءَ جي هيٺانهين علائقي جي حڪمرانن ۾، سيني ڪان وڏيڪ اهميت رکندڙ حاڪم هو، ۽ هن جا اتر سنڌ وارا علائقا سڄيءَ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ساوا ۽ آسودا هئا. پاتل، جيڪا ميوسيڪانس جي علائقن جي پاسي ۾ ڏکڻ طرف سندس پاڙيسري سرزمين هئي، سا بظاهر خود مختيار هئي. ڊيئو ڊورس سائڪيولس جي قول تي اعتبار ڪندي، مصنف جو چوڻ آهي، ۽ اُها ڳالهہ ڊيوڊورس سائيڪيولس بہ قبول ڪئي آهي، تہ اُنهيءَ رياست جي سياسي جوڙجڪ اسپارٽا جهڙي هئي، ”ڇاڪاڻ تہ اُنهن وٽ جنگ جي حالت ۾ قيادت ٻن جدا جدا گهراڻن جي موروثي بادشاهن وٽ هوندي هئي، البت سردارن جي هڪ جماعت سڄيءَ رياست تي اعليٰ ترين اختياريءَ سان حڪومت هلائيندي هئي.“ ايريئن، بهرحال پاتل وارن جي فقط هڪ بادشاهہ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ڪَرٽيوس هُن جو نالو موئيرِس [12] ٻڌائي ٿو. سنڌ جي باقي ٻين ٻن سردارن، آڪسيڪانَس ۽ سامبس جي حيثيت بابت وضاحت نہ ٿي ملي. ايريئن طرفان آڪسيڪانَس کي گورنر [13] ٻڌايو ويو آهي، ۽ جيتوڻيڪ سامبس لاءِ چيو ويو آهي تہ هن جي ميوسيڪانَس سان لڙائي هلندڙ هئي، پر ممڪن آهي تہ هو فقط هڪڙو ماتحت سردار هو، جنهن پنهنجي وڏي حاڪم جي خلاف بغاوت ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اِهو يقين ناهي تہ انهن جا علائقا سچ پچ ڪهڙي هنڌ تي واقع هئا، ان هوندي بہ اسين هن اندازي ڪرڻ ۾ غلطي نہ ڪنداسون تہ اُهي اولهہ سنڌ ۾ سنڌونديءَ کان ڪجهہ مفاصلي تي هئا. آڪسيڪانَس اتر ۾ ۽ سامبسَ ڏکڻ ۾ هو [14]. سنڌ جي انتهائي ڏکڻ مغربي ڇيڙي واري علائقي تي هڪ بلڪل آزاد قبيلي، آربيتيءَ جو قبضو هو.

ميوسيڪانس فاتح جي حملي کي روڪڻ ۾ عين موقعي تي پهچي ويو. هو پاڻ سان اهڙيون سوکڙيون پاکڙيون کڻائي آيو، جيڪي هندستانين وٽ وڏي

۾ وڏي قدر ۽ قيمت واريون سمجهيون وينديون هيون. ۽ هن جا سپ ساٿي ساٿس گڏ سندس چانوٽيءَ ۾ موجود هئا. هو بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ پوريءَ طرح آڻ مڃيائين. ۽ پاڻ پنهنجيءَ قوم سميت هن جي آڏو پيش پيو. ۽ ساڳئي وقت پنهنجي غلطي قبول ڪيائين. جنهن لاءِ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته سڪندر جي مهرباني ۽ ڪرم نوازي حاصل ڪرڻ جو هر ڪنهن لاءِ اهوئي هڪ انتهائي اثرائتو رستو هو. جيتوڻيڪ بادشاهه هوندئن به خوشامد جو تمام گهڻو اثر قبول ڪندو هو. پر نئين شهنشاهت ۾ ميو سيڪانس کي جو ائين هڪدم ماتحت حڪمران جي حيثيت ۾ پڪو ڪيو ويو. تنهن جو سبب حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل پاليسيءَ جي ضرورتن جي تقاضا به هئي. سنڌو ماٿريءَ جي انهيءَ سپ کان زياده آسودي صوبي جي خوشحالي ۽ ان جو امن. اِن جي انتظام ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڦير گهير آڻڻ سان ئي برقرار رهي ٿي سگهيو. اها به هڪ ضروري ڳالهه هئي ته يوناني فوج جو دستو فوراً ڳاديءَ واري شهر جي ڪوٽ ۾ مورچو سنڀالي، محڪم ٿي ويهي، ۽ اُن ڪم جي سربراهي ڪريٽيرس جي سپرد ڪئي ويئي. اُهو ملڪ ۽ اُن جو شاهه شهر بادشاهه کي ڏاڍا پسند پيا. چو ته هن کي اُنهن جي اهميت جو پورو احساس هو. هن جو خيال هو ته اُتي سندس نصب ڪيل فوج آسپاس جي قبيلن کي پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندي.

يونان کان هتي آيل هي ٻاهريان ماڻهو ان ملڪ جي سماجي صورتحال ۽ تنظيمن کي ڏسي، ڏاڍا متاثر ٿيا. هتان جا ماڻهو پنهنجين عادتن ۾ وچترا ۽ سياءَ جا حليم، صحتمند ۽ وڏيون ڄمارون ماڻيندڙ هئا. انهن وٽ ڪي مخصوص رسمون ۽ رواج هئا، جن يونانين کي اسپارٽا جي ياد تازي ڪرائي— هو "لئسيڊيمونين وانگر ڪن موقعن تي عام دعوت ۾ گڏجي کاڌو کائين ٿا". اهڙن موقعن تي سندن کاڌو اُهو هوندو هو، جيڪو هو گڏ جي شڪار ڪندي هٿ ڪندا هئا. هيءُ ملڪ قدامت پسند ۽ متعصب هندو مذهب کان پري هو. وري هن ملڪ ۾ جيتوڻيڪ ٻانهپ جو رواج ڪونه هو. ان جي باوجود هو ڇا ڪندا هئا جو پنهنجن نوجوانن کي سندن قوهه جوين ۾ جهلي، سچي راڄ جي جبري ملازمت ۾ رکي ڇڏيندا هئا. تقريباً اهڙيءَ طرح جيئن اسپارٽا وارا ڪَميُن کي نوڪريءَ ۾ رکندا هئا. هتان جي رياست فقط ڪن گنڀير قسم جي ڏوهن جي حالت ۾ قدم کڻندي هئي، باقي عام طرح سان امن امان رکڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪبئي سان ڏي-وٺ جي معاملن جو نبيرو اتان جي عوام جي هٿن ۾ هوندو هو. انهن ڳالهين مان هيءَ معقول اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اُتي مقامي حڪومت جو پنچايتي طريقو رائج هيو. جنهن جو انتظام نهايت سنو هلندڙ هو. ۽ هرڪوئي ان جو احترام ڪندو هو. هيءَ اُتان جي هڪ حيرت انگيز ڳالهہ پڻ اسان جي ڌيان تي آندي ويئي آهي تہ اتان جا ماڻهو فقط طبي علم کي سنجيده مطالعي جي لائق سمجهندا هئا. "چاڪاڻ تہ هي ماڻهو جنگي هنرن ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جي گهٽي مطالعي کي ائين سمجهن ٿا. ڇڻ هو ڪو گناهہ جو ڪم ڪري رهيا هجن". ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ هو سون ۽ چانديءَ کان بہ نفرت ڪندا هئا (15).

ائين نظر اچي رهيو آهي تہ سڪندر اڳيئي سنڌ ۾ ميوسيڪانس جي ملڪي طاقت جي خلاف توازن برقرار رکڻ لاءِ، سردار سامبَس کي "جابلو هندستانين" يعني اولهہ سنڌ جي ٽڪرين ۾ رهندڙ قبيلن جو وائيسراءِ مقرر ڪيو هو. اُهو سردار اڳي ئي ميوسيڪانَس سان جنگ ۾ يا هُن جي خلاف بغاوت ۾ مصروف هو. ۽ هو شايد سڪندر جي آڏو پنهنجي فرمانبرداريءَ يا حمايت جي اظهار ڪرڻ لاءِ سندس خدمت ۾ ان وقت وڃي حاضر ٿيو هو. جڏهن ميوسيڪانَس اجا بادشاهہ کان ڪناره ڪشي ڪري رهيو هو. پر سامبس کي هاڻي انهيءَ ڳالهہ تي سخت چڙ لڳي، جو سندس اُنهيءَ رقيب ۽ دشمن کي معافي ڏيئي، هُن تي ايڏي نوازش ڪئي ويئي هئي، ۽ اُن چڙ ۾ هو فرار ٿي ويو. بالائي سنڌ جي ٻئي ماتحت حڪمران آڪسيڪانس، پوءِ بہ جڏهن بادشاهہ سندس مقابلي لاءِ پيشقدمي ڪئي، آڻ نہ مڃي.

انهيءَ سردار کي ڪُـئنٽسَ ڪَرٽيئس، اِسٽرابو ۽ ڊيوڊورس، ٽنهي، پورٽيڪانس جي نالي سان سڏيو آهي، ۽ ڪرٽيئس هن جي ماڻهن کي پرائيسٽي (Praesti) سڏيو آهي. انهن جو ملڪ گهٽو ڪري اهو ئي "پراسيان" هو، جنهن کي ميگسٿنيز سنڌو نديءَ جو ناهيل هڪ وڏو ٻيٽ سڏي ٿو. جيئن تہ انهيءَ وقت جڏهن آڪسيڪانس (يا پورٽيڪانس) يورپي حملي آور جي خلاف جنگ جو ميدان گرم ڪرڻ چاهيو، سياري جي موسم هئي، ۽ سندس علائقي وچان لنگهندڙ درياءَ جي شاخ ۾ پاڻي سڪي ويو هو يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٿورو وڃي بچيو هو، جو سڪندر جا جهاز ان ۾ هلي نہ پئي سگهيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري سڪندر زمين جي رستي ڪان هن تي ڪاهه ڪئي. ان ڪان پوءِ ڇا ٿيو، تنهن بابت ايريئن ۽ ڪُئنٽس ڪرٽيئس جي لکيل بيانن ۾ فرق آهي. ايريئن چوي ٿو تہ "بادشاهہ پنهنجي پهرينءَ ئي يلغار ۾ هن جي سڀ ڪان وڏن ٻن شهرن تي حملو ڪري قبضو ڪيو، جن مان هڪ شهر ۾ اهو سردار پاڻ بہ قيدي بنايو ويو." ڪرٽيئس جي بيان موجب، پورٽيڪانَس پنهنجن ملڪي ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد سان پاڻ کي هڪ مضبوط قلعي جي شهر پناهہ اندر بند ڪري، دشمن جي حملي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وينو. سڪندر ٽن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ پورٽيڪانس جي اُن شهر تي قبضو ڪيو. انهيءَ مهل جڏهن قلعي جي ٻاهرين مورچن تي قبضو ٿي ويو، تڏهن پورٽيڪانس پنهنجي ڪوٽ جي اندرئين پناهگاهہ ۾ هليو ويو هو، ۽ اتان کان هن پنهنجا ايلچي ٻاهر موڪليا تہ اهي وڃي فاتح سان صلح جون ڳالهيون هلائين ۽ هن جا شرط معلوم ڪن، جن تي هو شهر سندس حوالي ڪري. پر حملي آورن جي پيشقدمي ايتري تہ زورادار هئي، جو جيستائين اُهي ايلچي بادشاهہ تائين پڄن ئي پڄن، تنهن کان اڳيئي "قلعي جا ٻہ بُرج ڏاڍي خوفناڪ آواز سان ڊهي اچي پٽ تي ڪريا. ۽ مقدوني فوج تباهہ ٿيل شهر جي وچان شاهي ڪوٽ تائين ڌوڪيندي وئي، ۽ اندرئين ڪوٽ تي قبضو ڪري، پورٽيڪانس کي قتل ڪري ڇڏيو. جيڪو پڇاڙيءَ تائين پنهنجن ٿورن ساٿين سان گڏجي اُن جو مقابلو ڪندو رهيو." جيڪڏهن اسين هي بيان قبول ٿا ڪريون، تہ پوءِ ائين پيو معلوم ٿئي تہ سڪندر پاڻ سان گڏ قلعن جي دروازن کي پڃڻ واريون ڪَلون کڻائي ويو هو، ۽ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهي ڪَلون انهن هاتين ڪٺي اُتي پهچايون هونديون، جيڪي ميوسيڪانَس بادشاهہ کي تحفي طور پيش ڪيا هئا. مؤرخ ايريئن اُنهيءَ سردار جي گرفتاريءَ کان پوءِ سندس انجام متعلق ڪجهہ بہ نٿو ٻڌائي تہ هن جو پوءِ ڇا ٿيو. يا سندس فتح ٿيل علائقن جو ڪهڙيءَ طرح فيصلو ڪيو ويو. هو فقط ايترو چوي ٿو تہ اتان جيڪو لُٽ ڦر جو مال هٿ آيو، سو فوج ۾ ورهايو ويو، ۽ اُتان جا هٿ آيل فقط هاٿي عام مقصدن لاءِ مخصوص رکيا ويا. ڪَرٽيئس ٻي هڪ خاص ڳالهہ اِها ٻڌائي آهي تہ اتان جي سيني قيدين کي فروخت ڪيو ويو، يعني تہ اُنهن جي عيوض پيسا وٺي کين ڇڏيو ويو[16].

ان کان پوءِ سڪندر هارايل سردار جي علائقن مان اڳتي ڌوڪيندي، فرار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيل سامبَس جي سرحدن طرف وڌيو. رستي تي شهرن پنيان شهرَ مقابلي کان سواءِ پيش پوندا ويا- ”سيني هندستانين جون دليون سڪندر ۽ سندس فوجن جي ڪامياب يلغارن کان خوف ۽ هراس وچان ايتريقدر ڪمزور ۽ نِستيون ٿي ويون هيون.“

دراصل اها نِستائي گمراهه ڪندڙ هئي. جلد ئي اها ڳالهه ظاهر ٿي ته سنڌ ۾ هڪ اهڙي خفيه طاقت موجود هئي، جيڪا ڌارين جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ اَٽل ارادو پيدا ڪري پئي سگهي. اُها قوت برهمڻن جو اثر هو. اِها حقيقت اُن وقت ظاهر ڪانه ٿي، جڏهن سڪندر سامبَس جي دارالحڪومت سِنديمَن جي دروازن وٽ اچي پهتو. دروازا کوليا ويا، ۽ سردار جي ڪٽنب جا ڀاتي پنهنجن هٿن ۾ هن جا خزانا کڻي، اچي ٻاهر بيٺا. ”جن جي قيمت جو هنن حساب لڳائي ڇڏيو هو“. ۽ ٿَن سان گڏ هن جا هاٿي به ڪاهي آيا. هنن اِئين به اچي چيو ته سامبَس مخالفت يا بغاوت جي خيال سان فرار ڪونه ٿي ويو آهي، پر هن خوف ۾ اچي ائين ڪيو آهي، هن کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته سندس دشمن، ميوسيڪانَس، جي بادشاهه وٽ سرخروئي ٿي آهي، تڏهن اُن ۾ هن کي پنهنجي لاءِ نهايت ئي خراب نتيجو ڏسڻ ۾ آيو [17].

اها ڳالهه واجبي ۽ معقول به هئي، پر اُنهيءَ وچ ۾ ڇا ٿيو، جو سامبس جي علائقي ۾ برهمڻن جو هڪ شهر ظاهر ظهور حملي آور جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي ٻيهي رهيو. سڪندر فوراً اُنهيءَ شهر تي هڪ ڀرپور حملو ڪيو، ۽ اُن جي سيني برهمڻن کي مارائي ڇڏيو، جو انهن کي ئي هُن سندس خلاف اُنهيءَ اُٿاريل بغاوت جو سبب سمجهيو.

بلڪل ساڳئي وقت، ميوسيڪانَس طرفان پڻ اهڙي ئي نموني جي بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ويو، ۽ اهو به برهمڻن جي اثر جو نتيجو هو. پر اهو سمجهڻ آسان ناهي ته انهيءَ سردار بهرحال ذاتي ناموريءَ ۽ عزت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيءَ ڪهڙيءَ شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي اميد ٿي رکي. جيتوڻيڪ اُنهن مذهبي ماڻهن هن کي اهڙيون خاطريون ضرور ڏنيون هونديون ته، مغرب [18] جي ناپاڪ وحشين جي مقابلي ۾، خدا جي مرضيءَ سان، سندس ڪاميابي يقيني هئي. پر اِهي سڀ ڳالهيون اجايون هيون. سڪندر پنهنجي نئين مقرر ڪيل وائيسراءِ، پيٿان، کي ”ڪافي لشڪر ڏيئي“ ميوسيڪانَس جي مقابلي لاءِ

روانو ڪيو. ۽ پاڻ پنهنجو باقي لشڪر ساڻ وٺي، هن جي بادشاهيءَ جي پسگردائي وارن "شهرن" تي تيز رفتاريءَ سان ڪاهي ويو. ايريئن انهن شهرن لاءِ چوي ٿو تہ اُهي اُن سردار جي قبضي ۾ ڏنا ويا هئا. جنهن جو مطلب اهو ٿي سگهي ٿو تہ بادشاهہ اُهي علائقا هن کي سندس پنهنجن علائقن کان علاوہ ڏنا هئا. ۽ اُنهن تي اصل ۾ آڪسيڪانُس جو راڄ هو. انهن شهرن تي هڪ جي پٺيان ٻئي تي قبضو ڪيو ويو. ۽ جيڪي شهر ملڪ تي سڌي ضابطي هلائڻ جي مقصد لاءِ نون انتظامن ۾ ٺهڪي پٺي سگهيا، تن جي قلعن کي پيهر مضبوط ڪري، اُنهن ۾ فوج رهائي ويئي، باقي ٻين کي ڊاهي پٽ ڪري، اتان جي رهاڪن کي غلام بنايو ويو. جيسين بادشاهہ اُنهن سيني علائقن ۾ بغاوتن کي دٻائي، درياءَ جي ڪناري تي قائم ڪيل پنهنجي مکيہ ڇانوڻيءَ ۾ واپس پهتو، تيسين خود ميوسيڪانُس کي پيٽان قيد ڪري ورتو هو. ايريئن چوي ٿو تہ "بادشاهہ حڪم ڏنو تہ هن کي وٺي نيئي سندس ملڪ ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي، ۽ ساڻس گڏ جن بہ برهمڻن کيس بغاوت تي اُڀاريو هو، تن سيني کي پڻ لٽڪايو وڃي[19]". پلوٽارڇ ٻڌائي ٿو تہ برهمڻن هٿان "مقدونين[20] کي بيشمار ٻيون تڪليفون بہ سهڻيون پيون." بادشاهہ جي طرفان هن اوچيءَ ذات جي خلاف ايتري سختي ٿيندڙ ڏسي، جنهن کي قديم زمانن جي رواج موجب ڪويہ هٿ نہ لائيندو هو، عام ماڻهن جي دلين ۾ زبردست ڌڪاءُ پيدا ٿيو هوندو. ۽ ان ڪان پوءِ جيسين هو ملڪ ۾ پاڻ پنهنجي سر موجود رهيو، تيسين وري هن جي اختيار ۽ اقتدار خلاف ڪنهن بہ طرف کان ڪا مخالفت يا مزاحمت ڪانہ ڪئي ويئي.

سنڌ جي ڏاکڻين علائقن جو حاڪم، جنهن کي ڪَرٽيئس، موئيرس سڏيو ويو آهي، سو هاڻي اچي حاضر ٿيو ۽ بادشاهہ جي اڳيان پاڻ اچي پيش پيو. کيس هن خاطريءَ سان واپس موڪليو ويو تہ هو پنهنجا علائقا جيئن جو تيئن پاڻ وٽ رکي سگهيو ٿي، پر ساڳئي وقت اهو حڪم مليس تہ هو پنهنجي گاديءَ واري شهر پاتل ۾ موجود رهي، شاهي فوج جي اچڻ وقت ان جي آجيان جو سامان مهيا ڪري. بادشاهہ موقعو وٺي انهيءَ سردار کان سنڌونديءَ جي منهن بابت معلومات حاصل ڪئي هئي، ۽ کيس معلوم ٿيو تہ اهو درياءُ پنهنجي آخري ڇيڙي وٽ نيل درياءُ کان بہ وڏي ڪيتي ناهي ٿو. هاڻي هن کي


SIND IN 326-325 B.C.
ILLUSTRATING THE INVASION BY
ALEXANDER THE GREAT
COASTLINE OF DELTA CORRESPONDING WITH THE MODERN CONTOUR 20 FEET ABOVE SEA LEVEL; COURSE OF INDUS ACCORDING TO THEORY IN TEXT; ROCKY AND SANDY ELEVATIONS SHADED
SCALE IN MILES
Arabian Sea
MUSICANUS
PRASIANE?
Oxycanus
PATALA
PATALA ?
GREITAE
ARABITAE
INDUS R.
NARA
MODERN COAST LINE
ISLAND IN DEEP SEA
CUTCH

خيال ٿيو تہ آئينديءَ لاءِ هو پنهنجي ملڪ ۽ اوستائين فتح ڪيل علائقن جي وچ ۾ شاهي مواصلات ۽ واپار جي رستن بابت جاگرافيائي صورتحال جو جائزو وٺي، ان مسئلي جو قابل عمل حل تلاش ڪري. هن اندازو ڪيو تہ اُن ڪان پوءِ وڌيڪ ملڪ گيريءَ جي مهم هن لاءِ ممڪن يا مناسب ڪانہ هئي. ساڳئي وقت هن کي پنهنجين فوجن ۽ پنهنجي نالي جي ڌهڪاءَ ۾ وڏو اعتماد هو تہ اُنهن پنهي ڳالهين جي آڌار تي، سندس رواني ٿي وڃڻ کان پوءِ پوئتي سندس مقرر ڪيل گورنر، سندس مفتوح علائقن کي مضبوطيءَ سان پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندا.

جيتوڻيڪ، جڏهن سندس چانوٽي اڃا ميوسيڪانس جي علائقي ۾ ئي هئي، تڏهن هن پنهنجي فوج جي نئين سر تنظيم ڪئي تہ جيئن سندن واپسي آسان ۽ سلامتيءَ واري ٿي سگهي. ڪرٽيرس جي قيادت ۾ ٽي برگيڊون، هاٿي ۽ ڪجهہ تيرانداز دستا ڏنا ويا. ۽ زخمي ۽ بيمار پڻ سندس حوالي ڪيا ويا. ۽ کيس حڪم ڏنو ويو تہ هو آرڪوشيا ۽ زرنگين جي علائقن يعني ڪڇي، ساراوان ۽ سيستان جي وچان نڪري، ڪرمانيا جي علائقي ۾ وڃي داخل ٿئي، وڌيڪ انهيءَ باري ۾ ڪا معلومات ڪانهي تہ ڪرٽيرس اوڏانهن ويندي، مُولا لڪ وارو رستو اختيار ڪيو، يا بولان لڪ مان لنگهي اڳتي وڌيو هو. پنهي حالتن ۾ هن کي بيشمار انتظامي دشواريون سامهون آيون هونديون. ان کان علاوه اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن اُتر سنڌ مان اُنهيءَ وقت ڪوچ ڪيو هو، جڏهن اونهاري جي موسم پنهنجي چوٽ تي هوندي.

پاتلين جي علائقي ڏانهن فوج جي پيشقدميءَ جو طريقو ۽ انتظام بلڪل اهو ساڳيو قائم رکيو ويو، جيڪو اڳي اختيار ڪيو ويو هو. سڪندر چونڊ فوجي دستا ساڻ ڪري درياءَ جي رستي اڳتي وڌيو. فوج جو وڏو حصو هيفاسشان جي قيادت ۾ سنڌونديءَ جي هڪ ڪناري تي هن سان گڏوگڏ متوازي رخ ۾ هلندو رهيو، ۽ پيٿان کي وڌيڪ تيز رفتار ۽ ننڍن فوجي دستن سان درياءَ جي ٻئي ڪناري کان گڏ وڃڻ لاءِ چيو ويو. اُن طريقي سان سندس انهن ٻَري فوجي دستن کي وڌيڪ وسيع علائقا پنهنجن پيرن هيٺ آڻي، انهن شهرن جي آباد ڪاريءَ جو ڪم مڪمل ڪرڻو هو، جن ۾ سندس حڪمن هيٺ باغين جي خلاف هلايل مهم جي دوران، ويجهڙائي ۾ ئي قلعن کي مضبوط بنايو ويو هو. اُنهيءَ انتظامي جمت جي ڪم کي سرانجام ڪرڻ کان پوءِ انهن

فوجي دستن کي مکيه لشڪر سان پاتل ۾ اچي گڏجڻو هو. جيڪڏهن اسان جو هي اندازو صحيح آهي ته آڪسيڪانس ۽ سامبس جا علائقا جديد دور جي لاڙڪاڻي ضلعي ۽ دادو ضلعي جي اُترئين حصي سان مجموعي طور نهڪن ٿا. ته پوءِ امڪان اهو آهي ته هيفاسشان جي پيشقدمي سنڌونديءَ جي ڏائي ڪناري سان ريگستان جي لڳولڳ ٿي هوندي.

اهو زمانو سال 325 ق.م جي جون مهيني جي پڇاڙيءَ يا جولاءِ جي شروعات وارو هو، ۽ درياءَ چڙهڻ لڳو هو. ائين پيو نظر اچي ته پهرين ٽن ڏينهن تائين آرماڙ جي پيشقدمي ننڊين ننڊين منزلن جي صورت ۾ ٿيندي رهي، ته جيئن هيفاسشان کي ان سان گڏ وڏڻ جو موقعو ملي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻنهي فوجن جي درميان رابطو برقرار رهي. درياءَ جي متئين طرف آبڪلاٽيءَ واريءَ موسم ۾ ائين ڪرڻ ناقابل عمل ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته ٻنهي ڪنارن سان ٿوري ٿوري مفاصلي ڪان پوءِ، درياءَ جي ڪپن کان ٻاهر اتليل پاڻي ڇوڌاري ڦهليل هجي ها. پر اسان کي هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ لاءِ سبب آهن ته ميوسيڪانس جي گاديءَ واري شهر ۽ پاتل جي وچ وارو علائقو جيڪڏهن مشرقي ريگستان جي بلڪل ڪناري سان نه ته گهٽ ۾ گهٽ ان جي بلڪل ويجهڙائيءَ ۾ واقع هو. هن منزل تي هيءَ خبر آئي ته پاتل جي حڪمران فوراً پنهنجي رعيت کي سڄي شهر کي خالي ڪري، اتان نڪري وڃڻ تي آماده ڪيو آهي. سڪندر اهو ٻڌي درياءَ جي رستي پنهنجي رفتار کي تيز ڪيو. جڏهن هو پاتل پهتو، تڏهن هن سڄي ملڪ ۽ اُن جي آسپاس واري علائقي کي بلڪل ويران ۽ پڙيانگ حالت ۾ ڏٺو. زمين کي هر ڏيندڙ هاري به زمينون ڇڏي نڪري ويا هئا. بادشاهه پنهنجون انتهائي تيز رفتار ۽ هلڪيون فوجون ماڻهن جي پنيان ڊوڙايون، انهن مان ڪن کي پڪڙيو ويو، ۽ ڪين فوراً بين سندن ڳوٺاين ۽ هم وطنين ڏانهن هن پيغام سان موڪليو ويو ته اُهي ڪنهن به مداخلت جي ڊپ ڊاءَ کان سواءِ پنهنجا شهر اچي وسائين ۽ پنيون آباد ڪن [21]. اهڙيءَ طرح اُنهن مان ڪيئي واپس آيا ۽ اچي پنهنجا ماڳ وسائي وينا، پر معلوم ٿئي ٿو ته سندن سردار پوئتي موٽڻ جي نه ڪئي. ڪرٽيئس جي چوڻ موجب، هيءُ شخص، جنهن کي هو موئيرس جي نالي سان سڏي ٿو، پنهنجيءَ سلامتيءَ لاءِ جبلن ڏانهن ڀڄي ويو هو. هن کي ڊپ هو ته متان سندس رعايا مان ڪي ماڻهو سڪندر جي سامهون

ٽين ۽ اُن لاءِ ڪيس ذميدار سمجهيو وڃي. انهيءَ ڪري، هو سامبس جو مثال وٺي، گم ٿي ويو. ۽ واقعي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ واقعو اهڙو رونما به ٿيو، جنهن لاءِ هن کي اِن قسم جو انديشو هو. ”مقامي وحشين“ جي ڪن ٽولن، پاتل جي قريب خشڪ علائقي ۾ کوهن کوٽڻ لاءِ موڪليل سڪندر جي ڪن ماڻهن تي حملو ڪيو ۽ ڪجهه يوناني ماري وڌا. بهرحال اُنهن کي بعد جي مقابلي ۾ زبردست نقصان سهڻو پيو ۽ هو ريگستان ڏانهن پٺي ويا. بادشاهه طرفان ڀرتين ڪارڪن فوجي دستي ۾ ماڻهن جو اضافو ڪيو ويو ۽ کوهن جي تعمير مڪمل ڪرائي ويئي، جيڪا هن مقامي ماڻهن جي سک لاءِ ۽ هنن جي وفادارين حاصل ڪرڻ لاءِ، خاص حڪم جاري ڪري، شروع ڪرائي هئي [22].

پاتل جي ويجهو ڪيٽيءَ جو سرو هو، جتان نڪرندڙ درياءَ جي ٻنهي ٻانهن کي سمنڊ تائين ”سنڌو“ چوندا هئا. اتي، سڪندر پنهنجي فوج لاءِ بندر ۽ ٻيڙن جي بيهڻ جي گودي ٺهرائي ته جيئن سندس بحري ٻيڙي لاءِ اهو هڪ اڏي جو ڪم ڏئي. جيئن ئي اُهو ڪم چڱيءَ حد تائين هلي چڪو، تيئن هن درياهه جي ٻنهي ٻانهن جي لهواري پڙتال شروع ڪئي. ڀريائين هو ساڄيءَ ٻانهن سان اڳتي وڌيو. هُن پاڻ سان ڪافي تعداد ۾ ٻيڙا اڳتي نيا، جيڪي سڀ انتهائي تيز رفتار ٻيڙا هئا. ”جن ۾ ڪي ونجهن جي ڏيڍ قطار وارا هئا، ۽ گهڻا ٽيهن ونجهن وارا وڏا ٻيڙا به شامل هئا“. ساڳئي وقت هڪ هزار گهوڙيسوار ۽ اٺ هزار پيادل فوج کي، جنهن ۾ هلڪن ۽ ڳَرن هٿيارن سان مسلح سپاهي هئا، ليئونانس جي ڪمان هيٺ حڪم ڏنو ويو ته اُهي پاتل جي ”ٻيٽ“ وچان، سامونڊي ٻيڙي سان متوازي رخ ۾ سُڪيءَ سان هلندا اچن. بدقسمتيءَ سان، سڪندر جي هن سڄي اتالي جي تياريءَ ۽ پيشقدميءَ کي ڏسندي، اُن سڄي علائقي جا درياءَ جي پاسن وارا رهاڪو پنهنجا ماڳ ڇڏي هليا ويا هئا، ان ڪري آرماڙ کي مقامي ڄاڻو ناکئن جي مدد کان سواءِ اڳتي وڌڻو پيو. سڪندر جي تڪليفن ۾ ٻيو اضافو هيءُ ٿيو، جو ٻئي ڏينهن تي آرماڙ کي هڪ سخت طوفان جو مقابلو ڪرڻو پيو، جيڪو درياءَ جي مخالف رخ ۾ لڳي رهيو هو، ۽ اُنهيءَ سبب درياءَ ۾ ايڏا ته وڏا لهرين جا لوڏا اُٿيا، جو ڪيئي ٻيڙا ڏڪجي پيا ۽ اُنهن مان ڪن جهازن جي حالت ته اهڙي خراب ٿي ويئي، جو جڏهن انهن کي ٻاهر ڪناري تي آندو ويو ته انهن جو تقريباً تختو تختي کان ڌار ٿي ويو ۽ اُهي

ڪنهن ڪم جا ڪونہ رهيا [23]. ايريئن ٻڌائي ٿو تہ بادشاهہ اُتي پين جهازن ٺهرائڻ جا حڪم جاري ڪيا. هِنن حالتن ۾ ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ هو فوراً مڪاني ماڻهن جون ٻيڙيون زوريءَ فوج جي استعمال لاءِ قبضي ۾ وٺي ها، پر ڪيس اُن ۾ مصلحت ڏسڻ ۾ نہ آئي. اُن جي بدران هُن پنهنجون انتهائي تيز رفتار ۽ متحرڪ فوجون ملڪ جي اندروني حصن ڏانهن موڪليون. ڪجهہ هندستانين کي پڪڙي هٿ ڪيو، ۽ پنهنجي آئيندي سفر لاءِ انهن کي زوريءَ پنهنجي ٻيڙي جو سونهون بڻايو. بادشاهہ جي سفر جو هيءُ پويون حصو چوماسي هوائن جي عين مخالف سمت ۾ شروع ٿيو، ۽ جتي درياءَ جو پيٽ گهٽي ۾ گهٽيو وڌيل هو. (ايريئن چوي ٿو تہ اهو وڌ ۾ وڌ ٿهلاءَ واري حالت ۾ بہ سؤ اسٽيڊس ويڪرو هو، پر اِهو وڌاءُ معلوم ٿئي ٿو). اُتي وير ايتريقدر تہ زوردار هئي، جو ٻيڙن جا وَنجهہ ڏاڍي مشڪل سان پاڻيءَ ۾هلي پئي سگهيا [24]، اُن حالت ۾ هنن کي سُونهان هڪڙي واهُڙ يا درياهہ جي ننڍيءَ شاخ ۾ اندر پناهہ لاءِ وٺي ويا. اتي پرڏيهي ماڻهن کي سامونڊي وير جو عمل ڏسي، ڏاڍي حيرت لڳي، جو تہ اُها صورتحال اهڙي هئي، جنهن مان خاص طور اُهي ماڻهو اڻواقف هئا، جن جو سامونڊي سفر جو سڄو سارو تجربو پونوچ سمنڊ تائين محدود هو. وير لٿي، تہ جهاز ٻاهر سُڪيءَ تي ڦاسي بيهي رهيا، پر اوچتوئي اوچتو ۽ بلڪل غير متوقع طور وري پاڻيءَ جو اهڙو چاڙهہ واپس وريو، جو ڪيئي ٻيڙا اُن جي چوهہ ۾ لڙهي، هڪٻئي سان ٽڪرائجي پيا، ۽ انهن کي ڪافي نقصان رسيو.

سڪندر جيئن تيئن ڪري ڏَڪيل ٻيڙن جي مرمت ڪرائي، ۽ پوءِ پنهنجن ماڻهن جي هڪ جماعت کي ٻن ٻيڙين ۾ ويهاري درياءَ جي هيٺانهين ڏس ۾ موڪليو تہ جيئن اهي انهيءَ ٻيٽ جي کوج لڳائين، جنهن لاءِ سندس هندستاني سونهان چئي رهيا هئا تہ آرماڙ کي سمنڊ ڏانهن رواني ڪرڻ کان اڳي انهيءَ هنڌ لنگرانداز ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ٻيٽ جو نالو ڪِلوتا هو. جائزي وٺندڙ جماعت واپس اچي ٻڌايو تہ اهو هڪ وڏو ٻيٽ هو، جنهن ۾ مٺو پاڻي موجود هو ۽ اُتي جهازن کي لنگرانداز ڪرڻ لاءِ سٺي جاءِ موجود هئي، تنهنڪري بادشاهہ حڪم ڏنو تہ آرماڙ کي اوڏانهن نيو وڃي. هو پاڻ بهترين ٻيڙن ۾ درياءَ جي لهواري طرف وڏيڪ اڳتي ويو تہ جيئن پاڻ ڏسي سگهي تہ نديءَ جو منهن سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جو آسان رستو ڏئي ٿو يا نہ. رستي تي ٻي ڪابہ دشواري هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون ڪانہ آئي، ۽ هو ايترو پري نڪري ويا، جو کين دور سمنڊ ۾ هڪ ٻيو ٻيٽ بيٺل نظر آيو. ٻئي ڏينهن تي سڪندر انهيءَ ٻيٽ تي قدم رکيو، ۽ اتي پهچي هن قربانيون ڏنيون، ۽ وري پوءِ سمنڊ طرف هڪ مختصر سفر ڪري، ڪجهہ ٻاهر پهچي، مهاساگر جي ديوتا پوسيڊان کي راضي ڪرڻ لاءِ وهڙا قربان ڪيا، ۽ پڻ سونن پيالن مان ديوتائن جي نالي ۾ شراب جو نذرانو هاري، بعد ۾ اتي ٻَرتَن شڪراني جي علامت طور سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيا. هن خدا جي حضور ۾ ٻاڏ دعا ڪئي تہ هو انهيءَ ڏکي ساموندي سفر ۾ سندس آرماڙ تي نوازش جي نظر ڪري، جيڪو هن نيارڪسَ جي ڪمان هيٺ پنهنجي ساموندي آرماڙ لاءِ سنڌونديءَ کان وٺي دجلہ ۽ فرات تائين پهچڻ لاءِ رٿيو هو.

پاتل واپس اچڻ تي هن ڏنو تہ قلعي کي چڱيءَ طرح مرمت ڪري مضبوط ڪيو ويو هو، جيئن هن حڪم ڏنو هو. ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ اُهي مضبوط قلعا، جيڪي هن هر هنڌ نهرايا ٿي، جتي ٻہ هن پنهنجون فوجون ٿي ڇڏيون، سي ڪي پيچيده ۽ وڏيون اڏاوتون هيون. اڪثر حالتن ۾ اهي رڳو گنب جي مٽيءَ جون يا ڊانل جاين جي مٽيءَ مان ناهيل ڪچين سرن جون پتيون هيون، جيڪي انهن هنڌن تي اڳيئي موجود ڪوٽن جي ديوارين کي مٽي ڪرڻ يا انهن کي پُشتيون ڏيڻ لاءِ ناهيون ٿي ويون. "ساموندي يا دريائي بندر ۽ گوديون" ۽ "آرماڙ جا اڏا" پڻ گهٽي ڀاڱي سڌيون سنيون ۽ ساديون گهرج ساريون جايون هونديون، جيڪي جهازن جي لنگرانداز ٿيڻ ۽ انهن جي مرمت جي ڪم لاءِ ناهيون ويندڙيون هيون. فقط اهو ڪوٽ جنهن لاءِ هاٿي هيفاسشان کي پاتل جي بچاءَ لاءِ نهرائڻ جو حڪم ڏنو ويو، تنهن جو خاڪو هڪ جٽادار اڏاوت جي خيال کان وڏي پيماني تي رٿيو ويو هو. چاڪاڻ تہ سڪندر جو ارادو اُتان نيارڪس جي ڪمان هيٺ ساموندي سفر لائق جهازن جي رواني ٿي وڃڻ کان پوءِ آرماڙ جي خاصي حصي کي اتي موجود رکڻ جو هو. زيرين سنڌوءَ جي ماتحت رياستن جي پنجاب سان آمدرفت قدرتي طور پاڻيءَ ذريعي ئي ٿيندي هئي.

اُنهيءَ عرصي دوران بادشاهہ سمنڊ ڏانهن ويندڙ دريائي رستن جي کوج وري شروع ڪئي، ۽ سنڌو نديءَ جي ڏائي هٿ واريءَ شاخ ۾ ٻيڙيءَ ذريعي سفر ڪيو. هن ڀيري کين، مغربي شاخ واري سفر جي ڀيٽ ۾، ڪابہ تڪليف يا رڪاوٽ پيش ڪانہ آئي. ڪليل سمنڊ تائين پهچڻ کان اڳي هو هڪ ڍنڍ يا نار

۾ داخل ٿيا، ۽ اتي سڪندر پنهنجي آرماڙ جي وڏي حصي کي لنگرانداز ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ۽ هو پاڻ ٻيڙين ۾ درياءَ جي اصلي منهن جي آسپاس جائزو وٺندو رهيو. هن ڳالهه کان مطمئن ٿي ته درياءَ جي اڳيئن پڙتال ڪيل شاخ جي پيٽ ۾ هن شاخ مان جهاز راني وڌيڪ آسان آهي، هو ٻيڙيءَ مان لهي، ڪناري تي آيو. ۽ (جيڪڏهن ايريئن جي بيان تي اعتبار ڪجي ته). اُتان ڪجهه گهوڙيسوار فوج پاڻ سان وٺي، ساموندي ڪنارو ڏيئي، ٽن ڏينهن جي مسافريءَ جيترو مفاصلو طئي ڪري موٽي آيو، ته "جيئن اِهو ڏسي سگهي ته هيءُ ملڪ سمنڊ جي ڪناري ڪناري ٽيندڙ سفر لاءِ ڪيتريقدر موزون هو. ۽ پيو ته اُتي موزون هنڌن تي کوهن کوٽڻ جو پڻ بندوبست ڪري سگهي، ته جيئن خلاصين کي گهرج سارو پيئڻ لاءِ پاڻي ميسر ٿي سگهي". پوءِ هو پاڻيءَ رستي موٽي واپس آيو. ۽ فوج جي ڪجهه حصي کي هُن ساموندي ڪناري ڏانهن وڃڻ ۽ کوهن کوٽڻ جي ڪم کي پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ۽ پاڻ ٻيهر انهيءَ "ڍنڍ" وٽ پهچي، اُتي هڪ ٻئي دڪي ۽ جهازن جي گوديءَ جي تعمير جي ڪمن جي نظرداري ڪرڻ لاءِ لهي پيو. اُتي هن هڪ فوجي دستو پڻ ويهاريو ۽ اسلح خانو پڻ ٺهرايو. جنهن ۾ نيارڪس جي آرماڙ لاءِ هُن چئن مهينن جي خوراڪ گڏ ڪري رکڻ جو انتظام ڪيو.

سڪندر جو هن باري ۾ هيءُ پختو ارادو ته ڪوبه اهڙو ڪم يا اهڙي ڳالهه، جيڪا نيارڪس جي ساموندي سفر جي ڪاميابيءَ ۾ مددگار ٿي سگهي سا اڻ پوري نه ڇڏي وڃي، نه فقط انهن وڏين تيارين مان پر، جيئن اسين اڳتي هلي ڏسنداسين، پوين منزلن ۾ به هن جي لاءِ سامان ۽ اسباب مهيا ڪرڻ جي سندس ڀرپور ڪوشش ۾ پڻ ظاهر ٿئي ٿو. هن کي اها اميد هئي ته انهيءَ فوج جي پيشقدميءَ جو. جيڪا هو پاڻ مڪران جي رستي خشڪيءَ سان وٺي وڃڻ وارو هو، اهڙيءَ باقاعدگيءَ سان انتظام ڪري سگهبو، جو ٿوري گهٽي وقفي کان پوءِ بحري ٻيڙي سان ان جو رابطو قائم رهي سگهندو. اهڙي گڏيل پيشقدميءَ وسيلي هن کي انهيءَ ڳالهه کي تنصيل سان طيءِ ڪرڻو هو، ته آئنده لاءِ سندس شهنشاهت جي انتهائي مشرقي صوبن ۽ ان جي مرڪز جي درميان رابطن ۽ آمدورفت جو بهترين انتظام ڪهڙي طريقي سان ممڪن ٿي سگهيو ٿي.

درحقيقت، حالات ان جي اُبتڙ ٿي واقع ٿيا، ۽ نيارڪس جو بحري ٻيڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ موقعي تي، ٻري فوج سان پنهنجو ناتو قائم ڪري نہ سگهيو.
سڪندر پاتل کان سيپٽمبر مهيني جي آخر ڌاري سفر شروع ڪيو. هو انهيءَ آزاد قبلي "آربيتي" [25] واري ملڪ منجهان، سواءِ ڪنهن مخالفت يا مقابلي جي، لنگهي، اڳتي وڌيو. اُن قبيلي جو سنڌ جي اُن مغربي ڪوهستان تي قبضو هو، پر هو اُتان ڀڄي، وڃي "رڻ" ۾ لڪا هئا، جنهن جو مطلب شايد وڏيڪ ڏورانهين ٽڪرين جي ايراضيءَ سان هو. ان کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي لشڪر کي حب [27] نديءَ تي ترسايو، جتان هو هڪ مضبوط فوجي دستي کي ساڻ ڪري، "ڏائي هٿ واري طرف" راس مونزي جي اُترئين پاسي، ساموندي ساحل تائين پيشقدمي ڪري، پهتو. ائين ڪرڻ لاءِ هن جا ٻہ مقصد هئا. هڪ پنهنجي آرماڙ جي خلاصين لاءِ کوهہ کوٽائڻ، ۽ ٻيو اوريتائي لوڪن جي ملڪ تي هڪ پاسي کان پيشقدمي ڪرڻ. جيڪي حب نديءَ جي ٻئي ڪپ تي رهندا هئا. جيڪو هن وقت "لس ٻيلي" جي نالي سان مشهور آهي. پر اهو قبيلو، جيڪو "گهٽي وقت کان وٺي آزاد رهيو هو"، اُنهن مثالن مان بہ ڪو فائدو نہ وٺي سگهيو، جيڪي اتر سنڌ جي سنڌن پاڙيسرين سڪندر سان پنهنجي روش جي سلسلي ۾ قائم ڪيا هئا. مطلب تہ اُن قبيلي بادشاهہ جي آجيان ڪرڻ کان پاڻ کي پوئتي رکيو ۽ هُن لاءِ پنهنجي دوستاڻي لاڙي جو مظاهرو نہ ڪيو. هيفاسشان کي حب جي ڪناري تي بيهاريل لشڪر جي مکيہ حصي جي نگرانيءَ لاءِ ڇڏيو ويو، جيڪو شايد لوُنگ لوهراڻيءَ جي پسگردائيءَ ۾ هو. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ ائين رڳو سڪندر جي رٿيل يلغار کان اوريتائي لوڪن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪيو ويو هو. سڪندر جي پيشقدمي تمام تيز ۽ فيصلا ڪن هئي، هن حب نديءَ جي اولهہ ۾ واقع ويران جابلو علائقي جا ويهہ ميل هڪ رات ۾ پورا ڪيا، ۽ پوءِ اُتان هو، پنهنجي فوج کي وسيع محاذ ۾ ڦهلائي، اُترئين ميدان وچان طوفان وانگر ڪاهي ويو، ۽ اُنهيءَ دوران جيڪو بہ مقابلي لاءِ سامهون آيو، تنهن کي سندس گهوڙيسوار فوج ترار جو لقمو بڻائيندي رهي، ۽ ان جي پٺيان ايندڙ پيادل فوج باقي بچيل ماڻهن کي قيدي بڻائيندي آئي. جڏهن سڪندر "پاڻيءَ جي هڪ ننيڙي تلاءَ" وٽ ڇانوڻي هنئين، تڏهن هيفاسشان بہ وڏي اڇيِ ساڻس مليو. ممڪن آهي تہ اُهو "پاڻيءَ جو ننيڙو تلاءُ" سرنده ڍنڍ هجي [28]. ان کان پوءِ لشڪر اڳتي پيشقدمي ڪندي اچي، اوريتائي لوڪن جي وڏي کان وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ، رهاميڪيا. وٽ پهتو. بادشاهه تي اُنهيءَ پسگردائيءَ جو ڏاڍو سٺو اثر پيو، ۽ هن اتي هڪ شهر جي بنياد وجهڻ جو فيصلو ڪيو.

ان کان پوءِ بيو قدم انهيءَ قبيلي جي سردارن سان ترار رستي يا ٻئي ڪنهن طريقي سان ناهه تي اچڻ هو. انهن سردارن، پنهنجي قبيلي جي ماڻهن جي هڪ وڏي لشڪر سان گڏ، گدروسي لوڪن جي حمايت سان، هڪ جبل جي لڪ اڳيان وچي چانوٽي هنئين هئي، جتان انهيءَ پوئين نالي واري قبيلي جي ايراضيءَ ۾ داخلا جو رستو هو. ان لڪ کي جهلي ويهڻ مان سندن مقصد بادشاهه جو رستو روڪڻ هو [29]، پر هنن جي همت عين ان وقت صفا ٽٽي پيئي، جڏهن هو سچ پچ فوج سان مٿن حملو ڪري آيو، اوريتائي سردار وٺس لنگهي آيا، ۽ پنهنجو ملڪ هن کي پيش ڪرڻ جي آچ ڪيائون. ڪُئنٽس ڪَرٽيئس جي چوڻ موجب، "انهيءَ قبيلي جي حڪومت جمهوري نوعيت جي هئي، جنهنڪري هنن جي پيش پوڻ واري فيصلي جي سندن هڪ عوامي مجلس کي تصديق ڪرڻي هئي [30]. سڪندر هنن سان رحمدليءَ سان پيش آيو ۽ سردارن کي هدايت ڪيائين، ته هو پنهنجن ماڻهن کي سندن گهرن ڏانهن واپس موڪلين، جاڪاڻ ته هاڻي ڪين ڪنهن به ڳالهه جو ڊپ ڪونه هو. هن اڻپولوفينس کي انهيءَ ملڪ لاءِ پنهنجو وائسراءِ مقرر ڪيو ۽ ليوناٽس کي اُتان جي فوجي دستن جي ڪماندر طور اتي ڇڏيو، جيڪي دستا سيني ارگيانن، جن ۾ ڪجهه تيرانداز ۽ گهوڙي سوار هئا، ۽ باقي يوناني پگهاردار گهوڙي سوارن ۽ پياده سپاهين تي مشتمل هئا." ليوناٽس کي انهيءَ وقت تائين اتي ترسڻو هو، جيسين بحري آرماڙ اُتان مَٿي وڃي، ۽ تنهن وچ ۾ هن کي اتي هڪڙو نئون شهر آباد ڪرڻ هو، جنهن لاءِ پهريائين ان ملڪ جي نالي پٺيان "اورا" جو نالو تجويز ڪيو ويو هو. ۽ اٿين سيني ڳالهين جي اطمينان بخش نموني نيڪ ناڪ تي وڃڻ کان پوءِ ليوناٽس کي اتان اڳتي وڌي، بادشاهه جي ڪئمپ ۾ وڃي شامل ٿيڻو هو [31].

سڪندر هاڻي هيفاسشان ۽ لشڪر جي وڏي حصي کي ساڻ ڪري، گدروسيا طرف پيشقدمي ڪئي. اسان کي انهيءَ ويران ملڪ وٽان سڪندر ۽ سندس فوج جي تڪليفن سان پريل سفر جي قصي کي هتي بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪرمانيا جي پُورا نالي هنڌ تي سندن طويل قيام جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوران هن جي آسپاس وارن ماتحت صوبن جا ڪيترائي وائسراءِ سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. ۽ انهيءَ هنڌ ڪِرٽيرس بہ منزلون ڪندو اچي مکيہ لشڪر سان مليو. هو پاڻ سان هاٿين ۽ ٻيءَ ماتحت فوج کي سيبستان کان لُـط نالي ريگستان مان صحيح سلامت ڪڍي آيو هو. هڪ ايراني امير کي بہ ساڻ وٺي آيو، جنهن کي هن بغاوت ڦهلائڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو هو. ڪيترن ئي نون مشرقي صوبن کان خبرون پڻ آيون، جن مان صاف نظر اچي رهيو هو تہ نئين سر هٿ آيل علائقن ۾ شاهي اقتدار جي صورتحال ڪيتريقدر نازڪ هئي. سچو دارومدار شاهي وائيسرائن ۽ ڪماندرن جي شخصي خوبين ۽ خصلتن تي هو. ۽ اُنهن ۾ هنن مان ڪيترا ناڪام ثابت ٿيا هئا. انهن مان هڪ ائيپولوفينس هو. اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ سڪندر "دريافت" ڪري ورتو تہ هن سندس هدايتن تي ڪو ڌيان نہ ڏنو هو. اسان جو اندازو اهو آهي تہ ليونائِس ئي هن تي چغلي هنئين هوندي. بادشاهہ هن کي عهدي تان لاهڻ جو حڪم ڏنو، ۽ هن جي جاءِ تي هڪبئي ماڻهوءَ، ٿوئاس، [32] کي مقرر ڪيو. جيسين نئين انتظام کي ڪنهن عملي صورت ۾ آندو وڃي، تنهن کان اڳيئي اوريتائي لوڪ بغاوت ڪري اٿي کڙا ٿيا. ليونائس موقعي جو مڙس ماڻهو هو، ۽ هن دوبدو جنگ ۾ انهيءَ قبيلي کي وڏيءَ خونريزيءَ سان شڪست ڏني، ۽ سندس پنهنجي طرف جو بنهہ ڪو ٿورو نقصان ٿيو. البت ائيپولوفينس اُنهن مان هڪ هو، جيڪي هن جنگ ۾ مارجي ويا [33].

انهيءَ کان پوءِ جلد ئي نيارڪس ساموندي آرماڙ وٺي ڪوڪالا نالي هڪ بندر تي اچي پهتو، جيڪو اڌ رستي تي هڪ اهڙو شهر هو، جنهن ۾ سڪندر جي حڪم هيٺ جهازن ۾ تازو ڪاڌو پيتو پڻ لاءِ اناج جو ذخيرو ڪيو ويو هو. ملڪ جي وگوڙي حالتن سبب نيارڪس انهيءَ چانوٽيءَ جي چوڌاري، جيڪا هن ڪناري تي هنئين هئي، هڪ ديوار ڪٽائي ڇڏي. اُتي رهي هو پنهنجن ڪمزور ۽ ڏَڪيل جهازن جي مرمت ڪري پئي سگهيو، ۽ ساڳئي وقت هن پنهنجي لشڪر جي ڪن ماڻهن جي جاءِ تي، جيڪي ڏگهي ساموندي سفر جي تڪليفن کان بد دل ۽ نراس ٿي چڪا هئا، ليونائس جي فوج مان ڪي ماڻهو بدلائي ڪنيا. اُنهيءَ نئينءَ تنظيم کان پوءِ نيارڪس اولهہ طرف ٻيڙو هاڪاري رواني ٿيو، پر هو جيئن تہ سڪندر کان گهڻو پنتي رهجي ويو هو، مکيہ لشڪر سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪجھ قدر رابطو فقط تڏهن قائم ڪري سگھيو، جڏهن اُهو ڪِرمانيا ۾ خيمازن هو.

اسين اهو اندازو ڪري سگھون ٿا تہ ليوناٽس انهيءَ وقت تائين اوريتائي لوڪن جي ملڪ ۾ رهيو، جيسين نئون مقرر ٿيل وائيسراءِ، سِبِرٽيِيسَ (چاڪاڻ تہ اٿپولوفينس جي جاءِ تي مقرر ڪيل وائيسراءِ، ٿوئاس، مري چڪو هو). پنهنجي عهدي تي پوريءَ ريت ڄمي ۽ ڪُِپي نہ وينو. اُن کان پوءِ هن جنرل جو وري "سوسا" ۾ ذڪر پڌجي ٿو، جتي هو انهن عملدارن مان هڪ هو، جن کي خاص طور "اورا" [34] ۾ سرانجام ڏنل سنين خدمتن جي صلي ۾ سونو تاج پهرايو ويو هو.

انهيءَ کان پوءِ، ٿورن ئي مهينن گذرڻ بعد سڪندر جو موت واقع ٿيو. هن باري ۾ فقط اندازو ئي ڪري سگھجي ٿو تہ هو جيڪڏهن جيئرو رهي ها، تہ پنهنجن دور دراز علائقن کي مستحڪم ڪرڻ ۾ بہ اهڙي ئي مهارت ۽ قابليت جو مظاهرو ڪري ها جهڙو هن هڪ فاتح جي حيثيت ۾ ڪيو هو. ٻيهن سالن جي ڄمار ۾، وڏيڪ ڪاميابين حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي ڪافي وڏيءَ مدت ڏانهن اميدن ڀرين نظرن سان ڏسڻ هڪ بلڪل قدرتي امر هو. ڇا، سڪندر اُن کان پوءِ عربستان، آفريڪا يا مغربي يورپ جي ملڪن ڏانهن وڌيڪ فتحن ڪرڻ لاءِ سامونڊي سفر اختيار ڪري ها، جيئن سندس قديم دور جي اڪثر سوانح نگارن قياس آرائي [35] ڪئي آهي، جڏهن تہ هن لاءِ هيڏيءَ ساريءَ محنت ۽ تڪليف سان فتح ڪيل نئينءَ شهنشاهت جي وڏن وڏن صوبن جي هٿان مرڳو کسجي وڃڻ جو خطرو موجود هو. هو انهيءَ خطري جي حقيقت کان پوريءَ طرح آگاهہ هو، ۽ ڪيس اِها بہ پوريءَ طرح ڄاڻ هئي تہ حالات اهڙو رخ اختيار ڪري ٿي سگھيون، جو خطري واريءَ جاءِ تي سندس شخصي موجودگيءَ کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ اُنهن کي روڪي ڪانہ ٿي سگھي. پر في الحال هن جي صحيح جاءِ يا اصلي ڪم سندس فتح ڪيل علائقن جي عين مرڪز ۽ دل وٽ هو، جتي رهي، هو اختيار ۽ اقتدار جون سڀ واڳون پنهنجن هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهلي ۽ سنڀالي پئي سگھيو. هن جي زندگيءَ جي آخري چند مهينن جي دوران سندس پاليسي هيءَ ٿي معلوم ٿي، تہ هو پنهنجي نئين رعايا کي تسلي ڏئي تہ سندس دل ۾ هنن لاءِ ڪيڏي نہ شفقت ڀريل هئي ۽ هنن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُک ڏک جو هن کي ڪيترو نه اونو هو. اُن لاءِ هُــن پنهنجن انهن صوبائي گورنرن کي مثالي سزائون ڏيڻ شروع ڪيون. جن جي لاءِ اها شڪايت پڌبي هئي ته اُهي رعيت سان ظلم ۽ ڏاڍائي وارو ورتاءُ ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪيترن ئي گورنرن هن خيال کان به پنهنجي خود خياليءَ مطابق عمل ڪرڻ شروع ڪيو هو. ته سڪندر پنهنجي طويل مشرقي مهم کان پوءِ وري ڪڏهن اوڏانهن موٽندو ئي ڪونه. هيڏانهن سڪندر پاڻ به اهڙين هر قسم جي تهمتن تي يقين ڪرڻ ۽ ننڍين کان ننڍين ڏوهن لاءِ به نهايت سخت سزائن ڏيڻ ڏانهن مائل هوندو هو. ايريئن چوي ٿو ته "هن جي شاهي حڪومت هيٺ. اها اجازت ڪانه هئي ته حاڪم محڪومن سان ناجائز ۽ ناروا سلوڪ اختيار ڪن" [36]. جيتوڻيڪ اها مشرقي پاڻ ڏاڍن بادشاهن جي ئي روايتي پاليسي هوندي آهي، جيڪي پنهنجي رعايا جي وفاداريءَ جو ڏاڍو خيال رکندا آهن. پر اسان کي معلوم آهي ته سڪندر ارسطوءَ جو ئي هڪ شاگرد هو. هڪ حڪمران جي حيثيت ۾ هن جا ڪهڙا مقصد ۽ ڪهڙا ارادا هئا. اُن جي ثابت ڪرڻ لاءِ هن کي واقعي وقت گهربل هو. پر اِئين ڪرڻ جي وقت هن کي مهلت ڪانه ڏني.

سڪندر جي هندستان ۾ پاليسي اِها هئي ته اُنهن حڪمرانن کي سندن علائقن ۾ بحال رکيو وڃي، جن سندس بالادستيءَ کي تسليم ڪيو هو. ۽ ساڳئي وقت پاڻ کي هن جي اعتماد جي لائق ثابت ڪيو هو. اهڙن حڪمرانن جي زمري ۾ ٽئڪسلا جو راجا. ۽ پورس اچي ٿي ويا. ۽ سڪندر سچ پچ ته پورس جي حڪومت هيٺ ايترو علائقو ڏنو هو. جيڪو پورس جي اصلوڪي علائقي جيترو ئي هو. جتي جتي مخالف حڪمرانن سان ڪم ٿي پيو يا جيڪي آڻ مڃڻ کان ڪيٻائي رهيا هئا. ۽ اُنهن ملڪن ۾. جتي قبائلي يا جمهوري طرز جون حڪومتون قائم هيون. اُتي هن پنهنجن آفيسرن کي پنهنجو وائيسراءِ مقرر ٿي ڪيو. ۽ انهن جي هٿ هيٺ باقاعدي فوج جا دستا پڻ ڏيئي ٿي ڇڏيا. ۽ ڪن ٻين هنڌن تي وري انهن فوجي دستن کان علاوه پنهنجا وفادر ماڻهو نو آبادڪارن جي صورت ۾ پڻ آباد ڪري ويهاريا ٿي. اهڙيءَ طرح سڪندر وارو هندستان، جيڪو ڪجهه ماتحت گورنرن جي صوبن تي. ته ڪجهه وفادار ۽ ڏن ڀريندڙ رياستن تي مشتمل هو. سو جزوي طور هُــن جي سڌيءَ ۽ ڪجهه قدر اڻسڌيءَ حڪمرانيءَ هيٺ هو. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بادشاهه سڄي ملڪ

تي خود هندستاني راجائن جي معرفت حڪومت هلائڻ ڪي وڌيڪ پسند ڪري ها. جيڪو ايراني شهنشاهت جي طرز حڪومت جو بنياد رهيو هو. سڪندر جي پاليسيءَ جو هڪ اهڙو مثال بہ موجود آهي، جنهن ۾ هو انهن ٻنهي طريقن کي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيو هو. جڏهن هُن جو اُتر هندستان يعني اُپرندي ۽ ڏکڻ پنجاب [37] وارو وائيسراءِ، نالي فليپَس، يوناني ڀاڙيتو فوجين جي هٿان قتل ٿي ويو، تڏهن سڪندر ٽئڪسلا جي راجا، ۽ پنهنجي هڪ آفيسر، نالي يُوڊِامَس، کي حڪم موڪليو تہ اهي ٻيئي پاڻ ۾ گڏجي انهيءَ اُترئين ماتحت علائقي جي حڪومت سنڀالين. بظاهر اهو انتظام نئين وائيسراءِ جي مقرر ٿيڻ تائين ٿيڻ گهربو هو، پر هن باري ۾ يقين ڪرڻ لاءِ بنياد موجود آهي تہ اهو هڪ تجربو هو، جيڪو ڪامياب ٿيڻ جي حالت ۾ بادشاهہ جي ٻين هندستاني علائقن سان پڻ لاڳو ٿي سگهيو ٿي. عملي صورت ۾ اهڙي حڪومت ٻــٽي سرشتي واري هجي ها، جنهن ۾ مقدوني فوجي جنرل، مسلح فوجن تي قبضي هئڻ سميت، "خاص اختيارن" سان واسطو رکي ها، ۽ "منتقل ڪيل اختيار" مثلاً شهري انتظام جي هلائڻ لاءِ عام قسم جا اختيار پاسي واريءَ رياست جي ڪنهن راجا جي هٿ ۾ هجن ها، جنهن کي اُهو انتظام هڪ حڪمران جي حيثيت ۾ نہ، بلڪ هڪ صوبائي گورنر طور، هلائڻو پوي ها. سڪندر جي مرڻ کان پوءِ شهنشاهت جي ورهاڱي ۽ نئين سرڪيل تنظيم ۾، راجا پورس کي اڳي کان بہ وڌيڪ وسيع علائقو هلائڻ لاءِ ڏنو ويو، جنهن ۾ غالباً سنڌ جو ڪجهہ حصو پڻ شامل هو. اها ڳالهہ ڌيان جوڳي آهي تہ اهڙي قسم جي نئين سر عمل ۾ آندل تنظيم لاءِ اهو اعلان ڪيو ويو هو، تہ اُها تہ محض اُنهن فيصلن جي هڪ توثيقي صورت هئي، جيڪي خود سڪندر پنهنجي جيئري پاڻ ڪيا هئا [38].

نوٽ

(1) ايرين، اينا باسز، III ، 8.

(2) ايرين، سامهون حوالو IV ، 22 V 8.

(3) ڪيو-ڪَرٽيئس رُوفس، "هسٽري آف اليگزينڊر دي گريٽ" VII ، 13، ايرين V - 29-19.

(4) ايرين V ، 26.

(5) ايرين V ، 29.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) ايرين V ، 8، VI -1.

(7) ڊيئو ڊورس سائڪيولس، "ببليو ٿيڪا هسٽوريڪا"، ڪتاب XVII ، 98.

(8) ايرين VI ، 14.

(9) اسٽرابو، XV 201.

(10) ونسينٽ سمٿ، "سڪندر اعظم طرفان فتح ڪيل پنجاب جي خود مختيار قبيلن جي حيثيت"، آڪٽوبر 1903ع واري جي. آر. اي. ايس.

(11) (ايرين VI ، 15) هيءَ ڳالهه اعتبار لائق آهي تہ اها "شاهي دارلحڪومت" انهيءَ "شاهي قلعي" سان واسطو رکندي هجي جيڪو اوپيئائي لوڪن جي ملڪ ۾ هو، جنهن جو هيڪاتائيس ذڪر ڪيو آهي (ٽڪرو نمبر 175، بحواله "ڪئمبرج جي هسٽري آف انڊيا"، جلد I صفحو 336، نوٽ). "سوگدي"، جن کي ڊيئوڊوس "سُودرائي" سڏي ٿو، گهٽو ڪري سنسڪرت ادب وارا سُوِير لوڪ آهن (ڊيئوڊورس XVII ، 102). ڊسو ٽارن، "دي گريڪس اِن انڊيا ائنڊ بئڪٽريا"، ص. 171.

(12) ڊيئوڊورس XVII ، 104، ڪرٽيئس، IX ، 8.

(13) ايرين، VI ،16.

(14) ايرين جي لفظن جو مطلب (هتي ڪجهہ يوناني لفظ آهن)- "پوءِ هو سامبس جي مقابلي لاءِ پنتي موٽيو" (چينوڪ) جي بدران "پوءِ هو (جواب ۾) سامبس جي مقابلي لاءِ وڌيو" (مئڪ ڪرنڊل) ٿي سگهي ٿو. حوالو ڪرٽيئس IX ، 8.

(15) اسٽرابو XV ، (i) ، 34.

(16) ايرين، VI ، 16، ڪرٽيئس، IX ، 8.

(17) سامبس جي خلاف ڪيل ڪاروائين لاءِ ڪرٽيئس جي بيان جي ڀيٽ ۾ ايرين جو بيان وڌيڪ پروسي جوڳو آهي.

(18) پلوٽارچ مطابق، سڪندر انهن برهمڻن مان هڪ کان پڇيو تہ هنن وٽ سَباس (اصل ۾ ائين آهي) کي بغاوت تي آماده ڪرڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ جواب مليس: "ڇاڪاڻ تہ مون چاهيو ٿي تہ يا تہ هو عزت سان رهي، يا مري وڃي. جيئن هڪ ڪائر جو حشر ٿيڻ کپي"، پلوٽارچ جون "زندگيون" ترجمو: جي. ائنڊ ڊبليو. لينگ هارن، ايڊيشن 1875، جلد، II ، ص. 751.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(19) ڪيو - ڪرٽيئس چوي ٿو ته ميوسيڪانس کي، جنهن کي هو ميوسيڪاني قبيلي جو سردار سڏي ٿو، صليب تي چاڙهيو ويو هو. ڪرٽيئس IX ، 8.

(20) پلوٽارچ، بلمقابل حوالو ڏنل ص. 751.

(21) ايرين VI ، 17.

(22) ڪرٽيئس IX ، 8.

(23) اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي ته اهي جهاز اُهي هئا، جيڪي سنڌوءَ کان هائڊاسپس ڏانهن نيندي، ڪوليا ويا هئا، ۽ پوءِ اُتي پهچي ٻيهر جوڙيا ويا هئا. ايرين V ، 8 - 12.

(24) ايرين VI ، 15. ڪرٽيئس سفر جي انهيءَ حصي جو ڏاڍو تفصيلوار بيان ڏنو آهي. ڪرٽيئس، X 1 - 9.

(25) ايرين، VI ، 20.

(26) نيارڪس جي مطابق (ايرين انڊيڪا، XXII ، 10) آربيسي هندستاني قومن مان انتهائي اولاهين علائقي جا رهاڪو هئا.

(27) هولڊچ ۽ ڪننگهام، ڪُٽنس ڪَرٽيئس جي انهيءَ بيان کي ڪنيو آهي ته لشڪر پاتل کان آربيسي درياهه تائين نَوَ منزلون ڪيون، ۽ انهيءَ مان مفاصلي جي امڪان ڪاٿي ڪندي، هوانهيءَ نديءَ کي "پورالي ءَ" سان شناخت ڪن ٿا . سر اي.اسٽين ايرين جي بيان کي انهيءَ علائقي جي سرزمين سان ڀيٽي فيصلا ڪن طريقي سان ڏيکاري ٿو ته آربيسي ندي حب ندي هئي، جيئن گهڻو اڳي هينري ڪائيرٽ طرفان ثابت ڪيو ويو هو.

ڪرٽيئس، IX ، 10، سر ٽي. هولڊچ "دي گيٽس آف انڊيا"، مئڪملن 1910، ص. 149، اسٽين، "جاگرافيڪل جرنل" CII ، نومبر-ڊسمبر 1943ع ص. 193 تي ڪائيرٽ، "ائٽلس ائنٽيڪس"، خاڪو، II ء.

(28) اسٽين، لوڪ حوالو ڏنل.

(29) اِسٽين، ڏيکاري ٿو ته اهو جهائو لَڪُ هوندو، جيڪو ڪولوا علائقي ڏانهن ويندڙ پيچرو آهي.

(30) لائبر هِڪ پاپوليس، ڪنسيليو هئبيتو ڊائبيٽ سي" ڪيو- ڪرٽيئس IX ، 10، 3.

(31) سر ڊبليو-ٽارن چوي ٿو ته سڪندر لڪ جي منهن ۾ٿان اوريتائي

لوڪن جي ملڪ ڏانهن واپس وريو، تہ جيئن انهن انتظامن جي نگراني ڪري سگهي. اها ڳالهہ ايرين جي مسودي ۾ صاف ناهي، پر بظاهر ائين ممڪن آهي. جيئن هو هيفاسشن لاءِ ترسيو، تہ جيئن هن جي گبروسي لوڪن جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ هو اُنهن ماڻهن سميت وڃي پهچي سگهي، جيڪي پٺتي رهجي ويا هئا. ان مان اسان کي اهو اندازو ڪرڻ گهرجي تہ شايد انهيءَ عملدار کي شهر جي امڪاني سرزمين کان سٺ ميل اندر سمنڊ جي ساحل تي آرماڙ لاءِ انتظامن ڪرڻ واسطي موڪليو ويو هو. ايرين، VI ، 3-22. سي. ايف. سر ڊبليو. ٽارن، "اليگزينڊر دي گريٽ"، جلد II ، صفحو. 251، نوٽ 6، پڻ ص. 252.

(32) شايد اهو آفيسر، جنهن کي هن ساموندي ڪناري جي جائزي وٺڻ لاءِ موڪليو هو، ۽ جنهن جو ذڪر ايرين ڪيو آهي، (VI -23).

(33) ايرين، انڊيڪا، باب XXIII .

(34) سبرٽيس کي گبروسي ۽ آرڪوسي لوڪن جي مٿان گورنر مقرر ڪيو ويو هو. ايرين VI ، 27، VII 5.

(35) ايرين، VII . i ، ڪرٽيئس X ، 3، ڊيئوڊورس XVIII ، 4. پلوٽارچ بلمقابل حوالي ڏنل ڪتاب جا صفحا 3-952.

(36) ايرين، VI ، 27، VII ، 4.

(37) شايد اهي علائقا هندستان واري هخامنشي شهنشاهت جي علائقن ۾ شامل ٿي نہ هئا، هڪ نئين فتح ڪيل علائقي طور، جنهن ۾ ڪيئي قومون آباد هيون. مقدوني آفيسر کي وائيسراءِ طور مقرر ڪرڻ قدرتي اَمر هو.

(38) (ڊيئوڊورس XVIII ، 3، 2، ڪيو - ڪرٽيئس، X 10، 4: "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، جلد، 1، صفحا. 9 - 427.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6

سنڌ، موريا گهراڻي وارن ۽ بئڪٽريا وارن يونانين جي زماني ۾

سڪندر جي واپس ويندڙ فوج جي گهوڙن جي سُنبن جي اُڀاريل دَز اڃا وينئي ئي مس هئي، تہ پاتل ۾ بغاوت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا [1]. نيارڪَس کي مجبور ٿي، بحري آرماڙ سان گڏ پنهنجي روانگي تڙ تڪڙ ۾ ڪرڻي پيئي، ڇاڪاڻ تہ هيڏي ڏکي سامونڊي سفر جي دوران، اڻچاتل سمنڊ مان آرماڙ کي سلامتيءَ سان منزل مقصود تائين پهچائڻ جي ذميداري اڳيئي ڪافي ڳري هئي، جو هو ان جي مٿان وري اُن سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ، ۾ دشمن سان بيهي مقابلي ڪرڻ جو جو کم بہ سر تي کڻي ها. بدانتظاميءَ ۽ فساد کي دٻائڻ جي ذميداري انهيءَ علائقي جي وائيسراءِ پيٿان جي ڪُلهن تي هئي، جيڪو اڳيئي ميوسيڪانس جي خلاف مهم جي دوران پنهنجي ڪامياب قيادت کي مڃائي، ۽ پنهنجي لياقت ثابت ڪري چڪو هو. هن موقعي تي هن کهڙو قدم کنيو، تنهن جو بيان ڪٿي بہ نہ ٿو ملي. پر مقدونين جي غير ملڪي اقتدار جي ظاهري فوجي قوت کي ان وقت زبردست ڌڪ لڳو، جڏهن سندن ڏکڻ اوپر پنجاب واري ساٿي گورنر، فِليپَس، کي خود سندس يوناني فوجن قتل ڪري ڇڏيو. اهو ڪم دراصل يونانين ۽ مقدونين جي درميان حَسد جي جذبي جو نتيجو هو. اسان کي اهو بہ معلوم آهي تہ نون شهرن ۾ آباد ڪيل يوناني آباد ڪار ۽ ڪجهہ فوجي، جيڪي اتي ڇڏيا ويا هئا، سي پنهنجي وطن ۽ گهرن کان دور رهجي وڃڻ ڪري ناراض هئا ۽ وطن وڃڻ لاءِ آتا هئا [2].

اسين مٿي معلوم ڪري چڪا آهيون تہ سڪندر پنهنجي اُترئين صوبي جي انتظام هلائڻ لاءِ ٽئڪسلا جي راجا ۽ يوناني گورنر نالي يُوڊِامسَ کي حڪم موڪليو هو تہ اهي گڏجي اتان جو انتظام سنڀالين. مقدوني پرڏيهي آبادڪار ۽ فوجي سپاهي ٿريشيا رياست جي رهاڪو يوناني آفيسر کي وري بہ پنهنجو آفيسر تسليم ڪري پئي سگهيا. پر اُن سان گڏ هڪ هندستاني حڪمران جي اختيار ۾ ساڳئي وقت تي ڪيل اضافي کي هنن پنهنجين دلين ۾ پنهنجي

مستقبل جي سلامتيءَ لاءِ ضرور هڪ بُرو اهڃاڻ شمار ڪيو هوندو.

هندستان ۾ شهنشاهي طاقت، جنهن کي اڳيئي اهڙيءَ طرح وڏو ڌڪ لڳي چڪو هو، اُن ۾ سڪندر جي موت جي خبر اچڻ سان زلزلو اچي ويو ۽ اُها اُتي جو اُتي پرزا پرزا ٿيڻ لڳي. شخصي وفاداريءَ جي مشترڪ رسين جي اهڙيءَ طرح سان ٽُٽي پوڻ جي نتيجي ۾ شهري گورنرن ۽ فوجي جنرلن جي دلين ۾ ذاتي آرزوئن ۽ خواهشن کي پنهنجي راهه ونڻ جي آزادي ملي ويئي. سال 323 ق.م ۾ سڪندر جي جنرلن طرفان شهنشاهت جو بابل ۾ جيڪو ورهاڱو ڪيو ويو، تنهن ۾ هندستاني صوبن جي ورچ ۾ ڪابه تبديلي نه آندي ويئي. سنڌ تي پيٿان جي حڪمراني جاري رهي. پر ٻن سالن کان پوءِ تري پاراد يسس وٽ جيڪا بيهر ورچ ڪئي ويئي، تنهن ۾ پيٿان کي هندستان جي الهندي سرحد واري علائقي تي رکيو ويو، ۽ باقي سڄو علائقو، جنهن ۾ گهٽو ڪري سنڌو ماٿريءَ جو هيٺانهون حصو به شامل هو، ٻئي وڏي علائقي سميت، راجا پورس جي تحويل ۾ ڏنو ويو [3].

حڪومت جي اهڙيءَ بنيادي تنظيمي تبديل جي اهميت کي هرگز ڪوئي نظر انداز نٿي ڪري سگهبو. هن کان پوءِ ميداني علائقي ۾، جتي پوريءَ طور منظم ٿيل راڄ ۽ قبيلا آباد هئا، سڌو سنئون فوجي راڄ ناقابل عمل هو. انهن صوبن کي آئينده لاءِ سلطنت ۾ شامل ڪري رکڻ جي هڪ ئي اميد قابل عمل هئي، ۽ اُها هيءَ هئي ته هندستاني لوڪن ۾ نئين اُڀرندڙ بيداريءَ کي ڪليل نموني ۾ تسليم ڪيو وڃي، ۽ ان جي ظاهر ظهور همت افزائي ڪئي وڃي. ٽئڪسلا جو راجا ۽ راجا پورس پنهنجن پنهنجن علائقن ۾، جن جو ڪجهه حصو کين پرڏيهي ماڻهن طرفان مليل تحفو هو، مڪمل خود مختياري ماڻي پئي سگهيا، ۽ فقط ائنٽي پيٽر جي تحت قائم ٿيل شاهي مجلس جي براءِ نام بالادستي تسليم ڪرڻ جي معمولي قيمت تي، هو ڪنهن به موقعي تي انهن کان هٿيارن ۽ فوجن جي صورت ۾ امداد يا مشورو گهري پئي سگهيا. شايد ٽئڪسلا جي بادشاهه جو مفاد انهيءَ ۾ هو ته اُنهن شرطن تي سندس اهڙو تعلق مقدوني اقتدار سان قائم رهندو اچي. گنڌارا، بهرحال ٽئڪسلا جي راجا کان کسي پيٿان جي حوالي ڪيو ويو.

پر راجا پورس جا سنڌو ماٿريءَ جي اُڀرندي وارا نوان علائقا، انهيءَ هندستان

سان لاڳو هئا. جنهن ۾ سڪندر اچا داخل ٿي ڪونہ ٿيو هو. ۽ اُهائي سرزمين هئي، جتان يقيني طور، مغرب وارن جي تسلط کان نجات جي ابتدا ٿيڻي هئي.

چندر گپت موريہ گنگا نديءَ تي قائم ٿيل مگڌ بادشاهيءَ جي نند راجا جو جنرل هو. ۽ هن پنهنجي آقا جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. سندس اها ڪوشش ناڪام ثابت ٿي، ۽ هن کي ڀڄي، اچي پنجاب ۾ پناهہ وٺڻي پيئي. انهيءَ هنڌ، معلوم ٿئي ٿو تہ هن جي ملاقات سڪندر سان ٿي. جنهن هن کان علاوه پورس فيگيلاس کان پڻ اُپرندي پاسي وارن ملڪن بابت معلومات حاصل ڪئي. هن کي ٻڌايو ويو تہ اُن پاسي جي پراسائي ۽ گانگردائي علائقن جو حاڪم هڪ بيڪار غاصب هو، جنهن پنهنجي حقي اصلوڪي حڪمران کي، ان جي بد اخلاق راڻيءَ جي مرضيءَ سان، قتل ڪري، هُن جي تخت تي قبضو ڪيو هو. راجا چيو تہ اهڙي غاصب کي آسانيءَ سان شڪست ڏيئي سگهبي، جو سندس رعيت هن کان متنفر هئي [4]. ٿي سگهي ٿو تہ سڪندر بياس نديءَ جي ڪپ تي لڳايل پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ پنهنجي لشڪر کي گنگا نديءَ جي هيٺانهين علائقي جي مهم بابت جيڪو دل کي خوش ڪندڙ بيان ڏنو هو، سو راجا جي ٻڌايل هنن ڳالهين کان متاثر ٿيڻ جي نتيجي ۾ هجي.

پانئجي ٿو تہ چندر گپت، ڪجھ سالن کان پوءِ، گهٽو ڪري پورس سان ايڪو ڪري، نند راجا کي شڪست ڏيئي، هن جي بادشاهيءَ تي قبضو ڪري ويهي رهيو هو. "مُدرا رَڪشاسا" نالي هڪ ڊرامي ۾ اِن ڳالهہ جو جيڪو بيان ڪيل آهي، تنهن موجب چندرگپت کي هُشي ڏيندڙ، چاڻَڪيہ، هن جي مکيہ اتحاديءَ، پرواتڪا، کي قتل ڪيو هو، جيڪو پنجاب جي نيم پهاڙي علائقي جو حڪمران هو [5]. گمان غالب آهي تہ اِهو پرواتڪا خود پورس هو، پر يوناني بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پورس کي يُسودامس دغا ڪري قتل ڪيو هو، جنهن کي سڪندر پورس سان گڏ ڏکڻ پنجاب جو وائيسراءِ مقرر ڪيو هو. يودامس جو نالو، بهرحال شهنشاهت جي بابل واريءَ نئين تنظيم ٽوڙي بعد ۾ ترِي پارادِيسَس واري ورهاڱي وقت ڪٿي بہ ڪنهن بيان ۾ نظر نہ ٿو اچي، پر اٺين پيو نظر اچي تہ هو بہ اُتر هندستان ۾ متعين ڪيل قابض فوج جو ڪمانڊر رهندو آيو. سال 321 ق.م تائين، پيٿان ڏاکڻي علائقي جو حاڪم ۽ اُتان جو پڻ فوجي اعليٰ ڪمانڊر رهندو آيو [6]. پر ترِي پارادِيسَس واريءَ نئين

تنظيم هيٺ، هن کي گنڌارا جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو، جيڪو شهر جيئن تہ فِليپسَ جي صوبي جو هڪ حصو ٿي رهيو هو، ان ڪري اُهو عارضي طور ٽئڪسلا واري راجا جي ماتحت رکيو ويو هو، جيڪو پنهنجي اصلوڪي بادشاهيءَ تي برقرار رهيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ مگڌ جي خلاف مهم ۾ پورس ۽ چندرگپت سان گڏ يوڊيمسَ پڻ حصو ورتو هجي، ۽ شايد نند کي جزوي طور پوربي لوڪن جي هٿان شڪست ملي هجي، جن پاڙيتو فوجين جي حيثيت ۾ حملي ۾ شرڪت ڪئي هجي. جيڪڏهن ائين هو، تہ پوءِ جيڪي واقعا بعد ۾ پيش آيا، سي شايد مال غنيمت جي ورڇ تي اختلافن جو نتيجو هئا. يوڊيمس جي هٿان، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، پورس قتل ٿي ويو، اُن کان پوءِ سندس جنگي هاٿين تي قبضو ڪري، جيڪي بہ فوجون هٿ ڪري سگهيو، اُنهن کي ساڻ ڪٺي، يوڊيمس اُنهيءَ جنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو، جيڪا "اُپرندي وارن صوبن" جا ماتحت حڪمران گڏجي، پنهنجي ساٿيءَ، ميديا جي حاڪم، خلاف وڙهي رهيا هئا. جنهن شهنشاهت جي مرڪزي نظام کان بغاوت ڪري، پنهنجي خود مختياريءَ جي دعوا ڪئي هئي. يوڊيمس، جنگ جي ميدان ڏانهن ويندي، پيٿان جي صوبي گنڌارا مان لنگهيو، ۽ هو بيشڪ ضرور هڪبئي سان گڏيا هوندا. ان کان جلدئي پوءِ پيٿان بہ ايران ۾ هلندڙ جنگ ۾ حصي وٺڻ لاءِ پنهنجي رياست جي حڪمرانيءَ جون واڳون قبضيون ڪري، هليو ويو. هُن جي پنيان ڪي بہ سندس جانشين مقرر نہ ڪيا ويا، هندستان ۾ شهنشاهت جي هنن حالتن کي ڏسندي، هيءَ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مقدونين لاءِ اُتي وڌيڪ وقت پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ ناممڪن نہ، تہ بيحد ڏکيو ضرور نظر آيو هوندو. هو اڃا سلطنت جي جانشينيءَ جي مسئلي کي ئي حل ڪري نہ سگهيا هئا، ۽ اُن مسئلي تي پنهنجين خانہ جنگين ۾ ئي پورا هئا. يوناني ۽ مقدوني نوءُ آبادڪارن منجهان ڪي وري بہ اُتر اولهہ هندستان خصوصاً نيڪائيہ ۽ بيو سيفَلا نالي شهرن ۾، اُن وقت رهيا پيا هئا، جڏهن چندر گپت قدم وڌائي، پنهنجا اختيار سنڌو ماتريءَ تائين قائم ڪري رهيو هو. ممڪن آهي تہ انهن هُن جو ڪجهہ مقابلو ڪيو هجي، جاڪاڻ تہ اها ڳالهہ تحرير ۾ آيل آهي تہ اُنهن جا ڪيترا عملدار چندرگپت جي هٿان مارجي ويا هئا [7].

اِهو معلوم ناهي تہ سنڌ چندرگپت جي هٿ هيٺ ڪڏهن آئي. هِن صوبي

جو وڏو حصو پورس کي منتقل ڪري ڏنو ويو هو. جڏهن پيٿان کي گنڌارا تي قابض بڻايو ويو هو. اها ڳالهه عين ممڪن معلوم ٿئي ٿي ته پورس جي مرڻ تي چندر گپت هڪ اهڙي صوبي جي مٿان بالادستيءَ جي دعويٰ ڪئي هجي، جيڪو پرڏيهي فاتحن طرفان سنڌس حليف ۽ ساٿيءَ جي حوالي ڪيل هو. اِئين، حالتن جي سازگار هئڻ سبب، ۽ مغرب جي مداخلت کان سواءِ، هن کي پنهنجي اقتدار ۽ طاقت کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪيئي سال ملي ويا، ۽ جڏهن اُنهيءَ طرف کان نيٺ مداخلت جو خطرو پيدا ٿيو. تڏهن هو ان کي منهن ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار هو. سال 305 ق.م ڌاري، نڪيٽور سيليوڪس، پاڻ کي بابل ۾ مستحڪم ۽ اعليٰ طاقت جي مالڪ بڻائڻ ۽ هندستاني سرحد تائين واقع ملڪن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، سڪندر واريءَ هندستان جي فتح کي تازي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چندر گپت انهيءَ ڪاهه کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر ڪٺو ڪيو. سيليوڪس سنڌو ندي پار ڪئي، پر اهو معلوم نه ٿو ٿئي ته ڪا وڏي جنگ لڳي. ممڪن آهي ته هندستاني راجا جنگ ڪرڻ لاءِ سهولت واري هنڌ تي قبضو ڪري ورتو هجي، جنهن سيليوڪس کي مفيد شرطن جي آڌار تي اتحاد جي ناهه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهو پڻ امڪان آهي ته عين انهيءَ موقعي تي هن کي شام کان امداد لاءِ سڏ ٿيو هجي، جنهن ڪيس پنهنجين فوجن کي فوراً جنگ جي ميدان کان علحده ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هجي.[8] سيليوڪس سڪندر جي سلطنت جي وچايل ڪنهن علائقي تي بيهر قبضي ڪرڻ جي بدران، چندرگپت کي گنڌارا ۽ آرڪوسيا ۽ گيڊروسيا جي مغربي حصن جي مٿان بالادستيءَ جا حق سپرد ڪري هليو ويو. اُهو سرحدي علائقو جلال آباد کان ڪوئيٽا، قلات ۽ عربي سمنڊ ڏانهن پورالي نديءَ کان ڪڍيل سرحد تائين پکڙيل هو.[9] ممڪن آهي ته انهيءَ علائقي ۾ اڳي ئي هندستاني داخل ٿي چڪا هئا، ۽ عملي لحاظ کان اُهو سندن قبضي ۾ هو، جنهنڪري ٻنهي شهنشاهتن جي سرحد اڳي ئي اِئين واضح ٿي چڪي هئي. گهٽ ۾ گهٽ اِنهيءَ سرحدي صورتحال ۾ ٻي ڪا ڦيرگهير آيل نه ٿي معلوم ٿئي، ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان ڪيترن نسلن تائين تعلقات خوشگوار رهيا. سيليوڪس کي سندس طرفان ڏنل علائقي جي بدلي ۾ پنج سؤ جنگي هاٿي مليا، ۽ صلح جي ناهه ۾ ٻنهي شاهي گهراڻن ۾ دوستاڻا تعلقات قائم ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ مائٽاڻا لاڳاپا پڻ استوار ڪيا ويا.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ لس بيلي کي عهدنامي جي ذريعي ايران جي شهنشاهت کان جدا ڪري، هندستان جي شهنشاهت ۾ شامل ڪيو ويو. هن ڳالهه جو وڏو امڪان آهي ته اُهي بيئي مگڌ بادشاهيءَ جون ڏنُ پريندڙ ماتحت رياستون بڻجي ويون، ۽ سنڌن حڪمران اتان جا مقامي ماڻهو هئا ۽ اندروني انتظام انهن جي پنهنجي هٿ ۾ رهندو آيو. جيتوڻيڪ اهو به امڪان آهي ته چندرگپت پنهنجي طرفان انهن ايراضين تي پنهنجا شاهي وائيسراءِ به مقرر ڪيا هجن. اسين اهو به اندزو ڪري سگهون ٿا ته سنڌو نديءَ جي اُلهندي طرف وارا هي علائقا ۽ بيون اهڙيون ايراضيون هُن جي پوٽي اَشوڪ جي هٿ ۾ گپتا شهنشاهت جون "سرحدي رياستون" هيون.

بهرحال هيءَ ڳالهه غير امڪاني آهي ته ٻڌ مذهب کي اُنهن ملڪن ۾ اُن شاهي مبلغ جي زماني کان اڳي ڪو اثر ۽ رسوخ حاصل ٿيو هوندو. جيتوڻيڪ اسان کي اٿين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ ڪنهن "اشوڪا ٽوپ" جي موجودگيءَ متعلق هوئان چوانگ جي ڏنل ڪنهن حوالي جو مطلب هرويرو اِهو آهي ته انهيءَ "استوپا" جو بنياد (10) ان شاهي مبلغ پنهنجي هٿ سان ٿي وڌو هو، پر ايتري حقيقت تسليم ٿيل آهي ته اهڙن ٿُلهن تعمير ڪرڻ جي پهرين تحريڪ اُن جي طرفان ٿي تي هئي.

هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي ته سنڌ کي به ٻُڌ جي انهن يادگارن مان حصو مليو، جيڪي شهنشاهه اشوڪ پنهنجي سڄيءَ سلطنت ۾ ورچي ڇڏيا هئا، ۽ هوئان چوانگ اها روايت به تحرير ۾ آندي آهي ته اشوڪ طرفان مختلف صوبن ڏانهن جيڪي تبليغي جماعتون روانيون ڪيو ويون هيون، تن جي مکيه انتظام سنڀاليندڙ، آپ گُپت، سنڌ ۾ ڪافي ڊگهي مُدت گذاري هئي، جنهن جي دوران هو اُتان جي ماڻهن کي "قانون جي سمجهاڻي ڏيندو رهيو، سنڌن عقيدو مضبوط ڪندو رهيو ۽ سنڌن رهنمائي ڪندو رهيو"، ۽ پنهنجي تبليغ جي سلسلي ۾ هن جتي بي وجي قيام ڪيو، اتي هُن مڙهيون ۽ ٿُلهه تعمير ڪرايا. اندازو لڳايو ويو آهي ته هن صوبي تي اشوڪ جو اُتر اُلهندي علائقي وارو وائيسراءِ حڪومت ڪندو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ٽئڪسلا ۾ هو.

موريا خاندان جي سلطنت اشوڪ جي مرڻ کان پوءِ ڍهڻ لڳي، ۽ هُن کان

پوءِ سندس گھراڻي ۾ وارثن جون ٻه شاخون وجود ۾ آيون، جن مان هڪ اُتر اُلهندي واري علائقي ۾ ۽ ٻي مگڌ ۾ هئي. تاريخي شهادتن مطابق، هن جي جانشينن مان گھڻن جون عمريون مختصر ٿيون، جيڪا ڳالهه بذاتِ خود گھراڻي جي ڪمزوريءَ ۽ ضعف جي علامت آهي.

اشوڪ کان ٽيهارو سال ۽ سيليوڪس نيڪٽور جي مهم کان پوري هڪ صدي پوءِ، آئنٽيوڪس اعظم مختصر عرصي لاءِ ڪابل جي ماٿريءَ ۾ اچي نڪتو. هن مقامي بادشاهه کي آڻ مڃرائي، جنهن جو نالو "سوفاگاسينس" يا سوڀاڳاسينهه هو، ۽ جيڪو موريا گھراڻي سان وابستا معلوم ٿئي ٿو. هن انهيءَ بادشاهه کان رسد جو سامان ۽ ڪجهه جنگي هاٿي حاصل ڪيا، جن کي ساڻ وٺي، هو هڪدم مغرب موٽيو ۽ هندستاني حڪمران کان مٿس مڙهيل جنگي تاوان وصول ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنيان پنهنجو هڪ نمائندو ڇڏي ويو [11].

ٻي صدي قبل مسيح واري دور ۾، هندستان جي اُتر اُلهندي واري علائقي جا ڪجهه حصا بئڪٽريا جي يوناني شهزادن جي قبضي ۾ اچي ويا. هنن جي فتوحات جي ثابتي ڪمزور آهي، جيڪا قديم زماني جي ليکڪن جي تحريرن، ڪجهه سنسڪرت جي ذريعن ۽ انهن جي سڪن جي هڪ هنڌان مليل يا علائقي جي مختلف ڀاڱن مان لڌل سڪن جي ڇڙو ڇڙ مثالن تي مشتمل آهي.

جيستائين سنڌ جو واسطو آهي، ته ان جي اِنهن يوناني شهزادن جي فتوحات ۽ قبضي جي سچي شهادت آرٽيميٽا واري اپولوڊورس جي هڪ هن بيان تائين محدود آهي، جنهن جو اسٽرابو حوالو ڏنو آهي، ته جيڪي يوناني سيليوڪس جي گھراڻي جا بئڪٽريا ۾ جانشين ٿيا، تن "نه فقط پاٽلين تي، پر اُن سان گڏ ڪناري واري ٻئي سچي علائقي تي پڻ قبضو ڪيو، جنهن کي سارائوسٽس ۽ سگارڊس جي بادشاهي سڏيو ويندو هو." ڊيميٽرس ۽ مينئندر، جيڪي يوٿيڊيمس جا پٽ هئا، تن ئي، اپولوڊورس جي قول مطابق، اهي ۽ ٻيون فتوحات حاصل ڪيون هيون، ۽ انهن فتوحات ۾ هنن ايڏين قومن کي پنهنجي ماتحت بنايو، جيترين کي خود سڪندر به پنهنجيءَ ڪاهه ۾ مات نه ڪري سگھيو هو [12].

"پيريپلس آف دي ايريٽرين سي" جي ليکڪ، انهن واقعن کان ٻن صدين کان به وڌيڪ عرصو پوءِ، پنهنجي ڪتاب ۾ لکندي، ٻين ڳالهين کان علاوه اهو به ذڪر

ڪيو آهي تہ مينئنڊر ۽ هڪ ٻئي مشهور يوناني شهزادي، اپولوڊوٽس جا سڪا
اُنهيءَ دور ۾ بيري گازا (ڀڙوچ) ۾ اجا تائين هلي چلي رهيا هئا [13].

سَر ڊبليو-ٽارن پنهنجي ڪتاب "دي گريڪس اِن بئڪٽريا اينڊ انڊيا" ۾ بئڪٽريا جي يونانين طرفان سنڌ تي ڪيل قبضي جي ڳالهہ کي هڪ حقيقت طور تسليم ڪندي، هيءَ راءِ پيش ڪئي آهي تہ سنڌ جي فتح يوٿيڊيمس جي پٽ ڊيميٽريس، اتر-الهندي هندستان تي قبضي ڪرڻ دوران حاصل ڪئي هئي، ۽ اُها هڪ نهايت وڏي پيماني تي رٿيل سڄي هندستان تي قبضي ڪرڻ جي مهم جو هڪ حصو هئي. اُهو موقعو ان وقت پيدا ٿيو. جڏهن سال 184 ق.م ڌاري موريا گهراڻي جي سلطنت جو نيٺ وڃي خاتمو ٿيو. ۽ مگڌ جي تخت تي سنگهہ قبيلي جي هڪ غاصب قبضو ڪيو. ٽارن جو نظريو هي آهي تہ ڊيميٽريس، سيليوڪس گهراڻي جي شاهي خاندان جي هڪ عورت جي نسل مان پيدا ٿيو. ۽ امڪان آهي تہ موريا گهراڻي جي پوين بادشاهن جي نسن ۾ اُهو رت اُنهي شهزاديءَ جي ذريعي پهتو. جنهن لاءِ اندازو آهي تہ اُنهيءَ جي ٻانهن چندرگپت جي پٽ بِندوسَر کي سيليوڪس نڪيٽور سان طئي ٿيل عهدنامي جي پوئواريءَ ۾ ڏني ويئي هئي. اهڙي ڏاڏاڻي رشتي ڊيميٽريس کي شايد موريا گهراڻي وارن جي بادشاهيءَ ۾ شامل سابق پرڳڻن کي هن اميد تي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو تہ ڪيس هڪ پرڏيهي حملي آور جي بدران هڪ جائز وارث جي حيثيت ۾ شايد قبول ڪيو ويندو. ٽارن هي دليل بہ پيش ڪري ٿو، تہ هو ٻڌ ڌرم وارن جي غالب اڪثريت وارن پرڳڻن جي ماڻهن جي راءِ کي، سنگهہ قبيلي جي راجا پُشيامتر جي هٿان، جنهن مگڌ جي تخت تي غاصبانہ قبضو ڄمايو هو، [14] برهمڻي ظلم ۽ زيادتيءَ جي شڪار بڻجڻ جو خوف ڏيئي، پنهنجي حق ۾ ڦيرائڻ جي اميد پڻ ڪري پئي سگهيو.

ٽارن جي نظريي مطابق، ڊيميٽريس گنڌارا ۾ پير پختا ڪرڻ کان پوءِ بہ طرفي پيشقدمي شروع ڪئي، هو پاڻ پنهنجي هڪ هم قوم ناليِ اپولوڊوٽس کي پنهنجي هٿ هيٺ نائب سپهہ سالار مقرر ڪري، ساٽس گڏجي سنڌونديءَ جي وهڪري سان ڏاکڻي علائقي طرف وڌيو. ۽ ٻئي طرف هن هڪ ٻيو لشڪر مينئينڊر (الف - 14) نالي هڪ سپهہ سالار جي اڳواڻيءَ ۾، جيڪو شاهي گهراڻي جو ماڻهو نہ هو، مگڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو.

اسان کي سنڌ جي انهيءَ دؤر وارين حالتن بابت ڪا بہ خبر ڪانهي، بهرحال، هيءَ ڳالهہ تقريباً ناممڪن ٿي لڳي تہ سَنگهہ قبيلي وارا اُنهيءَ ملڪ ۾ ايترو جلد ڪو پنهنجو اثر قائم ڪري سگهيا هوندا. انهيءَ ڪري اسين سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا، تہ اُنهيءَ وقت سنڌ تي ڪن مقامي راجائن جي حڪمراني قائم هئي، جيڪي گهڻو ڪري ٻڌ ڌرم جا عقيدتمند هئا. سنڌ ملڪ جا اُنهيءَ دؤر وارا مکيہ لوڪ سُوئوير-سنڌو هئا، جيڪي آهستي آهستي سنڌو ماٿريءَ وچان هيٺ لهندا آيا هئا ۽ ان وقت دريائي ڪينٽيءَ ۽ ان جي اُپرندي طرف واري علائقي ۾ گهڻي قدر وچي گڏ ٿيا هئا، ۽ انهن جي اُتر طرف اَپِير لوڪ رهيل هئا. پوئين نالي واري اُنهيءَ قبيلي لاءِ خيال آهي تہ اُهو سڪندر جي وفات کان هڪدم پوءِ پيدا ٿيل افراتفريءَ واري زماني ۾ اُلهندي طرف کان هندستان ۾ داخل ٿيو هو. ٽارن پنهنجي بيان ۾ وڏيڪ چوي ٿو تہ اهڙيءَ طرح، ڊيميٽريس جي پيشقدميءَ کيس سڀ کان اڳ ۾ هڪ اهڙيءَ قوم جي آڏو آندو، جنهن جو يونانين سان اڳيئي هندستاني سرحد کان ٻاهر ڪنهن علائقي ۾ رابطو قائم ٿي چڪو هو، جنهنڪري اُن سائٽس هروپرو ڪو غير دوستاڻو رويو اختيار نہ ڪيو هوندو [15].

سر ڊبليو. ٽارن، سنڌو نديءَ جي هيٺئين حصي واري ملڪ تي ٿيل اُنهيءَ ڪاهہ واري پنهنجي نظريي جي حمايت ۾ جنهن واقعي جو حوالو پيش ڪيو آهي، سو آهي مهاڀارت ۾ ذڪر ڪيل سؤوير ملڪ ۾ واقع دَتامتر نالي هڪ شهر، ۽ ان سان گڏوگڏ يَوانہ ڌِپہ نالي جو حوالو، جنهن جو ترجمو ٿيندو "يوناني حڪمران". ان کان علاوه، ناسڪ جي هڪ غار ۾ پٿر تي اُڪريل ڪتبي ۾ يَوانہ علائقي جي ماڻهن طرفان پيش ڪيل مذهبي سوکڙين پاکڙين جو جيڪو ذڪر ڪيل آهي، تنهن ۾ پڻ اُتر طرف، تَامِتي نالي هڪ شهر جو ذڪر ٿيل آهي.

اِنهن ڳالهين مان ٽارن اِهو اندازو ڪري ٿو تہ هڪ جاءِ جي اُنهن ٻنهي نالن جو اشارو فاتح ڊيميٽريس طرفان آباد ڪيل شهر "سنڌ ۾ واقع ڊيميٽرياس" ڏانهن آهي، ۽ اُهو گهڻو ڪري پاتل جي سرزمين تي قائم ٿيل هو. يعني ٺوري ۾ ڪٽي چئجي تہ اُهو شهر سڪندر اعظم جي نهرايل دريائي-بندر جي نئين سر جوڙايل صورت هو [16].

ٽارن جي نظريي مطابق، ڊيميٽريس اهڙيءَ طرح سنڌ جي حالات کي

درست ڪرڻ ڪان پوءِ، بئڪٽريا ڏانهن واپس هليو ويو. ۽ پنهنجي وڏيڪ رٿائن جي مڪمل ڪرڻ جو ڪم پنهنجي نائب سپهه سالار اپولو ڊوٽس جي حوالي ڪري ويو. جيڪو ڊيميٽريس جي نالي ۾ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوڏانهن ڪاهي ويو. مشهور جاگرافيدان، ٽالمي، انهن علائقن ۾ هڪ پئي شهر نالي ٿيئو فِلا جو سراغ ڳولي ڪڍي ٿو، ۽ ان لاءِ ٿارن اندازو ڏيکاريو آهي تہ اُهو شهر اپولوڊوٽس طرفان آباد ڪيو ويو هوندو. ۽ ان تي ڊيميٽريس جي راڻيءَ يا ماءُ جي نالي ڪي عزت ڏيڻ خاطر اُهو نالو رکيو ويو هوندو. "پيريپلس" ۾ آندل هن ذڪر مان تہ اپولوڊوٽس مينئنڊر جا سڪا سال 50 قبل مسيح ۾ اُنهيءَ ڪتاب جي ليکڪ جي سفر دوران بيري گازا ۾ هلي رهيا هئا، ٿارن اهو نتيجو ڪڍي ٿو تہ اُهو شهر بڙوچ پڻ اپيرلوڊوٽس جي حڪومت ماتحت اچي چڪو هو. هو اها راءِ ڏئي ٿو تہ اُهو ساڳيو شهزادو ان ڪان پوءِ گجرات ڪان اُتر طرف اجين ڏانهن وڌيو، ۽ هَن اهو قديم، گنگا جي ماٿريءَ ڏانهن ڊيميٽريس طرفان رواني ڪيل ٻيءَ مهم جي اڳواڻ، مينئنڊر، سان وڃي ملڻ ۽ ان ڪان پوءِ گڏجي چندرگپت جي پراڻيءَ شهنشاهت ڪي پوريءَ طرح فتح ڪرڻ جي ڪم مڪمل ڪرڻ جي رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪنيو هو. پر سمجهيو وڃي ٿو تہ اُنهيءَ رٿا ڪي جلدئي ترڪ ڪيو ويو، ۽ خيال آهي تہ اپولوڊوٽس، سنڌ ۽ بين ڏاکڻين صوبن جو انتظام پنهنجن فوجي وائيسرائن جي هٿن ۾ ڏيئي، آخر ۾ ٽئڪسيلا ڏانهن موٽي ويو [17].

ڊاڪٽر اي. ڪي. نارائڻ پنهنجي هڪ تازي ڪتاب "دي انڊو-گريڪس" ۾ انهيءَ سڄيءَ شهادت جي مڪمل جاچنا ڪئي آهي، جنهن تي سر وليم ٿارن سنڌو ماٿريءَ جي ڏاکڻي علائقي ۽ آسپاس وارن صوبن جي بئڪٽرين يونانين جي هٿان فتح ٿيڻ واري سڄي نظريي جو بنياد رکيو آهي، ۽ هو، گهٽ ۾ گهٽ هن مصنف جي راءِ ۾ پوري اطمينان بخش طريقي سان، ثابت ڪري ٿو تہ اُنهيءَ جو سڄو دارومدار اجا بہ اِسترابو جي طرفان ڏنل حوالي واري اپولو ڊوٽس جي اختياريءَ تي آهي، جيڪو "پارٿيڪا" جو مصنف هو. ڊاڪٽر نارائڻ اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ اِسترابو خود اپولوڊوٽس جي ڪن خاص بيانن کي ناقابل اعتماد سمجهندو هو [18].

هو مزيد پنهنجي تحقيق ۾ ثابت ڪري ٿو تہ مهاڀارت واري سؤوير ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏَتامتر نالي واري شهر کي يوناني حڪمران ڊيميٽريس سان ڳنڍڻ لاءِ ڪو معقول سبب ڪونهيءَ اُهو تہ يوناني حڪمران (يَوانہ ڏپہ) جو، جنهن جو انهيءَ تحرير ۾ حوالو ڏنل آهي، نالو بہ ڪونہ هو. بلڪ اُهو سؤوير لوڪن جي بادشاهہ سُمترا جو هڪ خطاب هو. وري، ناسڪ واري ڪتبي ۾ ذڪر ڪيل شهر، ڏَتامتيءَ، لاءِ چيو ويو آهي تہ اهو اُتر طرف واقع هو، حالانڪ سنڌ (سؤوير) هميشہ کان قديم هندستان جي مغربي حصي ۾ واقع سمجهي ويئي آهي. ٻئي طرف، جيتريقدر ٽالميءَ واري شهر، ٿيئوفِلا، جو واسطو آهي، تہ اُن لاءِ اهڙي ڪابہ شهادت موجود ڪانهي تہ ڊيميٽريس جي زال يا ماءُ جو ڪو اهڙو نالو هو، ۽ اها ڳالهہ بہ، تہ انهيءَ فرضي فتح کان ڪي بہ صديون پوءِ واري دور ۾ ٻڙوچ ۾ اپولوڊوٽس جا سڪا ڪاروباري ڏي وٺ ۾ هلي رهيا هئا، هن ڳالهہ جي ثابتي ناهي تہ اَپولوڊوٽس ڪنهن وقت اُتي بادشاهي ڪئي هئي. اِنهيءَ ڳالهہ جي اهميت گهٽو ڪري اِها ٿي سگهي تہ اُنهن سڪن کي وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. جهڙيءَ طرح آسٽريا جي ارڙهين صديءَ واريءَ راڻي ميريا ٿِريسا جي سڪن کي ويهين صديءَ جي آئيبسينيا ۾ اڄ بہ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ انهن سڪن جو هڪ واپاري شهر ۾ تجارتي سرگرمين ۽ ڏي وٺ جي دوران اچي پهچڻ بلڪل امڪاني امر آهي. ان کان سواءِ، ناراڻ ٻڌائي ٿو تہ اپولو ڊوٽس جي سڪن جا مهاراشٽر ۽ اُجين جي سَڪ قبيلي جي نائب حڪمرانن طرفان نقل ويندي انهن تي اُڪريل يوناني لفظن تائين ڪرايا ويا هئا. [19]

ٻئي طرف، ڊيميٽريس، اپولو ڊوٽس يا ٻئڪٽريا جي ٻئي ڪنهن بہ يوناني حڪمران جا ڪي بہ سڪا سنڌ يا گجرات ۾ نہ لڌا ويا آهن. اُهي سڪا جنهن انتهائي ڏاکڻي علائقي ۾ لڌا ويا آهن، سو پنجاب جي ديري غازي خان ضلعي ۾ واقع اَمر ڪوٽ آهي. جيئن تہ اُنهن هندي-يوناني حڪمرانن جي موجودگيءَ ۽ وجود متعلق سڪن جي شهادت کان سواءِ اسان وٽ ٻي ڪا خاص ثابتي ڪانهي، انهيءَ ڪري ائين پيو معلوم ٿئي تہ انهن جي بادشاهين جي پکيڙ جي اندازن جو سڄو دارومدار اُنهن جي سڪن جي ذخيرن ملڻ وارن هنڌن تي رکيو ويو هوندو. سنڌ ۽ گجرات جي سمورن علائقن مان جيئن تہ اهڙا سڪا ڪٿي بہ دستياب نہ ٿيا آهن، ان ڪري انهن شين جي عدم موجودگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ پنهنجي ليکي قطعي ۽ فيصلا ڪن ثابتي ڪانهي. اڻپولوڊوٽس جي اُنهن بيانن ۾ شڪ ظاهر ڪرڻ جو سٺو سبب مهيا ڪري ٿي، تہ انهن ملڪن کي بئڪٽريا وارن يونانين ڪو سچ پچ فتح ڪيو بہ هو [20].

نارائڻ هيءَ بہ دليل ڏئي ٿو تہ جسٽن طرفان جنهن ڊيميٽريس جو "هندستانين جي بادشاهہ" طور ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ جنهن بئڪٽريا ۾ يوڪريٽائيڊس سان جنگ ڪئي هئي (جنهن کي، انهيءَ ڪري ٽارن واري سنڌ جي فاتح طور شناخت ڪرڻ گهرجي)، سو يوٿيڊيمس جو پٽ ڊيميٽريس نہ، بلڪ وڌيڪ امڪاني طور اڻنٽي ماڪس پهرئين جو پٽ هو. ۽ اهڙيءَ طرح هو هڪ ٻئي شاهي گهراڻي جو فرد هو، جنهن انهيءَ زماني کان ويهہ سال پوءِ حڪومت ڪئي هئي. نارائڻ اها راءِ پيش ڪري ٿو تہ مينئنڊر انهيءَ ٻئي ڊيميٽريس جو پٽ هو، جنهن شايد گنڌارا جي هڪ حصي کي فتح ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي لاءِ هندستانين جي بادشاهہ جو خطاب اختيار ڪيو هو، هن جو سڪوئي سيني کان وڌيڪ پراڻو سڪو هو، جنهن تي هڪ ئي وقت کروشتي ۽ يوناني ٻولين ۾ لفظ اڪريل هئا ۽ اڻپولوڊوٽس مينئنڊر جو ننڍو پٽ هو. [21]

مينئنڊر جي حڪومت ۽ فتوحات جي وسعت بابت هنن ٻين سيني ڳالهين کان وڌيڪ سني ثابتي موجود آهي. هن جي سڪن جي ڪافي ذخيرن جي دستياب ٿيڻ جي آڌار تي، اڻين پيو معلوم ٿئي تہ پاروپاميسادائي (ڪابل ماٿري) ۽ گنڌارا هن جي بادشاهيءَ ۾ شامل هئا، جيڪي هن جي پيشروئن فتح ڪيا هئا، انهن فتوحات ۾ اُتر اُپرندو آرڪوسيا کان وينديءَ سنڌو نديءَ تائين، هزارا ۽ سوات ماٿريءَ جا ڀَٽ شامل هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ آخري نالي واري علائقي تي هن جي پاران هڪ هندستاني راجا، وڪرمامتر، حڪومت هلائيندو هو [22].

اُتر هندستان جي "وچينءِ بادشاهيءَ" تي مينئنڊر جي ڪاهہ جو هندستان جي گهٽ ئي همعصر ليکڪن ذڪر ڪيو آهي. "يُگ پُران" مطابق يونانين، پنڪلا ۽ مَٿورا جي حاڪمن سان گڏجي، انهيءَ ڪاهہ ۾ حصو ورتو هو، هنن پاٽلي پُتر تائين پيشقدمي ڪئي ۽ ان کي ناس ڪيو، پر پوءِ هو پاڻ ۾ وڙهي پيا، ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ ڇتيءَ جنگ کان پوءِ "يوناني "مڌيہ ديس" ۾، رهي نہ سگهيا". پتنجلي پنهنجي ڪتاب "مهاڀاسيہ" ۾، جيڪو انهن واقعن کان ڪو گهڻو پوءِ نہ لکيو ويو هو، اتفاقي طور گرامر جي مثالن ۾ اهڙين ٻن جاين جو

ذڪر ڪري ٿو، جن تي يونانين پنهنجي مهم جي دوران گهيرو ڪيو هو. ڪاليداس چوي ٿو ته انهن کي پُشيامتر جي پوٽي انهيءَ وقت شڪست ڏني، جڏهن هو پاڻ اجا راج سنگهاسن تي براجمان هو [23].

نارائڻ هن ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته مينئنڊر جا سڪا راوي درياهه جي اُپرندي پاسي واري علائقي ۾ عام طور تي دستياب ڪين ٿيا آهن، جيتوڻيڪ هن جا ۽ ڪن ٻين يوناني حڪمرانن جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سڪا گنگانديءَ جي ماتريءَ ۾ به ڏٺا ويا آهن. انهن سڪن جي موجودگيءَ مان سندن پيسن جي مقبوليت، ۽ نه انهن جي بادشاهيءَ جي سرحدن جي وسعت، جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ٽارن فقط هڪ سڪي جي لپي پوڻ جي زور تي اهو اندازو ڪري ورتو ته مَٿُورا مينئنڊر جي بادشاهيءَ جو هڪ حصو هو. پر نارائڻ ڪي پَنڪلا، تريگارتا ۽ راجنيا نالن وارن قبيلن جي سڪن ۾، جيڪي انهيءَ پسگردائيءَ وارن علائقن تي قابض هئا. اهڙا سڪا، جن تي ڪوبه يوناني اثر نظر نه ٿو اچي. اُنهن قبيلن جي طاقتور ۽ خود مختيار هئڻ جي يقين ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پروسي جهڙا بلڪ خاطريءَ وارا بنياد ملن ٿا [24].

ٽارن پڻ اها راءِ پيش ڪري ٿو ته مينئنڊر شايد پنهنجي بادشاهي يوڪريٽائيڊس جي گوشه نشيني اختيار ڪرڻ ۽ قتل ٿيڻ کان پوءِ، جنهن بئڪٽريا تي قبضو ڪيو هو ۽ جيڪو پوءِ گنڌارا تي به ڪاهي آيو هو، شايد سنڌ تائين وڌائي آيو هجي. پر اها سڄي ڳالهه هڪ اندازي کان وڌيڪ نظر نٿي اچي.

اهڙيءَ طرح اسين هن نتيجي ڪڍڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا ته اُنهيءَ صديءَ دوران، جڏهن بئڪٽريائي يونانين جو گنڌارا ۾ هندستان جي سرزمين تي قدم جميل هو، سنڌ گهٽ ڪري اُنهن جي اثرائتي قبضي هيٺ ڪانه آيل هئي. اپولوڊوٽس جي بيانن جو، جيڪڏهن اهي بلڪل بي بنياد ناهن، واسطو شايد ڪنهن عارضي ڪاهه يا اهڙي حملي سان هجي، جهڙو مينئنڊر بظاهر ڪن هندستاني اتحادين سان پاٽلي پتر جي خلاف ڪيو هو. اُها مهم ٻڌ ڌرم جي معتقدن جي هڪ علائقي مان هڪ برهمڻ غاصب جي خلاف سر ڪئي ويئي هئي. پر سنڌ ۾، موريا گهراڻي جي سلطنت جي زوال سبب، اتان جي حڪومت جي خلاف ڪو وڏو انقلاب يا ٻُڌ عقيدي جي خلاف ڪو رد عمل رونما ڪونه ٿيو هوندو، پر فقط سابق گورنرن طرفان، جيڪي گهڻو ڪري سوُوير قبيلي جا

سردار هئا، پنهنجي لاءِ آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جي رتبي حاصل ڪرڻ جون ڪي ڪوششون ضرور عمل ۾ آيون هونديون.

نوٽ

(1) اسٽرابو، XV، 502.

(2) ايرين، V، 27. ڪوئينٽس ڏانهن منسوب ڪيل تقرير ۾ شايد فوجين طرفان اختيار ڪيل رويي جو صحيح بيان ڏنل آهي.

(3) سر ڊبليو. ٽارن، "اليگزينڊر دي گريٽ"، جلد، II، ص. 3 - 312، نوٽ: 6. ڊيئوڊورس، XVIII ، 39، V-A . سمٿ هن راءِ جو هو تہ سنڌو ماٿريءَ جو علائقو پورس جي حصي ۾ اچڻ بدران، ٽئڪسلا جي بادشاهہ جي حصي ۾ آيو هوندو. "آرلي هسٽري آف انڊيا"—نيو ڇاپو، ص. 108 - نوٽ.

(4) پلوٽارچ "لائيوز"، ترجمو لينگ هارن، 1875ع جو ڇاپو، ص. 750، ڪرٽيئس، IX ، 2، ڊيئوڊورس، XCIII .

(5) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ج، I ، صفحا. 2 - 471.

(6) ڊيئوڊورس، XIX ، 14. 8. سي.ايف.ٽارن، "اليگزينڊر"، II ، ص. 310.

(7) جسٽن، "هسٽوريئو فليپيڪائي" XV -4.

(8) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، 1، صفحا. 2 - 431.

(9) سر ڊبليو. ٽارن "دي گريڪس اِن بئڪٽريا اينڊ انڊيا" ص. 100 ۽ نوٽ: 4.

(10) مثال طور سِن.ٽو، اي.ٽيئن، پي.او.چيهہ.لُو، ۽ پي.ٽو.شيهہ.لُو ۾، بحوالہ ٿي.واٽرس، "آن يونان چوانگ"، ج، II، ص. 252، 258، سي. ايف. "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، I ، ص. 501.

(11) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، I ، صفحا. 442، 412.

(12) اسٽرابو، XI ، 1011.

(13) "پيريپلس آف دي ايري ٿريئين سي"، 47.

(14) ڊبليو. ٽارن، "دي گريڪس اِن بئڪٽريا اينڊ انڊيا"، ص. 152، نوٽ: 3، ص. 174، نوٽ: 3، صفحا. 7-175.

(14- A) سر ڊبليو. ٽارن، حوالو ڏنل ڪتاب صفحا 2-141.

(15) سر ڊبليو. ٽارن، حوالو ڏنل ڪتاب صفحا 2-171.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(16) سر ڊبليو. ٽارن ص. 142، پتنجلي جي "مهاڀاسيہ" ۾ ڪرماديشور جي "وياڪڙ" ۾، سؤوير ديش ۾ دتامتري نالي هڪ شهر جو ذڪر آيل آهي (ڊي. آر. ڀنڊارڪر، "انڊين آئنٽي ڪُئري" ۾، (1911).

(17) ٽارن، صفحا. 5 - 162.

(18) اي. ڪي. نارائڻ، "دي انڊو-گريڪس" (او.يو. پي. 1957ع ص. 35.

(19) نارائڻ، حوالو ڏنل ڪتاب، صفحا. 42 - 39، 68.

(20) نارائڻ، صفحا. 92، 125.

(21) نارائڻ، صفحا. 122، 181.

(22) نارائڻ، ص. 78.

(23) نارائڻ جي راءِ موجب، هن باري ۾ ڪو ٿوروئي شڪ ٿي سگهي ٿو، تہ انهيءَ مهم جي قيادت مينئنڊر ڪئي هئي، جنهن سيني يوناني بادشاهن ۾ اڪيلي سر هندستان ۾ هڪ عظيم فاتح جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو ڇڏي. مسٽر امريندرانات لهريءَ جو اهو نظريو تہ اُها ڪاهہ ڊيميٽريس انهيءَ وقت ڪئي هئي، جڏهن سال 184 ق. م ۾ ڪمزور بادشاهہ برهادرٿ موريا اڃا پاٽلي پتر جي تخت تي موجود هو، ٻين ڳالهين کان علاوه، ڪاليداس جي شهادت کي رد ڪري ٿو، جو تہ اهو خيال پيش نہ ڪيو ويو آهي تہ اها "فتح" هڪ ڪامياب مختصر چڙهائيءَ کان وڌيڪ هئي. ("انڊين هسٽاريڪل ڪوارٽرلي" XXXIII نمبر: 1 مارچ 1957ع، ص. 40، سي. ايف. نارائڻ، صفحا. (3 - 82).

(24) نارائڻ، صفحا. 88، 91.

7

سنڌ سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي هٿ هيٺ

سال 160 ق.م کان اڳي، منگوليا کان ڏکي ڪديل مرڪزي ايشيائي قبيلي جي هڪ وڏي غول جي اُلهندي طرف ڏانهن لڏ پلاڻ، سنڌو ماٿريءَ جي اُتر ۽ اولهه ۾ واقع ملڪن ۾ هڪبئي جي پنيان زبردست اُٿل پٿل آندي، جنهن جي نتيجي ۾ يونانين جي قائم ڪيل بادشاهين جو خاتمو اچي ويو ۽ خود سنڌو ماٿريءَ ۾ نين حڪمران قومن جو وجود عمل ۾ آيو.

انهن لڏ پلاڻن جي انتهائي اوائلي منزلن بابت شهادت چيني واقع نگارن ۽ صحيفه نويسن وٽان حاصل ٿئي ٿي ۽ ان جو بنياد اُنهيءَ دؤر جي سرڪاري رڪاردن تي رکيل آهي، پوئين زماني ۾ ٿيل لڏ پلاڻ لاءِ اسين جزوي طور قديم ليکڪن، ۽ ڪجهه قدر سِڪن جي شهادت ۽ ڪَتبن تي دارومدار رکون ٿا. سنڌ ۾ انهيءَ دؤر جي سڪن يا ڪَتبن جي دريافتن جي اڄ ڏينهن تائين غير موجودگي، هن ملڪ ۾ رونما ٿيل واقعن بابت اسان جي ڄاڻ ۾ مسيح کان هڪ صدي بعد جي اڌ تائين هڪ خال ڇڏي ٿي، اُن وقت تائين جڏهن اُن جي تڏهوڪين حالتن جو قديم زماني جي هڪ ليکڪ طرفان ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح موريا گهراڻي جي زوال کان پوءِ سنڌ جنهن گمناميءَ جي پردي پنيان هلي ويئي، ۽ جڏهن بالائي پنجاب ۾ يوناني بادشاهتون اچا خوب وڌي ويجهي رهيون هيون، تنهن جو سلسلو اچا بہ وڌيڪ ڏيڍ صديءَ تائين وڌي ويو، جنهن عرصي ۾ يوناني طاقت جو زوال رونما ٿيو ۽ اُنهن جي جاءِ تي سنڌن فاتحن جي طاقت کي عروج حاصل ٿيو. اسين فقط ڪن بين هنڌن تي پيدا ٿيل حالات جي مطالعي مان، ۽ اُن مان کي نتيجا اخذ ڪري، اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ سنڌ ۾ اُهي حالتون ڪيئن پيدا ٿيون. جيئن اُهي اسان کي سن 50ع ڌاري نظر اچن ٿيون.

سن 139 ق.م کان ٿورو ئي وقت پوءِ، سَڪارائولي ۽ ايسياني نالي کي سٿين قبيلا، جيڪي گهڻي زماني کان وٺي جيحون درياءَ [1] جي ڪنارن تي آباد رهندا آيا هئا، يُوچيهه نالي هڪ وڌيڪ طاقتور قبيلي جي دباءَ هيٺ اچي، پنهنجو قديم وطن ڇڏي، بئڪٽريا طرف وڌيا. هنن انهيءَ ملڪ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ حصو يوڪريڊائيٽس جي يونيرن کان کسي ورتو. پر معلوم ٿئي ٿو تہ هنن جو اهو قبضو عارضي هو، ۽ انهن جو وڌو تعداد اُتان کان وري اُلهندي طرف ڌوڪيندو، اڳتي وڌندو ويو. جتي هنن جو پارٿين لوڪن سان ٽڪراءُ ٿيو. جيڪي اُنهيءَ وقت اُيرندي ايران جا ملڪ هئا. ان کان پوءِ هڪ طويل جدوجهد شروع ٿي، جنهن ۾ سٿين لوڪن کي سندن هم نسل ماڻهن کان مدد حاصل ٿي، جيڪي انهن کان چار صديون اڳي ڪنهن هنڌان لڏي اچي سيستان ۾ آباد ٿيا هئا. انهن جي مقالي ۾ نہ تہ فرئاتس ثاني، ۽ نہ آرتابانس پهرئين جي ڪا دال ڳري سگهي، پر پوءِ انهن کي عظيم متريديٽس ٻئي جي ڏينهن ۾ يا تہ ماري ميجايو ويو، يا انهن کي سيستان مان لوڌي ٻاهر ڪڍيو ويو. جيڪڏهن اسٽرابو جي ڳالهہ تي يقين ڪجي تہ قصو هيءُ ٿو وڃي بيهي تہ متريديٽس ٻئي خود انهن قبيلن جي ملڪ ۾ اندر پهچي، اتي وڃي انهن سان جنگيون ڪيون، جتان اهي اصل ۾ آيا هئا [2]. پر جيڪڏهن پارٿي لوڪن سڄي بئڪٽريا يا ان جو ڪو حصو سٿين لوڪن کان سچ پچ واپس فتح ڪيو، تہ هنن جي ان ڪاميابيءَ ٿوري ئي عرصي تائين جٽاءُ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ سن 100 ق.م. ڌاري انهيءَ سڄي ملڪ تي "يوچي" [3] لوڪ ڇانئجي ويا. معلوم ٿئي ٿو تہ انهن "يوچي" لوڪن بئڪٽريا وارن کي شڪست ڏني هئي، يا ممڪن آهي تہ هنن پنهنجي انهن يوناني آقائن کي ويهارو سال اڳي اتان پچائي ڪڍيو هو، پر پوءِ هو پاڻ مطمئن ٿي آڪسس جي اُتر واري علائقي ۾ رهي پيا هئا، ۽ بئڪٽريا جي ننڍن ننڍن سردارن کي ملڪ جي انتظام هلائڻ ۽ سندن ڏن پرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏنو هئائون. ان کان پوءِ وري خود "يوچي" لوڪن جو وارو آيو، ۽ هنن کي "وو-سن" جي بادشاهہ، هُوڻ لوڪن جي مدد سان حملو ڪري، آڪسس درياءَ جي ٻئي ڪپ واري علائقي ڏانهن پچائي ڪڍيو، جن پوءِ سڄي بئڪٽريا تي قبضو ڄمايو ۽ ملڪ کي پنهنجن پنهنجن مکيہ قبيلن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو.

چيني وقائع نگارن جي مطابق، سٿين لوڪن جي "سائي"، يا "ساڪ"، نالي هڪ قبيلي، جنهن کي "يوچي" لوڪن جي ڪنهن اوائلي حملي جي نتيجي ۾ جيحون درياءَ جي پرئين ڪپ واري ملڪ کان پچٽو پيو هو، تنهن اُلهندي رخ ۾ پچڻ بدران (جنهن رخ ۾ سڪارائلي ۽ اِيسياني قبيلن پاچ ڪاڍي هئي، جيئن هن کان اڳي ذڪر اچي چڪو آهي)، ڏکڻ جو رخ اختيار ڪيو، ۽ انهن جو

بادشاهه "ڪي پـن" جو حڪمران بنيو.[4] جيڪو گهڻو ڪري گلگت يا اُتر اُلهندي ڪشمير سان نسبت رکي ٿو. وچ ۾ حائل علائقي جون دشواريون اٿاهه آهن، ۽ راپسن هن راءِ جو هو ته ساڪ قوم جا گهڻا ماڻهو پنهنجي بادشاهه سان گڏجي ڪِي پـن تائين نه اچي سگهيا هوندا. پر ڊاڪٽر نارائڻ، چيني لکيڪن جي تحريرن جي متعلق ٿـڪرن جي ٻيهر جاچنا ڪرڻ کان پوءِ، پڪيءَ راءِ جو آهي ته اِها "سائي" لوڪن جي قبائلي لڏ پلاڻ هئي، جنهن جو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو، ۽ هو هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته هيءَ ئي اُها قوم هئي، جنهن اُتر کان داخل ٿي، هندستان ۾ پهرين ساڪ بادشاهي قائم ڪئي[5].

عام طرح، هن ڳالهه تي يقين ڪيو ويو آهي ته سيستان جي سِتين لوڪن ڪي، مِـتريڊيٽس اعظم جي بادشاهيءَ دوران شڪست ڏيئي اُيرنـدي طرف پڇايو ويو، ۽ هنن پاڻ لاءِ ممڪن ڪليل آسان راهه اختيار ڪري قنڌار ۽ بولان يا مُـولا لڪن جي رستي کان سنڌو نديءَ جي ڏاکڻي ماٿريءَ ڏانهن لڏڻ شروع ڪيو، ۽ آبيريا يا اُتر سنڌ تي قبضو ڪري، پاٽلين ۽ نيٺ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تي پنهنجو تسلط ۽ اختيار قائم ڪيو. ان ڪان پوءِ يوناني جاگرافيدانن وٽ اُهو سڄو ملڪ اندو-سِتيا جي نالي سان ۽ هندستاني ادب ۾ ساڪ - دوپ (ساڪ لوڪن جو درياهي ملڪ) جي نالي سان مشهور ٿيو.[6]

ڊاڪٽر نارائڻ جي هن اصرار تي، ته "ساڪ" نالو سِتين لوڪن جي فقط هڪ قبيلي، "سائي" سان واسطو رکي ٿو، هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته دارا هائستاپس جي زماني کان وٺي اِهو نالو مجموعي طور سِتين لوڪن جي متعلق اُستعمال ٿيندو رهيو هو، جيتوڻيڪ ڪنهن خاص ضرورت وقت[7]، انهيءَ نالي سان هڪ نه ٻيو امتيازي فقرو به ڳنڍيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح، دارا جي قبر تي لڳل ڪتبي جي مطابق، هن جي سلطنت ۾ جيڪي ملڪ هئا، تن ۾ به ساڪ صوبا—ساڪ هئوماروگ ۽ ساڪ تگار ڪنڊ — پڻ شامل هئا.

ڊاڪٽر ٿامس جي انهيءَ راءِ جي مخالفت ڪئي ويئي آهي ته پوئين نالي واري صوبي کي هيلمند درياءَ واريءَ ماٿريءَ جي انهيءَ ڀاڱي سان شناخت ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سِتين لوڪ دارا جي بادشاهيءَ کان گهڻو اڳي آباد هئا، پر گهٽ ۾ گهٽ هيءَ حقيقت آهي ته اِهو ئي علائقو هو، جيڪو قبل مسيح کان ٻه صديون اڳي[8] واري دور جي پڇاڙيءَ ڌاري ساڪَستان جي نالي سان مشهور

ٿيو، جڏهن سٿين لوڪن جو وڏو تعداد اتي وجي وارد ٿيو هو. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تہ ستين لوڪن جي هڪ مشهور ۽ معروف قبيلي تي، جيڪو "يوچي" جي دٻاءَ کان اولهه طرف پڳو هو. "ساڪرائلي" نالو پيل هو.

هندستان ۾ ايران وانگر ساڪ نالو عام طور سٿين لوڪن تي مجموعي طور پيل هو، ۽ نہ انهن ماڻهن تي، جيڪي فقط "سائي" قبيلي سان وابستا هئا. اسان کي خاطري هئڻ گهرجي تہ هندستانين ساڪ-دوپہ نالو سنڌو نديءَ جي هينئين حصي واري ملڪ کي ڏنو هو. ڇا ڪاڻ تہ اُهو ملڪ انهن ستين لوڪن جي قبيلن آباد ڪيو هو. جيڪي گهڻو ڪري ساڪستان کان اُتي پهتا هئا.

پر هندستان جي پهرين ساڪ بادشاهي، جنهن جي متعلق اسان وٽ سِڪن ۽ ڪتبن جي صورت ۾ پڪي ثابتي موجود آهي، اُها هئي، جنهن جو بنياد اُنهن جي اڳواڻ "ميئوز". يوناني "بادشاهين جا ڪجهہ علائقا فتح ڪري، اُتر الهندي پنجاب ۾ قائم ڪيو هو.

هُن جي نالي وارن لڏل سِڪن ۾، جيڪي يوناني حڪمرانن جي سِڪن جو قريبي نقل هئا، ڪيترن ئي قسمن جا مختلف شڪل ۽ صورت وارا سِڪا شامل هئا. اُنهن ۾ اپولودوٽس جا مخصوص چورسا سِڪا بہ شامل هئا. جنهن کي گهٽي زماني تائين هندستان جي نسبت سان اُنهيءَ نالي وارو پهريون يوناني شهزادو، ۽ مينئنڊر جو همعصر سمجهيو ويندو هو. پر انهن يوناني نمونن جي سِڪن تان نقل ڪيل "ميئوز" جي سڪن ۾ هڪ اهڙو سِڪو بہ لڌو ويو آهي، جنهن جي مٿان اپولودوٽس جي مهر هنئين ويئي آهي، جنهن مان عارضي طور يوناني اقتدار جي بحال ٿيڻ جي نشاندهي ٿئي ٿي، ۽ نارائڻ جي هن راءِ جي يقيني طور حمايت ٿئي ٿي، تہ انهيءَ نالي وارو فقط هڪ يوناني بادشاهہ ٿي گذريو آهي، ۽ نہ بہ، ۽ انهيءَ بادشاهہ مينئنڊر جي وفات کان ڪجهہ سال بعد ۾ حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي هئي [9].

اها ڳالهہ اسان کي ٻن لاڳاپيل مسئلن تي آڻي بيهاري ٿي. هڪ تہ "ميئوز" طرفان گنڌارا کي فتح ڪرڻ ۽ ان تي حڪومت ڪرڻ جو سال ڪهڙو مقرر ڪجي، ۽ ٻيو تہ هو هندستان ۾ ڪهڙي ملڪ کان ۽ ڪهڙي رستي کان داخل ٿيو هو؟ اُنهن ٻن سوالن منجهان پهريائين پوئين سوال جو حل ڪرڻ وڌيڪ آسان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راپسن ۽ ٽارن جو نظريو اهو هو تہ "ميئوز" انهن سٿين لوڪن منجهان هو، جيڪي سيستان کان لڏي اُتر سنڌ ۾ آيا هئا ۽ هن سنڌو ماٿريءَ جي وچان اُتر واري رخ ۾ پيشقدمي ڪئي. ٽارن طرفان تہ "ميئوز" جي هڪ اهڙي سڪي جي آذار تي، جنهن ۾ پوسيڊان کي درياهہ جي ديوتا تي غالب ايندي ڏيکاريو ويو آهي، اهو رايو ڏنو ويو تہ اُنهيءَ مهم جي دوران سنڌونديءَ تي وڙهيل دريائي جنگ فيصلا ڪن ثابت ٿي هوندي. پر جيئن تہ اُهائي شبيهہ آئنٽي ماڪَس ٿيئوز جي هڪ سڪي تي بہ موجود آهي، اِن ڪري ممڪن آهي تہ "ميئوز" طرفان اختيار ڪيل بين يوناني شبيهن ۽ علامتن وانگر، هن کي بہ ڪا خاص اهميت نہ هجي [10]. ڊاڪٽر لوهوزين ڊي ليوو طرفان هيءَ دليل پيش ڪيو ويو آهي تہ جيتوڻيڪ "ميئوز" نالو سٿين قوم وارن جو آهي، ان هوندي بہ ممڪن آهي تہ اُهو بادشاهہ پارٿين نسل جو هجي، هن جو خيال آهي تہ هن جا سڪا رانجينوبالا جي مشهور و معروف ساڪ حڪمرانن جي سڪن بدران (جيڪي اِسٽرينٽو پهرئين ۽ ٻئي [11] جي سِڪن تان نقل ڪيل هئا)، مشرقي پارٿيا جي همعصر حڪمرانن جي ضربخانن ۾ ٺهيل سڪن سان وڌيڪ مشابهت ۽ قربت رکن ٿا، جيڪي دراصل گنڌارا جي يونانين جي ڊاليل سڪن جي نمونن تي ٺهيل هئا. "ميئوز" پنهنجن پوين سالن وارن سِڪن ۾ پاڻ کي "بادشاهن جو وڏو بادشاهہ" سڏي ٿو، جيڪو بلڪل واضح طور هخامنشي گهراڻي وارن کان ورثي ۾ آيل پارٿي خطاب هو، ۽ اها ڳالهہ شايد هن خيال کي تقويت ڏئي ٿي تہ جيڪڏهن هو واقعي پارٿي نسل جو نہ هو، تہ هو اُنهن سٿين لوڪن منجهان هڪ ضرور هو، جيڪي سيستان ۾ رهندي، پارٿيا وارن جا محڪوم هئا.

اهو ساڳيو خطاب سن 88 ق.م ۾ مٿريڊيٽس ثانيءَ جي وفات کان پوءِ، اُڀرندي ايران ۾ وونونس بہ استعمال ڪيو هو، جيڪو شايد آرڪوسيا ۾، ۽ ممڪن آهي تہ سيستان ۾ پڻ، هن جو ڪڏهن وائيسراءِ رهيو هو، ۽ جيڪو شايد لڏي آيل سٿين لوڪن کي ابتدا ۾ شڪست ڏيئي، ڪانئن مٿريڊيٽس ثانيءَ جي آڻ مڃائڻ لاءِ ذميدار هو. گهٽو پوءِ جڏهن هن پاڻ خودمختيار حيثيت حاصل ڪئي هئي، تڏهن هو ڪافي پوڙهو ٿي ويل هو. جيئن سندس سِڪن تي اُڪريل هُن جي مٿي ۽ مُنهن جي شڪل مان اندازو ڪجي ٿو، ۽ هن سان گڏ سندس ڀائرن مان ڪن سِڪن تي اِسپاليرائيسز ۽ ڪن تي اِسپاليرس پڻ نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ ميئوز "بادشاهن جي وڏي بادشاهہ" جو خطاب وونونس جي مرڻ کان پوءِ اختيار ڪيو هجي، حالانڪ اِسپاليرائيسز. جيڪو پنهنجي علائقي ۾ وونونس جو جانشين ۽ وارث هو، قدرتي طور ساڳيوئي خطاب استعمال ڪندو هو. آخر ۾ اسان کي هن حقيقت جي اهميت تي غور ڪرڻو آهي تہ "آزس-پهريون" جيڪو اسپاليرائيسز جو پٽ يا ڀائٽيو هو، ميئوز جي مرڻ کان پوءِ ٽئڪسلا ۾ سندس تخت تي ويٺو هو.

هن ڳالهہ جي سڀ کان وڌيڪ سڌي سادي سمجهاڻي اها نظر ايندي تہ ميئوز کي مشرقي ايران جي پارٿين وائيسراءِ وونونس هٿان سٿين لوڪن جي وڏي تعداد سان سيستان مان نيڪالي ملي هئي، ۽ هو پٽڪندو رُلندو، سنڌو ماٿريءَ ۾ اچي نڪتو. ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ گنڌارا جي يوناني بادشاهيءَ جي ڪجهہ حصي تي قبضي ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ وونونس پنهنجي سابق گورنري رياست ۾ آزاد ۽ خود مختيار بڻجي ويو هو. ان کان پوءِ پنهي ڄڻن پنهنجن پنهنجن علائقن جي حڪمرانن جي حيثيت ۾ پارٿي لوڪن جو شاهي خطاب غصب ڪري، پنهنجي لاءِ اختيار ڪيو. ۽ ميئوز جي مرڻ کان پوءِ، وونونس جو ڀائٽيو هن جي پويان هن جي تخت تي ويهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ۽ اهڙيءَ طرح هو مشرقي پارٿيا جي "حقدار" گهراڻي لاءِ سندن اوائلي فتح ڪيل علائقا واپس وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو [12].

ڊاڪٽر نارائڻ، جيڪو "ميئوز" جي اِنهن سڀني حالات متعلق پيش ڪيل انهيءَ نظريي کان اختلاف ڪري ٿو. سو البت سٿين ۽ پارٿين لوڪن جي سيستان ۾ رلي ملي وڃڻ تي زور ڏيندي، هيءَ راءِ پيش ڪري ٿو تہ اُهي گڏجي هڪ قوم بڻجي پيا، ۽ هندستان ۾ "پَهلوا" جي نالي سان مشهور ٿيا، پر هو پاڻ کي بنهي نالن، "ساڪ" ۽ پهلوا سان سڏائيندا هئا ۽ اُنهن "آزس" پهرئين جي قيادت ۾ پهريائين "ميئوز" جي گنڌارا علائقي تي قبضو ڪري، پوءِ ڪابل ماٿريءَ ۽ بالائي آرڪوسيا کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو. جنهن ايراضيءَ ۾ هو شايد ڪُرم ماٿريءَ جي رستي کان داخل ٿيا هئا. ۽ هُنن هندستان ۾ يوناني قبضن کي آخري طور اٿين ختم ڪري ڇڏيو [13].

نارائڻ جي راءِ آهي تہ "ميئوز" سٿين قوم جي "سائي" قبيلي جو بادشاهہ هو، جيڪو قبيلو، چيني مؤرخن جي چوڻ موجب، وچ ايشيا جي بالائي ايلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـٽَ کان ڏاکڻو رستو ورتي، ڪـپـي پـن پهتو. جيڪو علائقو شايد اُتر اولهہ ڪشمير هو. هو ٻڌائي ٿو تہ چيني مؤرخ هيءُ ڳالهہ ڪن ٿا تہ سن 102 ق-م چينائين فرغانہ ۾ "مي-ڪوئہ" نالي ڪنهن بادشاهہ تي حملو ڪيو هو، جيڪو علائقو انهيءَ "ڏاڪڻي رستي" جي ويجهڙائيءَ ۾ هوندو. ۽ هو اِنهيءَ ڳالهہ جي آثار تي دليل ڏئي ٿو تہ نالي جي اِها مشابهت ثابت ڪري ٿي تہ "ميئوز" ساڪ قبيلي مان هو [(14)]. هو اِنهيءَ ڳالهہ ڏانهن پڻ اشارو ڪري ٿو تہ هن وقت تائين جيڪي "ساڪ" قبيلي وارن جا ڪتبا مليا آهن، تن مان سڀ کان وڌيڪ اوائلي ڪتبا هزاره ۽ گلگت ۾ دريافت ٿيا آهن، جتي اِئين سمجهڻ گهرجي تہ، اڳتي وڌي، اُنهن لوڪن، ٽئڪسلا فتح ڪرڻ کان اول پنهنجي طاقت مضبوط ڪئي هوندي [(15)]. هو هن ڳالهہ لاءِ ڪابہ سمجهاڻي نٿو ڏئي تہ "ميئوز" پنهنجي لاءِ پارٿي لوڪن وارو خطاب "بادشاهن جو وڏو بادشاهہ" ڇو اختيار ڪيو، يا گنڌارا واري ساڪ قبيلي جي بادشاهي آخر ۾ پهلوا قوم واري بادشاهہ "آزس" ڏانهن ڇو منتقل ٿي، پر اِنهن لاءِ سبب ڏيڻ ڪا مشڪل ڳالهہ ڪانهي، جيتوڻيڪ حقائق ۽ حالتون وڌيڪ پراڻي اُنهيءَ نظريي سان نهي ڪنديون نظر اچن ٿيون تہ "ميئوز" هندستان ۾ اُيرندي ايران کان داخل ٿيو هو. هيءَ حقيقت بہ ڌيان لائق آهي تہ ٽامي جي تختيءَ تي اُڪريل ڪتبي ۾، جنهن ۾ هڪ وڏي بادشاهہ "موگا" جو ذڪر ڪيل آهي، ۽ جنهن کي "ميئوز" سان شناخت ڪيو وڃي ٿو، جيڪو مهينو اُڪريل آهي، سو پارٿين مهينو آهي. انهيءَ ڪري راپسن هيءُ دليل پيش ڪري ٿو تہ جنهن سن جي ذريعي سال 78، اُن جي زماني جو تعين ڪيو ويو آهي، سو بہ شايد پارٿين سال هو. ۽ هن جي راءِ آهي تہ هنن جو اهو سَنُ شايد سال 150 ق.م کان وٺي شمار ٿيڻ لڳو هو، جڏهن پارٿي لوڪن سيستان ۽ اُيرندي ايران تي پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح "ميئوز" گنڌارا ۾ پنهنجي بادشاهي سال 72 ق.م. کان اڳ ۾ شروع ڪئي هوندي. جيڪا ڳالهہ انهيءَ دور ۽ بعد واري زماني جي سڪن مان مِلندڙ ثابتين سان پوريءَ طرح ٺهڪي اچي ٿي [(16)]. انهيءَ سن جي شروعات لاءِ ناراڻ بہ ساڳئي سال کي مقرر ڪري ٿو، پر جيئن تہ هو "ميئوز" کي "سائي" يا "ساڪ" سمجهي ٿو، اِن ڪري هو انهيءَ سن جي شروعات لاءِ ٻيا رايا پيش ڪري ٿو، هو هن نظريي کي ترجيح ڏئي ٿو تہ اُهو "ياوانہ" سن هو، جيڪو

هندستان جي وڏي ڪان وڏي يوناني بادشاهه مينئنڊر طرفان رائج ڪيو ويو هو. ۽ ان جي شروعات بہ هن جي بادشاهيءَ جي ابتدا ڪان شمار ڪئي وڃي ٿي، جنهن کان پوءِ اهو سن "ميئوز" پنهنجي لاءِ پڻ اختيار ڪيو. جڏهن هن هزاره ۽ سوات ماٿري فتح ڪئي، جيڪي هُن کان اڳي مينئنڊر جي بادشاهيءَ ۾ شامل علائقا هئا. هو "ميئوز" جي بادشاهيءَ جي ابتدا 100 کان 75 سال قبل مسيح ۾ مقرر ڪري ٿو. نارائڻ انهيءَ سن لاءِ بعد جي شروعات متعلق "لوهئيزن دي ليئو" جي پيش ڪيل نظريي کي رد ڪري ٿو، ۽ اُن لاءِ هن وٽ معقول سبب آهن (17).

راپسن اندازو لڳايو آهي تہ سنڌ ڪي اُنهيءَ زماني ۾، جڏهن ان تي سيستان کان آيل سِٿين لوڪن قبضو ڪيو هو، آرڪوسيا جو وائيسراءِ پنهنجن علائقن جو هڪ حصو شمار ڪندو ٿي رهيو[18]. هن ڳالهہ جو يقيناً امڪان آهي تہ وونونس، هڪ خود مختيار حڪمران بنجڻ تي، انهيءَ صوبي جي مٿان بالادستيءَ جي دعويٰ ڪئي هجي، خصوصاً جيڪڏهن نارائڻ جو اهو قبول نظريو تو ڪجي تہ اوير ايران جا سِٿين ۽ پارٿين لوڪ اهڙيءَ طرح سان هڪٻئي سان رليل مليل هئا، جو اهي مجموعي طور هڪ ئي قوم - پهلوا - ٻڌجي ويا هئا. اُتر هندستان ۾ پڻ، جتي (نارائڻ جي نظريي مطابق) ساڪ لوڪ، جن "ميئوز" جي سرڪردگيءَ ۾ گنڌارا فتح ڪيو هو، هڪ الڳ قبيلو هئا، ۽ انهن جو پارٿيا سان ڪو اڳ جو واسطو ڪونہ هو. ساڪ "ميئوز" جي نالي جي هڪ پهلوا خود مختيار بادشاهه "آزش" جي نالي سان ردوبدل جي ڪري ساڪ لوڪن جي حڪمران طبقي جي اهميت ۽ درجي تي ڪويہ اثر ڪونہ ٿيو هو. پهلوا گهراڻي جي گونڊو فرنس بادشاهه جي راڄ ۾ پَستيڪا ڪي، جيڪو "ميئوز" جي ڏينهن جي وائيسراءِ، لياڪا ڪسولڪا جو پٽ هو، وڏي وائيسراءِ جي عهدي تي فائز ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ دؤر ۾ متورا ساڪ قبيلي جي هڪ ٻئي وڏي وائيسراءِ، جي عمدي تي فائز ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ دؤر ۾ متورا ساڪ قبيلي جي هڪ ٻئي وڏي وائيسراءِ، رانجو بولا، جي حڪومت هيٺ هو. اِهي گورنر (يا وائيسراءِ) پنهنجا جدا سڪا پاڻ نهرائيندا هئا، ۽ هڪڙي فقط "بادشاهه" جي خطاب کان سواءِ، شاهي گهراڻي جون بيون سڀ رعايتون ۽ حق ماڻيندا هئا[19].

پهرين صدي قبل مسيح جي دوران اُتر ۽ اُتر اُلهندي هندستان ۾ ساڪ

لوڪن کي جيڪو تسلط حاصل هو، تنهن جو عڪس جين ڌرم وارن جي هڪ روايت مان ملي ٿو، جيڪا انهن جي اُجين فتح ڪرڻ بابت آهي، ۽ ممڪن آهي تہ اُنهيءَ روايت جو ڪو تاريخي بنياد هجي. چيو وڃي ٿو تہ ڪالڪ درويش، اُجين جي راجا، گرداڀيل جي هٿان بيعزت ٿي، ساڪ لوڪن جي ملڪ ڏانهن هليو ويو، ۽ اتان جي ڪن سردارن کي اجين جي بادشاهيءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائين. هو اُنهيءَ گهراڻي کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر ڪجهہ سال پوءِ، گرداڀيل جي پٽ، مشهور معروف، وڪرمادتيہ، ساڪ لوڪن تي حملو ڪري، کين مالوا مان تڙي ڪڍيو. وڪرمي سال انهيءَ فتح جي سال 88 ق.م کان وٺي، شروع ٿيل چيو وڃي ٿو[20].

هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل ذڪر آهي تہ ڪالڪ واضح طور ذڪر ڪري ٿو، تہ ساڪ لوڪن جي بادشاهہ جو لقب "ساهنُساهي"، يعني "بادشاهن جو بادشاهہ" هو، ۽ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو واقعو "ميئوز" جي زماني ۾ ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ اسان کي معلوم آهي تہ ساڪ لوڪن جو اُهوئي هڪ بادشاهہ هو، جيڪو اهو لقب استعمال ڪندو هو. ٻئي طرف، اُتر پنجاب اُنهيءَ زماني ۾، جنهن ۾ اُنهيءَ واقعي جي ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، مشڪل ڪو "ساڪ لوڪن جي وطن" جي نالي سان مشهور هوندو، نہ وري "ميئوز"، جنهن جي ٻنهي پاسن کان دشمن بادشاهتون قائم هيون، ايڏيءَ ڏورانهينءَ مهم لاءِ ماڻهو بچائي، اوڏانهن موڪلي سگهي ها. اسين هيءَ ڳالهہ وڌيڪ آسانيءَ سان تصور ۾ آڻي سگهون ٿا تہ ڪالڪ انهيءَ ڪم لاءِ اُنهن ستين سردارن ڏانهن رجوع ڪيو هوندو، جيڪي ساڪ-دوِپ يعني سنڌ يا ڪاٺياواڙ ۾ آباد ٿيل هئا.

عيسوي سن جي شروعات ڌاري، "يوچي" لوڪن جي "ڪُشن" نالي هڪ قبيلي، پاڻ کي ٻئڪٽريا ۾ انتهائي طاقتور بنايو، ۽ جيتوڻيڪ هندستان ۾ پهلوا گهراڻي جي طاقت گوندوفرنس جي تحت پنهنجي عروج کي وڃي پهتي هئي، اُن جي باوجود سندس بادشاهيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اُنهيءَ گهراڻي جو تنزل ۽ طاقت جو خاتمو شروع ٿيڻ لڳو هو. پهرين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري ڪُشن لوڪ گنڌارا ۾ حد دخل تي رهيا هئا، ۽ ڪن پهلوا گورنرن لاءِ سندن بالا حاڪم جي وفاداري جيئن پوءِ تيئن محض رسمي ۽ نالي ماتر بنجي رهي هئي، جيئن گوندوفرنس ۽ پاڪورس جي سِڪن ۾ سندن عورتن هينان نالن

سان گڏ وڏن وڏن خطابن ۽ لقبن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو [21].

سنڌ ذري گهٽ يقيني طور گوندو فرنس جي بادشاهيءَ ۾ شامل صوبن منجهان هڪ هو. چاڪاڻ ته اسان وٽ هن ڳالهه جو پورو ثبوت موجود آهي ته هن جي بادشاهيءَ کان ٿورو ئي پوءِ سنڌ جا حاڪم پهلوا هئا. سال 50ع جي دوران سنڌ ۾ جيڪي حالتون موجود هيون، تن جو هڪ يوناني ڪتاب "ايريٿريَن [22] سمنڊ وارو پيريپلس" ۾ بيان موجود آهي، جنهن جو ليکڪ گهٽو ڪري ڪو اهڙو واپاري هو، جنهن بين اهڙن واپارين جي هدايت لاءِ اهو لکيو هوندو، جيڪي مشرقي ملڪن سان واپار ڪرڻ جو خيال رکندا هوندا. هو چوي ٿو ته اُنهيءَ ملڪ تي پارٿين شهزادن جو قبضو هو، جيڪي سدائين هڪٻئي جي پڪڙ پڇاڙ ۾ لڳا پيا هوندا هئا.

انهيءَ دور ۾ سنڌ کي ڪافي تجارتي اهميت حاصل هئي. باربريڪون بندر سنڌو نديءَ جي مکيه شاخ جي مُنهَن تي بيٺل هو، جيڪا ڪيٽيءَ جي عين وچ مان گذرندڙ شاخ هئي. سمنڊ رستي آيل واپار جو مال اتي پهچڻ کان پوءِ دريائي ٻيڙن ۾ چاڙهيو ويندو هو، جيڪي اهو درياءَ جي اوپاري طرف دارالحڪومت "مين نگر" ڏانهن پهچائيندا هئا، جتي پارٿين شهزادو يا گورنر رهندو هو. اندازو لڳايو ويو آهي ته اِهو "مين نگر" نالو ساڪ هو، ڪنهن به يوناني شهر، حتيٰ ڪ پاتل، جو به ذڪر ڪونهي. هندستاني واپار لاءِ ٻهريون بندر باربريڪون هو، چاڪاڻ ته ڳاڙهي سمنڊ جي پار ڪرڻ کان پوءِ ٻهرين ٻهرين هندستاني ڪناري جي انهيءَ بندر تي پهچبو هو. انهيءَ بندر تي واپاري مال جو مقدار البت ايترو گهڻو ڪونه لهندو چڙهندو هو، جيترو بيري گازا (ڀڙوچ) تي چڙهندو لهندو هو. جيڪو بندر مغربي ملڪن جي واپارين جو آخري منزلِ مقصود هوندو هو. پر اِن هوندي به هِن بندر جي آمدني ۽ روانگي واپار جي چيزن جي فهرست ڪافي وڏي آهي. چانديءَ جي بَرتنن، پُکراجن، مرجان، لوبان، شيشي ۽ شراب جهڙين عياشيءَ وارين شين جي آمدني واپار مان اندازو لڳي ٿو، ته سنڌو ماتريءَ جي حڪمرانن ۽ شاهي گهراڻن جي اميرن جي زندگيءَ جو معيار اُوچو هو. باقي ٻين لاءِ سادو سودو ڪپڙو ئي ڪافي مهانگي شيءِ هئي. جيستائين روانگي واپار جو واسطو آهي، ته ان ۾ اسان کي مختلف

قسمن جا مصالحا، رنگ، ڪپهه جو سامان ۽ نير سنڌ جي مقامي پيداوار طور سجاٽپ ۾ اچن ٿا. پر جن پشمي ڪلن کي "چين کان آيل" چيو ويو آهي، سي يقيناً گهڻ ۾ گهڻ همالياڻي علائقن کان آيل هونديون. ۽ ريشمي ڌاڳو گهڻو ڪري بئڪٽريا جي رستي خود چين کان ايندو هوندو. وچ ايشيا گهڻو ڪري فهرست ۾ شامل ڪيل زمرد ۽ ساوا پٿر شايد مرجان، مهيا ڪندي هوندي. (23)

خوشحاليءَ جو ضامن، اهو واپار، جيڪو دور دراز علائقن تائين ڦهليل هو، گهڻو ڪري اُنهيءَ دور کان اڳيئي ترقيءَ جي عروج تي پهچي چڪو هو، جڏهن ساڪ ۽ پهلوا لوڪ سنڌو ماٿريءَ جا حڪمران بنيا. سڪندر جي مهم يا نيارڪس جي ساموندي سفر جي بيانن ۾ ڪوبہ اهڙو ذڪر آيل ڪونهي، جنهن مان اندازو ٿئي تہ سنڌ ڪي ڪو اهڙو ساموندي واپار هو. پر اهو اشارو ڏنل آهي تہ سڪندر کي انهيءَ واپار کي ترقي ڏيڻ جو ارادو هو. اسين ڏسي آيا آهيون تہ بئڪٽريا جي يونانين هٿان سنڌ کي فتح ڪرڻ بابت ڪوبہ ثبوت موجود ڪونهي. ٻئي طرف، پيريپلس جي ليکڪ طرفان بيان ڪيل هن حقيقت مان تہ ائپولوڊوٽس ۽ مينئنڊر جا سڪا اڃا تائين بيري گازا ۾ هلي چلي رهيا هئا، هيءُ اندازو ٿئي ٿو تہ يوناني شهزادن اُتر پنجاب وارين پنهنجين بادشاهين مان ويٺي، سمنڊ رستي، مغربي ملڪن سان واپار ڪيو هو. انهيءَ واپار جو وڏو حصو سنڌ سان ۽ سنڌ منجهان ٿيندو هوندو. "ملندا-پانهو" ۾ سوُوير کي هڪ وڏو ساموندي بندر سڏيو ويو آهي، ۽ تارن اسان جو ڌيان انهيءَ ساڳئي زماني ۾ دجلہ نديءَ تي واقعي سيليوسيئا ۾ اوچتو آيل خوشحاليءَ ڏانهن ڇڪايو آهي(24).

خود سنڌ جي داخلي آسودگيءَ جي حالت، باوجود ان جي سياسي عدم استحڪام جي، پيريپلس جي هڪ بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿي:

"اهو هڪ اهڙو ملڪ آهي، جنهن ۾ وڏي مقدار ۾ اناج ۽ چانور پيدا ٿين ٿا، ۽ ترن جو تيل، مکڻ، ململيون ۽ ڪورا ڪپڙا ناهيا وڃن ٿا. اُهي ڪپڙا هندستاني ڪپهہ مان نهن ٿا. اُتي چوپائي مال جا وڏا وڏا ڌڻ آهن. مکاني ماڻهن جو قد ۽ بُت وڏو، ۽ رنگ ڪارو آهي. ضلعي جي گاديءَ وارو شهر مين نگر آهي، جتان وڏي مقدار ۾ سوٽي ڪپڙو بيري گازا ڏانهن برآمد ٿئي ٿو. ملڪ جي انهيءَ حصي ۾ اڄ ڏينهن تائين سڪندر جي ڪاهہ جا يادگار، قديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مندر، چانوٽين جا بنياد ۽ وڏا وڏا کوهه محفوظ رکيا ويا آهن[25]."

نوٽ

(1) اسٽرابو، XI ، 8 - 2.

(2) اسٽرابو، XI ، 9-2.

(3) اي.ڪي.نارائڻ، "دي انڊو - گريڪس" (او. يو. پي 1957) ص. 140-41.

(4) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ج، 1، ص. 563، 567.

(5) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب ص. 133، 142.

(6) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ص. 532، 564.

(7) هيروڊوٽس، ڪتاب VII، 64.

(8) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، 1، ص. 564 ۾ فوٽ نوٽ.

(9) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب، ص. 145.

(10) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" 1، ص. 564، ڊبليو - ٽارن، "دي گريڪس اِن بئڪٽريا اينڊ انڊيا" ص. 322، نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب ص. 48.

(11) وان لوهوزيئن ڊي لي وو، "دي سِٿين پيرئڊ" (ليڊن 1949ع) ص. 340-337، "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، ج، 1، تصوير 9، V ۽ تصوير 27 VII .

(12) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، 1، ص. 9 - 568.

(13) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب، ص. 138، 141 ۽ 164.

(14) ايضاً ص. 142.

(15) ايضاً ص. 144.

(16) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، 1، ص. 570.

(17) نارائڻ، حوالي ڏنل ڪتاب جي ص. 143 جو فوٽ نوٽ، ۽ ص. 144: حوالي ڏنل ڪتاب "دي سِٿين پيرئڊ" ص. 4 - 33.

(18) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"،ا، ص. 569 فوٽ نوٽ.

(19) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا"، 1، ص. 6 - 575.

(20) "دي سِٿين پيرئڊ"، ص. 1 - 330، "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" 1، ص. 168، 532.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(21) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" 1، ص. 580.

(22) انهيءَ ڪتاب جي امڪاني سال لاءِ ڏسو ٿارن جو حوالي ڏنل ڪتاب ص. 148 نوٽ. 4.

(23) "پيريپلس"، دفعات 38 - 39.

(24) "ملندا پانهو"، ٽرينڪنر ڇاپو، ص. 359. هيءَ ڳالهه غير امڪاني ڪانهي تہ هيءَ ملڪ انجيل واري اوفير سان مشابهت رکندڙ هجي. ڪَننگهام، "ائنشنٽ جاگرافي آف انڊيا"، ص. 569 - 571. سر ڊبليو. ٿارن. حوالي ڏنل ڪتاب، ص. 261.

(25) "پيريپلِس"، ڇاپو مئڪ ڪِرنڊل، سيڪشن، 41.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

8

سنڌ، عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران

عيسوي سن جي پهرينءَ صديءَ جي پوئين اڌ ۾، اُتر الهندي هندستان مٿان پارٿين لوڪن جي بادشاهيءَ جو ڪُشن لوڪن جي هٿان انت آيو. اهي ماٺهو وچ ايشيائي غول "يوچي" جي پنجن قبيلن منجهان هڪ قبيلو هئا، جن اٽڪل ٻه صديون اڳي ساڪ لوڪن کي بئڪٽريا مان هڪالي ڪڍيو هو. ڪُشن لوڪن جي سردار، ڪجولا ڪَدفائيسز پاڻ کي سڄي "يوچي قوم" جي مٿان اعليٰ ترين طاقت جو ملڪ بنايو، ۽ هن سن 50ع ڌاري ڪابل ماٿريءَ تي قبضو ڪيو. هن جي پُٽ، وِما، ٽئڪسلا ۽ ان جا ملحق علائقا پنهنجي سلطنت ۾ ملايا.

وِما جو جانشين ڪَنِشڪُ شايد سن 78ع ۾ ڪُشن گهراڻي جي تخت تي وينو، ۽ ٿورن ئي سالن ۾ هن پاڻ کي اُتر سنڌ جو بالا حڪمران بنائي ڇڏيو. بهاولپور جي قريب سُئي وهار ۾ لڳل هڪ ڪتبي ۾ هن پاڻ کي "ڪَنَشڪا، بادشاهن جو وڏو بادشاهه، ۽ ديوتائن جو پٽ" سڏيو آهي. انهيءَ ڪتبي جي تاريخ، مقدوني مهيني ڊائسيوس جو اناويهون ڏينهن آهي، جيڪو هن جي راڄ جي يارهين سال ۾ آهي [1]. ڪَنشڪَ ڪشمير، گنگا ماٿريءَ ۽ اُتر ۽ اولهه هندستان جي وڏي علائقي کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. معلوم ٿئي ٿو تہ هن پارٿين لوڪن سان هڪ طويل ڪامياب جنگ ڪئي، ۽ ابتدائي شڪست کائڻ کان پوءِ، آخرڪار هن چين کان ڪاشغر، يارقند ۽ خُطن جا صوبا کسبي ورتا.

ڪنشڪَ، پُرش پور کي پنهنجي دارالحڪومت جو شهر بنايو، جيڪو پشاور جي ويجهو هو، ۽ هن پنهنجي وسيع سلطنت تي وائيسرائن جي ذريعي اُتان ويني حڪومت هلائي. معلوم ٿئي ٿو تہ جن شخصن کي هُن هندستاني صوبن جي حڪمراني ڏني، اُنهن ۾ ڪيئي پهلوا ۽ ساڪ قومن جا سردا پڻ شامل هئا، جن مان ڪن پارٿيا جي عظيم بادشاهه کي پنهنجو بالادست حڪمران تسليم ڪيو هو ۽ ڪي مڪمل طور خود مختيار هئا. هن ڳالهه جو امڪان آهي تہ ڪَنشڪَ، هندستاني فتوحات ڪرڻ لاءِ انهن سردارن کي وڏيءَ حد تائين استعمال ڪيو. اعليٰ درجي واري گورنر کي "مهاڪَشتريا" ۽ گهٽ

درجي واري گورنر کي "کشترپا" جو خطاب مليل هوندو هو. اِهي ناالا ۽ لقب هنن کي پارٿين لوڪن کان ورثي ۾ مليا هئا [2].

ڪَنشڪُ اٽڪل ٽيويهن سالن جي بادشاهيءَ کان پوءِ عيسوي سن جي ٻي صديءَ جي شروعات ڌاري گذاري ويو. هن جي جانشينن مان سڀني کان وڌيڪ مشهور هُوويشَڪ ۽ واسوديو ٿي گذريا آهن. انهن ٻنهي مان پوئين نالي وارو ڪنشڪ جي تخت تي ويهڻ کان اناڻوين سال ٻه بادشاهي ڪري رهيو هو. ڪَتبن جي شهادت مان هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ لاءِ ڪجهه بنياد ملي ٿو ته ڪَنشِڪ کان هڪدم پوءِ سندس جانشين واشِسَڪ هو، ۽ هُن ڪي چار يا پنج سال حڪومت ڪئي. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته واشسڪَ جي پٽّ. جنهن کي ڪَنشڪُ ٻيو پڻ سڏيو ويو آهي، ڪجهه سالن تائين هُوويشڪ سان گڏجي، مشترڪ طور، بادشاهي ڪئي هئي. هڪ ڪتبي ۾، جيڪو اُنهيءَ گهراڻي جي ايڪيتاليهين سال جو آهي، اِنهيءَ ٻئي ڪَنشڪ کي "مهاراجا ديوپُترَ" جي خطاب سان سڏيو ويو آهي، جيڪو خطاب ڪُشن گهراڻي جي بادشاهن طرفان عام طور اختيار ڪيو ويندو هو. ٻئي طرف، هُوويشڪ ۽ واسوديو جي سِڪن جي گهڻي مقدار، ۽ واشِسڪ ۽ ڪَنشڪ ٻئي جي سِڪن جي مڪمل عدم موجودگي ظاهر ڪري ٿي ته پوين ٻن نالن وارا حڪومت ۾ محض ثانوي حيثيت ۾ (3) زيردستن طور شريڪ ڪيا ويا هئا.

ڪتبن ۽ ٻين ثبوتن ۽ شهادتن مان ظاهر آهي ته هوويشڪ ڪابل، ڪشمير ۽ جمنا جي ڪناري واري مَترا تي بادشاهي ڪندو هو. اِنهيءَ مڃڻ لاءِ ڪجهه سبب آهن ته آخر ۾ هو مالوا جو قبضو وڃائي ويٺو هو، ٻئي طرف اُتر سنڌ تقريباً وڌيڪ ٻن صدين لاءِ ڪُشن سلطنت جو حصو رهي. موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ جي بانيءَ، آر.ڊي.بئنرجيءَ، اتان جي ڪيترين ئي ٻُڌ ڌرم جي عمارتن مان هُوويشڪ جي جانشين واسوديو جي سِڪن جو وڏو تعداد لڌو، جيڪي ٽامي جي مشهور معروف نموني جا ٺلها سِڪا هئا، ۽ انهن تي شِو ۽ سندس ڍڳي جي شبيهه اُڪريل هئي. کوٽائيءَ جي ساڳئي تهه ۾ پتين تي نڪتل تصويرن جا ڪي ٽڪرا ڏنا ويا، جن تي برهمي ۽ کروشتي ٻولين جي ڪَتبن جا ڪي اکر لکيل هئا، اُهي تصويرون مخصوص نموني جي ڪُشن طرز جي عڪاسي ڪري رهيون هيون، ۽ اُهڙيون ئي ٻيون تصويرون سر آريل

اسٽين کي خَطن جي علائقي مان مليون هيون. اُنهن جي دور بابت، بهرحال شڪ آهي. موئن جي دڙي جي پُٺ ڌرم وارين سطحن مان وڏيڪ تعداد ۾ لڌل بين سڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته أهي سڪا اهڙي نموني جا هئا. جيڪي بظاهر اُن علائقي لاءِ مخصوص هئا. اهي ڏاتوءَ کي پلٽي ناهيا ويا هئا، ۽ نه ڏڪ ذريعي مُهر جو ڇاپو هڻي. انهن جي شڪل مستطيل هئي ۽ انهن تي هڪ اهڙي شبيهه نهيل هئي، جيڪا صليب، ترشول يا ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ علامت سان وابستا ٿي سگهي ٿي، پر انهن تي ڪي به اکر لکيل ڪين هئا. انهن سڪن تي نظر ايندڙ شاهي شبيهه تي پيل لباس جي شهادت جي آڌار تي معلوم ٿئي ٿو ته أهي بعد واري أنهيءَ زماني سان وابستا آهن، جڏهن ڪُشن گهراڻي جا هندستاني علائقا پنجاب جي سرحدن کان مشڪل کي ٻاهر هئا. ان جي باوجود، اُتان لڌل هڪ ٻئي نموني جي سِڪي جي هڪ طرف باهه جو قربانگاهه ۽ ٻئي طرف ماڻهوءَ جي شبيهه نڪتل آهي. اهي علامتون، فقط ڪدارا ڪُشن لوڪن ۽ ساسانين جي سِڪن تي نڪتل آهن، پر ساڳئي وقت اُهي شبيهون هيفتالائيٽ لوڪن يا اڃي چمڙيءَ وارن هُوڻ لوڪن پڻ اختيار ڪيون هيون. ۽ ساڳئي نموني جي ڪن ٻين سِڪن کي، جيڪي ٻين هنڌن تان لڌا ويا آهن، وڏي اعتماد ۽ يقين سان عيسوي سن جي چوٿين يا پنجين صديءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي(3 A).

اپر سنڌ ۾ لاڙڪاڻي کان ڪجهه ميل اولهه طرف، جهُڪڙ وٽ، هڪ قديم آثار جي "قريبي" زماني سان واسطو رکندڙ لڳ ڀڳ ساڳيءَ نوعيت ۽ ساڳيءَ شهادت وارا سڪا لڌا ويا آهن. اتي واسو ديو جا سڪا پڻ لڌا ويا هئا، پر اُنهن سِڪن کان وڌيڪ تعداد ۾ اُهي مخصوص شڪل ۽ صورت جا سِڪا مليا، جيڪي موئن جي دڙي واري "اسٽوپا" جي قريب ڪُشن گهراڻي جي زوال واري دور سان واسطو رکندڙ آهن. ان کان سواءِ، هِنن سِڪن جهڙا ڪي سِڪا "يا ته نڪر جي انهن مُهرن جي ويجهڙائيءَ ۾ يا انهن سان گڏ مليا، جن تي گپتا دور جي اکرن ۾ ڪجهه تحرير ٿيل هو، جيڪي شايد پنجين عيسوي صديءَ جي زماني کان گهٽيءَ قدامت جا ناهن (4)".

جُهڪڙ وارين کوٽاين مان مليل چيزن جي شهادتن جي وڏيڪ جاچنا ڪرڻ کان اڳ ۾، هيءَ ڳالهه بهتر ٿيندي ته اُنهيءَ دور ۾ زيرين سنڌ ۾ ظاهر ٿيل واقعن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ حالتن تي، جيتريقدر به انهن جو سراغ ملي سگهي، غور ڪرڻ گهرجي.

هيءَ ڳالھ ذري گهٽ اٽڙ هئي تہ شاهي نسل جا ماڻهو، جيڪي هيڏي وسيع سلطنت جي دور دراز صوبن جي نائبي اختيارن هلائڻ لاءِ مقرر ڪيا ٿي ويا، اُهي مرڪزي اقتدار سان فقط ان وقت تائين وفادار رهي ٿي سگهيا، جيسين اُن مرڪزي اقتدار جو مالڪ غير معمولي صلاحيتن جو ڪو شخص هجي. معلوم ٿئي ٿو تہ ساڪ گورنرن جون خود مختياريءَ ڏانهن مائل حڪومتون ۾ پهرين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ دوران، ڪُشن گهراڻي جي طاقت ۾ اچڻ کان اڳي، اجين ۾ متورا جي علائقن جي عظيم ساڪ گورنرن جون هر عملي صورت ۾ خود مختيار حڪمرانيون هندو نشاة ثانيہ [5] جي قوت اڳيان نيٺ مغلوب ٿي ويون. پر ڪَنشڪ جي مرڻ کان پوءِ، ٻي عيسوي صديءَ ۾ ساڪ سردارن ڪنهن طرح هڪ دفعو ٻيهر پڻ اولهہ هندستان ۾ شاهي مرتبو حاصل ڪري ورتو. اُهي، بهرحال، ڪشترپا ۽ مهاڪشترپا جهڙن اصلوڪن نائبي خطابن تي ئي راضي ۽ قانع رهندا آيا.

منجهانئن "مغربي والين" جي نالي واري گهراڻي جو باني چيستنہ هو، جنهن جي متعلق جاگرافيدان ٽالمي لکيو آهي تہ هو مالوا [6] ۾ اُجين جو حڪمران هو. هن جي باري ۾ جيڪو اوائلي کان اوائلي سال معلوم آهي، سو 130 عيسوي سن آهي، جڏهن سندس پوٽو رودرادَمن هن جي بادشاهيءَ جي انتظام هلائڻ ۾ ساڻس شريڪ هو. اُهو رودراد من مغربي والين ۾ سڀني کان وڌيڪ مشهور ٿيو. جهوناڳڙهہ ۾ سندس لڳل ڪتبي جي مطابق، جنهن تي سال 72 لڳل آهي (جيڪو سن 150ع جي برابر آهي)، هن جي بادشاهي اُتر ڪونڪن، گجرات، مالوا، وچ ۾ ڏکڻ-اولهہ راجپوتانا، ڪانياواڙ، ڪڇ، سنڌو ۽ سُوويرا تي پکڙيل هئي. هن مشرقي پنجاب جي يوڌيہ حاڪمن ۽ آنڌرا جي بادشاهہ سان جنگ جوتي، انهيءَ پوئين نالي واري بادشاهہ کان ئي هن ڪانياواڙ ۽ ڪونڪن [7] ڪٿيو هو. ڪتبي تي هُن جي زيرين سنڌ جي فتح جو ذڪر ڪونهي، پر عين ممڪن آهي تہ ان فتح جو سِهرو بہ هن جي سر تي هو. ڇاڪاڻ تہ اهڙي ڪا شهادت موجود ڪانهي تہ اُهو صوبو ڪانئس اڳ ڪو چيستنہ جي علائقن ۾ شامل هو. بلڪ هيءَ ڳالهہ زياده امڪاني معلوم ٿئي ٿي تہ اُهو صوبو رودرادمن جي اقتدار کان اڳ مقامي ساڪ يا پهلوا گورنرن جي هٿ هيٺ هو. جيڪي ڪَنشڪ جي پوين سان نالي

ماتر وفاداريءَ جو دم ڀريندا رهندا هئا.

روردادمن هڪ باشعور حڪمران هو. ۽ پنهنجي وزارتي ڪائونسل جي صلاح سان حڪومت ڪندو هو. هن ڪانياواڙ ۾ مشهور سُدَرسن تلاءَ جي نئين سر تعمير لاءِ رقم پنهنجي خانگي خرچ وارن پئسن مان ڏني. چاڪاڻ ته هن جي وزيرن جي ڪائونسل انهيءَ ڪم کي فائديمند نه پئي سمجهيو. ۽ انهيءَ ڪري سرڪاري خزاني مان انهيءَ خرچ جي منظوري ڏيڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. جهونا ڳڙهه واري ڪتبي ۾ هن جي متعلق لکيل آهي ته "هن کي سيني جاتين طرفان سندن حفاظت ڪندڙ جي حيثيت ۾ چونڊيو ويو هو". ۽ هڪڙي ٻئي بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته هن قسم کنيو هو. جيڪو هو پنهنجي سڄي عمر پاڙيندو رهيو ته هو جنگ کان سواءِ ڪنهن به ماڻهوءَ کي قتل نه ڪندو.

اهو معلوم ناهي ته لوئر سنڌ ڪيتري زماني تائين اُجين جي مغربي ڪشترپائن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي. ايران جي ساساني گهراڻي جي بانيءَ، اردشير باباگن، جي متعلق، جنهن سن 226 کان وٺي 241ع تائين بادشاهي ڪئي، فرشتي لکيو آهي ته هو لشڪر وٺي، اتر اولهه هندستان تي ڪاهي ويو ۽ اتان جي حاڪمن کان ڏنُ ورتائين [8]. اٽڪل چاليهه سال پوءِ، بهرام ثانيءَ سيستان واري ساڪ کي آڻ مڃڻ تي مجبور ڪيو. ۽ ان کان پوءِ هو سنڌو ماتريءَ طرف ڌوڪي ويو. هڪ ڪتبي ۾ ڄاڻايل آهي ته اُتر هندستان جا ساڪ سردار بهرام جي ڏنَ ڀريندڙن منجهان هئا. جيتوڻيڪ هن کي پوءِ اهڙن ڏورانهن علائقن جي فتوحات کان، شهنشاهه سائرس جي وڌندڙ خطري کان پنهنجي مغربي سرحدن کي بچائڻ لاءِ، واپس موٽڻو پيو. ان هوندي بـ اهو امڪان آهي ته سنڌ چوٿين صدي عيسويءَ جي ڌري گهٽ اڌ تائين ايران جي بالادستيءَ هيٺ هلندي رهي. [9] انهيءَ صديءَ جي آغاز ۾ شاهه هرمزد ٻئي ڪابل واري ڪُشن حڪمران جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. ۽ پرسيپولس ۾ لڳل پهلوي ٻوليءَ جي هڪ ڪتبي ۾، جنهن جو سال سندس پٽ شاپور ٻئي جي ابتدائي سالن وارو آهي، جيڪو انهيءَ زماني ۾ هڪ معصوم ٻار هو. سيستان جي ساساني نائب کي "هند، ساڪستان ۽ "تخارستان" جي وزيرن جو وزير، ساڪنساهه، چيو ويو آهي" [10]. هن باري ۾ پڻ ڪجهه ثابتي موجود آهي ته آپير لوڪ پڻ، جيڪي ڏاکڻينءَ سنڌو ماتريءَ جي اُيرندي طرف جا رهاڪو هئا. ساسانين جي

بادشاهيءَ کي تسليم ڪندا هئا. سن 360ع ۾ جڏهن شاپور ثانيءَ دجله تي واقعي آميده بندر جو گهيرو ڪيو، تڏهن ڪيس هندستاني هاٿين ۽ ڪُشن فوجن جي مدد حاصل هئي. جيڪي پنهنجي گرومبيٽَس [11] نالي بادشاهه جي قيادت ۾ حڪم هيٺ هئا. گرومبيٽس جي اهڙيءَ ڏورانهينءَ مهم ۾ موجودگي تڏهن سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي، جڏهن اسين اها صورتحال خيال ۾ رکون ته هو ايران جي بادشاهه جو تابعدار بڻجي چڪو هو [12].

هيءَ حقيقت پڻ اهميت رکي ٿي ته اٽڪل سن 295ع ۽ 340ع جي درميان، "مهاڪشتَرپا" جو لقب اُجين ۾ متروڪ رهيو. اتان جا حڪمران فقط "ڪشترپا" [13] جي خطاب تي ئي قانع رهيا. اُن اوچي خطاب کي رودراسين ٽئين طرفان وري پنهنجي لاءِ اختيار ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اُنهيءَ وقت ۾ هو ڏاکڻي سنڌو ماٿريءَ ۽ آسپاس واري ملڪ تي ساساني بادشاهه جي بالادستيءَ واريءَ دعويٰ کي تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪونه هو. ٻئي طرف، هن باري ۾ سندس هڪ سِڪي کان وڌيڪ جيڪو "سڌين جي دڙي" مان لڌو آهي، ٻي ڪابه شهادت موجود ڪانهي ته ڪو رودراسين سنڌ کي پنهنجي بادشاهيءَ هيٺ آندو به هو [14].

لڳ ڀڳ انهيءَ دور ۾، جڏهن ايراني طاقت جو اُتر هندستان ۾ زوال اچي رهيو هو، پاٽلي پتر وارو گپتا گهراڻو گنگا جي ماٿريءَ ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائي رهيو هو، ۽ چوٿين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري اُهو هندستان جو شهنشاهي گهراڻو بڻجي چڪو هو. انهيءَ صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ چندرگپت ٻئي ڦيرو ڪاٺي، مهاڪشترپا رودراسين تي حملو ڪيو، ۽ کيس تخت تان لاهي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هن جو علائقو پنهنجي سلطنت سان ملائي ڇڏيو. دهليءَ واري مشهور معروف لوهي ٿنڀ تي اُڪريل چندر گپت جي بيان مطابق، "هن سنڌوءَ جا ست منهن پار ڪيا" ۽ وهليڪا نالي هڪ قوم کي شڪست ڏني، جيڪا بظاهر پنجاب جي هڪ حصي تي قابض هئي [15]. گپتا گهراڻي سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجن علائقن ۾ شامل ڪيو نه ٿو ڏسجي، پر ممڪن آهي ته هنن ڪجهه سالن تائين اتان جي حڪمرانن کان ڏَنُ وصول ڪيو هجي.

پنهنجين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ ۾، اُتر الهندي هندستان ۾ ايراني اثر وري بحال ٿيل نظر اچي ٿو. اها ڳالهه جهڪڙ مان لڌل نڪر جي ٽانون تي نڪتل شڪلين مان نظر اچي ٿي، ۽ ان کان علاوه لاڙڪاڻي جي پرسان ساساني

بادشاهن جا سڪا پڻ دريافت ڪيا ويا آهن. هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي تہ اهي سونا سڪا اهڙيءَ طرز جا آهن، جن جهڙا ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ لڌا آهن. انهن سڪن تي جيڪا بادشاهي شبيهہ موجود آهي، تنهن جي پسَنڪي تي چنڊ ۽ تارو لڳل آهي. جيڪا ڊزائين سڀ کان اول يزد جرد پهرئين جي سِڪن تي نظر آئي آهي، جنهن 397ع کان وٺي سنہ 417ع تائين بادشاهي ڪئي. هيءَ ڳالهه امڪان جي حد اندر آهي تہ شايد اُهي سڪا خاص طرح سان سنڌ ۾ هلڻ لاءِ شاهي ضربخاني طرفان ناهيا ويا هجن[16]. ايراني روايت مطابق، سنڌ جي علائقي تان دراصل اتان جو هندستاني راجا بهرام پنجين جي حق ۾ پاڻ دستبردار ٿيو هو، جنهن سن 420 کان 440 تائين ايران جي حڪومت هلائي، ۽ جيڪو بهرام گور جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. بهرام گور ايران جي عظيم ترين قومي هيرن مان هڪ آهي ۽ هن جي حاڪماڻي زندگيءَ کي انهيءَ رومانوي ڪهاڻيءَ جي چار مان صاف ٻاهر ڪڍڻ آسان ناهي، جيڪا هن جي نالي جي چوڌاري اُڻي ويئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا بهترين ڪهاڻي معلوم آهي، سا ڏري گهٽ ڪشمير جي راجا جئہ پيد جي باري ۾ ”راج ترنگنيءَ“ ۾ بيان ڪيل آڪاڻيءَ جهڙي آهي، هو اڪيلائيءَ ۾ ويس بدلائي هندستان جو سفر اختيار ڪري ٿو، اڪيلي سر هو هڪ اهڙي شينهن کي ماري ٿو، جيڪو آسپاس جي ملڪ کي ويران ڪري رهيو هو. ۽ اهڙيءَ طرح اتان جو بادشاهہ مٿس مهربان ٿئي ٿو. هن جي اصليت محض اتفاقي طور ظاهر ٿي پوي ٿي، جنهن تي بادشاهہ خوش ٿي، کيس پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏئي ٿو[17].

مسلمان تاريخ نويس لکن ٿا تہ هو هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري، هندستان جي سرحدن جي ويجهو وڃي پهتو ۽ اتان جي بادشاهہ (شايد سنڌو ماٿريءَ جي حڪمران) کي حملي جي ڌمڪي ڏيڻ سان، هڪ اهڙي ناهہ ڪرڻ تي مجبور ڪيو، جنهن جي تحت ديبل ۽ مڪران جا صوبا هن جي حوالي ڪيا ويا، جن کي هن ڪرمان جي ولايت[18] ۾ شامل ڪيو. ٿي سگهي ٿو تہ انهن ٻن صوبن جي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ اُهي خصوصي سڪا رائج ڪيا ويا هجن، جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. هندستان واريءَ مهم لاءِ چيو ويو آهي تہ اُها بهرام طرفان ”ترڪن“ شايد اُچي چمڙيءَ وارن هوڻ لوڪن طرفان ايران تي ڪيل پهرئين حملي جي خلاف ڪامياب جنگ کان پوءِ شروع ٿي هئي.

سفيد "هُوڻ" لوڪن سڀ کان پهريائين پنجين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ هندستان ۾ داخل ٿيڻ شروع ڪيو ۽ انهن کي اتان بہ ساڳيءَ طرح سڪندرگپت پچائي ڪڍيو. سال 465ع ڌاري، انهن جي هڪ وڏيڪ طاقتور لهر ڪابل ۽ گنڌارا جي ڪُشن بادشاهين جي مٿان چڙهي ويئي، ۽ ٿورن ئي سالن ۾ اُنهن سڪندر گپت، جي طاقت کي ٽوڙي رکيو. اُتر اُبرندي ايران ۾ پڻ واقعات جي ساڳيءَ نوعيت جي ڏارا ظاهر ٿي، جتي سن 484ع ۾ شاهه فيروز جي شڪست ۽ موت سان سچو مقابلو ختم ٿي ويو ۽ دشمن جي آڏو اڳتي وڌڻ جو رستو کلي پيو. ان کان پوءِ حملي جو مکيہ سيلاب هندستان ۾ ڏوڪي پيو. ۽ اُنهيءَ صديءَ جي اختتام کان اڳي ئي هُوڻ لوڪن جي هڪ سردار، نلي توروَمَن، مالوا جي بادشاهه جي حيثيت ۾ پنهنجا قدم ڄمايا، ۽ هن پنهنجي لاءِ هڪ هندستاني بادشاهه جا طور طريقا ۽ لقب اختيار ڪيا.

اهو معلوم ناهي تہ تورومن، يا سندس پٽ مهراڪُل، جنهن جي دارالحڪومت پنجاب جي شهر جديد سيالڪوٽ ۾ هئي، جنهن کي ان وقت سَڪالا سڏيو ويندو هو. سنڌ کي فتح ڪري پنهنجي سلطنت سان لاڳو ڪيو يا اُن کي پنهنجي هڪ باجگذار رياست بڻايو. جن دليلن جي آڌار تي راپسن، هورنل، ڪننگهام ۽ ٻين اهو نتيجو ڪڍيو تہ سنڌ تي هُوڻ لوڪن قبضو ڪيو هو، تن کي مسٽر بي.ڊي.مير چندانيءَ طرفان نهايت ئي قابليت سان رد ڪيو ويو آهي (18 A). پر، ائين نظر اچي رهيو آهي تہ هَن ڳاڙهيءَ مٽيءَ جي انهن عجيب وغريب مُهرن تي غور نہ ڪيو آهي، جيڪي جهُڪر مان لڌيون آهن، جن تي هڪ مرد جو ڇاتيءَ تائين بدن ڏيکاريل آهي، ۽ اُنهن مهرن جي سفيد هُوڻ لوڪن جي تصديق شده سڪن سان وڏيءَ حد تائين مشابهت آهي. انهن جي مشابهت "نرڙ تي ڪنڌ ناهيندڙ پٽڪي، ڇاتيءَ جي پَٽن جي مخصوص وڪڙن، ساڄي هٿ طرف مُنهن ڪري ڏيکاريل ڇاتيءَ، ۽ ڏاڙهيءَ کان صاف صورت" ۾ نظر اچي ٿي. ان کان علاوه، ڳاڙهيءَ مٽيءَ جي ٻين مُهرن تي، جيڪي اُتي ٻيل ٻين اهڙن سڪن سان گڏ لڌيون ويون آهن، جن کي چوٿين يا پنجين صدي عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي، "سري- ڪَريَري- هَرسيا" جا لفظ اُڪريل آهن، يعني "هَرا، (سوا) ڪوبڙيون پائيندڙ جون"، ۽ انهن لفظن سان اسان کي اها ڳالهہ ياد ڏياري وڃي ٿي تہ مهرا ڳُل شِوا جو پوڄاري هو (19).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالهه بهرحال، هن ڳالهه جي قطعي ۽ يقيني شهادت ڪانهي تـه اڇن هُوڻ لوڪن ڪي اُپر سنڌ جي مٿان بالادستي حاصل هئي يا اهي ان تي حڪومت ڪندا هئا. پر پنجين صديءَ جي آخري حصي يا ڇهين صدي عيسويءَ جي شروع واريءَ اُنهيءَ طوائف الملوڪيءَ واري دور ۾ سنڌ جي ٻين بادشاهن جي موجودگيءَ متعلق بـه ڪي شهادتون موجود ڪينهن. اِن ڪري اُن دور ۾ سنڌ تي هُوڻ لوڪن جي بالادستيءَ جي امڪان ڪي قطعي طور رد نٿو ڪري سگهجي.

هُوڻ لوڪن جي ٻين شاخن ۽ انهن سان متعلقـ قبيلن، جيڪي هندستان جي حملي ۾ هنن سان گڏجي آيا هئا، تن پڻ ڇهين صدي عيسويءَ جي دوران بادشاهين جا بنياد رکيا. اهڙيءَ طرح ميترڪ قبيلي وارن اُپرندي ڪانياواڙ جي هڪ هنڌ، نالي ولڀيءَ، ۾ وجي پنهنجا قدم ڄمايا، ۽ گُرجرن ڏکڻ اُلهندي راجپوتانا ۾ هڪ ڪافي وسيع بادشاهيءَ جو بنياد وڌو. پاريهر ۽ راجپوتن جا ٻيا مشهور قبيلا هُوڻ ۽ ٻين غير ملڪي سردارن ۽ سندن انهن پوئلڳن جو نسل آهن، جيڪي پاڻ کي مڪاني امير گهراڻن جي حيثيت ۾ آباد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ ڪين آهستي آهستي هندو قوم ڪشترين طور پنهنجي دامن ۾ سميٽي ورتو. هيءَ ڳالهه غير امڪاني ناهي تـه هِنن وحشي لوڪن جي ڪنهن قبيلي يا ڪن قبيلن، جيڪي سماجي طور رتبي ۾ هينيرا هئا، ان دؤر ۾ پاڻ کي خود مختيار حاڪمن طور سنڌ جي مٿان مسلط ڪري ورتو هو.

اهڙيءَ طرح ڇهين صدي عيسويءَ اُتر الهندي هندستان ۾ زبردست افراتفريءَ جو زمانو هو. ۽ ساڳئي وقت ۾ ايراني شهنشاهت جي طاقت پنهنجي عروج تي پهچي رهي هئي.

مڪاني رڪارڊ نـه هئڻ جي ڪري، ايران جي قومي تاريخ نويسن [20] جي انهن ڳالهين کي ڇگو خاصو وزن ڏيڻ گهرجي، تـه نوشيروان، جنهن سن 531ع کان 578ع تائين بادشاهي ڪئي، ڏاڪڻيءَ سنڌو ماتريءَ کي هڪ دفعو ٻيهر ساسانين جي حڪومت ۾ آندو. "شاهنامي" جي مطابق، جنهن جو بنياد انهن تاريخن تي آهي، شاهه بذات خود هندستان آيو هو. "هن جي حڪم تي سڀ ماڻهو سندس حضور ۾ آيا. اُهي پاڻ کي پيش ڪرڻ لاءِ آيا ۽ سنڌوءَ جي ڪپ سان ٻن ميلن ۾ رڱو گهوڙا، هاٿي، ڪيمخاب ۽ سِڪا نظر پئي آيا. وڏا ماڻهو دل جي ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان شاهه جي اڳيان آيا، جنهن هنن کان

حال دريافت ڪيو ۽ انهن سان سنڌن مرتبي مطابق هلت ڪئي." پائو "ڪوسماس انڊيڪو پليوسٽس" انهيءَ صديءَ جي وچ ڌاري لکي ٿو ته هن جي وقت ۾ سنڌونديءَ جي ڪيٽيءَ جو ساحلو پاسو ايران جو هو. هيءَ ڳالهه غير امڪاني ناهي ته سنڌ جي راءِ گهراڻي پنهنجي شروعات نوشيروان جي باجگذارن طور ڪئي. ريورٽي هن راءِ جو آهي ته جيتوڻيڪ اُهي سڌيءَ طرح سان ايرانين جي ضابطي هيٺ نه هئا. ان جي باوجود هو شاهه جي بالادستيءَ کي تسليم ڪندا هئا ۽ ڪيس نالي ماتر ڏنَ ڏيندا هئا [21].

ڇهين صدي عيسويءَ جي آخر ڌاري سنڌ کي اُتر اُبرندي طرف کان به شايد هيسائڻ ۽ دٻائڻ شروع ڪيو ويو هوندو. عظيم هرشا جي پيءُ، جنهن جو نالو پريا ڪر ورڌن هو، ۽ جيڪو ٿانيشور جو راجا هو، پنهنجن پاڙيسرين مان گهڻن سان ٿي ڪامياب جنگيون جوٽيون هيون، ۽ هرشا جي ڀَٽَ، بانا، سنڌس شان بيان ڪندي چيو آهي ته "هو سنڌو ملڪ جي بادشاهه لاءِ ساڙيندڙ بخار وانگر هو [22]".

هيءَ حقيقت قبول ڪرڻي پوي ٿي ته تاريخ عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين جي دوران، سنڌ جي معاملن تي ڪا مختصر روشني وجهي ٿي. هيءُ صوبو ايران جي حڪمرانن ۽ انهن طاقتن جي درميان، جيڪي وقت بوقت هندستان جي اُتر اُلهندي ملڪ تي مسلط هيون، هميشه اختلاف ۽ دشمنيءَ جو باعث رهيو. انهن غير يقيني ۽ ڦرندڙ گهڙندڙ حالتن ۽ انقلابن جي درميان انهيءَ ملڪ جي استحڪام جو هڪ عنصر ٻڌ ڌرم معلوم ٿئي ٿو. ڪَنشڪ پنهنجو مذهب بدلائي ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو، ۽ ساڪ گورنر به ان مذهب لاءِ دشمنيءَ جا جذبا نه رکندا هئا، جيتوڻيڪ اُنهن پاڻ برهمڻي مذهب ڏانهن لاڙو ٿي رکيو. جهُڪڙ جي کوٽائين مان مليل شهادتن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هُوڻ حملي آور شوا [23] جا پوڄاري ٻڌجي پيا هئا. پر هن ڳالهه ۾ ذور به شڪ ٿي نٿو سگهي ته انهيءَ سڄي ڊگهي زماني ۾ سنڌ جا عام ماڻهو مجموعي طور ٻڌ ڌرم جي پيروي ڪندڙ هئا. سنڌ ۾ جيڪي "اسٽوپا" (دڙا) موجود آهن، تن مان اڪثر پهرينءَ ۽ پنجينءَ صديءَ جي درميان تعمير ڪيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح گنجي ٽڪر جي ڏکڻ طرف، "سُڌيرن جي دڙي" مان، ديوتائن جي پيتا لاءِ آندل بين شين سان گڏ، ڪنشڪ جو هڪ سڪو پڻ لڌو ويو آهي، اهو "اسٽوپا" (دڙو) اٽڪل پهرين صدي عيسويءَ واري دؤر ۾ نهيل سمجهيو

ٺل مير رڪن (ٻڌ اِسٽوپا) تعلقو سڪرنڊ

وجي ٿو [24]، باقي موئن جي دڙي واري اسٽوپا کي ٻي صدي عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي. تعمير جي طرز متعلق شهادت جي بنياد تي مير پور خاص ۽ ٺُل مير رڪن وارا اسٽوپا هڪٻئي جا همعصر، پر ڪجهه قدر بعد واري دؤر جا آهن.

سنڌ جي ٻُڌ ڌرم واري دؤر جي عمارتسازيءَ جي هڪ خصوصيت، چٽسالي‌ءَ وارين خوبصورت سرن جو باقاعدي استعمال هو، جن تي آويءَ ۾ پچائڻ کان اڳ ۾، ڪچيءَ حالت ۾ چِٽ ڪڍيا ويندا هئا. ساڳيوئي طريقو پشاور جي قريب ڳڙهي جمال ۽ پنجاب ۾ شورڪوٽ وٽان لڌل آثار قديمه ۾ اختيار ڪيل ڏٺو ويو آهي.

اِنهن چٽسالين مان گهڻين جي گنڌارا جي انڊو-يوناني ڪم سان قريبي هڪجهڙائي ڏسجي ٿي. ميرپورخاص ۽ مير رڪن وارن ٺُلن جا ٽنئي خاص طور ان جا مثال آهن. ميرپورخاص واري اسٽوپا مان لڌل مجسمن ۾ ٻُڌ جي پوشاڪ جو طريقو واضح طور گنڌارا واري طريقي جهڙو آهي، جنهن ۾ ٻُڌ جا ٻيئي ڪلها ڍوتيءَ جي مٿان پاتل چوغي سان ڍڪيل ڏيکاريا ويا آهن [25].

سنڌ ۾ جيڪي به اسٽوپا گهٽي کان گهٽا محفوظ رهيل آهن، تن تي اُڪريل شبيهن جي وڏي تعداد مان اها نشاندهي ٿي رهي آهي ته اُهي ٻڌ مذهب جي مَهايَنه مڪتب سان واسطو رکندا هئا. جيڪو ڪنشڪ طرفان پسند ڪيو ويو هو [26]. ٻئي طرف، اسان کي يوئان چوانگ جي بيان مان معلوم آهي ته ستين صدي عيسويءَ ڌاري، هِمايَنه مڪتب کي سيني جي مٿان بالادستي حاصل هئي. هو چوي ٿو ته سنڌ ۾ سوين مڙهيون هيون، جن ۾ اٽڪل ڏهه هزار پوڄاري رهندا هئا. اسٽوپائن جي متعلق هو چوي ٿو ته راجا اشوڪ اُهي انهن هنڌن تي تعمير ڪرايا هئا، جتي جتي ٻڌ جا پاڪ نشان مليا هئا [27]. هن جو اشارو شايد اشوڪ طرفان ٻڌ جي مقدس يادگارن جي نئين سر ڪيل ورڇ ڏانهن آهي، جيڪا هن اُنهيءَ "عظيم معلم جي جسماني موجودگيءَ" کي پنهنجي سلطنت جي گهٽي کان گهٽو پَري ۽ انتهائي دور دراز علائقن ۾ ڦهلائڻ لاءِ ڪئي هئي. مير پور خاص واري اسٽوپا مان لڌل تمام باريڪ دٻليءَ ۾ شايد ڪا اهڙي ننڍڙي شيءِ رکيل هوندي، ۽ اهو به ممڪن آهي ته اصل ۾ اُها اشوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زماني ۾ تعمير ٿيل اسٽوپا ۾ رکي ويئي هوندي. ۽ ان کان پوءِ وري اُنهيءَ جاءِ تي بيهر ناهيل اُنهيءَ اسٽوپا ۾ محفوظ ڪئي ويئي هوندي، جيڪو اڄ تائين موجود آهي. * اهو بہ ممڪن آهي تہ سون ۽ چانديءَ مان ٺهيل انهيءَ دٻليءَ جي پرسان لڌل شيشيءَ اندر محفوظ ڪيل رک. شايد آرهت اُپار گپت جي هجي، جنهن، يوئان چوانگ جي لکڻيءَ مطابق، اشوڪ جي هدايتن هيٺ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم کي ڦهلائڻ لاءِ ڏاڍي گهڻي محنت ڪئي هئي [28].

پوڄا پاٺ ۾ ڪم ايندڙ تختين تي، جيڪي ميرپور خاص واري اسٽوپا ۾ رکيل هيون، اهڙا اکر اُڪريل آهن، جيڪي ڇهين صدي عيسويءَ ۽ ان کان پوءِ وارن سالن دوران ڪم آندا ويندا هئا. ۽ هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل غور آهي تہ انهن تي موجود ٻڌ جي اڪثر مورتين کي هندستاني طرز جا ڪپڙا پارايل آهن، ۽ انهن ۾ هڪ ڪلهو چوغي سان ڍڪيل ڏيکاريل آهي [29].

مير پورخاص جي اسٽوپا مان هڪ اهڙي مورتي لڌي ويئي هئي، جنهن لاءِ خيال هو تہ اُن اسٽوپا جي معمار يا ان جي تعمير لاءِ گهربل رقم چندي ۾ ڏيندڙ ماڻهوءَ جي نمائندگيءَ ڪئي ٿي. انهيءَ مورتيءَ کي چيلهہ وٽ ڌوتي ٻڌل آهي، ڳچيءَ ۾ هڪ هار پيل آهي، ۽ مٿي تي هڪ اهڙي پيچيده چيز رکيل آهي، جيڪا شايد وِگ (Wig) يا نقلي وارن جو ٽوپ هجي. انهيءَ مورتيءَ کي روغن لڳل هو. ان جي ڪٽڪ-رنگي ڇهري ۾، اکيون، پروُن ۽ مُڇون ڪاريون هيون. اُن ۾ ماڻهو هڪ هٿ ۾ هڪ ننڍو ڪَنول جو گل جهلي بيٺو آهي ۽ ٻيو هٿ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڌوتيءَ جي هڪ وڪڙ مٿان رکيو بيٺو آهي، جنهن کان شايد (پيسن رکڻ لاءِ) ٻٽوئہ جو ڪم ورتو ويندو هو [30]. هن جي ڇهري جو ڊول ۽ پوشاڪ خاص طرح سان ”هندستاني“ آهن. جيڪڏهن اِهو اندازو درست آهي تہ اُها مورتي اِسٽوپا جي تعمير لاءِ ذميوار شخص جي آهي، تہ پوءِ اها سنڌ جي انتهائي اوائلي دور جي هڪ عام ماڻهو جي شبيهہ جي نمائندگي ڪرڻ سبب خاص طور دلچسپيءَ واري شيءِ آهي، اها ٻيءَ يا ٽينءَ صدي عسويءَ جي دور جي هڪ ممتاز واپاريءَ جي مورت ٿي سگهي ٿي.

---

* افسوس، جو سنڌ جي قديم تاريخ جو هيءُ شاندار نشان اڄ بلڪل ڊهي پٽ سان پٽ ٿي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻڌ استوپا، ميرپورخاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميربورخاص جي اسٽوپا تان مليل مورتي

نوٽ

(1) "انڊين اينٽي ڪئري"، ج، X 1881، ص. 326 ۾، ترجمو هورنل.

(2) پنڊت ڀڳوان لعل اندراجي، جي.آر.اي.ايس 1890، ص. 639 ۾.

(3) اين.اين.گهوش، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ٽيون ڇاپو، الهه آباد، 1951 ص. 243.

(3-A) سال 23-1922 لاءِ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي سالياني رپورٽ، ص. 4 - 102 (آر.ڊي.بئنرجيءَ جو مضمون)، سر جان. مارشل، "موئن جو دڙو ۽ دي انڊس سوليزيشن"، ج، 1، ص. 3-122، 9-127 (مضمون از اين.جي.مجمدار).

(4) اين.جي.مجمدار، "ميمائرس آف دي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا"، نمبر: 48، ص. 7 ۾.

(5) وان لوهوزيئن لي وُ، "دي سِٿين پيريڊ" ص. 336.

(6) ٽالمي VII، (i). 36.

(7) اي.پي.انڊ، VIII . ص. 42 ايف.ايف.

(8) ايليٽ، "هسٽري آف انڊيا"، VI ، ص. 557.

(9) راءِ چوڌري، "دي پوليٽيڪل هسٽري آف ناردرن انڊيا"، ڇاپو پنجون، 1950 ص. 510.

(10) هورمسداس جا ڪجهه سِڪا هندستاني اثر جون نشانيون ظاهر ڪن ٿا: متن شوا ۽ سندس ڍڳي جون شبيهون نڪتل آهن ۽ ممڪن آهي ته اهي سِڪا ايراني سلطنت جي هندستاني صوبي ۾ هلڻ لاءِ خاص طور جاري ڪيا ويا هجن. رالنسن، "دي سيونٿ گريٽ اوريئينٽل مانرڪي"، ص. 141، نوٽ.

(11) ونسينٽ سمٿ، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ٻيو ڇاپو، ص. 255.

(12) هيءَ ڳالهه خاص طور اهميت واري آهي، ته ساساني دور جا سِڪا وڏي تعداد ۾ ٽئڪسلا مان لڌا ويا آهن. جي. سرجان. مارشل. "اي گائيڊ ٽئڪسلا" ص. 17، نوٽ.

(13) راءِ چوڌري، "پوليٽيڪل هسٽري ائنشنٽ انڊيا"، ص. 510.

(14) ڪُزنس، "اينٽي ڪوئٽيز آف سنڌ"، ص. 4 - 183.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(15) "ستن مهينن" جي معنيٰ شايد "پنجاب جا ست معاون درياءَ هجي. اين.اين.گهوش. "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ص. 7 - 275.

(16) ڪُزنس، ص. 183.

(17) "راج ترنگني"، ترجمو ايم.اي.اسٽين، ج. 1، ص. 263 - 159 (بُڪ V ، ص 462-419).

(18) "فارس نامہ" ص. 82، طبري، 1/868، بلوچ نبي بخش خان طرفان "دي پوليٽيڪل انفليوئنس آف پرشيا اِن پري-اسلامڪ ٽائيمس" ۾ حوالو ڏنل، جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، ج. VIII ، نمبر: 2، ص. 5 -74.

(18-A) بي.ڊي.ميرچنداڻي، "جرنل آف دي ايشياٽڪ سوسائٽي آف بامبي"، 5 - 1964، ص. 85 - 21 ۾ "سنڌ ائنڊ دي وائيٽ هُنس".

(19) مجمدار، حوالو ڏنل ص. 9 - 8.

(20) انهيءَ جملي ۾ طبري ۽ المسعودي شامل آهن: بحواله طبري 1/894، مسعودي، مروج 200/II، بلوچ نبي بخش خان جي - ايس.ايچ.ايس. ج. VII نمبر: 2، ص. 5 - 74 ۾ حوالي طور ڏنو.

(21) جي.اي.ايس.بي 1902، ص. 56.

(22) بانا، "هَرش چَريتا"، ترجمو: اي.بي.ڪائوويل ائنڊ ايف.ڊبليو.ٿامس (اور يئينٽل ٽرانسليشن فنڊ) ص. 101.

(23) مجمدار، حوالو ڏنل ص. 9.

(24) ڪُزنس، حوالو ڏنل ص. 105.

(25) ايضاً، ص. 89، 97، 108 - تصويرون XIX ۽ XXIV کان XXXI.

(26) ايضاً، ص. 106.

(27) ساءِ.يو.ڪِي، ترجمو: بيِل ج. II، ص. 272.

(28) ساءِ.يو.ڪِي، اڳ ۾ حوالو ڏنل، ڪُزنس حوالو ڏنل ڪتاب ص. 88، 94.

(29) ڪُزنس، حوالو ڏنل ڪتاب، ص. 3 - 92.

(30) ايضاً، ص. 95.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9

سنڌ جو ٻُڌ ڌرم وارو راءِ گھراڻو

سنڌ جي ٻڌ ڌرم واري راءِ گھراڻي جا راجائون هن ملڪ جي حڪمرانن جي انهيءَ اوائلي گھراڻي سان واسطو رکن ٿا. جن جو خود ملڪي تذڪرن ۾ بيان موجود آهي ۽ سنڌن نالا پيو ڪٿي به موجود ڪينهن. جيڪڏهن اسين "تحفة الڪرام" ۾ ذڪر ڪيل سيني ڳالهين تي جيئن جو تيئن يقين ڪريون، ته ان صورت ۾ اسان کي انهيءَ گھراڻي جي شهزادن مان پهرئين لاءِ اهو سمجهڻو پوندو ته هن پنجين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري بادشاهي ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ انهن مان آخري شهزادو اسلامي سن جي پهرئين سال کان ٿورڙئي اڳي يا انهيءَ ئي سال يعني 622ع ۾ فوت ٿي ويو. پر اسان کي ان باري ۾ جيڪا تمام ٿوري آزاد شهادت ملي سگھي آهي، سا البت ان طرف نشاندهي ڪري ٿي ته راءِ گھراڻي جا بادشاهه اُنهيءَ تاريخ کان پوءِ به ويهه سال سنڌ اندر طاقت جا مالڪ هئا. انهن حڪمرانن جي متعلق هن وقت تائين ڪي به ڪتبا دريافت ڪين ٿيا آهن. جن جي ذريعي اسين قديم تذڪرن ۾ لکيل مختصر ۽ ناقابل يقين تحريرن جي تصديق ڪري سگھون. راءِ گھراڻو روايت جي سرحدن کان ٻاهر نڪري تاريخ جي سرحدن اندر مشڪل سان ئي داخل ٿئي ٿو.

هن گھراڻي جي سڀ کان پهرئين شهزادي جو لکيت ۾ آيل نالو ڏيوائج يا ڏيواجي آهي، جنهن لاءِ هودي والا اها راءِ پيش ڪري ٿو ته اُنهيءَ نالي مان مقصد شايد ديودتيه آهي. "تحفة الڪرام" [1] ۾ ان جي ڇهن جانشينن جو ذڪر آهي، حالانڪ "چچ نامو" فقط ٽي جانشين ٻڌائي ٿو. جيئن ته انهيءَ گھراڻي جي فقط پوين ٻن حڪمرانن کان سواءِ باقي ٻين جي زماني جي واقعات جو ڪو واضح بيان لکيل ڪونهي، ان ڪر انهيءَ اختلافي نڪتي ڪي مذڪور گھراڻي جي فقط بادشاهيءَ جي مدت جي سلسلي ۾ ئي ڪا اهميت آهي. "تحفة الڪرام" مطابق، اُها مدت 137 سال هئي ۽ انهيءَ تذڪري ۾ سنڌ جي بادشاهيءَ جي وسعت، "چچ نامي" ۾ ٻڌايل پکيڙ کان وڌيڪ علائقي ۾ ڦهليل ڄاڻائي ويئي آهي. پوئين نالي واري ڪتاب ۾ اهي سرحدون هن طرح ڏيکاريون ويون آهن. اوڀر طرف ڪشمير جي حدن تائين، اُلهندي طرف مڪران

تائين، ڏکڻ طرف سمنڊ جي ڪناري ۽ ديبل تائين، اُتر طرف ڪردان ۽ ڪيڪنان جبلن تائين. "تحفة الڪرام" "اُيرندي" سرحد کي قنوج ۽ ڪشمير جي سرحدن سان گڏ هلندي ڏيکاري ٿو. اُلهندي سرحد کي مڪران ۽ اومان جي سمنڊ واري ڪناري يعني ديبل جي بندر تائين وڌيل ڏيکاريو ويو آهي. ڏکڻ طرف هن بادشاهيءَ جي سرحد کي سورت (سؤراشٽر) تائين ۽ اُتر طرف "قنڌار، سيستان، سليمان ۽ ڪيڪنان جبلن جي ٽڪرين تائين" وڌيل ڄاڻايو ويو آهي. مڪيہ ڏسٽيون يا طرف هن حالت ۾ ڏاڍي ڍلي ڍالي نموني سان ڪم آندل آهن. جيئن ڪشمير دراصل سنڌ جي اُتر اوڀر ۾ آهي پر اهو سَـر اوڀر ۾ ڄاڻايو ويو آهي، قنوج واقعي سنڌ جي اُيرندي طرف هو، پر انهن ٻنهي علائقن جي درميان سڄو راجپوتانا ٻيٺل هو. باقي جيسين اُتر جو سوال آهي (جيڪو دراصل اُتر اولهہ آهي)، تہ ان لاءِ هوديوالا جو خيال آهي تہ ڪردان (Kardan) گهڻو ڪري قصدار، جي بگڙيل شڪل آهي،[2] ۽ ڪيڪنان واقعي انهيءَ پسگردائيءَ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي واقع هو، پر هن سمجهڻ لاءِ چڱا سبب موجود آهن تہ ڪيڪنان جديد لورالائيءَ واري علائقي ۾ هو. سورت يا سؤراشٽر جي بندر متعلق ڏنل حوالي جو مطلب مختلف نمونن سان ڪڍي سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ انهيءَ باري ۾ پوءِ بہ وڏي شڪ جي گنجائش آهي.

هڪ مخصوص قسم جي سِڪن لاءِ، جيڪي ٿلهي ليڪي انڊو-ساساني سڏيا وڃن ٿا، ۽ جن جي رائج ٿيڻ جي تاريخ گهڻو ڪري ستين صدي عيسويءَ ۾ آهي، ڪننگهام ۽ ٻين سمجهيو هو تہ اهي راءِ گهراڻي جي راجائن طرفان جاري ڪرايا ويا هئا. انهن سڪن جي سُبتي طرف ڪنهن حڪمران جو چاتيءَ تائين بُت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. باقي اُبتي طرف مختلف سڪن تي مختلف نشان يا علامتون نظر اچن ٿيون. ڪن تي آتشدان آهي، جنهن جي چوطرف خادم بيٺل آهن، تہ ڪن تي ڪنهن ديوتا جي اڌ چاتيءَ تائين مورت ڏنل آهي، جيئن ڪن سڪن تي سورج ديوتا جي تہ ڪن تي ڪنهن ديويءَ جي آهي. هڪ خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن مان ڪن سڪن تي جيڪي ڪجهہ لکيل آهي، سو ٽن جدا جدا لکڻين ۾ آهي. هندستاني ناگري، ساساني پهلوي ۽ ڪُشن يوناني ڪن سڪن تي پوريون بہ لکٽيون آهن، پر ناگريءَ ۾ ڪجهہ بہ لکيل ڪونهي. انهن تي بہ حڪمرانن جا نالا بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻن يا ٽن تي سري ۾اسُوديو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هڪ تي ”شاهِي تِڪين“، ٻيو ٻه هڪ اهڙو سڪو مليو آهي، جيڪو خسرو پرويز طرفان جاري ڪيل سڪن سان قريبي مشابهت رکي ٿو. پر ان تي ڪنهن بہ بادشاهہ جو نالو اُڪريل ڪونهي. تذڪرن ۾ شامل ٿيل حڪمرانن جي فهرست ۾ راءِ گهراڻي جي ڪنهن بہ حڪمران جو نالو اهڙو نظر نٿو اچي، جنهن کي واسوديو يا شاهي تڪين جهڙن نالن سان ڪا مشابهت هجي. حالانڪ اِهو ممڪن آهي تہ اُهي حڪمران هڪ کان وڌيڪ نالي يا خطاب سان مشهور هجن. انهيءَ اندازي جي خلاف وڌيڪ طاقتور اعتراض هن حقيقت ۾ آهي تہ انهن مان ڪو هڪ بہ سڪو انهن علائقن مان دستياب ڪونہ ٿيو آهي، جيڪي راءِ گهراڻي وارن جي بادشاهيءَ ۾ شامل هئا. سڪن تي اُڪريل اکرن مان اُهي اکر جن جو واسطو انهن ملڪن جي نالن سان هوندو آهي، جن لاءِ اهي سڪا جاري ٿيل هوندا آهن، تن کي جن بہ ڄاڻن ۽ ماهرن جانچي جوڳي ڏنو آهي، تن جي راءِ ۾ انهن سڪن تي نظر ايندڙ نالا زابلستان (واسوديو) ۽ خراسان (شاهي تِڪين) آهن، ۽ هيءُ جو ڪن عالمن اُنهن تي ”بَهمن“، ”ملتان“، ”توڪان“، ۽ ”سَپردالاڪشان“ نالا بہ پڙهيا آهن، اُنهن متعلق اِها بہ حقيقت آهي تہ اُهي مختلف تحريرن ۾ ٻين ٻين لفظن جي بگڙيل صورتن ۾ سجاتا ويا آهن ۽ اُنهن جون پڙهڻيون ٻين ڪيترن عالمن جي نظر ۾ بلڪل ٻيون آهن.

اِنهيءَ سچي سوال تي مسٽر بي.ڊي. ميرچنداڻيءَ طرفان انتهائي قابليت سان بحث ڪيو ويو آهي، هُن سان گڏ، اسان کي آر. بي. وائٽ هيڊ جي راءِ کي پڻ تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ”اُهي سڪا ساساني نسل جي بادشاهن طرفان جاري ڪرايا ويا هئا. پر پنجاب ۽ سنڌ ۾ نہ، بلڪ زابلستان، ايران ۽ هندستان جي وچ ۾ واقع ٻين ملڪن ۾.“

ڪننگهام طرفان بلڪل ڪمزور بنيادن جي آڌار تي هيءَ دعوا ڪئي ويئي آهي تہ راءِ گهراڻي جا پهريان ٻہ حڪمران، جن جا نالا قديم تذڪرن مطابق ڏيواجي ۽ سِهَرَس هئا، اچي ”هُوڻ“ قبيلي جي اڳواڻن، تورامن ۽ مِهراگُل، سان مطابقت رکن ٿا، جن بابت اسين ڏسي آيا آهيون تہ اُهي سن 490ع ۽ سن 540ع جي وچ وارن سالن ۾ اُتر هندستان جي ڪن حصن تي حڪومت ڪندا هئا. ڪننگهام، متي ذڪر ڪيل مخصوص قسم جي سڪن تي اُڪريل لِکيتن جي خود پنهنجين تشريحن ۽ معنائن جي بنياد تي وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليلبازي ڪندي، دعويٰ ڪري ٿو تہ شاهي تِگين، واسوديو ۽ ٽيون اُهو گمنام حڪمران، جن اهي سڪا رائج ڪرايا. سنڌ جي راءِ گهراڻي جا آخري تي حڪمران هئا، ۽ اهي مهراگل جا جانشين ۽ اولاد هئا. هڪ طرف تہ اسين انهيءَ دليل ڪي، وائيٽ هيڊ وانگر، رد ڪرڻ لاءِ مجبور آهيون، جنهن تي اِهو نظريو بيٺل آهي، ٻئي طرف اسان ڪي وائيٽ هيڊ جي هِن راءِ سان اتفاق ڪرڻو پوي ٿو تہ ٻي حقيقت ڪٺي ڪهڙي بہ هجي پر هن ڳالھ جو وڏو امڪان موجود آهي، تہ سنڌ جي راءِ گهراڻي جا بادشاھ "هُونڻ" نسل جا هئا. مسٽر مير چنڊاڻيءَ جي هن نظريي ۾ ڪو گهٽو وزن نظر ڪونہ ٿو اچي، تہ راءِ گهراڻي وارا زياده امڪان آهي تہ موريا خاندان جي اولاد مان هئا [3].

جيئن اڳئين باب ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ڇهين صدي عيسوي ۽ خصوصاً ان جو پوئيون اڌ، جنهن جي دوران سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي بادشاهي هلي رهي هوندي، هندستان جي تاريخ جو هڪ اهڙو دؤر آهي، جنهن بابت نسبتاً تمام ٿوري معلومات ملي ٿي. ملڪ ۾ ڪابہ مرڪزي اعليٰ طاقت موجود ڪانہ هئي، ۽ "هُونڻ" لوڪن جي وقت بوقت ٿيندڙ حملن چوڌاري اهڙي افراتفري پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ ڪيترين ئي ننڍين ننڍين آزاد ۽ خود مختيار رياستن جو اڀرڻ ناگزير هو. گُرجَر لوڪ، جيڪي اڳ ۾ حملي آور هئا ۽ شايد "اِهن هُونڻ" لوڪن جا قريبي رفيق ۽ ساٿي هئا، تن راجپوتانا ۾ هڪ چڱيءَ خاصيءَ بادشاهيءَ جو بنياد قائم ڪيو هو، ۽ اُهي درحقيقت سنڌ جي راءِ گهراڻي جي بادشاهن جا اُڀرندي سرحد سان لڳو لڳ ويجهي ۾ ويجها پاڙيسري هوندا. اهو بہ امڪان آهي تہ خود راءِ گهراڻي وارا بہ ساڳئي ئي نسل جا ماٺهو هئا. اسان کي اهو بہ معلوم آهي تہ ڪانياواڙ ۾، ولڀي نالي هڪ بادشاهيءَ جا مالڪ ذري گهٽ يقيني طور "پرڏيهي نسل" جا هئا، جن سڄي ڇهين صدي عيسويءَ جي دوران اتي راڄ ڪيو. انهيءَ حقيقت جي روشنيءَ ۾ اها ڳالھ قريب قريب ناممڪن معلوم ٿئي ٿي تہ سنڌ جي بادشاهيءَ ۾ سورت تہ ڇڏيو، سؤراشٽر جو ڪو حصو بہ شامل هو [4].

جيسين اُلهندي طرف جو تعلق آهي، ان سڄي دؤر ۾ ايراني سلطنت جو ڪو ذڪر ئي ڪٿي نظر نٿو اچي ۽ اِها ڳالھ بہ ان دؤر جي صورتحال سان مطابقت رکندڙ آهي، ڇوتہ نوشيروان جي مرڻ کان پوءِ، ائين پيو معلوم ٿئي تہ ايراني

سلطنت جي مشرقي صوبن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو ۽ خاص طرح مڪران ۽ عربن جي ڪاهه تائين عملي طور خود مختيار ۽ بلڪل آزاد رهندو آيو هو.

"تحفة الڪرام" ۾ ذڪر ڪيل پنجن بادشاهن جي راڄن مان ڪنهن هڪ جي مدت جو به بيان نه ڪيو ويو آهي، ۽ اُنهن مان هر بادشاهه بابت ٻڌايل ڳالهيون مبهم ۽ غير واضح آهن ۽ گهڻيءَ حد تائين انهن جي رڳو روايتي مدح سرائيءَ ۽ قصيده گوئيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. ڏيواجيءَ "هند جي اڪثر حڪمرانن سان عهدناما ڪيا" ۽ سندس مطلق حڪمرانيءَ هيٺ سڀ علائقا ايتريقدر ته پُرامن هئا، جو قافلا مڪمل سلامتيءَ سان هڪ ڪان ٻئي هنڌ ڏانهن سفر ڪندا هئا. هن جو پٽ، سِهَرس ۽ سندس پوٽو، سِهسي، پڻ خوشحال ۽ ڪامياب حڪمران هئا. "چچ نامي" جي مطابق، اِنهن مان پوئين نالي واري راجا جي پٽ ٿي، جنهن جو نالو پڻ سِهرس هو. پنهنجي حڪومت جو انتظام، اختيارات جي تفويض جي اصول تحت، رکڻ جو دستور قائم ڪيو. هُن جي بادشاهيءَ جي پکيڙ ۽ ٻيءَ صورتحال تي غور ڪندي (جيڪڏهن اسين قديم تذڪرن ۾ تحرير ڪيل ڳالهين کي عمومي طور قبول ڪريون)، اهو تسليم ڪرڻو پوي ٿو ته اُهو انتظام ڏاڍي سٺي نموني ۾ بيهاريو ويو هو ۽ هلي رهيو هو.

دارالحڪومت وارو صوبو، جنهن تي خود سهرس پنهنجي گاديءَ واري شهر الور مان حڪومت ڪندو هو، سو گهڻو ڪري اچوڪي اپر سنڌ ۽ گهڻو ڪري ديراجات جي ڏاکڻي حصي، ۽ ڪڇيءَ سميت بلوچستان جي پرپاسي وارن علائقن تي مشتمل هو. اهڙيءَ طرح اِن صوبي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي، ۽ اُن ٻن ٻن گورنري صوبن کي، جن جي گاديءَ جا شهر هڪ پاسي سنڌ ۾ برهمڻ آباد ۽ سيوهڻ ۽ ٻئي پاسي پنجاب ۾ اسڪالند ۽ ملتان هئا، [5] تقريباً ٻن ساهميءَ جي پُڙن وانگر هڪٻي جي نسبت ۾ پوريءَ برابريءَ جي وزن ۾ بيهاريو ٿي. برهمڻ آباد جو صوبو سنڌونديءَ جي اوير واريءَ مرڪزي سنڌ، سڄي لوئر سنڌ ۽ شايد ڪچ تي مشتمل هو. ۽ سيوهڻ (سيوستان) واري صوبي ۾ لڳ ڀڳ جديد لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعا، ۽ ممڪن آهي ته لسٻيلو پڻ شامل هئا. اسڪالند صوبي ۾ شايد بهاولپور رياست ۽ ان جي آسي پاسي وارا پنجاب جا ضلعا، ۽ ملتان صوبي ۾ اُهو سڄو علائقو شامل معلوم ٿئي ٿو، جيڪو وچي مٿي لوڻائين پهاڙين (سالٽ رينج) سان لڳي ٿو. چاڪاڻ ته ان لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو وڃي ٿو ته انهيءَ صوبي جي سرحد ڪشمير سان مليل هئي.

صوبن جا گورنر، ڪن حالتن ۾ خود راءِ جا ويجها عزيز هئا. اُنهيءَ سرشتي ۾ هڪ هيءُ نقص آهي ته شاهي نسل جي گورنرن ۽ ماتحت حڪمرانن ڪي، غير شاهي نسل سان وابستا گورنرن جي پيٺ ۾، هڪ ڪمزور بادشاهه مان فائدي وٺڻ ۽ پنهنجي لاءِ آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جي اعلان ڪرڻ لاءِ وڏيڪ تحريص ۽ لالچ مَيسر هوندي آهي. اهائي ڳالهه ايراني شهنشاهت ۾ باربار واقع ٿيندڙ افراتفريءَ جو سبب هوندي هئي، ۽ تذڪرن مطابق، هڪ ماتحت گورنر جي اهڙيءَ نوعيت جي لالچ ئي راءِ سِهرس کي هڪ اهڙي مقابلي ۾ ڦاسائي ڇڏيو، جنهن جو نتيجو سندس موت جي صورت ۾ نڪتو. اسين اڳتي هلي، اهو ڏسنداسون ته هڪ ٻيو ڪتاب پڻ اهو قصو ڏئي ٿو، يا ممڪن آهي ته اهو حيرت انگيز طور بلڪل ساڳيءَ نوعيت جو پر واضح طور ٻيءَ طرح جو قصو هجي، جو ته اُنهيءَ ۾ راءِ گهراڻي جي راجائن جي حڪومتن جا اهڙا سال ڏنل آهن، جيڪي تذڪرن ۾ آيل تفصيل کان بلڪل مختلف آهن. اڃو ته پهريائين اُنهن تذڪرن ۾ بيان ٿيل ڪهاڻي پڙهون:

"اوچتو ئي اوچتو نمروز جي بادشاهه جي لشڪر هن جي ملڪ تي ڪاهه ڪئي، ۽ هو وڌي، اچي مڪران ۾ داخل ٿيو. جڏهن اها خبر سِهرس بادشاهه وٽ پهتي، تڏهن هو الور جي قلعي مان پنهنجو مڪيه لشڪر ساڻ ڪري، وڏيڪ وقت وڃائڻ کان سواءِ، دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جلدئي هو وڃي جنگ ۾ شريڪ ٿيو، [6] ۽ ٻنهي طرفن کان ڪيئي بهادر ماڻهو ۽ آزمايل جنگي جوڌا مارجي ويا. تڏهن ايرانين پنهنجي خلقٺهار ۾ مڪمل اعتماد ڪري، پنهنجي مخالف تي هڪ ڀرپور حملو ڪيو. راءِ سِهرس جو لشڪر ٽڙي پکڙي ويو، ۽ دشمن ان تي غالب پئجي ويو، ۽ ان کان پوءِ سڄي لشڪر وني ڀاڄ ڪاڏي. راءِ سِهرس مضبوطيءَ سان ڄميو رهيو ۽ پنهنجي نالي ۽ ناموس خاطر وڙهندو رهيو، تان جو هو قتل ٿي ويو. فارس جو بادشاهه موٽي نمروز ويو ۽ سِهرَس جو پٽ، راءِ سهاسي، پنهنجي پيءُ جي تخت تي ويٺو."

نمروز نالو سَجستان کي ڏنل آهي، روايتي طور اهو علائقو ڪيخسرو طرفان عظيم رستم کي سندس گذاري لاءِ عطا ڪيو ويو هو، جنهن کي ايران جي تاريخ ۾ مڪران [7] جو فاتح سڏيو ويو آهي ۽ اُن جو "بادشاهه" ايراني

شهنشاهت جو ڪو ماتحت حڪمران هوندو. جنهن پنهنجي خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو هو. اها ڳالهه پهرينءَ ئي نظر ۾ هيءُ خيال پيدا ڪري ٿي، تہ اهو واقعو يا تہ "هورمزد چوٿين. يا اٽڪل سن 592ع جي وچ ڌاري خسرو پرويز جي بادشاهيءَ جي اوائلي حصي جي دوران ٿيو هو. ايران ڪي اِنهيءَ عرصي ۾ خارجي جنگين ۽ داخلي طور بهرام چُوبين جي بغاوت ڪي منهن ڏيڻو هو. جنهن نيٺ سن 591ع ۾ سچ پچ تخت تي قبضو ڪري ورتو. اهڙي وقت ۾ سيستان صوبي جي هڪ باغي گورنر لاءِ اِها فطري ڳالهه هئي تہ هو سرحد سان لڳ مڪران صوبي تي، جيڪو پڻ شاهہ جي گرفت کان ترڪي نڪتو هو، قبضي ڪرڻ ذريعي، پنهنجي اقتدار ۾ نئين حاصل ڪيل طاقت کي مستحڪم ڪرڻ جو اهو موقعو غنيمت ڄاڻي، ان مان پورو پورو فائدو وٺي. اِها ڳالهہ سِهرس لاءِ پڻ قدرتي ڳالهہ هئي تہ هو پاڻ. جيڪو هڪ مغرور ۽ جنگجو شخصيت جو مالڪ هو. اُنهيءَ انعام کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ بہ ڪوشش ڪري.

سنڌ جي حڪمران گهراڻي جي شان ۽ وقار ۾. بهرحال. هن شڪست جي نتيجي ۾ ڪا ڪمي نہ ٿي آيل معلوم ٿئي، ۽ سِهاسي پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل ساڳيءَ ۽ سڄيءَ ساريءَ بادشاهيءَ جو جانشين بڻيو. "تحفة الڪرام" جي مطابق، "سِهرس جو لشڪر هڪ هنڌ اچي هڪ منظم فوج وانگر جمع ٿيو. ۽ اُنهن سندس پٽ سِهاسيءَ کي تخت تي ويهاريو [8]." سهرس جي انهيءَ مهم بابت "چچ نامي" ۾ ڏنل تفصيلن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هو سنڌ جي فوج جو فقط هڪ حصو ساڻ وٺي، اُبهرائيءَ ۾ اڳتي وڌيو هو. ۽ هـن انومان ڪيڻ لاءِ بنياد آهن تہ هن جو پٽ لشڪر جو باقي حصو هن جي پنيرائيءَ ۽ مدد لاءِ پنيان وٺي ويو هو. اِن مان هيءَ حقيقت پڻ واضح ٿي بيهندي تہ آخر چو "نمروز جي بادشاهہ" نہ فقط پنهنجي فتح کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪو وڏيڪ اقدام نہ ڪيو. پر ساڳئي وقت هو اڳتي وڌڻ بدران پنهنجي ملڪ طرف موٽي هليو ويو!

راءِ سِهاسي ٻئي جي بادشاهيءَ وارو زمانو. تذڪرن جي مطابق، پُرامن ۽ آسودگيءَ وارو هو. "هُن ملڪ ۾ پنهنجي اختياريءَ کي محسوس ڪرايو. ۽ هن جي پيءُ جي طرفان جيڪي چار شهزادا مقرر ڪيا ويا هئا. اهي هن جي تابعداريءَ ۾ رهيا ۽ هن جي اختياريءَ کي قبول ڪيائون. انهن، هـن جي لاءِ عزت ۽ احترام جي جذبي جو خوب مظاهرو ڪيو. پنهنجي دولت هن جي

استعمال لاءِ سندس تصرف ۾ ڏني ۽ هن جي هر طرح ايمانداريءَ ۽ پوريءَ قوت سان پنيرائي ڪئي. اهڙيءَ طرح سڄو ملڪ راءِ سهاسيءَ جي طاقت سبب وڏيڪ سلامتي ۽ تحفظ محسوس ڪرڻ لڳو. ۽ ماڻهو هن جي عدل ۽ انصاف واريءَ حڪومت ۾ نهايت خوش زندگي گذارڻ لڳا". اها ڳالهه "چچ نامي" ۾ درج آهي،[9] ۽ جيسين "تحفة الڪرام" جو تعلق آهي، سو وڏيڪ ائين به چوي ٿو ته "هن پنهنجي رعايا جون ڏلون ۽ محصول هن شرط تي معاف ڪيا، ته هو اُچ، ماتيلا، سيئوراءِ، مائو يا مَئُ، الور ۽ سيوستان جي ڇهن قلعن جي اوسارين جي مرمت ڪري ڏين[10]".

هن سلسلي ۾، اُچ جي نالي اچڻ سان (جنهن مان مطلب، بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، اُچ شريف آهي)، تي سگهي ٿو ته حيرت ٿئي، پر ان مان گهڻ ۾ گهڻ اِهو ثابت ٿئي ٿو ته قديم صوبائي دارالحڪومت اسڪالند کي اهو شهر نه سمجهڻ گهرجي. ماٿيلو ۽ سيئوراءِ، ويندي مغل دؤر تائين، اهميت وارا شهر رهندا آيا. انهن جا ڦٽل نشان اڄ ڏينهن تائين ترتيبوار گهوٽڪيءَ ۽ سبزل ڪوٽ جي ڪجهه ميلن جي اندر ڏسي سگهجن ٿا[11]. قديم دؤر جي مائو قلعي کي، نوشهرو فيروز تعلقي ۾ مائو مبارڪ جي نالي سان مشهور ٿيل قديم دڙي ۾ شناخت ڪري سگهجي ٿو.

قلعن جي متعلق لکيل اِنهيءَ بيان ۾، جيڪو ائين رواجي نموني ۾ اِتي آيو آهي، هن ڳالهه جو اشارو موجود سمجهي سگهجي ٿو ته سهاسيءَ جو ملڪ، بهرحال، اهڙو سلامتيءَ وارو ڪونه هو، جهڙو اُن لاءِ بڻي ڪنهن هنڌ چيو ويو آهي، شايد ايتري تائين به، جو سندس ملتان وارو گورنر، هن جي وفاداريءَ جي ذميواريءَ کي ڪاميابيءَ سان پنهنجي ڳلي مان لاهي اڇلائي سگهيو هو، ۽ سندس اُترئين سرحد سُسي ويئي هئي. درحقيقت اها ڳالهه اسان کي سنڌ جي بادشاهيءَ متعلق جيڪو احوال هڪ غير جانبدار مبصر، ٻڌ ڌرم جي عالم ۽ استاد، يوئان چانگ، ٻڌايو آهي، جيڪو سن 641ع ڌاري هتي آيو هو، اُن سان نهڪي اچي ٿي.

هن جاءِ تي اسان کي سنن جي ترتيب جو مسئلو درپيش اچي ٿو. ۽ آئنده پڻ اُهو موجود رهندو، جنهن کي واضح ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪيترين اهڙين ڳالهين جو ذڪر اڳوات ڪرڻو پوندو، جيڪي قديم وقائع نگارن بعد ۾ آيل

گهراڻي جي متعلق بيان ڪيون آهن. تخت جي غاصب، چچ برهمڻ، لاءِ چيو ويو آهي تہ هن هجري سن جي پهرئين سال-يعني 622ع ۾ سنڌ اندر پنهنجو راڄ قائم ڪيو هو. اها ڳالهہ يقيني آهي تہ هن جو گهراڻو سن 92هہ يا 93 هہ، ۾ ختم ٿي ويو. اسان وٽ انهيءَ حقيقت لاءِ بي بہ ثابتي موجود آهي. ٻئي طرف، اُن گهراڻي جي ٽنهي راڄن جي سالن جو جوڙ نوي جي بدران "تحفة الڪرام" ۾ ايڪاسي ڄاڻايل آهي. ايليٽ ڏيکاريو آهي تہ چچ جي تخت نشينيءَ جي سال کي، تذڪري ۾ ڪنهن گهٽيءَ هيٺ متانهينءَ جي ڪرڻ کان سواءِ سن 1 هہ کان ڦيرائي سن 10 هہ ڪرڻ ممڪن آهي [12]. پر انهيءَ طرح سنن جي حاصل ڪيل تطبيق سنڌ متعلق يوئان چانگ جي ڏنل بيان جي پيدا ڪيل دشواريءَ کي هٽائي نٿي سگهي. ايليٽ جي حساب سان، هن جو سنڌ وارو سفر انهيءَ وقت شروع ٿيو هوندو، جڏهن چچ کي تخت تي ويهي اٽڪل نَوَ سال گذري چڪا هوندا. پر اهو ياتري جيڪو احوال اسان کي ڏئي ٿو، اُن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اُن وقت راءِ گهراڻو اجا اقتدار ۾ هو.

هو چوي ٿو تہ بادشاهہ "سيئو-تو-لو" ذاتيءَ جو هو، جنهن جي تشريح سواءِ لفظ "سودر" جي ٻي ڪا ٿيڻ ممڪن نٿي نظر اچي. اهو ساڳيو لفظ، وچ هندستان ۾ "مو-تي-پائو-لو" جي بادشاهہ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو آسماني جسمن جي پوڄا ڪندو هو. ۽ ڪيس ٻُڌ جي تعليمات ۾ ويساهہ ڪونہ هو. ڪيترن ئي موقعن تي يوئان چانگ هندستان جي بادشاهن جو حوالو ڏيندي، اُنهن کي "ڪَشتري" (تِچ - تي - لِي) سڏي ٿو. ٻين کي هو نسلي نالن، جهڙوڪ ساڪ، ترڪ ۽ ٻين اهڙن نالن سان منسوب ڪري ٿو. هو هندومَت ۾ برهمڻن جي درجي بابت پوري ڄاڻ رکندو هو. اُنهن کي هو "پو-لو-مين [13]" چوي ٿو. هن اُجين جي بادشاهہ متعلق واقعي چوي بہ ٿو تہ هو اُنهيءَ ذاتيءَ جو هو. اِنهيءَ ڪري اها ڳالهہ ناقابل فهم آهي تہ هو سنڌ جي بادشاهہ کي "سودر" لکي ڇڏي، جڏهن تہ اهو بادشاهہ سچ پچ برهمڻ هو. هن ڳالهہ ۾ مصنف طرفان غير معمولي غفلت کي فرض ڪرڻ کان سواءِ، جيڪا نقل نويسن جي رواجي بي احتياطيءَ کان متي آهي. اسان کي اهوئي فيصلو ڪرڻو پوي ٿو تہ سن 641ع ۾ سنڌ جو بادشاهہ چچ کان علاوه ڪو ٻيو ئي هو [14].

ياتريءَ کي ٻُڌ ڌرم ڏانهن هندستان جي بادشاهن جي رويي جو ڏاڍو، ۽

خاص طور، فڪر هو. هو چوي ٿو تہ سنڌ جي بادشاهہ ڪي ٻُڌ جي قانون لاءِ تمام گهڻو احترام هو. جيتوڻيڪ انهيءَ جو مطلب ائين ٿي سگهي ٿو تہ بادشاهہ پاڻ تہ انهيءَ مذهب جو ڪونہ هو، ۽ هو فقط ان لاءِ عزت جو جذبو رکندڙ هو. پر اسان کي اُن باري ۾ يقين هئڻ گهرجي تہ جيڪڏهن بادشاهہ برهمڻ هجي ها، تہ يوئان چانگ اُنهيءَ حقيقت جو بيان ضرور ڪري ها. اسين ڏسون ٿا تہ هو "ڪيئا-مو-ليئو-پو" (ڪماروپا) ۽ "آئوَ-چي-يين-نا" (اُجين) جي برهمڻ بادشاهن جي رويي کي بطور خاص واضح ڪرڻ لاءِ تيار ۽ هردم هوشيار رهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ شاهي گهراڻي جا برهمڻ هن جي مذهب جا وڏي ۾ وڏا دشمن هئا.

جيتوڻيڪ اسان کي هاڻي اِنهيءَ اندازي جي آڌار تي اڳتي وڌڻ گهرجي تي ياترِيءَ جي سنڌ ۾ اچڻ وقت، اتان جو بادشاهہ راءِ گهراڻي جو هڪ فرد هو. اسان کي اها توقع رکڻ گهرجي تہ هُن کي ڪشتري فرقي جو ٻڌايو وڃي ها، جهڙيءَ طرح پاسي وارين بادشاهين—گجرات ۽ ولڀي [15] جي حڪمرانن لاءِ چيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ راءِ گهراڻي جا راجائون حملي آور لوڪن جي ڪنهن گهٽ درجي واري نسل جا هئا. ۽ جيئن تہ هو گهڻو پوءِ، روايتي طور مشهور ٿيل "مليڇ" ملڪ ۾ پنهنجا پير پُختا ڪري سگهيا هئا. انهيءَ ڪري انهن کي ڪشتري فرقي ۾ شامل نہ ڪيو ويو هو.

انهيءَ بادشاهہ جي ملڪ جي ورڇ، جيئن يوئان چانگ طرفان اُها ٻڌائي ويئي آهي، گهڻي ڀاڱي راءِ سهرس جي بادشاهيءَ جي مرڪزي، ڏاکڻي ۽ اُيرندي علائقي جي تنظيم ۽ ورڇ سان نهڪي اچي ٿي، جهڙيءَ طرح ان جو تذڪرن ۾ بيان ڏنل آهي، پر ملتان صوبي لاءِ ياتريءَ طرفان پڪ سان چيو ويو آهي تہ اُهو سندس ياترا جي وقت "چيهہ-ڪا" نالي هڪ رياست جو باجگذار صوبو هو. جيڪا رياست انهيءَ دور ۾ اُتر پنجاب ۾ واقع هئي [16].

بظاهر، يوئان چانگ جو "سِن-تو"، جنهن جو گهيرو ست هزار "لـِي" هو، تذڪرن واري دارالحڪومتي صوبي سان مطابقت رکي ٿو، حالانڪ گاديءَ واري شهر جو نالو، "پـِي-چين-پو پو-لو" اڄ تائين هڪ اهڙي ڳجهارت آهي، جنهن جو ڪو حل ٺهي ڪونہ ٿيو آهي [17]. "اي-تينن-پو-ٽچي-لو" نالي ملڪ، جنهن جو گهيرو ساڳئيءَ طرح پنج هزار "لي" هو، برهمڻ آباد صوبي

سان نهڪي اچي ٿو. جيڪو سنڌونديءَ سان لڳو لڳ سمنڊ جي ساحل تائين ڦهليل هو. ممڪن آهي تہ "پي-ٽو-شيهہ-لو" ۽ "اي-فان-ٽو" يا "او-فان-چا". جن مان پهرئين جو گهيرو ٽي هزار لي ۽ پوئين جو 2500 هو. گڏجي سيوستان صوبي جي تشڪيل ڪري رهيا هئا.

"لنگ - ڪا - لو" نالي سان سڏيل يوئان چانگ واري ملڪ ۾، هن جي انهيءَ جي وچان ڪيل سفر جي ڏيگهہ کي خيال ۾ رکندي، اڻين ٿو سمجهجي تہ مڪران جو چڱو خاصو حصو شامل هوندو. ۽ جيئن تہ هو انهيءَ ملڪ جو بيان ڏيندي، ان کي خود مختيار قبيلن جي رهڻ وارو ملڪ سڏي ٿو. ان ڪري معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ ملڪ جا سنڌ توڙي ايران سان ڪي بہ اثرائتا سياسي لاڳاپا ڪين هوندا. اسان کي معلوم آهي تہ سن 641ع ۾، شاهہ يزدجرد پنهنجي سلطنت کي عربن جي حملن کان بچائڻ لاءِ، آخري هٿ پير هڻڻ جي ارادي سان مختلف صوبن مان اچا بہ فوج ۾ پرتي ڪري رهيو هو. پر هن ياتريءَ ايران جي باري ۾ جيڪو ٿورو بيان ڏنو آهي، تنهن ۾ هُن اهڙي بحران بابت ڪو هڪ لفظ بہ نہ لکيو آهي. جنهنڪري هن جو اِهو بيان سنئون سڌو ٻئي ڪنهن کان ٻُڌل ڳالهين تي مشتمل آهي. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ ساساني حڪمران شاهہ هورمزد جي بادشاهيءَ دوران آيل عام افراتفريءَ کان پوءِ مڪران واري ماتحت صوبي جو قبضو ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا هئا. يا اُنهن اهڙي ڪا ڪوشش ئي نہ ڪئي هئي، جنهنڪري اتان جا ماڻهو پنهنجي سابق اعليٰ حڪمران جي قسمت کان بي نياز ۽ بيپرواهہ بڻجي ويا هئا (18).

ياتري سنڌ جي ماڻهن کي سخت ۽ سياءَ جا ڪنور سڏي ٿو. جيڪي پنهنجا تڪرار وڙهي نبيرڻ ڏانهن مائل هئا. هو ذري گهٽ هڪ ٿي ساهيءَ ۾ چوي ٿو تہ اُهي ايماندار ۽ سڌا هئا، ۽ انهن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ پريٺ عيبت جي عادت ڪانہ هئي. هو اُتان جي عام ماڻهن ۾ "ٻڌ جي قانون لاءِ دلي احترام" جو ذڪر ڪري ٿو. پر اُن جي معنيٰ شايد ٻــُڌ ڌرم جي مقدس آستانن، تبرڪات ۽ پاڪ جاين لاءِ سندن وهمي عقيدي کان وڌيڪ ٻي ڪا ڪانہ هئي. مڙهيون هتي بيشمار هيون. - "سِن-تو" ۾ سوين، ۽ "اي-تئين-پو-ٽچي-لو" ۾ اُسي-پر "سِن - تو" جا ڀاوا عام طور سُست ۽ بد باطن هئا. ٻئي طرف هتي ڪيئي ڏاها ۽ نيڪ ماڻهو هئا، جيڪي علم جا پياسي هئا، ۽ ان کي حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ هو جبلن ۽ جهنگن جي تنهائيءَ ۾ هليا ويندا هئا.

سنڌونديءَ جي ڪپن سان رهندڙ ڏنار ماڻهو، جيڪي ڪڇي ۾ ۽ درياهه جي شاخن تي رهندا هئا، جن جو تعداد بيشمار هو، سي قديم نسل جا ۽ ويڙهو هئا. يوئان چانگ حساب لڳايو تہ انهن ماڻهن جا لکين ڪٽنب اهڙا هئا، جن جو خاص ڪم جان ونڻ يعني جاندارن کي مارڻ هو. انهن ماڻهن ۾ طبقاتي فرق يا درجي بندي ڪانہ هئي، نہ چوپائي مال جي انفرادي ملڪيت جو وٽن ڪو رواج هو. چوپائي مال جا ڌڻن جا ڌڻ ميدانن ۾ گور چرندا رهندا هئا. مرد توڙي عورتون پنهنجا وار وڍي ننڍيا ڪندا هئا، ۽ ٻُـــڌ ڀـــڪشن وارا ڪپڙا ڍڪيندا هئا، حالانڪ اهي مذهبي اصولن ۽ عقيدن کان بلڪل بيخبر هئا.

هڪ طرف جتي ملڪي آباديءَ جي وڏي اڪثريت، ڪم از ڪم نالي ماترئي، ٻڌ ڌرم جي پوئلڳ هئي، اتي يوئان چانگ اِهو بہ ٻڌائي ٿو تہ "ســن-تو" ۾ هندو ديوتائن جي پوڄا پاٺ لاءِ اٽڪل ٽيهہ مندر موجود هئا. هو انهن جي پوڄارين لاءِ پنهنجي نفرت جي دستوري اظهار ڪرڻ کان نٽو مُڙي [19].

"اي - تئين - پو - ٽچي - لو" جو ڏاکڻو راڄ اڪثر صورتن ۾ "ســن - تُو" جي ڏکڻ واري ملڪ جهڙو هو. پر ان جي ڪن مخصوص ڳالهين ياتريءَ جو توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪايو. مثلاً اتان جا گهر خوبصورت ۽ نفيس عمارت سازيءَ جي نموني جا هئا. جيڪا ڳالهہ انهن ۾ اُڪريل پٿر جي استعمال جي شاهدي ڏئي ٿي، ۽ اهي "قيمتي شين سان ڀـُـر" هئا. اِنهيءَ مان اُن جي ساموندي واپار جو خيال پيدا ٿئي ٿو، پر هن جي لکڻين ۾ ڪٿي بہ ڪنهن اهڙي ساموندي بندر جو ذڪر ڪونهي، جيئن هُــن اُيرندي هندستان ۾ "تان - مو - لي - تي" بندر جي موجود هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي [20]. مون پنهنجي پهرئين جلد ۾ هن راءِ ڏيڻ جي جرئت ڪئي آهي تہ جنهن هنڌ کي يوئان چانگ "ڪائي-تـِـسي-چي-فا-لو" ملڪ جو دارالحڪومت وارو شهر چوي ٿو، سو پنهنجي مشهور و معروف مهيشور مندر سميت، گهٽو ڪري اهو ساڳيو شهر هوندو، جيڪو عربن کي ديبل جي نالي سان معلوم هو. پر اِها ڳالهہ تسليم ڪرڻي پوي ٿي تہ قديم تذڪرن مطابق، ڏاکڻي صوبي جي گاديءَ وارو شهر خود برهمڻ آباد هو، جنهن ۾ اهڙي ئي مندر جي موجودگي بلڪل ممڪن ٿي سگهي ٿي. "اي - تئين - پو - ٽچي - لو"، ۽ وري "پي-ٽو-شيهہ-لو" نالي واري اُلهندي صوبي ۾، يوئان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

، اها ڳالهه ڏني تہ ٻنهي صوبن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائجي رهي هئي، تنهن ۾
ڙي هندستان واري ٻوليءَ کان ڪافي گهٽ اختلاف ۽ فرق نظر اچي رهيو
مندرن ۾ پوڄا لاءِ اينڊڙ پوڄارين جو وڏو تعداد پڻ هندو فرقي جو هو،
ي پنهنجي بت تي رک يا ڇيڪي مٽي مليندا هئا. ممڪن آهي تہ اُهي
ت کان آيل جين ڌرم جا ڏگمبر هجن.

يوئان چوانگ طرفان سنڌ جي جيڪا تصوير پيش ڪئي ويئي آهي، سا
ي هر وقت پنهنجي مذهبي مهم سان وابستا هجڻ ۽ هردم هن جي انهيءَ
مگن رهڻ سبب، غير معتبر ۽ محدود آهي. هن جي لکڻين مان اسين
لڪ جي سخت ۽ ڪنور طبع رهاڪن ۾ هڪ فوجي ۽ ويڙهو قوم جو
تہ محسوس ڪري سگهون ٿا، پر اسان کي اُنهن جي رسمن ۽ رواجن،
۽ تنظيمن، انتظامي مشينريءَ يا مواصلات متعلق ڪوبہ اهڙو سراغ نٿو
جن جي آڌار تي ايتري وسيع ملڪ تي اُتان جو ملڪي نظام قائم هو ۽
جلي رهيو هو.

هاڻي اسين هڪ اهڙي واقعي تي اچون ٿا، جنهن ۾ انهن سيني ڳالهين
عملي طور آزمائش ٿي ويئي. مون اڳيئي ٻڌايو آهي تہ سنڌ جي هڪڙي
اهہ مڪران کي ڌارين جي حملي کان بچائڻ لاءِ اوڏانهن پيشقدمي ڪئي
۽ ان جنگ ۾ هن کي شڪست کائڻي پيئي هئي. اُن واقعي جي ڳالهہ پڻ
ن جي صورت ۾ موجود آهي. اسين تذڪرن واريءَ روايت جو جائزو اڳيئي
چڪا آهيون، جنهن ۾ مقابلو ڪندڙ راءِ سـهرس ثاني ۽ "نمروز" جو
اهہ آهن. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ اسان هتيءَ راءِ ڏني آهي تہ سن 579ع کان پوءِ
وڙ بلڪل اهڙي حالت پيدا ڪئي، جنهن ۾ اُهو واقعو اُئين ئي ٿيو هوندو،
ان جو بيان ڪيو ويو آهي.

بي روايت اسلام جي اوائلي دؤر جي تاريخ مان نڪري ٿي، ۽ ان جي
پذير ٿيڻ جي سال يعني سن 644ع (مطابق 23 هجري سال) بابت ڪوبہ
شبهو ڪونهي.

عربن، سن 21 هہ (مطابق 642ع) ۾ نهوند جي ميدان ۾ شاهہ يزدجرد تي
، فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ خليفي (حضرت) عمر (رضہ) جي هدايتن
ايراني شهنشاهت جي ماتحت صوبن کي پنهنجي مفتوح علائقي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملائڻ جو ڪم شروع ڪيو. انهن صوبن کي، شڪست کاڌل شهنشاهه، جيڪو پنهنجي سر جي بچاءَ لاءِ پاڻ پڃندو لڪندو ٿي رهيو، پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هو، ۽ اُنهن کي مرڪز وٽان اِن سلسلي ۾ ڪا بہ رهنمائي ۽ هدايت ڪانہ ملي رَهي هئي، اُن جو نتيجو اِهو نڪتو، جو انهن مان هر هڪ صوبي کي هڪ هڪ ڪري فتح ڪيو ويو. ۽ انهن مان سڀ کان پويون صوبو مڪران هو، جنهن عربن جي اطاعت قبول ڪئي.

اسان کي مؤرخ يفائي طرفان ٻڌايو ويو آهي تہ اهو صوبو هڪ مَلِڪ جي حڪومت ۾ هو، جنهن جو نالو سعد هو، جنهن سنڌ جي مُلِڪ کان مَدد طلب ڪئي، ڇاڪاڻ تہ "مڪران جي حڪومت جو سنڌ جي مٿان انحصار هو" "...اهو مَلِڪ، جنهن بيشمار هاٿين سميت لاتعداد لشڪر گڏ ڪيو هو، پنهنجي اڳواٽيءَ ۾ فوج وٺي، ملڪ سعد جي مدد لاءِ نڪتو. جيئن ئي انهن تيارين جي خبر ڪرمان پهتي، تہ عبدالله بن عبدالله انهيءَ ملڪ ۾ پنهنجي پنيان هڪ نائب ڇڏي، جيڪا بہ فوج موجود هئي، تنهن کي وٺي، بين عرب سردارن ۽ سپهہ سالارن جي مدد لاءِ نڪري پيو، جيڪي اڳيئي مڪران موڪليا ويا هئا." عبدالله، انهن اڳين فوجن سان گڏجڻ کان پوءِ، سنڌ جي حڪمران جي لشڪر تي رات جو حملو ڪيو، جنهن ۾ کيس مڪمل ڪاميابي نصيب ٿي. اُهو بادشاهہ مارجي ويو، سندس لشڪر ڇڙو ڇڙ ٿي پڃي ويو ۽ اٿاهہ مال غنيمت عربن جي هٿ آيو. ڇيو وڃي ٿو، تہ عبدالله مال غنيمت جو پنجون حصو خليفي عمر رضہ ڏانهن موڪليو، ۽ کانئس پڪڙيل هاٿين جي نيڪال ڪرڻ متعلق هدايتون گهريون. اهي کائڻ لائق نہ هئا، ۽ خود جيئري رهڻ لاءِ تمام وڏو قوت گهري رهيا هئا. ان کان علاوه انهن تي سواري ڪرڻ جهڙا کي لغام بہ وٺن ڪين هئا. هُن خليفي کان سنڌ ۾ اڳتي يلغار ڪرڻ جي اجازت پڻ گهري. خليفي عمر رضہ کي جيئن تہ مڪران جي آب و هوا ۽ طبعي حالت متعلق ڪي خوش ڪندڙ خبرون نہ مليون هيون، ۽ ان سان گڏ کيس اهو بہ ٻڌايو ويو هو تہ مڪران کان پري جيڪو ملڪ (سنڌ) هو، سو وري انهيءَ کان بہ وڌيڪ خراب ۽ ڏکيو هو، ان ڪري هن عبدالله کي اهو حڪم موڪليو تہ هو اتان کان اڳتي پيشقدمي نہ ڪري. باقي هاٿي "مڪاني ملڪن" کي فروخت ڪري ڇڏڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو ويو، جن انهن جي واپار مان ڪافي رقم ڪمائي.

اهو بيان "تاريخ گُزيده" مان ورتل آهي، جنهن جي مصنف کي ريناڊ هڪ
ط ليکڪ شمار ڪيو آهي، ۽ جنهن جي تصديق حسن بن محمد شيرازيءَ
، "منتخب التواريخ" ۽ ڪجهه تفصيلن جي فرق سان "حبيب السير[21]" ۾
ئي ويئي آهي. سپهه سالارن جا نالا هر هڪ ڪتاب ۾ مختلف آهن.
ا ڳالهه. بهرحال، ڪا غير فطري ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جنگين ۾
ب ننڍا ننڍا لشڪر جدا جدا هنڌن تي مصروف هئا.

انهيءَ جنگ کي، جيڪا سن 23 هہ ۾ ٿي، هڪ ٻيءَ تاريخي سَنَد ۾
واري جنگ" سڏيو ويو آهي. ندي مان مراد شايد مڪران جي مشڪيل
جي. اُن ۾ سنڌ جي حاڪم جو نالو مَلڪ رَسَل ٻڌايو ويو آهي، پر هو
له نہ ٿو ڪري تہ هو ڪو مارجي ويو هو. ٿي سگهي ٿو تہ "ڇچ نامي"
الو. سهرس شايد "سري رسل" جي بگڙيل صورت هجي. "منتخب
يخ" وارو سنڌ جي حڪمران کي هڪ خطاب ڏئي ٿو، ۽ چوي ٿو تہ "سنڌ
ليءَ ۾ هو پنهنجي مُلڪ کي، بلڪل انهيءَ نموني سان "زَنبيل" چون ٿا،
ءِ طرح عجم جي ملڪ کي ڪسريٰ، ۽ روم جي مَلڪ کي قيصر جو لقب
جي ٿو." "مجمل التاريخ" ۾ وري اهو چيل آهي تہ "ڪابل ۽ سنڌ جي
هن کي "رتبيل" چيو ويندو آهي." انهيءَ نالي جي عربي اکرن کي، هڪ
يءَ ٻوليءَ جي حرفن ۾ جدا جدا صورت ملي سگهي ٿي. ايليٽ اها راءِ
ڪري ٿو تہ "رنبل" نالي واري ڪابل جي حڪمران، مڪران واريءَ جنگ
ڪل پنجاهہ سال پوءِ، اسلامي لشڪرن جو جيڪو ڪامياب ۽ جڪري
ڪيو هو، اُن سبب هن جي شخصيت کي جيڪا عام شهرت ملي، تنهن
پوءِ جي وقائع نگارن لاءِ "هند جي سرحدن تي لڙيل مذهبي جنگين جي
ن ٿي عربي ڪهاڻين ۾ هڪ سورمي يا مرڪزي شخصيت طور پيش
جو جواز موجود ڪري ڏنو"[22].

سنڌ جا حڪمران اُهو خطاب استعمال ڪندا هئا يا نہ، تنهن کان قطع
ڪ هيءَ ڳالهہ صاف نظر اچي رهي آهي تہ هن هنڌ اسان جو واسطو راءِ
جي هڪ بادشاهہ سان آهي، اهو بادشاهہ گهٽ ۾ گهٽ ڇچ ڪونہ هو.
هو سوال پنهنجيءَ جاءِ تي باقي رهجي وڃي ٿو تہ ڇا، سنڌ جا بہ حڪمران
جي مهم دوران جن مان ٻيريون سيستان جي ماتحت حاڪم جي طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ صوبي (مڪران) تي قبضي ڪرڻ جي حق تي اختلاف ڪندي، ۽ پيو عربن جي خلاف خود مڪران جي گورنر جي واهر ڪرڻ لاءِ ويندي مارجي ويا هئا. يا بيئي روايتون هڪ ۽ ساڳئي واقعي سان واسطو رکن ٿيون. ونسينٽ سمٿ پنهنجي ڪتاب "دي ارلي هسٽري آف انڊيا" ۾ پوئينءَ يعني "عرب روايت" کي ترجيح ڏني ٿو. هيءَ ڳالهه تسليم ڪري ٿو ته انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت قائم هئي، ۽ اهو گهراڻو هڪ ٻيءَ. پر تاريخ جي صفحن تي نه آيل، شڪست ۾ ختم ٿي ويو. هو چوي ٿو ته "پاتريءَ طرفان سودرا فرقي جي پڌ ذرم واري جنهن بادشاهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اُهو سهرس راءِ پٽ ديواجي هوندو. جنهن جو وارث سندس پٽ سَهاسي هو. سِهرس راءِ جي بادشاهيءَ جي دوران هردم فتحياب عرب لشڪر، جيڪي ان وقت پنهنجي پهرئين جوش و خروش ۾ هئا. مڪران (بلوچستان) ۾ داخل ٿيا. ۽ سهرس راءِ هنن جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ ڪيس شڪست ملي ۽ هو پاڻ مارجي ويو. حملي آورن جو مڪران تي سن 644ع جي آخر ۾ دائمي قبضو ٿي ويو. ۽ اٽڪل ٻه سال پوءِ، سهاسي، جيڪو پاڻ ٻه ڌارئي دشمن جو مقابلو ڪندو رهيو. پنهنجي پيءُ وانگر اُنهن جي هٿان مارجي ويو." اهو پويون خيال هڪ بيان جي غلط فهميءَ تي مبني نظر اچي ٿو. جيڪو ميجر ريورٽيءَ طرفان هڪ مختلف موضوع تي لکيل مضمون ۾ غلطيءَ وچان اچي ويو آهي [23].

هيءَ بدنصيبيءَ جي ڳالهه چئبي، جو اسان کي راءِ سهاسي ٻئي جي راڄ جي مدت متعلق ڪنهن به قسم جي ڪا خبر مليل نه آهي، ان هوندي به "چچ نامي" ۾ ڏنل بيان تي شڪ ڪرڻ جو اسان وٽ ڪافي سبب ڪونهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته هو پنهنجي بستري ۾ سُتي، پنهنجي قدرتي موت مُئو هو [24]. سنڌ کي خليفي عمر رضہ جي طرفان پنهنجين فوجن کي مشرق طرف اڳتي وڌڻ کان منع سبب سڪ جي ساهه کڻڻ جي جيڪا فرصت ملي سگهي هئي، تنهن ۾ اسلامي شهنشاهت اندر اُيرندڙ داخلي جنگين ۽ اختلافن سبب ڪافي وڏيڪ عرصي جو اضافو اچي ويو.

ٿي سگهي ٿو ته عربي ٻوليءَ جي قديم ۽ بلڪل اوائلي دؤر جي ڪتابن منجهان هڪ ڪتاب "فتوح البلدان" ۾ ان جي ليکڪ البلاذريءَ "نديءَ واريءَ جنگ" جي ذڪر کي هن ڪري نظر انداز ڪيو هجي، جو جيتوڻيڪ اُن جنگ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمانن جي فتح ٿي هئي، پر اُن جي باوجود ان ۾ اسلامي فوجن کي پنتي هٽڻو هو، ۽ اُهي اڳتي وڌي نہ سگهيون هيون. انهيءَ مؤرخ جي مطابق مڪران جي فتح جو واقعو ويهارو ڪن سال پوءِ معاويہ جي حڪومت ۾ رونما ٿيو هو[25]. انهيءَ وچ ۾ مسلمانن جي دٻاءَ جو رخ قلات ۽ ان کان متي اُتر واري ملڪ طرف ٿي ويو، ۽ اوڏانهن اُهو وڌندو رهيو. ٻئي طرف، البلاذري اسلام ۽ سنڌ جي درميان پهرين مقابلن جو وقت، ديبل تي سمنڊ رستي ڪيل ڪاهہ جي صورت ۾، هجري سن جي پندرهين يا سورهين سال ۾ ڏيکاري ٿو. پر هو اُنهن بيانن جي سلسلي ۾ انهيءَ زماني جي سنڌ جي بادشاهہ بابت ڪجهہ بہ نٿو چوي. "چچ نامي" ۾، بهرحال، انهيءَ واقعي کي چچ جي حڪومت واري دؤر ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ۽ هن جي طرفان سنڌ جي تخت کي قبائڻ واري واقعي کي هجري سن جي ٻئي سال (يا ٿي سگهي ٿو تہ هجري سن جي ڏهين سال) سان منسوب ڪيو ويو آهي.

صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جي انهيءَ دؤر جي واقعن متعلق لکندڙ لاءِ مختلف تاريخي سَندن جي بيشمار اختلافن ۽ تضادن ۾ مطابقت آڻڻ ناممڪن آهي.

توڙي ڪٽي اسين "چچ نامي" جي سالن کي، جيئن انهن ۾ ايليٽ طرفان ترميم ڪئي ويئي آهي، بنيادي طور صحيح قبول ڪريون، تڏهن بہ اسان کي اها ڳالهہ مجبور ٿي تسليم ڪرڻي پوندي تہ يوئان چوانگ غلط فهميءَ وچان برهمڻ چچ کي سودر سمجهيو هو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ جڏهن اهو ياتري دؤري تي آيل هو، اهو چچ ئي سنڌ جو حڪمران هوندو، جنهن پس منظر ۾ ۽ جنهن تفصيل سان اِها ڳالهہ لکي ويئي آهي، اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نالن جي اها تبديلي، ڪنهن نقل نويس جي غلطيءَ ڪري، سڌي سنئين نموني هڪ ذات جي بدران ٻيءَ ذات جي لکجي وڃڻ جهڙي غلطي نٿي ٿي سگهي. اسان کي عرب تاريخ نويس جي مزيد انهيءَ بيان کي بہ رد ڪرڻو پوندو، جنهن موجب سنڌ جي هڪ راجا سن 643ع ڌاري مڪران ۾ وڃي شڪست کاڌي، ۽ اُتي مارجي ويو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ چچ ئي راجا هوندو ۽ هو ڪنهن بہ اهڙي جنگ ۾ ملوث ڪونہ ٿيو هو. اِنهيءَ ڳالهہ کي هن طرح سمجهڻ سان البت انهن تضادن ۾ مطابقت آڻي سگهجي ٿي، تہ اها سچي ڳالهہ سنڌي داستانن مان ڪنئي ويئي هئي، ۽ ان ۾ رنگ پري هڪ اهڙيءَ عرب فتح طور پيش ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا خيالي هئي ۽ ڪڏهن وقوع پذير ٿي ئي نہ هئي.

مسٽر بي. ڊي. مير چنداڻي انهن دشوارين کي خيال ۾ ئي نٿو آڻي، ڇاڪاڻ تہ هن جي راءِ ۾ "سن-تُو" نالي ملڪ، جنهن ۾ يوئان چوانگ آيو هو ۽ جنهن جو هن ان جي ماتحت ۽ مفتوح علائقن سميت بيان ڏنو آهي، سو راءِ گهراڻي وارن جي ملڪ سنڌ کان بلڪل ٻيو ۽ هڪ مختلف ملڪ هو. هن کي يقين آهي تہ اهو پورين ملڪ ئي ان زماني ۾ برهمڻ ڇچ جي حڪمرانيءَ هيٺ هو، جڏهن يا تري "سِن - تُو" ۾ ويو هو، جنهن جو راجا سودر فرقي جو هو. يوئان چوانگ طرفان ان ملڪ جي "جابلو لوڻ" (سينڌي لوڻ) جو جيڪو ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن جي روشنيءَ ۾ دعوي ڪئي ويئي آهي تہ اهو "سِن-تُو" نالي ملڪ ضرور پنجاب ۾ هوندو. پر هڪ اها ڳالهہ ان کي "ڇچ نامي" واريءَ سنڌ بادشاهيءَ کان جدا ٻئي ملڪ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي، جنهن جي ملتان پر ڳٽي لاءِ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ ان جي سرحد لوڻ وارين ٽڪرين کان بہ پرتي ڪشمير سان لڳندي هئي. جيڪڏهن "سِن - تو" نالي وارو ملڪ ديره جات سان ٺلهي ليکي بہ مطابقت رکي ها ۽، جيئن مسٽر مير چنداڻيءَ راءِ ڏني آهي، جيڪڏهن "اي-تئين-پو ٽچي-لو" لسبيلو هجي ها، تہ پوءِ اها ڳالهہ سمجهڻ مشڪل ٿي پوي ٿي تہ ياتري "سِــن-تـو" کان سڌيءَ طرح، يعني "ڇچ نامي" واريءَ سنڌ بادشاهيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن علائقي، جهڙوڪ سيوستان صوبي جي ٻُڌيہ يا وري "آ-فين - تفو" ۽ "پي - تو - شيهہ - لو" وڃان، جن کي مسٽر مير چنداڻي ڪڇي ۽ جهالان وارا ماتحت صوبا سمجهي ٿو، گذرڻ کان سواءِ اُتي ڪيئن پهتو! ڇاڪاڻ تہ ياتري "لينگ - تئن - ڪا - لو" جي ڏورانهين ملڪ کان موٽڻ تي، جيڏانهن هو "اي - تئين - پو - ٽچي - لو" کان ٿيندو ويو هو، فقط انهن نالن وارن ٻن پرڳڻن وڃان ئي لنگهيو هو. وري، ياتري لکي ٿو تہ آخري نالي وارو صوبو نہ فقط "سمنڊ جي ويجهو هو"، پر "سنڌونديءَ تي" ٻڻ آباد هو. ۽ لسبيلو ائين (سنڌونديءَ تي آباد) ناهي.

آخر ۾، جيڪڏهن ائين سمجهجي تہ "سِن-تو" ٻڌ ڌرم واري راءِ گهراڻي جي سنڌ بادشاهيءَ کان بلڪل ٻيو ملڪ هو، تہ پوءِ ڇا، اها ڳالهہ عجيب و غريب معلوم نہ ٿيندي، تہ يوئان چوانگ پنهنجي ياترا جي سفر ۾ ٻڌ ڌرم جي مڙهين ۽ ٿُلهن سان ڀريل آخري نالي واري انهيءَ ملڪ کي ائين ئي نظرانداز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو، جنهن جون اهي ٿي مڙهيون ۽ نَسل، جيڪي سندس يا تِرا جي زماني ۾ آباد ۽ انسانن سان ڀريل هئا، اڄ به، جيڪڏهن اسين چاهيون ته، اسان جي ڏسڻ لاءِ موجود بيٺا آهن؟ توڙي ڪٽي اهو ملڪ انهيءَ زماني ۾ هڪ برهمڻ حڪمران جي ماتحت هو، پر اُهو (چچ) تعصبي نه هو، ۽ سنڌ جا امير امراءَ ۽ عام رعايا ۽ ماڻهو ته ٻُڌ ڌرم جا عقيدتمند هئا [26].

ائين پيو نظر اچي ته مسٽر مير چنداڻيءَ جو ٻن علحده ۽ مختلف بادشاهين جو هيءَ نظريو انهيءَ دور جي تاريخي واقعن جا جيڪي سَـنَ ۽ خصوصاً راءِ جي تخت تي چچ جي غاصبانه قبضي جو جيڪو سال "چچ نامي" ۾ ڏنل آهي، ان تي بنهه اکيون پوري اعتبار ڪرڻ جو سڌو سنئون نتيجو آهي. آءٌ ايندڙ بابن ۾ خود "چچ نامي" جي اندروني شهادت مان اهو ڏيکارڻ جو ارادو رکان ٿو ته انهيءَ "تذڪري" جو، هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت ۾، قدر ۽ درجو محدود آهي، ۽ تفصيلن جي سلسلي ۾ ته اهو بنهه ناممڪن ڳالهين سان ڀريو پيو آهي.

اُنهن ناممڪن ڳالهين جو مجموعي اثر تمام گهٽو ٿو ٿئي، اسين هن اندازي ڪرڻ تي مجبور ٿيون ٿا ته يوئان چوانگ جي سنڌ جي ياترا وقت راءِ سهاسي ٻيو اتان جو بادشاهه هو، ۽ هو عربن سان جنگ ڪندي سن 643ع ۾ مارجي ويو. هن لاءِ مڪران جي "مَلڪ" جي مدد لاءِ وڃڻ جو سبب لسٻيلي ۾ سندس پنهنجي ٿي علائقي جو بچاءُ ڪرڻ هوندو [27]. چاڪاڻ ته اها غير امڪاني ڳالهه ناهي ته اُهو سنڌ جي سيستان صوبي جوئي هڪ ڀاڱو هو. اُن ڪان اڳ، اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن ايران جي حڪومت "هڪ عورت جي هٿن ۾ هئي"، سنڌ جي حڪمران جي ڪرمان ڏانهن فاتحانه مهم اها زبردست پيشقدمي، جيڪا "چچ نامو" چچ ڏانهن منسوب ڪري ٿو، عين ممڪن آهي ته راءِ سهرس يا سندس پيءُ طرفان اختيار ڪئي ويئي هئي. ٿي سگهي ٿو ته اُها ڳالهه هن واقعي جي روشنيءَ ۾ ائين هجي، جو "تاريخ-گُزيده" ٻڌائي ٿي ته مڪران جي سرڪار سنڌ جي ماتحت هئي. ٻئي طرف يوئان چوانگ جڏهن "يينگ-ڪا-لو" (لسٻيلي ۽ مڪران) وچان لنگهيو هو، تڏهن ڪيس اهڙي ڪنهن تعلق جي ڄاڻ نه هئي، ۽ ممڪن آهي ته اِهو تعلق هونئن ڪافي حد تائين ختم ٿي ويو هجي، پر وقت ٻئي اُهو وري اِئين نئين سرتازو ٿي پيو هجي.

انهيءَ جي آڌار تي اسان کي "چچ نامي" ۾ بيان ڪيل چچ جي بادشاهيءَ

جي سال ۾ ان جي متعدد واقعن جي سالن کي رد ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ ملندو. ايندڙ باب ۾ اسين ڏسنداسين تہ عين ممڪن ڳالھہ ھيءَ آھي، تہ اُنھن برھمڻن جن اِھا معلومات مھيا ڪئي، جنھن جيءُ بُنياد تي اُن قديم تحرير، يعني "چچ نامي" جو اُھو حصو اِئين بيھاريو ويو. تن جو مقصد ھُن کي سندس ٻُڌ ڌرم وارن پيشروئن جي پيٽ ۾ ھڪ عظيم بادشاھ طور پيش ڪرڻ ھو ۽ اُن ئي خيال کان ھُنن سندس بادشاھيءَ جي مدت کي اصلي مدت کان ذري گھٽ ٻيڻو ڪري ٻڌايو ھو. ائين پيو معلوم ٿئي تہ عرب تاريخ نويس چچ جي باري ۾ جيڪي ڪجھہ ٻڌو، تنھن ھن کي ڪافي ۽ وھي وڏو ھو. ۽ ھن اُنھيءَ برھمڻ کي ھڪ "شاھاڻي ڪافر" جي ڪردار ۾ پيش ڪرڻ لاءِ، ھن جي داستان ۾، خود پنھنجي عرب قوم جي ذوق جي معيار مطابق، ڪافي گھٽيءَ رومانوي رنگ آميزيءَ ڪم ورتو آھي.

نوٽ

(1) "جرنل آف دي ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال"، جلد، XVI ص. 80.

(2) ايس. ايس. هوديوالا، "اسٽڊيز اِن انڊو–مسلم هسٽري"، ص. 1 - 80، سي. ايف. ريورٽي، "نوٽس آن افغانستان"، ص. 4 - 563.

(3) بي. ڊي. ميرچنداڻي، "سنڌ اينڊ دي وائيٽ هَنس"، جرنل آف دي ايشياٽڪ سوسائٽي آف بامبي، 5 - 1964ع ۾، ص. 85 - 61، سي. ايف. راپسن، "انڊين ڪوائنس"، ص. 1 - 30، ڪننگھام "ليٽر انڊو–سٿينس، وائيٽ هَنس، آر ايفٿيلائيٽس، نيو مسمئٽڪ ڪرانيڪل ۾ 1894، ص. 93 - 243 تائين، سي. وي. وئديہ، "هسٽري آف مڊي ويئل انڊيا"، ج. 1 ص. 19. ۽ مير چنداڻيءَ طرفان ڏنل حوالن واريون ٻيون سَندون.

(4) گُرجرن لاءِ ڏسو ونسيٽ سمٿ جو مضمون، جي. آر. اي. ايس. 1909، ص. 6 - 53، 281 - 247 ۾. ولِيي لاءِ سمٿ جي "ارلي هسٽري آف انڊيا" ٻيو ڇاپو، ص. 6 - 295.

(5) "چچ نامو". ترجمو مرزا قليچ بيگ، ڪراچي، 1900ع، ص. 11. هن ڪتاب جو اصلي نالو "فتح نامہ سنڌ" هو. اهو ڪتاب، جيڪو سنڌ جي عرب فاتح محمد بن قاسم جي ساٿين مان هڪ جي پوٽين وٽ الور ۾ سانديل هو، سو نامعلوم سال ۾ لکيل هڪ عربي مخطوطي مان علي بن محمد ڪوفيءَ طرفان

سن 613 هه ۾ فارسيءَ ۾ ڪيل ترجمو هو. تفصيلن لاءِ بهتر آهي ته مرزا جي انگريزي ترجمي کي يو-ايم دائود پوٽي جي فارسيءَ ۾ لکيل جديد تنقيدي ڇاپي، ۽ مخدوم امير احمد ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سنڌي ترجمي سان جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سن 1954ع ۾ ڇاپيو ويو آهي، ڇڪاسي ڏسڻ گهرجي.

(6) "تحفة الڪرام" جي مطابق اها جنگ ڪيچ وٽ لڙي ويئي هئي. جي. ايس. بي، جلد، IXV، ص. 79.

(7) فردوسي، "شاهنامه"، ترجمو وارنر، ج، IV، ص. 3 - 241، 297.

(8) جي. اي. ايس - بي XVI، ص. 79.

(9) سر ايس.يليٽ "هسٽري آف انڊيا"، ج، 1، ص. 139.

(10) جي.اي.ايس.بي، ج، XIV.

(11) ايڇ.يورٽي، "دي مهران آف سنڌ ائنڊ اِٽس ٽربيوٽريز"، ص. 488، نوٽ، 566.

(12) ايليٽ، ص. 4 - 413.

(13) بحواله يوئان چوانگ جو ڪوسلا، وليپي، ڪپيسا، ۽ گرجرا بابت بيان (جيولين، واٽي دي هيائوئين ٽسانگ، ص. 185، 370، 392، 409). برهمڻ کي "پو.لو.ين" لکيو ويو آهي، ايضاً، ص. 391، سي.ايف، پڻ ڏسو ص. 451، "مو - تي - پائو - لو" (ماتي پور) جي بادشاهه کي "سِيوتيءَاو-لو" (سودرا) چيو ويو آهي. ايضاً، ص. 1-420.

(14) ايم. ريناڊ. ته بنان ڪنهن رڪ رڪاءَ جي چيو آهي، ته "هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته...سودر هو" "ميمائير سر ايل انڊي" ص. 153.

(15) جيولين، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 409، 370.

(16) ٽي. واٽرس، "آن يوئان چوانگس ٽرئولس ان انڊيا" (لنڊن 1905ع). واٽرس جي اعتراضن جي باوجود هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ٽي نٿو سگهي ته "مائو - لو - سان - پو - لو" ملتان هو.

(17) واٽرس، مٿي ڏنل حوالي واري ڪتاب، جو ج، 2، ص. 3-252، سي. ايف. ڪننگهام، "اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا"، ص. 249، 259 هيگ، "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص. 34.

(18) ٽي. واٽرس، مٿي ڏنل حوالي وارو ڪتاب، ج 2، ص. 8، 257.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوئان چوانگ بهرحال، چوي ٿو تہ اهو ملڪ ايران جي ماتحت هو.

(19) ٽي. واٽرس حوالي ڏنل ڪتاب، ج، 2، ص. 3 - 252.

(20) جيولين، حوالي ڏنل ڪتاب، ص. 450.

(21) ريورٽي، "نوٽس آن افغانستان"، ص. 9 - 568، ريناڊ، "ميمائير سر ايل. انڊي"، ص. 171.

(22) ايليٽ، ج، 2، ص. 9 - 416، ريورٽي، "نوٽس آن افغانستان"، ص. 568.

(23) ونسينٽ سمٿ، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، بيو ڇاپو، ص. 9 - 328، ريورٽي، "دي انوينشن آف چيس" (شطرنج جي ايجاد) جي. اي. ايس. بي (1902ع) ص. 9 - 48، 52.

(24) ڊاڪٽر ايچ. سي. ري. راءِ ڏئي ٿو تہ راءِ گهراڻو سن 643ع ۾ ختم ٿي ويو. جنهن مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ مڪران واريءَ لڙائيءَ ۾ راءِ سهاسي بيو مارجي ويو هو. ۽ اُهو ئي موقعو ڇچ جي تخت غصب ڪرڻ جو هو. پر انهيءَ لاءِ ڪابہ سَن ـَد موجود ڪانهي. ري، "ڊنائيسٽڪ هسٽري آف ناردرن انڊيا" ج، 1، ص. 45.

(25) البلاذري چوي ٿو تہ اِهو صوبو صنعان پٽ سَلمہ طرفان فتح ڪيو ويو هو ۽ انهيءَ تي قبضو بہ اُن ڪيو هو. جنهن کي معاويہ جي ماتحت پاءِ فارس جي مشهور وائسراءِ، زياد. سرحدي لشڪر جو مهندار مقرر ڪيو هو. پر هو لکي ٿو تہ ابن الڪلبي انهيءَ فتح جو سهرو حَـڪم بن جلال العابديءَ جي مٿي تي رکي ٿو. "هسٽورينس آف سنڌ"، ج. 1. (ايليٽ ائنڊ ڊاسن، ايڊٽ) سوسيل گپتا، ڪلڪتا 1955ع، ص. 18.

(26) بي.ڊي.ميرچندائي "هيوئن تسيانگ جي سِن-تو بادشاهيءَ جي سجائپ". جرنل آف ايشيائڪ سوسائٽي آف بامبي، ج، 40 - 39، 5 - 1964.

ايضاً "آن هيوئن تسيانگس ٽرئولس ان بلوچستان" جرنل آف انڊين هسٽري، XLV، ڀاڱو 2، نمبر: 134. آگسٽ 1967. ڏسو چچنامہ (قليچ بيگ) ص. 11 - 10.

(27) يوئان چوانگ طرفان "پي-تو-شيه-لو" جي متعلق ڏنل بيان لسبيلي سان نهڪي ٿو اچي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چچ جو قبضو

سنڌ جي راءِ گهراڻي پنهنجي جاءِ برهمڻ حڪمرانن کي ڪهڙيءَ طرح ڏني، تنهن جي متعلق اسان وٽ فقط هڪ [1] ئي بيان آهي. انهيءَ بيان جي رومانوي دلچسپيءَ هڪ نوجوان خوبصورت پنڊت جي ڪهاڻي، جنهن قسمت جي چڪر مان خوب فائدو ورتو ۽ هڪ طاقتور بادشاهه بڻجي وينو. هن جي نالي کي هڪ اهڙي ڪتاب جي اصلوڪي نالي جي جاءِ ڏني آهي جنهن جو تعلق هندستان ۾ مسلمانن جي فتوحات سان آهي. "فتوحات جو ڪتاب" ڦري "چچ جو ڪتاب" بڻيو آهي. ان جي باوجود هن حڪمران جو نالو تاريخ ۾ ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪونه ٿو ملي. "ڪشميري تذڪري" ۾ هڪ مقامي غاصب جو ذڪر ملي ٿو، جنهن جو نالو "ججا" آهي، ۽ جنهن اٽڪل ٽن سالن تائين پنهنجي پيٽيوئي، جڏهن پدا جو تخت والاريو. پر اُنهيءَ لکت ۾سنڌ جي همسايه بادشاهيءَ جي واقعن جو ڪوبه حوالو نٿو ملي [2].

هن ڳالهه جو وڏو امڪان آهي ته "جَجا" انهيءَ نالي جي صحيح صورت آهي، جنهن کي مسلم مصنف اسان تائين "چچ" [3] جي صورت ۾ پهچايو آهي، ۽ جنهن لاءِ اسين سمجهون ٿا ته اُهو هن جي سڪي ٽي اُڪريل هوندو. پر سنڌ جي برهمڻ بادشاهن جو ڪوبه سڪو هن وقت تائين دريافت نه ٿيو آهي.

انهيءَ ڪري اسان "چچ نامي" جي انهيءَ حصي جي صداقت يا عدم صداقت جو اندازو، انهيءَ معلومات سان جيڪا اسان کي پاڙيسري ملڪن جي حالات ۽ واقعات، ۽ خاص طرح بلوچستان ۾ عربن جي ڪاروائين متعلق، حاصل آهي، خود ان جي اندروني شهادتن کي پيش ڪرڻ بعد لڳائي سگهون ٿا.

جيئن اسان ڏٺو آهي، راءِ سهاسي بيو پنهنجي پيءُ جي مرڻ تي ان جي پوريءَ بادشاهيءَ جو وارث بڻيو، ۽ هن جي بادشاهيءَ جو زمانو امن اَمان وارو رهيو. هن جي بادشاهيءَ جي امڪاني مدت متعلق سڄي گهراڻي جي حڪومت جي دؤر کي خيال ۾ آڻڻ سان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري اُن گهٽ اهميت واري سوال کي تيسين پاسيرو رکي، پهريائين اُن وڏيءَ اهميت جي مسئلي کي نبيرڻ ضروري ۽ مناسب ٿو لڳي. راءِ وٽ رام نالي هڪ برهمڻ

وزير هوندو هو. جيڪو ائين پيو معلوم ٿئي ته هن جي پاران مڪمل اختيارات جو مالڪ هو. انهيءَ اعليٰ درجي واري امير وٽ هڪڙي ڏينهن هڪ نوجوان برهمڻ اچي حاضر ٿيو. هو الور جي پر پاسي ۾ رهندڙ هڪ برهمڻ خاندان جو فرد هو. هن جو پيءُ سيلاج ۽ ڏاڏو چندر هڪڙي مندر جا خدمتگار هئا، ۽ هيءُ يعني ڇڄ. ذڪر ڪيل وڏي وزير وٽ نوڪريءَ لاءِ ويو هو. اتفاق سان هن کي پهرينءَ ئي ملاقات ۾ پنهنجي قابليتن جي مظاهري ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. هن رام جي اڳيان پاڻ کي ڏاڍيءَ خوبيءَ سان موڪيو. جنهن تي هن کي هڪدم نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. ٿورو ئي عرصو پوءِ، وزير هڪ اهڙي موقعي تي غير موجود هو، جڏهن راءِ کي هن جي خدمت جي تڪڙي ضرورت هئي ۽ انهيءَ موقعي تي ڇڄ هن جي نمائندگي نهايت ڪاميابي سان ڪئي. تنهن تي راجا خود نوجوان ڇڄ جي نوڪري نائب وزير جي حيثيت ۾ پڪي ڪئي، رام پنهنجون گهريون ذميداريون اهڙي قابل هٿن ۾ سونپڻ ۾ پاڻ راضي ٿيو. ۽ هن نيٺ پوڙهي وزير جي مرڻ تي، ڇڄ بلڪل قدرتي طور هن جي جتيءَ ۾ وڃي پير وڌو. انهيءَ اهم ۽ مکيه عهدي تي پهچي، هن پنهنجي شهرت اچا به وڌائي. "هو عام رعايا سان شرافت، نهٺائيءَ ۽ رحمدليءَ سان پيش ايندو هو. تان جو ٿوري ئي عرصي ۾ هن جو سڄي بادشاهيءَ تي مضبوط قبضو ٿي ويو ۽ هن جو حڪم هرڪو ئي مڃڻ لڳو".

ڇڄ جي زندگيءَ ۾ انهيءَ وقت ڦيرو آيو. جڏهن راءِ سهاسيءَ هن کي پنهنجي رائيءَ، سُهنديءَ جي موجودگيءَ ۾ ملاقات جو شرف بخشيو. جيڪا شين نوجوان خوبصورت برهمڻ تي عاشق ٿي پيئي. شاهي جوڙو بي اولاد هو ۽ سهاسي مڪمل طور پنهنجي زال جي اثر هيٺ هو. جيڪا بظاهر زوردار ارادي ۽ اوڏي ئي زوردار جذبي ۽ جوش جي مالڪ هئي. ان کان پوءِ واقعات انساني فطرت تي مبني دنيا جي بين به سوين عشقي افسانن جي طرز تي هڪبئي جي پٺيان رونما ٿيا. رائيءَ هڪ حرفتي دلالڻ جي ذريعي ڇڄ ڏانهن پيغام روانو ڪيو. ڇڄ هن کي اهڙو جواب موڪليو. جنهن ۾ اهڙن جذبن جو اظهار هو. جيڪي سنڌس صورتحال جي مطابق هئا. هن لاءِ پنهنجي آقا جي زال سان سازش ۾ شريڪ ٿيڻ جو خيال ئي نفرت لائق هوـــ جاڪاڻ ته هو هڪ وفادار نوڪر، هڪ هوشيار ماڻهو ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ برهمڻ هو "آءٌ اهو شرمناڪ

۽ نفرت جوڳو ڪم ڪري پاڻ کي داغ نہ لائيندس. تون ڪڏهن بہ مون مان اهو مقصد حاصل نہ ڪري سگهندين“. پر هُن جيڪي ڪجهہ چيو، ۽ بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي جيڪي بہ محسوس ڪيو. تنهن جو سچو اثر عشق ۽ محبت جي سڪايل راڻيءَ جي هن منت ڪرڻ تي هاڪار ۾ ختم ٿي ويو. تہ هو جنهن وقت راجا جي حاضريءَ ۾ اچي، تڏهن ڪيس پاڻ سان ملاقات جي اجازت ڏئي. ان کان پوءِ مخفي ملاقاتون شروع ٿي ويون. ۽ چچ جا سڀ مضبوط ارادا پاڻي ٿي ويا. سهاسي پنهنجي راڻيءَ توڙي وزير جي وفاداريءَ ۾ يقين رکندو هو. ان ڪري هو بيءَ هر ڳالهہ ڏانهن انڌو هو. چچ ۽ راڻي پنهنجي ليڪي هوشياريءَ سان هلي رهيا هئا. ۽ جيتوڻيڪ هڪ درباريءَ کي شڪ پئجي چڪو هو ۽ هن راجا کي اهڙو اشارو بہ ڏنو تہ معاملو ڪجهہ گڙٻڙ آهي، پر هو ڪنهن تي بہ ڪن ڏرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. چچ وزير جي حيثيت ۾ پنهنجا فرض ادا ڪرڻ ۾ اڳي کان بہ وڌيڪ محنت سان ڪم ڪندو رهيو. ۽ جيئن تہ هن کي بادشاهہ جي مڪمل پنيرائي ۽ پورو پورو اعتماد حاصل هو. ان ڪري سنڌ ۽ ان جي ماتحت علائقن تي هن کي مڪمل ۽ مطلق اختيار حاصل رهيو.

اتفاق سان سهاسي بيمار ٿي پيو. ۽ راڻيءَ کي ڏاڍو فڪر اچي لڳو. هُن چچ جو ڌيان اِن طرف ڇڪايو تہ جيئن تہ بادشاهہ بي اولاد آهي، ان ڪري هن جي مرڻ تي تخت وتاج سندس ويجهن عزيزن مان ڪنهن نہ ڪنهن کي ورثي ۾ ملندو ۽ اُهي سڀ راڻيءَ جا بدخواهہ هئا. هو راڻيءَ کي پنهنجي ملڪيت کان محروم ڪندا ۽ شايد هُن کي زندهہ بہ نہ ڇڏين. ٻئي طرف، جيڪڏهن چچ هن سان گڏجي مضبوطيءَ ۽ همت سان اُن بحران جي وقت ۾ ڪم ڪندو. تہ اُن صورت ۾ هو نہ فقط ڪيس بچائي سگهندو، پر اُن سان گڏ تخت ۽ تاج تي بہ سندس پنهنجو قبضو ٿي سگهندو. چچ کي اهو خيال آيو هوندو تہ جيڪڏهن سهاسيءَ جي مائٽن مان ڪو هن جو جانشين بڻيو، تہ اُن صورت ۾ راڻيءَ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ صورتحال خود سندس لاءِ پيدا ٿيندي. پوءِ تہ هنن گڏجي، جيئن راجا ڪمزور ٿيندو ويو، هن جي حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ ۽ ان تي قبضي ڪرڻ جي سازش سِٽي. منصوبو سڄو سُهنديءَ جو سٽيل هو، ۽ چچ محض هن جي چوڻ تي عمل ڪري رهيو هو. ممڪن آهي تہ قديم لکت ۾ بيان ڪيل اُهي طريقا، جن تي هنن عمل ڪيو، دل مان گهڙيل افسانا هجن. پر

منصوبي جا ڪجھ عنصر نمايان طور امڪاني نظر اچن ٿا. راجا جي موت کي راز ۾ رکيو ويو. سندس علاج ڪندڙ طبيبن کي محل ۾ نظر بند ڪري ويهاريو ويو. ۽ راڻيءَ ۽ وزير پنهنجن اعتبار جوڳن ملازمن ۽ ساٿين سان گڏجي راجا جي انتهائي با اثر مائٽن کي دوکي سان محل اندر گهرائي قيد ڪيو. ۽ پوءِ اهو اعلان ڪيو تہ راءِ سهاسي صحتياب ٿي رهيو هو، پر هن کي پنهنجي خلاف سازش جو سراغ مليو هو، جنهن مطابق سندس اُهي مائٽ ڪيس قتل ڪرڻ جو منصوبو سِٽي رهيا هئا! اُن ڪان پوءِ اُنهن سيني کي، راجا جي فرضي حڪمن هيٺ، هڪدم قتل ڪرايو ويو. ۽ جيئن تہ گهٽي وقت کان وني ڇچ جي قول کي خود سندس آقا جو چيو ڪري سمجهيو ويندو هو. ڇچ جي اهڙي بيان عام طور سچ سمجهي قبوليو ويو. ۽ پوءِ هــن ڏوهہ جي سازش ۾ سيني شريڪ ماڻهن کي وڏا وڏا انعام ۽ اڪرام ڏنا ويا. جن ۾ اُهي ماڻهو بہ شامل هئا. جن غلط فهميءَ ۾ ڪم ڪيو هو. ۽ اهي پڻ، جيڪي ڇاڻي ٻجهي ڇچ جي مفاد ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. پوءِ سڄيءَ بادشاهيءَ جي سيني وڏن وڏن جاگيردارن ۽ نوابن کي ڪوٺايو ويو ۽ کين اهو اطلاع ڏنو ويو تہ راءِ سهاسيءَ کي اجا بہ صحتياب ٿيڻ جي اميد آهي، پر هُن اُنهيءَ وچ ۾ ڇچ کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو آهي، راڻيءَ وري، اُنهيءَ موقعي تي گهٽن ئي با اثر نوابن ۽ دوستن تي فراخدلانا انعامن ۽ اڪرامن جي بارش ڪري، ڳالهہ کي بهتر بنايو. ۽ انهن ماڻهن کي جاگيرون عطا ڪيون، جنهنڪري انهن سيني وفاداريءَ ۽ فرمانبرداريءَ جو حلف کنيو. ڪجھ وقت کان پوءِ بادشاهہ جي موت جو اعلان ڪيو ويو. اسان کي اهو اندازو ڪرڻ گهرجي تہ هن جي لاش کي خفيہ طور اڳيئي ساڙيو ويو هوندو، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي آب و هوا انهيءَ معاملي ۾ دير مدار جي اجازت نہ ٿي ڏيئي سگهي. اهو نظر نہ ٿو اچي تہ سازشين راجا جي لاش جي ڪوڙي ۽ جعلي جلوس جو انتظام ڪيو يا پاڻ کي ايتريقدر طاقتور سمجهيو. جو اها پرواهہ نہ هين تہ ماڻهو اُن باري ۾ ڇا سمجهندا. سندن خيال ۾ هڪ ئي ڳالهہ هئي، جنهن جي پورائيءَ ۾ هو هر طرح جي اهتمام ۾ لڳا رهيا. پوءِ ماڻهو پلي تہ جيئن وڻين تيئن وڃي سمجهن.

تخت ۽ تاج کي قبائڻ جي سلسلي جو اهو پهريون مرحلو اهڙيءَ طرح ڪاميابيءَ سان سر ڪيو ويو. انهيءَ نقطي تائين ڪهاڻيءَ جو قدر، سچي پچي

تاريخ جي عڪس طور، ان جي امڪاني ۽ غير امڪاني هئڻ جي متعلق اسان جي پنهنجي ذاتي خيالن کان وڌيڪ مضبوط ٿي ڪنهن معيار ۽ پيماني سان نہ تو ماپي سگهي. ليڊي مئڪبيٿ وانگر مضبوط قوت ارادي رکندڙ ڪيترين ئي هندستاني راڻين جون اهڙيون حوصلا مند ڳالهيون مشهور آهن، جن پردي جي پنيان رهندي واقعات کي پنهنجي مرضيءَ موجب ٿي موڙيو ۽ مرتب ڪيو آهي. ڪيترن موقعن تي برهمڻ وزيرن بہ پنهنجن راجائن کي، جن جي خدمت ۽ وفاداريءَ جو اهي دم ڀرڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، تخت تان لاهي، سندن جاءِ ڀاڻ والاري آهي [4]. تي سگهي ٿو تہ ٿي ڪنهن برهمڻ جو اهڙو ساڳيو مثال نہ هجي، جنهن عين اهڙيءَ طرح رت جي درياهہ مان لنگهي، تخت تي ناجائز طور قبضو ڪيو هجي جيئن چچ ڪيو. پر چچ، هڪ ڀيرو پنهنجي ضمير جي خلاف عمل ڪري، ۽ زور آور سُهنديءَ جي تسلط هيٺ اچڻ کان پوءِ، حالات جي وهڪري ۾ اڳتي وڌندو رهيو. هو اِن سلسلي ۾ پاڻ کي ائين چئي سمجهائي پئي سگهيو تہ بين برهمڻن کي بہ، جيڪي بين هنڌن تي هندستان ۾ تخت تي قابض ٿي ٿيا. پنهنجي اعليٰ جاتيءَ جي مخصوص روايتن کي ترڪ ڪري، کشتري فرقي وانگر هلڻو چلڻو ۽ عمل ڪرڻو ٿي پيو. اسان کي اُنهيءَ زماني جي سنڌ جي سماج متعلق تمام ٿوري ڄاڻ حاصل آهي، پر بعد جي زماني جي تاريخ، جنهن تي اسين آثار رکي سگهون ٿا، ڏيکاري ٿي تہ هتان جا ماڻهو مجموعي طور شاهي خانداني انقلابن ڏانهن حيرت انگيز طور بي نياز ۽ بي پرواهہ رهيا آهن، ۽ سندن رتبي ۽ رسوخ وارا ماڻهو گهڻو ڪري اُڀرندڙ سج جي پوڄا ڏانهن مائل رهندا آيا آهن. چچ اڳيئي ثابت ڪري چڪو هو تہ هو حڪومت ڪري سگهڻ جو اهل هو، هاڻي هن اهو بہ ڏيکاريو تہ هو ملڪ جي وڏ گهراڻن نوابن ۽ خاندانن، تي اعتماد ڪرڻ ۽ سندن شان ۽ شوڪت کي گهٽائڻ بدران، ان ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ تيار هو.

ائين معلوم ٿي رهيو آهي تہ بادشاهي مرڪز واري سنڌ صوبي ۾ ماڻهو چچ جي حڪومت کي تسليم ڪري چڪا هئا. ۽ سابق حڪمران گهراڻي مان ڪي اهڙا شخص بہ بچيل ڪين هئا، جيڪي هن سان بادشاهي اقتدار جي سلسلي ۾ رقابت ڪري سگهن. جيستائين چئن ماتحت صوبن جو تعلق آهي، تہ اُتي الور واريءَ مرڪزي حڪومت جي اختيار ۽ اقتدار جو سڄو دارومدار

بادشاهه ۽ گورنرن جي مخصوص ذات ۽ شخصيت ۽ انهن جي درميان قائم ٿيل باهمي ذاتي تعلق جي نوعيت تي رهندو هوندو. راءِ جي وزير جي حيثيت ۾، ڇيو وجي ٿو تہ چچ جو انهن تي پورو پورو ضابطو قائم رهندو آيو هو. پر، بادشاهه جي نائب جي حيثيت ۾ هڪ مشڪوڪ نوعيت جي محلاتي سازش کان پوءِ، هو انهن جي وفاداري ۽ فرمانبرداري ترار جي زور کان سواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان ايترو جلد ۽ ايتريءَ آسانيءَ سان حاصل ڪرڻ جي اميد نہ ٿي رکي سگهيو.

انهيءَ وچ ۾، هن ڪي جو ڪجهہ حاصل ٿي چڪو هو، تنهن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻاهرئين حملي آور سان ڪيس مقابلو ڪرڻو پيو. اها حقيقت تہ ملڪ تي سندس قابض ٿيڻ کان ٿورڙئي پوءِ اِن قسم جو مقابلو ڪيس ڪرڻو پيو، هڪ دستوري ۽ فطري ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي، پر اُن مقابلي متعلق تذڪري ۾ جيڪي تفصيل بيان ڪيل آهن، تن مان گهٽاتڻا نهايت غير امڪاني معلوم ٿين ٿا. مختصر طور، چيو ويو آهي تہ "جِتور" جو بادشاهه راءِ سهاسيءَ جو ياءُ هو—پر اسان ڪي انهيءَ لفظ مان سوٽ جو مطلب وٺڻ گهرجي، جنهن کي راءِ سهاسيءَ جي موت جي خبر ڇهن مهينن کان پوءِ پهتي، هن جائز وارث هئڻ جي حيثيت ۾ سنڌ جي بادشاهيءَ جي پنهنجي لاءِ دعويٰ ڪئي، ۽ هڪ وڏي لشڪر سان ان تي چڙهائي ڪئي، ۽ هن چچ کان سندس اڌو پيش پوڻ جو مطالبو ڪندي، ڪيس سندس اڳوڻي وزارتي عهدي تي بحال رکڻ جي آڇ ڪئي.

هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ "جتور" مان مطلب "جئپور" آهي، ۽ نہ "چتور"، پر ٻنهي صورتن ۾ اُنهيءَ علائقي جي صحيح سڃاڻپ جي راهہ ۾ ڪجهڙي مشڪلات درپيش آهي. اهي ٻيئي جايون راجپوتانا جي اُيرندي طرف آهن ۽ ساڳئي وقت انهن علائقن ۽ سنڌ جي وچ ۾ عظيم گرجرا بادشاهي حائل هئي. انهن جا سردار گهڻو ڪري اُن بادشاهيءَ جي پاريهر حڪمران جا باجگذار ۽ شايد ڪشتري نسل جا هئا. هيءَ ڳالهہ انتهائي غير امڪاني معلوم ٿئي ٿي تہ اهڙي اعليٰ مرتبي وارا امير سنڌ جي گهٽ خاندان وارن راءِ بادشاهن سان شاديءَ ۽ سڱابنديءَ ذريعي تعلق رکندا هجن، ۽ هيءَ ڳالهہ ويتر وڌيڪ غير امڪاني نظر اچي رهي آهي تہ انهن جو بالا حاڪم پنهنجي سرحد وچان ڪين لشڪر سميت لنگهي سنڌ جي بادشاهي فتح ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي اجازت ڏئي ها.
هن ڳالهہ جو وڌيڪ امڪان آهي تہ جيڪڏهن اسين اُنهيءَ ملڪ کي سنڌ جي

پاڙيسري ملڪ طور تسليم ڪرڻ ۾ صحيح آهيون. جيڪو هن وقت جيسلمير جي نالي سان مشهور آهي. تہ پوءِ اها ڪوشش رمل جي سردار طرفان شايد سندس بالا حاڪم گرجرا قوم جي بادشاهہ سان طئي ڪيل انتظام ۽ سندس اڳواٽ منظوريءَ سان ڪئي ويئي هوندي (4/اي).

”تذڪري“ ڏانهن واپس ورندي، اسان کي جيڪي بيا مناظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، سي تاريخي رومان جي بهترين روايت مطابق آهن. پر ان جي باوجود هيءَ ڳالهہ تسليم ڪرڻي پوي ٿي تہ اهي واقعا انهن ڳالهين سان پوريءَ طرح نهڪن ٿا. جيڪي هن کان اڳ ۾ اچي چڪيون آهن. چچ پنهنجي محبوبا کان صلاح پڇي ٿو. سُهندي مٿس کلي ٿي ۽ چوي ٿي، ”آءٌ تہ پردي ۾ رهندڙ هڪ عورت آهيان. جيڪڏهن مون کي ٻاهر نڪري وڙهڻو آهي، تہ پوءِ منهنجا ڪپڙا پاءِ ۽ تون هتي ويهہ، ۽ پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي تہ آءٌ ٻاهر وڃي جنگ ڪريان...جڏهن هيءَ بادشاهي تنهنجي قسمت ۾ آئي آهي، تہ پوءِ توکي منهنجي مشوري جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پنهنجي ڪمر ڪشي هڪ گجندڙ شير وانگر ڪڏندو ٻاهر نڪر...پنهنجي دشمن جي صفن ۾ اندر گهڙي، اُنهن کي منجهائي ڇڏ. ۽ هڪ مرد وانگر اڳتي وڌ.“

اهڙيءَ طرح، شرمسار ٿي، چچ پنهنجو لشڪر گڏ ڪيو. ۽ ان جي مهنداري پاڻ ڪئي. اهڙي قصي جو هڪ دلچسپ خواهہ امڪاني واقعو هيءَ آهي تہ هاڻي هن مخالف ڌر جي نمايان ۽ اهم شخصيتن کي قيد مان آزاد ڪيو. جيڪي سابق حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ کان وٺي جيل ۾ رهيا هئا. ۽ هن ڪين انعامن ۽ اڪرامن سان نوازي ۽ ڪجهہ وعدا وعيد ڏيئي، سندن وفاداري ڳنهي ورتي. انهيءَ ڳالهہ مان گهٽ ۾ گهٽ هي اندازو ضرور ٿئي ٿو تہ ملڪ تي ڪاهہ ڪري ايندڙ کي اتان جي تخت تي جيڪا دعوائي هئي، سا خود چچ جي دعويٰ جي پيٽ ۾ وڏيڪ وزنائتي ڪانہ هئي.

ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ زبردست جنگ ٿي، ۽ جيئن تہ ڪنهن هڪ ڌر کي بيءَ جي مٿان نمايان فتح حاصل ٿيندي نہ پئي معلوم ٿي، ان ڪري ”مهارت بادشاهہ“ صلح جي شرطن طئي ڪرڻ لاءِ صلاح مشورو ڪيو ۽ اها تجويز پيش ڪئي تہ هو ۽ چچ دوبدو مقابلي ذريعي پنهنجون دعوائون طئي ڪن. چچ اها ڳالهہ قبول ڪئي. پر هِن هڪ شرط تي تہ، جيئن تہ هو هڪ

برهمڻ هو ۽ شهسوار نہ هو، ان ڪري هو بيئي پيادل مقابلو ڪن. اها ڳالهہ مهارت قبول ڪئي، پر حرفتي چچ پنهنجي سَئِـس جي هٿان پنهنجو گهوڙو پنهنجي پنيان گهرايو. ۽ جيئن ئي هو مقابلي لاءِ اڳتي وڌيو، تيئن آخري گهڙيءَ ۾ ٽپ ڏيئي گهوڙي تي چڙهي وينو ۽ ان کي ڪڏائيندو اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي مخالف کي ترار سان ڌڪ هڻي بہ اڌ ڪري ڇڏيائين. ان کان پوءِ سنڌ جي لشڪر هڪدم نئين سر حملو ڪري دشمن کي پڇائي ڇڏيو، ۽ چچ فاتح بڻجي الور واپس آيو. اهو واقعو اسان کي افضل خان سان شيواجيءَ جي دغابازيءَ واري مقابلي وارو واقعو ياد ڏياري رهيو آهي.

چچ هاڻي برهمڻڪو لباس لاهي اڇليو، ۽ "تذڪري" مطابق، هن کان پوءِ هن جي سڄي زندگي هڪ انهيءَ اصول جي آڌار تي قائم رهي تہ بادشاهہ لاءِ سڀڪجهہ مباح آهي. هن راڻيءَ سُهنديءَ سان شادي ڪئي، ۽ جيتوڻيڪ اها ڳالهہ مملڪتي معاملات جي سلسلي ۾، ۽ سندن ٻنهي جي هڪٻئي لاءِ محبت جي نقطي نگاهہ کان اڻٽر ۽ رواجي معلوم ٿئي ٿي، ان هوندي بہ، اُن زماني جي سخت سماجي روايتن کي خيال ۾ رکندي، هڪ برهمڻ جو هڪ رن زال سان ميل خيال ۾ اچي نٿو سگهي [5]. وري، اسان کي هيءَ ڳالهہ معلوم ڪري بہ، جيڪڏهن وڌيڪ نہ، تہ بہ اوڏي ئي حيرت لڳي ٿي تہ هن پنهنجي پاءُ چندر کي "جيڪو سيني تياڳي انسانن جو تاج" هو، پنهنجو مندر ڇڏي، سندس ئي ماتحت الور جي نائبي قبول ڪرڻ لاءِ بہ آماده ڪيو. ان کان علاوه، چچ طرفان پنهنجي پاءُ کي هن باري ۾ مطمئن ڪرڻ لاءِ تہ اهو سندس فرض هو، جيڪي دليل پيش ڪيا ويا آهن، سي هندو عقيدي جو پڌري پٽ هڪ فضول، بي سروپا ۽ غلط تعبير آهن. دراصل، جيئن جيئن قصو اڳتي وڌندو وڃي ٿو، تيئن تيئن تفصيلات ۾ جيڪي غير امڪاني ڳالهيون نظر اچن ٿيون، سي وڌنديون وڃن ٿيون.

چچ جو ٻيو قدم پنهنجي بادشاهيءَ جي ماتحت صوبن ۽ ڏورانهن پرڳڻن کي پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ هو. هُن لاءِ، جنهن کي سهاسيءَ جي وزيريءَ واري زماني ۾ بادشاهيءَ جون سڀ انتظامي ڳالهيون آڱرين تي ياد هيون، ۽ جيڪو بادشاهيءَ جي هر هڪ ڪنڊ ڪڙڇ تي مڪمل ضابطو رکندو هو، هاڻي ٻڌايو ٿو وڃي تہ هن کي پنهنجي بادشاهيءَ جي اڱوڻين سرحدن بابت پنهنجي وزير ٻُڌيمان سان صلاح مشوري جي ضرورت پيئي. ان مان هڪ

امڪاني نتيجو اهو نڪري ٿو تہ اُن ڪان اڳ ۾ جيڪي بہ چيو ويو آهي، تنهن جي باوجود سهاسي ٻئي جي وزير جي حيثيت ۾ چچ طرفان جنهن بادشاهيءَ تي حڪومت هلائي ويندي هئي، سا ذري گهٽ انهن ئي سرحدن تي مشتمل هئي، جنهن جو ذڪر يوئان چوانگ ڪيو آهي، ۽ سهاسي پهرئين جي زماني ۾ تہ بادشاهي گهٽي قدر وڌيڪ وسيع بہ هئي. ان جي باوجود، چچ اُنهيءَ بادشاهيءَ جي اڳوڻين حدن کان بہ بلڪل بي خبر تہ ڪونہ هوندو. هن مرحلي تي "تذڪري" ۾ بادشاه ۽ وزير جي واتان جيڪي تقريرون ڪرايون ويون آهن، سي محض رومانوي طرز ۾ لفظن جي اٿل پٿل آهن.

چچ طرفان سنڌ جي بادشاهيءَ جي ٻاهرين صوبن ۽ علائقن کي دوباره حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مهمون هلايون ويون، تن کي ڪافي حد تائين تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. سڀ کان اڳ ۾ هُن اُنهيءَ صوبي تي ڪاهہ ڪئي، جيڪو بياس نديءَ جي ڪناري ڪناري هو، ۽ هُن اُن جي ڏاکڻي ڪپ تي ٻيٺل قلعي "بابيا" تي حملو ڪيو. جنهن جي گورنر، نالي چٽيرايا چَتُر، هن سان جنگ ڪئي ۽ ان ۾ شڪست کاڌي. چَتر ڀڄي، وڃي قلعي اندر پناهہ ورتي، ۽ جڏهن ان جي گهيري کي ڪجهہ عرصو گذري ويو، تڏهن هو راتو رات قلعي مان ڪنهن طرح سان ڀڄي ويو، ۽ اَسڪلند نالي صوبي جي گاديءَ واري شهر ڏانهن وڃي نڪتو. چچ هن جي پٺيان ويو، ۽ پنهنجي هڪ حاشيا بردار سان، جيڪو انهيءَ هنڌ موجود هو، ان باري ۾ خط و ڪتابت ڪيائين، جنهن ۾ هن ڪيس وعدو ڏنو تہ جيڪڏهن هو چَتُر کي قتل ڪندو تہ ڪيس قلعي ۽ صوبي جو گورنر بنايو ويندو. انهيءَ سازش جي ڪاميابيءَ سان تڪميل ڪئي ويئي، ۽ شهر جا معزز چچ جي اڳيان پيش پيا، ۽ اُنهن نئين گورنر جي اطاعت ڪرڻ جو اقرار ڪيو.(6)

بادشاهہ هاڻي ملتان ڏانهن پيشقدمي ڪئي، جيڪو هڪ وڏي پرڳڻي جي گاديءَ جو شهر هو، جنهن تي باجيراءِ نالي هڪ حڪمران حڪومت ڪندو هو، ۽ چيو وڃي ٿو تہ اُهو راءِ سهاسيءَ جو ويجهو مائٽ هو. پهرين جنگ "سِڪا" نالي هڪ شهر تي قبضي ڪرڻ لاءِ ڪئي ويئي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ "اُيرندي طرف ملتان جي سامهون" هو. چچ بياس ندي پار ڪري ويو، ۽ دشمن، باجيراءِ جي پٽ سيهوال ۽ سندس سوٽ آجئہ سين کي، جنگي فن ۾

شڪست ڏيئي، ملتان طرف پيچائي ڪڍيو. انهيءَ وچ ۾ چچ "سڪا" قلعي تي حملو ڪيو، ۽ سنڌ جي هڪ اهر ۽ وڏ گهراڻي نواب کي انهيءَ شهر جي چارج وٺڻ لاءِ مقرر ڪيو. پوءِ هن راوي نديءَ کي پار ڪيو. جيڪا انهيءَ زماني ۾ ملتان جي ڏکڻ کان وهندي هئي، ۽ هن اتي راجا باجيراءِ جي مکيه لشڪر سان سخت جنگ ڪئي، جنهن کي پڻ آخر ۾ قلعه بند شهر ۾ پناهه وٺڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو.

اُن کان پوءِ هڪ دلچسپ واقعو ٿئي ٿو. چيو وڃي ٿو ته باجيراءِ ڪشمير جي بادشاهه کي هڪ خط موڪليو، جنهن ۾ هن ڪيس الور جي نئين بادشاهه، سيلاج برهمڻ جي پٽ چچ، جي خطرناڪ حد تائين وڌندڙ طاقت کان باخبر ڪيو ۽ مٿس زور پريو ته هو پنهنجي مفاد خاطر ملتان جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو لشڪر ڏياري موڪلي. پر ڪشمير جو بادشاهه، باجيراءِ جي پيغام پهچڻ کان ٿورو وقت اڳي ئي مري ويو هو، ۽ سندس جانشين هڪ نابالغ ڇوڪرو هو، ۽ هن جي بادشاهيءَ ۾ ان وقت زبردست گڙٻڙ هلي رهي هئي. مطلب ته ڪشمير اُنهيءَ موقعي تي ڪابه امداد ڏيئي نه پئي سگهيو ۽ باجيراءِ کي دشمن سان صلح ڪرڻ ۽ سندس هڪ شرط منظور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو، جنهن مطابق هو، پنهنجن دوستن ۽ پوئلڳن سان گڏ، محفوظ پهري هيٺ، ملڪ ڇڏي، ڪشمير ڏانهن هليو ويو. چچ پنهنجن راجپوت سردارن منجهان هڪ کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو.

اسان کي "ڪشميري تذڪري" جو مطالعو ڪندي هن واقعي سان مطابقت رکندڙ ڪوبه واقعو نظر نٿو اچي. معلوم ٿئي ٿو ته چچ ڪشمير جي "ڪارڪوٽا" خاندان جي پهرئين بادشاهه دُرلڀ وردن پرجن دتيه جو همعصر هو. جنهن سن 626ع کان وٺي سن 662ع تائين اُتي راڄ ڪيو— هي اهوئي بادشاهه آهي، جنهن ياتري يوئان چوانگ جو پنهنجي بادشاهيءَ جي اوائلي حصي[7] جي دوران وڏيءَ مهمان نوازيءَ سان استقبال ڪيو هو. هو هڪ ڏاڍو طاقتور بادشاهه هو، جنهن جا قدم ميداني علائقي ۾ پختا ٿي ويا هئا، پر، ياتريءَ جي بيان مطابق، اُتر پنجاب جو وڏو حصو "چيهه-ڪا" نالي هڪ خود مختيار ۽ آزاد بادشاهيءَ تي مشتمل هو، ۽ اُها بادشاهي ڪشمير جي علائقن ۽ ملتان جي درميان حائل هئي. گهٽ ۾ گهٽ سن 641ع ۾، ملتان چيهه-ڪا بادشاهيءَ جو هڪ ماتحت صوبو هو، ۽ ائين ٿي سگهي ٿو ته باجيراءِ طرفان امداد لاءِ

موڪليل درخواست دراصل "چيهه - ڪا" جي حڪمران ڏانهن ڪئي ويئي هجي، جيڪو اُنهيءَ رياست جو بالا حاڪم هو، ۽ اُهائي رياست اُنهيءَ دور ۾ جانشينيءَ ۽ وراثت جي مسئلي جي دشوارين ۾ مبتلا هئي.

چيو ويو آهي تہ ملتان کان چچ ٽڪرين جو دامن وٺندو، رستي تي ڪنهن بہ مقابلي کان سواءِ، ڪشمير جي سرحدن تائين پيشقدمي ڪندو هليو ويو. ظاهر آهي تہ اِن ۾ هو اهڙي ملڪ وچان گذريو هوندو، جيڪو جيهہ - ڪا رياست جو هڪ حصو هوندو. جيتوڻيڪ تذڪري مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو سڄو علائقو سنڌ جي بادشاهيءَ ۾ ملتان [8] واري پرڳڻي جو هڪ حصوئي هو! هن کي، بهرحال، ڪنهن بہ مخالفت جو منهن ڏسڻو نہ پيو. برهمپور، ڪَروڙ ۽ اشهر جي گورنرن هڪبئي جي پٺيان سندس آڏ مڃي، ۽ هن سرحدي علائقن ۾ پهچي، پاڙيسري سردارن تي رعب ڄمائي، هنن کان امن قائم رکڻ جا اقرار ورتا. مشترڪه سرحدن مقرر ڪرڻ لاءِ ڪشمير جي بادشاهه جي نمائندن سان ڪنهن ملاقات ڪرڻ جو ڪوبہ ذڪر ٿيل ڪونهي، جيتوڻيڪ چچ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو انهيءَ هنڌ تي پوري هڪ مهيني تائين ڇانوڻي لڳائي وينو هو. اُها جاءِ ڇَڪلهار قلعي جي پاسي ۾ هئي، جيڪا "ڪيهہ" يا "ڪُنبي" نالي جاءِ کان اوچائيءَ ۾ وڌيڪ مٿي هئي. اُتي "پنج ناهيت" نالي هڪ نديءَ جي ڪناري تي-شايد اُها جهلم ندي هئي-هن اهڙي طريقي سان بہ وڻ پوکيا (جن مان هڪ اچو چِيل ۽ ٻيو ڏَيال جو هو)، جو انهن جون شاخون هڪبئي سان اچي ڳنڍجي بيٺيون. بظاهر، اُهي ٻيئي وڻ ٻنهي ملڪن جي علامت طور پوکيا ويا هئا. انهيءَ بيان ۾ استعمال ڪيل هيءَ رنگ آميزي اسان جي شڪ کي وڌائي رهي آهي تہ اُتر طرف چچ جي مهم جو ذري گهٽ سڄو بيان افسانو آهي، جيڪو هڪ طرح جو "ڊِگ و جيہ" آهي، جنهن جو مقصد محض هن جي ناموس ۽ شهرت ۾ اضافو ڪرڻ آهي.

هن جي طرفان سندس بادشاهيءَ جي ڏاکڻ علائقن ۾ ڪيل ڪاروايون البت وڌيڪ مضبوط ۽ پختن بنيادن تي ٻيڻل معلوم ٿين ٿيون. هو هڪ سال تائين الور ۾ قيام ڪرڻ کان پوءِ "مهراڻ کي "ديهايت" نالي هڪ ڳوٺ پار ڪري، جيڪو سما ۽ الور جي درميان سرحدي ڳوٺ هو". ٻُڌيہ ۽ سيوستان طرف ويو. ٻُڌيہ جي سردار جي نالي کي جدا جدا نموني لکيو ويو آهي.

هوديوالا اهڙا راءِ ڏئي ٿو تہ "باگهو" لقب يا ذات جي نالي جي اصلي شڪل شايد "ڀڪُو" هجي، جنهن مان اهو انومان نڪري ٿو تہ هو شايد ٻڌ ڌرم جو ٻائو هو [9] هن جي گادي واري شهر جو نالو "ڪڪراج" هو. جتان جي رهاڪن ڪي "سيوي" سڏيو ويندو هو. چچ حملو ڪري سِيوِسُن جو قلعو قبضي ۾ آندو. ڪن جي طرفان انهيءَ ڪي جديد "سبِي" سمجهيو ويو آهي، حالانڪ اُن "سيوين" جي شهر جو اُتر طرف ايتري وڏي مفاصلي تي هئڻ غير امڪاني نظر اچي [10] ٿو. ۽ سردار جي پٽ پنهنجي پيءُ جي پاران آڻ مڃي. معلوم ٿئي ٿو تہ هنن کي سندن سابق عهدي ۽ اختيارن تي اُتي ئي قائم رکيو ويو.

ائين پيو نظر اچي تہ سيوستان ۾ پڻ واقعن جي ڌارا ذري گهٽ ساڳيو ئي رخ اختيار ڪيو. اتان جي "مَتا" نالي گورنر ڀرپور مقابلو ڪيو، پر شڪست کائڻ تي هن پاڻ کي چچ جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏنو. بادشاهہ فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي، "متا" کي سندس اڳوڻي عهدي تي بحال ڪيو. پر ساڳئي وقت پنهنجن معتمدن منجهان هڪڙي کي شاهي مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هن جي مٿان نظرداريءَ لاءِ مقرر ڪيائين.

هاڻي، فقط برهمڻ آباد جو پرڳڻو هو، جنهن سان معاملو طئي ڪرڻ باقي رهيل هو. چچ جڏهن اچا سيوستان جي پرڳڻي ۾ ئي هو، تہ هن"شهزادي" اگهم لوهاڻي کي آڻ مڃڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ جي ماڻهن هڪ قاصد کي رستي ۾ جهلي ورتو. جيڪو اگهم وٽان هڪ خط سيوستان جي "مَتا" ڏانهن کڻي وڃي رهيو هو، جنهن ۾ اهڙا رٿ پيش ڪيل هئي تہ هو ٻئي گڏجي چچ جو مقابلو ڪن، اُن لاءِ هُن "متا" کي برهمڻ آباد جي علائقن ۾ پناهہ ڏيڻ جي آڇ پڻ ڪئي. پر "متا" آخرڪار هند جي طرف وڃڻ ۽ رمل جي بادشاهہ پٽيءَ وٽ پناهہ حاصل ڪرڻ کي ترجيح ڏني [11].

"تذڪري" ۾ هاڻي هڪڙو خط داخل ڪيو ٿو وڃي، جنهن ۾ چچ اگهم لوهاڻي ڏانهن احتجاج موڪليو آهي. شهزادي کي چتاءُ ڏنو ٿو وڃي تہ هو پنهنجي اعليٰ خاندان ۽ نسل تي غرور نہ ڪري، برهمڻ بادشاهہ وڏيءَ دليراڻي خوش فهميءَ سان ڪيس ٻڌائي ٿو تہ خود هن جي پنهنجي ڪاميابي بہ محض خدائي مهربانيءَ جو نتيجو هئي. "انهيءَ واحد خدا، لاشريڪ، بي مثال، دنيا جي خالق، مون کي سيلاج (سندس پيءُ) جي دعائن جي نتيجي ۾ بادشاهي

ڏني آهي". "اسان کي وڏي لطُف ۽ ڪرم سان ٻنهي جهانن جي نعمتن سان نوازيو ويو آهي". هن هنڌ، چچ پاڻ کي هڪ خدا ۾ عقيدو رکندڙ ظاهر ڪري ٿو. جيتوڻيڪ اسان کي اهو ٻڌايو ويو آهي ته هُن ملتان ۾ هڪ بت جي اڳيان سجدو ڪيو ۽ قرباني پيش ڪئي. "تذڪري" جو مسلمان مصنف چچ جي زندگيءَ کان ايڏو ته متاثر معلوم ٿئي ٿو، جو ڪن وقتن تي هن ڪان اها ڳالهه بلڪل وسري وڃي ٿي ته هو هڪ ڪافر هو. ۽ هن سان غير شعوري طور هڪ مسلمان جو نقطي نگاهه منسوب ڪري ڇڏي ٿو. هيءُ خط دراصل انهيءَ خط سان بلڪل قريبي مشابهت رکي ٿو، جيڪو محمد بن قاسم ديبل جي فتح کان پوءِ سنڌ جي راجا ڏاهر ڏانهن هُن جي هوڏ ۽ ڏڪار جي روش جي جواب ۾ موڪليو هو، جيڪا هو پوءِ به محمد بن قاسم جي سلسلي ۾ ڏيکاري رهيو هو. (12)

چچ هاڻي برهمڻ آباد طرف وڌيو. اگههم جي فوج کي شڪست ڏنائين ۽ ان کي پٺي قلعي ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيائين. پر چچ لاءِ اُهو قلعو اَڏول ثابت ٿيو. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته سڄي سال تائين بي نتيجي جنگ گهلبي رهي، ۽ اهو سڄو مقابلو وڏي ڀاڱي هڪ ٻوڌ ڀائي جي اثر جي سڌي نتيجي ۾ پيش ٿي رهيو هو، جنهن لاءِ شهزادي توڙي سندس ماڻهن کي وڏو احترام هو. اگههم پاڻ گهيري ۾ مارجي ويو ۽ سندس پٽ سَربند هن جو جانشين مقرر ٿيو. ائين پيو معلوم ٿئي ته آخرڪار انهيءَ ڀائي، ٻُڌ گوئي يا ٻُڌراڪو، کي نيت پڪ ٿي ويئي ته چچ کي نيت به ڪاميابي حاصل ٿيندي، ۽ پوءِ سَربَند چچ سان صلح ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو صلح "قبيلن جي سردارن جي وچ ۾ پوڻ سان ٿي سگهيو." صلح جا شرط بيحد نرم ۽ فائدي وارا هئا، ۽ انهن هيٺ سَربَند کي چچ جي حڪومت ۾ اُتان جي گورنر جي حيثيت ۾ قائم رکيو ويو.

پهريائين ته بادشاهه ڀائي ٻڌراکو کان هن ڳالهه جي انتقام وٺڻ جو ارادو ڪيو، جو هُن جي ڪري ئي قلعي جي گهيري ۽ جنگ ۾ ايتري ڊيگهه ٿي هئي. "تذڪري" ۾ چاٿايل آهي ته چچ ڪيئن هن وٽ "نئووهار"[13] نالي سندس مڙهيءَ ۾ ملڻ لاءِ پنهنجي محافظ دستي سان گڏ ويو، جن کي هدايت مليل هئي ته اُهي طئي ٿيل اشاري ملڻ سان ڀائي کي هڪدم قتل ڪري ڇڏين. ڀائي، ڪنهن خوف ۽ ڊپ ڊاءُ جي مظاهري ڪرڻ بدران، شاهي برهمڻ جو ڪو

برهمڻ آباد جو ٿُل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽو آدرياءُ ڪونہ ڪيو. چچ ظاهري نمونو ڪيو تہ هو ڪيس سَربَند سان گڏي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ چاهي ٿو، پر ٻائي ڪيس رڪائيءَ سان جواب ڏنو تہ سندس مول مقصد "ٻُڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ ٻيءَ دنيا ۾ ڇوٽڪاري جي سامان حاصل ڪرڻ سان آهي." هُن دنيائي معاملن ۾ چچ جي اختياريءَ کي فقط هن حد تائين تسليم ڪيو، جو سندس ڇوڻ تي هن شهر جي آباديءَ جي قريب اچي رهڻ منظور ڪيو. ساڳئي وقت هن "ٻڌ جي پوڪيل ٻنين" لاءِ فڪرمنديءَ جو اظهار ڪيو، جنهن مان سندس مقصد مڙهيءَ جي ملڪيت ۾ آيل زمينداري ملڪيتن سان هو. هُن ڳالهين ڳالهين ۾ چچ جي واتان ٻڌ ڌرم جي خوبين جي تسليميءَ جا فقرا چورايا، جنهن ڪان پوءِ چچ پاڻ ٻڌ راڪوءَ ڪان پڇيو تہ هو (چچ) ٻڌ ڌرم جي خدمت جي سعادت ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪري ٿي سگهيو. ٻائي هن کي هڪدم جواب ڏنو تہ ڪيس "نئو وِهار" مڙهيءَ جي نئينءَ اڏاوت جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُهو تمام قديم زماني جو هو، ۽ ڍهي رهيو هو. ظاهري طور چچ خوشيءَ سان اِئين ڪرڻ قبول ڪيو ۽ هن ڪان موڪلائي روانو ٿي ويو. جڏهن ڪانئس هن جي وزير پڇيو تہ توهان پنهنجي خيالن ۾ اهو ڦيرو ڪيئن آندو، تہ هن اِهو ڪمزور سبب ڏنو تہ ڪيس مڙهيءَ ۾ هڪ خوفناڪ سايو نظر آيو.

هن ڪهاڻيءَ جي لفظن مان اصلي مطلب ڪيندي، اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ برهمڻ آباد جو صوبو سنڌ اندر ٻُڌ ڌرم وارن جو مکيہ ۽ مضبوط ڳڙهہ هو، ۽ چچ اهو محسوس ڪيو تہ هو اتي ڦهليل مذهب جي فائدي ۾ رهڻ سان ئي ملڪ تي قبضو قائم رکي سگهندو. ٻوڌ اميرن ۽ وڏن ماڻهن جي تعاون ۽ حمايت ڪان سواءِ، هو اتان جي "سخت ۽ ڪنور فطرت" رکندڙ جتن ۽ لوهاڻي قبيلي جي ماڻهن تي اُنهن سخت قاعدن ۽ قانونن کي مسلط ڪرڻ جي اميد ڪري نہ پئي سگهيو، جن جو "تذڪري" ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، مثلاً مٿن سواريءَ لاءِ هَني استعمال ڪرڻ جي منع، مٿي تي پٽڪي ٻڌڻ جي منع، ۽ اُوچن ڪپڙن پائڻ جي منع عائد ڪرڻ. ۽ ٻئي طرف هنن تي اهو لازم ڪري ڇڏڻ تہ هو برهمڻ آباد جي حاڪم لاءِ ٻارڻ جون ڪاٺيون مهيا ڪن، جيڏانهن وڃن اوڏانهن ڪتا ساڻ رکن، ۽ پنهنجن حاڪمن لاءِ جاسوسن ۽ سونهَنِ جو ڪم ڏين وغيره. هن ڳالهہ جو بہ امڪان نظر اچي ٿو تہ اُهي اڻ سڌريل ماڻهو، جيڪي بظاهر اُهي ساڳيائي ماڻهو هئا، جن يوئان چوانگ جي قول مطابق "جان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئ کي پنهنجو ڏنڊو بٺايو هو". گهڻي زماني کان وني ملڪ لاءِ هڪ وڏي شامت بڻيا ٿي رهيا. ۽ چچ پهريون حڪمران هو، جنهن انهيءَ مسئلي ۾ اثرائتي طريقي سان هٿ ڳنڊيا. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته پوءِ اها ڳالهه هن حقيقت کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ته هو انهيءَ صوبي جي ماڻهن کان سنڌس حڪومت کي تسليم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ڪيئن ٿيو؟

پر "تذڪري" ۾ آيل ڳالهين جي متعلق اُنهيءَ وقت اسان جو شڪ وري جاڳي ٿو پوي، جڏهن اسين چچ طرفان پنهنجي اقتدار کي پختي ڪرڻ لاءِ کنيل بين قدمن بابت احوال پڙهون ٿا. هن لاءِ چيو ويو آهي ته هُن اڳهر جي بيوه سان شادي ڪئي، جيڪا ڪافي وڏيءَ عمر جي عورت هوندي ۽ ان کان علاوه هوءَ گهٽ درجي جي ذات سان واسطو رکندڙ هئي. اسين هن ڳالهه کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿا سگهون، ته جيڪڏهن بادشاهه کي اُنهيءَ گهراڻي سان سڱابنديءَ رستي مِٽي مائٽي قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ٿي هئي، ته هو ان صورت ۾ يقيناً ڪنهن ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪنوار بنائڻ تي اصرار ڪري ها. مفتوح دشمنن جي بيواهن ۽ ڌيئرن سان شادي ڪرڻ جو رواج هندو راجائن جي بدران مسلمان فاتحن جو دستور رهيو آهي. انهيءَ کان به وڌيڪ ناقابل فهم اُها جوابي مِٽي معلوم ٿئي ٿي، جنهن لاءِ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته اها مِــٽي چچ جي همت افزائيءَ سبب ٿي، جنهن ۾ هن پنهنجي ڀائٽي ڌَهسيہ جي ڌيءَ جو سڱ اڳهر جي پٽ سَربَــند کي ڏنو. جيڪو هاڻي سندس ماٽيلو پٽ ٿيڄي چڪو هو. اِهو ڌَهسيہ چچ جي ڀاءُ چندر جو پٽ هو (اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته هو سندس وڏو ڀاءُ هو). جيڪو جيتوڻيڪ الور جي گورنر جي عهدي تي فائز ڪيل هو، پر ان هوندي به هو اڃا تائين هڪ پوڄاريءَ ۽ تياڳيءَ جي زندگي گذاريندو ايندو هو. هو، گهٽ ۾ گهٽ، هڪ برهمڻ هو، ۽ اُنهيءَ صورت ۾ اِها ڳالهه سمجهه کان بالاتر آهي ته هن پنهنجي پوٽيءَ لاءِ اهڙي رشتي جي منظوري ڏني هوندي. جيئن هوديوالا چوي ٿو ته هڪ برهمڻ شهزادي کان اهڙي "سماجي ڌوهہ" ڪرڻ جي ڪنهن صورت ۾ اميد ڪري ئي نٿي سگهجي، جنهن ۾ هن کي پنهنجي گهراڻي جي ڪنهن ڇوڪريءَ کي هڪ لوهاڻي سان شادي ڪرائڻي پوي [15].

هڪ طرف جتي اسين اهڙين بي معنيٰ ۽ منجهائيندڙ تفصيلن تي اعتبار نه

ڪرڻ ۽ چچ جي اُترين علائقن وارين مهمن جي وسعت ۾ شڪ جي اظهار ڪرڻ لاءِ آماده آهيون، اتي هُن جي انهيءَ زماني تائين ڪيل بادشاهيءَ جي بيان ڪي تلهي ليکي سچو سمجهي سگهون ٿا. ان جو مطلب هي آهي تہ هڪ غاصب کي، پنهنجي لاءِ حڪومت هلائڻ جي حق کي ثابت ڪري ڏيکارڻو هو، ۽ اِئين ڪري ڏيکارڻ ۾ هن کي ٻن يا ٽن سالن جي سخت محنت ڪرڻ ۽ ڪشالن ڪڍڻ جي تڪليف برداشت ڪرڻي هئي. هن کي دارالحڪومت ۽ ان جي پسگردائيءَ وارو علائقو طاقت، دوڪي ۽ سندس سابق آقا جي عقلمند بيوهہ جي اثر ۽ رسوخ سان مليو هو. هن پنهنجن انهن اوائلي فائدن کي، اُتندي ٿي، ڌارئي حملي آور جي خلاف پنهنجي ڪامياب بچاءَ ڪرڻ سان مستحڪم بنائي ڇڏيو. ٻاهرين چئن ماتحت صوبن منجهان ڪنهن هڪ بہ هن کي تيسين قبول نہ ڪيو، جيسين انهن هن جي ترار جو زور نہ ڏٺو. پر جڏهن هڪ دفعو هنن آڻ مڃي، تڏهن هن انهن کان ڪڏهن بہ انتقام نہ ورتو. هو تہ سيوستان واري "منا" جي طرفان سندس فراخدليءَ جي جواب ۾ برائي ڪرڻ کان پوءِ بہ، اڳهہ جي پٽ تي اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار هو. عملي طور هن جو اُتان جي اڳ-موجود مفادن تي هڪ ٿي حملو، جَتن ۽ لوهاڻن کي دٻائڻ وارو هو. جيڪو مفاد-عامہ جي مقصدن لاءِ ڪيل نظر اچي ٿو. ٻئي طرف "چچ نامي" ۾ مختلف هنڌن تي ذڪر ڪيل ڪيترين ئي ڳالهين مان اسين اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ هُن ملڪ کي سٺي حڪومت ڏيڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي[(16)].

هڪ اُهو حڪمران، جيڪو محض پنهنجي جدوجهد سان ئي اقتدار حاصل ڪندو آهي، سو گهڻو ڪري خارجي فتوحات جي ذريعي پنهنجي گهراڻي کي شان مان ۽ شهرت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ هاڻي "تذڪري" ۾ چچ کي بلڪل اهڙي ئي مهم لاءِ هڪ نئين رستي تي گامزن ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي.

گذريل باب ۾ اها ڳالهہ ضروري سمجهي ويئي هئي تہ "چچ نامي" ۾ ذڪر ڪيل واقعن جو اڳوات اندازو لڳايو وڃي ۽ هن امڪان ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو وڃي تہ هيءَ خارجي فتوحات واري مهم دراصل چچ کان اڳ سنڌ جي ڪنهن تخت نشين طرفان شروع ڪئي ويئي هئي، ۽ ٻيو تہ "تذڪري" ۾ چچ جي حڪومت جي سالن جو ڏنل سچوئي سلسلو غلط آهي. هن جاءِ تي هاڻي اهو ضروري بڻجي پوي ٿو تہ انهن ڳالهين جي تفصيل سان جاچنا ڪجي، جيئن

اُهي اسان کي "چچ نامو" ٻڌائي ٿو.

هو ٻڌائي ٿو تہ اهو هجري سن جو ٻيو سال يا عيسوي سن جو 24-623ع سال هو. جڏهن بادشاهہ مڪران واري مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ هن انهيءَ لاءِ ان وقت موقعو مناسب سمجهيو. جڏهن ايران جي حڪومت جون واڳون خسرو پرويز جي مرڻ بعد هڪ عورت جي هٿن ۾ آيون. هاڻي، خسرو پرويز جي ٻن ڌيئرن مان پهرين ڌيءَ ملڪہ پُرن دُخت ايران تي چند مهينن لاءِ حڪومت ڪرڻ واسطي دراصل سن 629ع يا 630ع کان اڳ ۾ تخت تي ڪانہ ويٺي،[17] ۽ سندس پيڻ، آزرمي دُخت هن کان ٻہ ٻہ سال پوءِ تخت تي ويٺي. عرب تاريخ نويسن ٻنهي جي بادشاهين کي هجري سن جي تيرهين ۽ چوڏهين سال ۾ رکيو. "تحفة الڪرام" جي مصنف طرفان ٻڌايو ويو آهي تہ جِتور جي مهارت تي چچ جي فتح ۽ هن جو سنڌ جي تخت تي براجمان ٿيڻ هجري سن جي پهرئين سال جا واقعا آهن. چچ جي بادشاهيءَ جي زماني ۾ جيڪو هڪ ٻيو واقعو رونما ٿيندي ٻڌايو ويو آهي، سو ديبل جي بندر تي عربن جي ڪاهہ آهي. بلاذريءَ جي مطابق، اهو واقعو هجري سن جي پندرهين يا سورهين سال ڌاري وقوع پذير ٿيو. "چچ نامو" اسان کي ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ زماني ۾ چچ کي سنڌ جو بادشاهہ بڻئي پنجٽيهہ سال ٿيا هئا [18]. سر هينري ايليٽ انهن اڻ ٺهڪندڙ ڳالهين کي چچ جي مهم جي سال لاءِ "ٻئي" جي بدران "ڏهين" (هجري سال) ۽ ٻئي بيان ۾ "پنجٽيهن" سالن جي بدران "ٽن کان پنجن سالن" پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر چچ جي راڄ جا سال جيئن ايليٽ جي تحقيق موجب ملن ٿا. اُنهن مطابق چچ سنڌ جي تخت تي سن 10 هہ ۾ ويهي ها، ۽ مڪران ڏانهن هن جي مهم جو آغاز سال 14 هہ [19] ۾ ٿئي ها. اهڙيءَ طرح سن 15 هہ ۾ ديبل بندر تي ڪيل عربن جي ڪاهہ هن جي بادشاهيءَ جي پنجين سال ۾ ٿئي ها. اهڙيءَ طرح چچ ۽ سندس پونيرَن جي بادشاهيءَ جو سڄو ميعاد، جيئن اهو "تحفة الڪرام" ۾ ڏنو ويو آهي، اسان کي هجري سن جي سال 93 تي آڻي بيهاري ٿو، جنهن ۾ اُهو گهرانو چچ جي پٽ ڏاهر جي شڪست ۽ موت سان يقيني طور خاتمي تي پهتو.

هيءَ ڳالهہ توجهہ جي لائق آهي تہ ايليٽ، جڏهن سالن جو هيءُ سلسلو ڳاهي ٿو، تڏهن هو عربن جي ديبل بندر تي ڪاهہ لاءِ البلاذريءَ طرفان ڏنل سال

کي شمار ۾ آڻي ٿو، پر هو سال 23-22 هجريءَ جي دوران مڪران ۾ رونما ٿيل واقعن جي اهميت کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو، جڏهن "سنڌ جي بادشاهه" لاءِ چيو ويو آهي تہ هو عربن خلاف جنگ ڪندي اتي مارجي ويو هو [20]. ان جي باوجود، ايليٽ جي حساب موجب اهو واقعو چچ جي بادشاهيءَ جي ٻارهين سال ۾ رونما ٿئي ها، جيڪا "تذڪري" مطابق چاليهن سالن تائين هلي هئي!

هاڻي، اسان کي چچ جي مڪران واريءَ مهم ۾ سندس طرفان اختيار ڪيل رستي معلوم ڪرڻ لاءِ "چچ نامي" ڏانهن واپس هلڻ گهرجي، خواهہ ان جي بيان ڪيل حقيقتن ۾ اسان کي ڪيترا بہ شڪ ڏسڻ ۾ اچن. هو سڀ کان اول ارمن بيل يا ارميل ڏانهن ڪاهي ويو، جيڪو عام طور جديد لسٻيلي کي سمجهيو ويندو آهي.[21] "اهو شهر انهيءَ زماني ۾ بڌ ڌرم جي هڪ سامانيءَ جي هٿن ۾ هو، جيڪو راءِ سهرس، هند (سنڌ؟) جي بادشاهہ، جي نائبن جو جانشين ۽ وارث هو. انهن کي سنڌ جي راءِ گهراڻي وارن سندن وفاداريءَ ۽ مجتا سبب اُن اوچي رتبي تي چاڙهيو هو. وقت گذرڻ سان، هن سامانيءَ فرمانبرداريءَ جو طوق ڳچيءَ مان لاهي ڇڏيو هو ۽ بادشاهہ جو مخالف بنجي ويو." انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ راءِ گهراڻي جي زماني ۾ لسٻيلو سنڌ جو ماتحت علائقو هو. اُنهيءَ سامانيءَ، بهرحال چچ کي پنهنجو بالا حاڪم تسليم ڪيو ۽ اِئين هن کي سندس عهدي تي پڪو ڪيو ويو، جيڪو هڪ صوبائي گورنرن جي عهدي کان وڌيڪ اوچو نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ بادشاهہ مڪران ڏانهن ويو، ۽ هُن "ڪَنازبُور" تي قبضو ڪيو ۽ قلعي جي نئين سر تعمير ڪرڻ ۽ اُن ۾، هندستاني رسم موجب، صبح ۽ شام جو دهل ۽ موسيقي وڄائڻ جو حڪم جاري ڪيو. ان کان پوءِ اڳتي هليو، هو هڪ نديءَ جي ڪناري تي پهتو، جيڪا مڪران کي ڪرمان کان جدا ڪري ٿي—شايد اُها "دشت" نهر هئي. هُن اُتي ٻنهي علائقن جي سرحد جي نشاندهي نديءَ جي ڪناري تي کجور جي وڻن جي جهڳٽي پوکڻ سان بلڪل اُنهيءَ ساڳئي نموني ۾ ڪئي، جيئن ڪشمير سان پنهنجي علائقي جي سرحد جي نشاندهي ڪئي هئائين.

پوءِ هو ارمن بيل ڏانهن واپس موٽيو ۽ توران يعني (جهالاوان) جي رستي اُتر طرف ڦيرو ڪيائين، ۽ "هن کي سامهون ٿيڻ جي ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿي، تان جو هو ڪَندابيل اچي پهتو...ماڙيءَ رستي جيڪا انهيءَ شهر جي

پسگردائيءَ ۾ هڪ کليل ميدان ۾ اچي پيئي ٿي. ڇچ اوچتو شهر تي حملي ڪرڻ جي تياري ڪئي، پر ماڻهو اڳيئي قلعي اندر پناهه وٺي چڪا هئا." هو پوءِ سِبي، سِني يا سمني نالي هڪ نديءَ جي ڪناري تي ڇانوڻي هڻي ويهي رهيو. تان جو قلعي اندر ماڻهن جو سامان کٽي ويو ۽ هو مجبور ٿي سندس پيش پيا. هيءَ ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي ناهي ته انهن جيڪا ساليانو خراج ڏيڻ قبول ڪئي، سا هڪ سؤ پهاڙي گهوڙن تي مشتمل هئي. هن ڳالهه ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته هن هنڌ تي اسان جو واسطو اُتر ڪڇيءَ سان آهي، ۽ ڪندابيل اڄ جو گنداوه ٿي آهي [22].

"تذڪري" جي لکت موجب اها مهم راءِ ڇچ جي آخري هئي. هو پنهنجي بادشاهيءَ جي باقي سڄي دور ۾ الور ۾ مقيم رهيو. جيڪو مجموعي طور چاليهه سال هليو. "ڇچ نامو" سندس دور ۾ باقي جنهن اهم واقعي جو ذڪر ڪري ٿو، سو ديبل تي عربن جي ڪاهه آهي، جنهن جو حوالو مون گذريل باب ۾ ڏنو آهي.

البلاذريءَ جي "فتوح البلدان" مان ائين پيو معلوم ٿئي ٿو ته اُها ڪاهه سمنڊ رستي هندستان جي ڪناري تي واقع آبادين تي، بحرين ۽ اومان جي گورنر عثمان ثقفيءَ جي چوڻ تي، انهن مختلف ننڍين ڪاهن مان هڪ هئي، جيڪي هجري سن 15 ڌاري هڪٻئي پنيان ڪيون ويون هيون. اهي ڪارروايون خليفي عمر (رضه) جي پاليسيءَ جي خلاف هيون. جنهن عثمان کي سندس حڪمن کان سواءِ اهڙن قدمن کڻڻ تي سختيءَ سان تنبيهه ڪئي. ديبل تي اُن ڪاهه متعلق اسان کي فقط ايترو ٻڌايو ويو آهي ته عثمان جي ڀاءُ حَڪم، جيڪو بحرين جو حاڪم هو، "پنهنجي ڀاءُ مغيره کي ديبل جي اُپسمنڊ ڏانهن موڪليو، جنهن اُتي پهچي، دشمن سان مقابلو ڪيو، ۽ ان کي شڪست ڏني." ديبل يا سنڌ جي حاڪم جي نالي جي نشاندهي نه ڪئي وئي آهي. خليفي عمر (رضه) جي بلڪل اها معقول ۽ مناسب راءِ هئي ته جيئن ته طاقتور ايراني شهنشاهت کي ڪيرائڻ جو ڪم اڃا سر نه ڪيو ويو هو، اِنهيءَ ڪري اسلام جي قوت کي ائين ضايع ڪرڻ نه گهرجي. ان کان علاوه اهڙين مهمن جي نتيجي ۾ اسلام جي ناموس کانئه تي وڏي سگهي.

"ڇچ نامي" ۾ اِن کان مختلف ۽ ڪجهه وڌيڪ مفصل بيان ڏنل آهي. پر جتي اُن ۾ ٻڌايل آهي ته مغيرا جنگ ۾ مارجي ويو هو، اُتي اُن تي اعتبار نٿو

ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته مغيرا جي باري ۾ ناقابل ترديد شهادت موجود آهي، ته هو ڪيترا سال پوءِ به بصري جي ويجهڙائيءَ ۾ زنده ۽ سلامت موجود هو [23]. پر هيءَ ڳالهه هرگز ناممڪن ناهي ته عربن کي شڪست ڏيئي پڇايو ويو هو. اُنهيءَ مهم جو مول مقصد، ٿي سگهي ٿو ته، لٽ مار هجي، ڇاڪاڻ ته اُن موقعي تي اِن ڳالهه جو ذڪر ٿيل آهي ته ديبل جا ماڻهو اڪثر ڪري واپاري طبقي جا هئا. ڇچ راءِ جي پاران ديبل جي حاڪم جو نالو سماه پٽ ڏيوائج ٻڌايو ويو آهي. خليفي پنهنجي تازي مقرر ڪيل عراق جي حاڪم کي لکي موڪليو ته هو ڪيس پنهنجين سرحدن جي حالات متعلق وقت بوقت خبر چار موڪليندو رهي. انهيءَ عملدار، ابو موسيٰ، هن ناڪامياب مهم جي خبر ٻڌڻ سان خليفي کي لکي موڪليو ته "هند ۽ سنڌ ۾ هڪ اهڙو بادشاهه آهي، جيڪو ڏاڍو مغرور ۽ آڪڙ وارو آهي، ۽ هو گستاخيءَ سان هلڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو آهي": هن اِهو به مشورو ڏنو، حالانڪ خليفي کي اهڙيءَ صلاح جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، ته هو "هند بابت ڪوبه وڏيڪ خيال" نه ڪري.

جيئن ته هيءَ ڳالهه صاف ظاهر آهي ته اُنهيءَ مهم جو سال 15- هجري هو، ان ڪري منهنجي راءِ مطابق اهو "مغرور" بادشاهه ڪنهن به طرح ڇچ ٿي نٿو سگهي. اهو گهٽو ڪري راءِ سهرس هو، جيڪو "زبنيل" جي شاندار خطاب جو مالڪ هو يا نه (جنهن کي ريورٽي "رن-ٽيل" (يعني، جنگجو) ڪري پڙهي ٿو)، پر هن کي، بهرحال، سنڌ جي حاڪم "مَلڪ راسل" سان شناخت ڪرڻ گهرجي جيڪو اٽڪل ست سال پوءِ مڪران ۾ "درياهه واريءَ جنگ" ۾ مارجي ويو هو.

اهڙيءَ طرح، اسان کي جيڪو مفروضو مڃڻو پوندو، پوءِ اُهو ڪيترو به شڪ گاڏڙ ڇو نه هجي، سو هيءُ ئي ٿي سگهي ٿو ته ڇچ جي غاصبانه قبضي وارو واقعو سچ پچ پهرئين هجري سال ڌاري نه، بلڪ ستين صدي عيسويءَ جي ذري گهٽ وچ ڌاري رونما ٿيو هو. هن جي بادشاهيءَ جي مُدت اُنهيءَ کان گهٽ، ۽ هن جون اولهه واريون فتوحات يقيناً، ۽ اُتر واريون امڪاني حد اندر، انهيءَ کان گهٽ وسيع هونديون، جيتريون "تذڪري" ۾ بيان ڪيل آهن. هو خوش نصيب هو، جو هُن هڪ اهڙي دور ۾ پنهنجي گهراڻي کي قائم ڪيو هو، جنهن ۾ اسلام اندر خانه جنگين ۽ قبائلي جنگين جو سلسلو ڇڙي پيو هو. جنهن وقت عرب سپهه سالار انفرادي طور جهالاوان ۽ جهالاوان کان ڪابل

تائين ۽ ان کان پري جابلو علائقي کي مطيع ڪرڻ ۾ مصروف هئا. تنهن دور ۾ سنڌ ۽ هندستان انهن جي حملن کان محفوظ رهيا.

هيءُ سوال وري به پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهي ته عرب وقائع نگار چچ جي قدو قامت کي سندس ڀوڳ پيشروئن جي ڀيٽ ۾ ايڏو ڇو وڌائي پيش ڪيو؟ منهنجو خيال آهي ته هن کي چچ جي حڪومت واري زماني جي متعلق سچي معلومات برهمڻ ذريعن مان ملي هوندي. علي ڪوفي چچ جي پٽ ڏاهر جي بادشاهيءَ واري دور جي واقعن متعلق لکندي، گهڻن هنڌن تي چوي ٿو ته انهن لاءِ سندس سَنَد الور ۽ ٻين هنڌن جا برهمڻ هئا.[24] ڏاهر جي ٻوڏي آفيسرن هڪ کان وڌيڪ موقعن تي، ويساهه گهاتيءَ کان ڪم ورتندي، ماڻهن کي انهيءَ ڳالهه ۾ ويساهه ڏياري، حملي آورن جي اطاعت قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ته، سنڌن فوج جي مقابلي ۾، انهن ٻاهرين جي ڪاميابي هر طرح يقيني هئي. ٻئي طرف ڏاهرُ، هندو جاتيءَ جي محافظ ۽ سورمي طور جنگ ۾ مارجي، پنهنجين سابق غلطين جي سزا ڀوڳي چڪو هو. عرب لوڪ انهن بادشاهن جي جرئت جو احترام ڪندا هئا، جن کي اهي شڪست ڏيندا هئا. هو انهن جي ملڪن جي شان و شوڪت، سندن قلعي بند شهرن جي فصيلن جي مضبوطيءَ ۽ انهيءَ رياست جي استحڪام جي حالت، ۽ انهن جي ابن ڏاڏن جي ڪاميابين جي قصن بيان ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان خود سندن شان ۽ شوڪت ۾ اضافو ٿيندو هو، ۽ سندن اجيت طاقت جو ناموس وڌندو هو. سنڌ جا برهمڻ پڻ، جيتوڻيڪ "شهيد ٿيل" ڏاهر کي هڪ ڏکيءَ شاهي شجرو عطا نه ڪري سگهيا، ان هوندي به اُهي گهٽ ۾ گهٽ سندس پيءُ کي، جيڪو اُنهيءَ گهراڻي جو باني هو، هڪ جنگي جوان، بهادر ۽ ڪامياب بادشاهه جي حيثيت ۾ پيش ڪري پئي سگهيا. هو ڪيس اهڙيءَ طرح پيش ڪري پئي سگهيا، جڏهن محمد بن قاسم جي فوج جو جتي به پير پهتو ٿي، اُتي اڳي ئي چچ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي چڪو هو. عرب فاتح پنهنجي لشڪر سان ڪشمير جي پهاڙي علائقي ۾ پهچي ٿو، ته اُتي هن کي اُهي وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي سنڌ جي عظيم راءِ چچ پنهنجن هٿن سان پوکيا هئا. مڪران کي اڳي ئي چچ فتح ڪري پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري چڪو هو، جتي هن جا ٻوڏي پيشڪار ڪامياب ٿيا هئا. چچ جي ئي هڪ ماتحت فوجي سردار خود

عربن کي ان وقت شڪست ڏيئي پڇايو هو. جڏهن انهن ديبل کي لٽڻ لاءِ حملو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح سان اها ڪهاڻي ائين بنائي ويئي هوندي، تان جو اُن تي نہ فقط فاتحن بلڪ مفتوح قوم جي ماڻهن پڻ اعتبار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. علي ڪوفيءَ اسان جي لاءِ پنهنجي محفوظ ڪيل تذڪري ۾، سنڌ جي فتح کان اڳ 'تمهيد' طور هندو تاريخ جو بيان لکندي، ڇچ جي اها غير معمولي تصوير پيش ڪئي، ۽ ان کان علاوه ان ۾ اهڙين خوبين ۽ صفتن جو اضافو ڪيو، جو پڙهندڙن جي نظرن ۾ هن جي قد و قامت ڪي اهي اڄ بہ غير معمولي حد تائين بلند ڪيو بيٺيون آهن.

هن ڳالهہ جو هرويرو اهو مطلب ڪونهي تہ ڇچ دراصل ڪو معمولي ۽ غير معروف بادشاهہ هو. بلڪ حقيقت اِها هوندي تہ هو، پنهنجيءَ جاءِ تي، عرب دنيا ۾ هوئڻ ئي پنهنجي شهرت سبب ڪافي نمايان صورت ۾ ڇاتل سڃاتل هوندو. عربستان ۽ هندستان جي اُلهندي ڪناري جي درميان صدين کان وڻج واپار هلندڙ هو. البيرونيءَ، هندستان جي بُت پرستيءَ جي موضوع تي بحث ڪندي، روشنيءَ جو هڪ حيرت انگيز ڪرٽو اُڇلايو آهي "جڏهن سال 53 هہ جي اونهاري واريءَ موسم ۾ سِسلي فتح ٿي، ۽ جڏهن فاتحن هن ڏانهن (خليفي معاويي ڏانهن) سون جا نهيل بت موڪليا، جن کي هيرن جواهرن سان جڙيل تاجن سان سينگاريو ۽ خوبصورت بنايو ويو هو. تڏهن هِن انهن کي سنڌ ڏانهن موڪلڻ جو حڪم ڏنو، تہ جيئن اهي اُتان جي مقامي شهزادن کي فروخت ڪيا وڃن. ڇاڪاڻ تہ هن انهن کي هيترن کي هيترن دينارن جي قيمت واريون شيون سمجهي، وڪڻڻ ئي بهتر سمجهيو، ۽ ان لاءِ هن کي سندس ضمير انهن جي بت پرستيءَ جي نفرت جوڳين شين هجڻ ڪري ذري برابر بہ ڪا ملامت ڪانہ ڪئي، دراصل هُن اُنهيءَ سڄي معاملي کي ديني نقطي نگاهہ کان نہ پر فقط هڪ سياسي معاملي[(25)] طور ڏسڻ مناسب سمجهيو.

سِسليءَ جي اِها فتح هڪ رواجي عارضي حملي کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ مسلمانن طرفان انهيءَ ٻيٽ تي مستقل قبضو نائين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ المامون جي خلافت کان اڳي ڪونہ ڪيو ويو هو. پر اُنهيءَ معمولي ترميم کان سواءِ اسان کي ٻيءَ سڄيءَ ڪهاڻيءَ کي سچو سمجهڻ گهرجي، جنهن کي البيرونيءَ پنهنجي زير بحث موضوع لاءِ هڪ

انتهائي تُز مثال طور پيش ڪرڻ مناسب ٿي سمجهيو. هڪ پيرو وري به اسان کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هِن موقعي تي وري به هڪ معتبر مسلمان مصنف اسان کي انهن "ڪافر شهزادن" يا شهزادي جي نالي مهيا ڪرڻ جي معاملي ۾ مايوس ڪرڻ مناسب سمجهيو. پر اسان کي معقول حد تائين اها پڪ سمجهڻ گهرجي تہ اُن موقعي تي، يعني سال 670ع ۾ چچ ئي سنڌ جي تخت تي ويٺل هو.

هن جاءِ تي، واقعي، هڪ عجيب تصوير ذهن جي سامهون اچي ٿي. اُهي مورتيون جيڪي مسلمانن طرفان عيسائي ديولين مان حاصل ڪيون ويون هيون، تن کي ئي شايد نئين صورت ڏيئي، هندو ديوتائن ۽ ديوين جي بتن جي حيثيت ۾ ديبل واري مندر ۾ نصب ڪيو ويو هو، جتي اُهي، ٿوري ئي مدت پوءِ، وري بيو پيرو اسلام جو مال غنيمت بڻيون.

نوٽ

(1) هن سڄي باب جو بنياد انهيءَ ڪري "چچ نامي" تي رکيل آهي. پڙهندڙن جي سهولت لاءِ مرزاقليچ بيگ جي انگريزي ترجمي (ڪراچي، 1900ع) جا حوالا ڏنا ويا آهن. ڪن حالتن ۾ نالن ۽ ڪن بين تفصيلن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سنڌيءَ ۾ لکيل ان جي تنقيدي اشاعت مان درستيون ڪيون ويون آهن. (سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع).

(2) "راج ترنگڻي" ترجمو ايم. اي. اسٽين، IV، 410.

(3) ايس. ايس. هودي والا، "اسٽڊيز اِن مسلم هسٽري"، ص. 80.

(4) شري هرشا جي وزير، ارجن اهڙيءَ طرح قنوج جي تخت تي پنهنجي آقا جي موت تي غاصبانہ قبضو ڪيو. سمٿ، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ٻيو ڇاپو، ص 326. (4-اي) جيئن تہ راول نالي جو وري ٻيو پيرو بہ ذڪر اچڻو آهي، ان ڪري مناسب آهي تہ شروع ۾ ئي چئي ڇڏجي تہ خود اهو نالو بہ شڪي آهي. ۽ ان جي حوالي سان بيان ڪيل ملڪ جي نالي ۽ ان جي جاءِ وقوع جي شناخت پڻ مشڪوڪ آهي.

(5) هودي والا، حوالو ڏنل ڪتاب جو ص. 83.

(6) قليچ بيگ، ص. 4 - 23.

(7) "راج ترنگڻي". ترجمو ايم. اي. اسٽين، ج. 1. ص. 136. "لاٽيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آف هيوئين تسانگ“. ايڊٽ ڪيل. بيل. ص. 68.

(8) ”چچ نامي“ ۾. بعد ۾. هڪ صوبي. تاڪيہ. جي نالي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪو بظاهر ڇتور (چتور) ۽ ڪشمير جي وچ ۾ هوندو. ۽ ان ڪري اهو اُتر-اوڀر پنجاب-يوئان چوانگ جي ”چيهہ - ڪا“ سان نهڪي سگهي ٿو. قليچ بيگ ص 160. مخدوم امير احمد. ص. 295.

(9) هودي والا. ص. 84. ريورٽيءَ پنڌار ڪر ياگوءَ جو پٽ ڪوٽل ٻڌايو آهي.

(10) ريورٽي ”نوٽس آن افغانستان“. ص. 564.

(11) هودي والا، ص. 84. قليچ بيگ ص. 32 سي ايف. ”چچ نامي“ جو سنڌي ترجمو از: مخدوم امير احمد. ص. 56 ۽ فوٽ نوٽ.

(12) قليچ بيگ. ص. 88.

(13) هودي والا. ص. 84.

(14) قليچ بيگ. ص. 42.

(15) هودي والا. ص. 83.

(16) مثلاً سندس ڀاءُ چندر کي الور جي حاڪم مقرر ڪرڻ وقت ڏنل سندس هدايتون قليچ بيگ. ص. 24.

(17) اسڪائيز. ”هسٽري آف پرشيا“. ج. 1. ص. 489.

(18) قليچ بيگ. ص. 57.

(19) ايليٽ. ص. 1. ص. 4 - 412. ڏسو قليچ بيگ ۾ نوٽ ص. 8-37.

(20) ايليٽ مڪران ۾ لڳل جنگ جو بيان. پنهنجي ضميمي ”دي ائڊوانس آف دي عربس ٽوورڊس سنڌ“ (عربن جي سنڌ ڏانهن پيشقدمي) (جلد پهريون. ص. 8 - 417). ”تاريخ-گُزيده“ جي اختياريءَ تي ڪري ٿو. جنهن جو حوالو ريناڊ پنهنجي ”ميمائر سور ايل انڊي“ ۾ (ص. 171 تي) ڏنو آهي. ڏسو ”منتخب التواريخ“.

(21) ريورٽيءَ جو خيال آهي تہ اهو اورمارا (هورمارا) هو. (”مهراڻ“. ص. 231. نوٽ 182). جيئن تہ ارميل ديبل کان صرف ڇئن ڏينهن جي سفر جيتري مفاصلي تي هو. الا سطخريءَ جي بقول. انهيءَ جي اورمارا هئڻ جو امڪان ڪونهي (ايضاً. ص. 212).

(22) ڏسو ايليٽ ج. 1. ص. 6 - 385. ايليٽ سمجهي ٿو تہ سيني ندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبيءَ جي علائقي جي هئي، يعني ناڙي، جيڪا گنداوه جي ويجهڙائيءَ ۾ وهي ٿي. ريورٽيءَ جو خيال اهو آهي تہ ڪنديل، زهريءَ جي پرسان، جهالاوان ۾ هو. ("نوٽس آن افغانستان"، ص. 566).

(23) "اسلامڪ ڪلچر" اپريل سن 1945ع ۾، "اي پيپ اِن ٽو دي فرسٽ عرب ايڪسپڊيشنس ٽو انڊيا انڊر دي ڪمپينينس آف دي پرافٽ" از: ايم. اسحاق. اسلامڪ ڪلچر، جولاءِ 1946ع ۾ "دي پرابيل ڊيٽ آف دي فرسٽ عرب ايڪسپڊيشنس ٽو انڊيا" از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(24) مثلاً قليچ بيگ ص. 115، 141، 156، 163.

(25) البيرونيءَ جو "انڊيا" ايڊٽ ڪيل اي. سچائو، ج. 1، ص. 124.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11

سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو زوال

”تذڪري“ مطابق [1]، چچ کي سندس راڻي سُهنديءَ مان ٻه پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو ڏهرسيه ۽ ٻئي جو ڏاهر هو. ۽ هن کي ٻائيءَ نالي هڪ ڌيءَ به هئي. جيڪا ائين پيو معلوم ٿئي ته سندس ٻيءَ زال مان هئي [2]. چچ جي مرڻ تي، جيڪو عام طور سن 671ع ڌاري ٿيل سمجهيو ويندو آهي، تخت ۽ تاج جو ورثو انهن ٻنهي پٽن مان ڪنهن به هڪ کي نه مليو. بلڪ اهو هن جي ڀاءُ چندر کي مليو. جيڪو اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، الور جي حاڪم جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو هو. مشرق جي بادشاهين ۾ اها روايت، جنهن جي ذريعي پٽ جي پيٽ ۾ هڪ ڀاءُ وارث بڻبو آهي، انهيءَ حالت ۾ موزون هوندي آهي، جڏهن پٽ صغير هوندو آهي، يا ٻئي ڪنهن نموني ۾ حڪومت هلائڻ جو لائق نه هوندو آهي، ۽ انهيءَ روايت تي سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپر گهراڻن ۾ عام طور عمل ڪيو ويندو هو.

هيءَ حقيقت ”تذڪري“ مان واضح آهي ته چچ جي ٻنهي پٽن مان هڪ به نابالغ ڪونه هو. اُنهن ٻنهي کي سندن چاچي، تخت تي ويهڻ کان ٿورو ئي پوءِ، سخت خطرن جي حالت ۾ اهم فرض سونپيا هئا. پر اسان کي ڪا به اهڙي ڳالهه نظر نٿي اچي، جنهن مان اندازو ٿئي ته انهن مان ڪنهن هڪ به تخت لاءِ دعويٰ ڪئي هجي. اها ڳالهه يقيناً عجيب معلوم ٿيندي، خصوصاً ان ڪري، جو چندر لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو اجا به پنهنجو گهڻو وقت مذهبي معاملن ۾ صرف ڪندو ٿي رهيو. ”تذڪري“ جي تحرير مان شايد اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته چندر لاءِ شاهي اختيار جي اهميت، خاص ڪري هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي گهڻي ڀاڱي اجا بُڌ ڌرم ڇانيل هو، فقط ايتري هئي، جو ان وسيلي هو اُتي پنهنجي ايماني عقيدي، يعني برهمڻڪي مذهب، کي پکيڙي سگهيو ٿي.

سنڌ جي تخت تي هڪ اهڙي وارث جي جاءِ نشينيءَ، جيڪو هڪ حڪمران هئڻ بدران پروهت جي حيثيت ۾ وڌيڪ مشهور هو، خواهشمند دلين ۾ اهڙن جذبن کي جاڳايو، جيڪي چچ جي زوردار بادشاهيءَ ۾ نيم جان ۽ نستيءَ حالت ۾ هئا. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته سيوستان جي سابق گورنر ”متا“، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڇڃ شڪست ڏيئي معاف ڪري ڇڏيو هو. ۽ جنهن پڇي وڃي قنوج جي راجا وٽ پناهه ورتي هئي. تنهن اُنهيءَ راجا کي اها تجويز پيش ڪئي ته سنڌ جي فتح آسانيءَ سان ٿي سگهندي. متا هن کي چيو ته چندر هڪ گياني ڏياني ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجو سڄو وقت ٻين گيانين سان گڏ مندر ۾ پنهنجي مذهب جي تعليم جي مطالعي ۾ صرف ڪري ٿو. هن کي سندس بادشاهيءَ تان لاهي هيٺ ڪرڻ ڏاڍو سولو ڪم ٿيندو. جيڪڏهن اعليٰ حضرت هن جي ملڪ تي قبضو ڪري ۽ اُهو منهنجي حوالي ڪري ته آءُ اُنهن علائقن لاءِ خدمت ۾ ڏن پيش ڪندس، ۽ اُهو حضور جن ڏانهن باقاعدگيءَ سان شاهي خزاني ۾ داخل ڪرڻ لاءِ موڪليندو رهندس." قنوج جو بادشاهه، جنهن جو نالو ساهيرس پٽ راسل چيو وڃي ٿو،- ۽ جيڪو ٻيءَ طرح تاريخ [3] ۾ بلڪل اڻ ڄاتل ۽ اڻ سڃاتل آهي. اُنهيءَ تجويز سان اتفاق ڪري ٿو، ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هن اُنهيءَ ڪم لاءِ ڪشمير جي بادشاهه جي مدد پڻ حاصل ڪري ورتي.

ڪشمير جي راجا لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو "عظيم ڇڃ جي ڏيءَ جي طرفان سندس ڏوهٽو هو"، ۽ هو ڪشمير سان گڏ رمل تي پڻ بادشاهي ڪندو هو. ڪشميري تذڪري ۾ هن واقعي بابت ڪجهه به لکيل ڪونهي، ۽ اهڙيءَ طرح اهو تفصيل محض هڪ من گهڙت ڳالهه آهي. درحقيقت، ٻنهي اتحادين جي سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ واري ڳالهه ڪنهن به طرح سان عقل ۾ نٿي ويهي، ڇاڪاڻ ته هنن لاءِ چيو ويو آهي ته هنن سنڌ جي سرحدي قلعي ديوپور تي قبضو ڄمايو، ۽ ان کان پوءِ هو باقاعدگيءَ سان هڪ جاءِ کان پوءِ ٻي ونندا وڃن ٿا. انهن سيني جا نالا سڃاڻپ کان ٻاهر آهن ۽ پوءِ اُهي هڪ مهيني تائين سنڌ جي سرزمين تي قيام ڪيو وينا رهن ٿا. اُن جي باوجود، هن بيان جي مطابق، چندر کي سندس خطري جو احساس بلڪل آخري وقت تي ٿيو. پوءِ ته هن آڻ مڃڻ جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو، ۽ مضبوط ارادي کان ڪم ونندي، ڏهرسيه کي برهمڻ آباد جي چارج وٺڻ لاءِ موڪلي ڏنو، ۽ هو پاڻ سيي کان نندي راجڪمار ڏاهر سان الور جي بچاءَ لاءِ اُتي ترسي پيو. حملي آورن الور کي گهيرو ڪيو. پرسخت مقابلي کي ڏسي ۽ ڪاميابيءَ جو ڪو موقعو نه سمجهي، هُنن پنهنجو مقصد حرفت سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪڏهن ڏاهر کي پڪڙي سگهجي، ته هوند سڄو مقابلو ختم ٿي وڃي! اهڙيءَ طرح ساهرس

بادشاهه پيغام موڪلي ڏنو تہ هو ۽ سندس اتحادي صلح ڪرڻ ۽ ملڪ کي ڪن شرطن تي خالي ڪري وڃڻ چاهين ٿا. ان ڪري هنن ڏاهر کي حفاظت ۽ اَمان جي ضمانت تحت دعوت ڏني تہ هو سندن ڇانوڻيءَ ۾ اچي ساڻن شروط طئي ڪري. ڏاهر اها قبول ڪئي، پر هو هٿياربند سپاهين جي هڪ وڏيءَ جماعت جي همراهيءَ ۾ ٻاهر نڪتو ۽ انهيءَ صورت سان هو انهن ماڻهن جي سازش کي ناڪام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جيڪي ڪيس دغابازيءَ سان پنهنجي چار ۾ ڦاسائڻ جي خواهش ڪري رهيا هئا. هاٿي، اِنهيءَ هنڌ پهچي، ڪهاڻيءَ ۾ راسل بادشاهه جو نالو سندس پٽ ساهرس جي نالي جي بدران اڳتي آندو ويو ٿو. ڏاهر جي ترار ٻاڙن انهيءَ بزرگ شخصيت کي سوڙهو ڪُـٽي، پنهنجي رحم ڪرم جو محتاج بنايو. جنهنڪري هو انهيءَ ملڪ کي ترڪ ڪرڻ، ديوپور جي سرحدي قلعي کي واپس ڪرڻ ۽ قيدين کي آزاد ڪرڻ جي مطالبن کي منظور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو. شرطن جي تعميل ڪرڻ جي ضمانت طور يرغمال ڏنا ويا. ۽ اهڙيءَ طرح صلح جو عهدنامو ڪيو ويو. ناهہ جي ڳالهين جي هن معاملي ۾ ٻنهي ڌرين طرفان اختيار ڪيل اٽڪل بازيون اهڙيون تہ ظاهر ظهور غير امڪاني آهن، جو ڪاهہ جي سچي ڪهاڻي، جنهن لاءِ ٻي ڪابہ شهادت موجود ڪانهي، شڪ جو شڪار بڻجي وڃي ٿي. ٻئي طرف، اها ڳالهہ ڪا غير امڪاني ڪانهي تہ ڇچ جي مرڻ تي پاڙيسري بادشاهين طرفان سنڌ ۾ بدامني پيدا ڪرڻ ۽ ان جي امن امان ۾ خلل وجهڻ لاءِ اهڙي ئي قسم جي ڪوشش ڪئي ويئي هوندي.

ڇيو وڃي ٿو تہ چندر جي بادشاهيءَ ستن سالن تائين جٽاءُ ڪيو. ۽ هن جي مرڻ پڄاڻان، ڏاهر الور ۾ سندس تخت تي ويٺو [4]. اهو بہ ڇيو وڃي ٿو تہ چندر جي هڪ پٽ نالي راج پاڻ کي برهمڻ آباد ۾ آباد ڪيو. پر جلدئي هن ڏهرسيہ لاءِ اها جاءِ خالي ڪئي. هن ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ ڏکيو آهي تہ ڇچ جي اُنهيءَ وڏي پٽ پنهنجي ريٽجڻ کي، توڻي عارضي وقت لاءِ، ائين چپ چاپ ڪٽي تسليم ڪيو هوندو. خصوصاً هن ڪري، جو اها ڳالهہ انهيءَ اصول سان ٽڪر ڪائي رهي هئي، جنهن موجب خود هن جي مٿان چندر کي ٿـپايو ويو هو. ڏهرسيہ پنهنجي زندگيءَ جي باقي بچيل مدت ۾ برهمڻ آباد ۽ ان جي ماتحت صوبن تي هڪ جدا بادشاهيءَ طور حڪومت هلائيندو رهيو. جيڪا شان و

شوڪت ۽ الور کان ڪنهن طرح به گهٽ ڪانه هئي. جيو وجي ٿو ته هن سابق گورنرن جي لوهاڻي خاندان مان آگهم جي ڌيءَ سان شادي رچائي. پنهنجي پيءُ جي رشتي کي نئين سر تازو ۽ پختو ڪيو.

”تذڪرو“ هاڻي ڏهرسيه ۽ ڏاهر جي ڀيڻ بائيءَ جي ڪهاڻيءَ کي پيش ڪري ٿو. ۽ انهيءَ عورت سان گڏ بربادي جي ديوي اسٽيج تي نمودار ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته ڏاهر جو زوال، جيڪو اُن وقت اچا ڪافي پري هو. هُن جي اُنهيءَ ڀيڻ ڏانهن اختيار ڪيل روش جو سڌو نتيجو شمار ٿئي ٿو. اها ڳالهه خواهه ڪيتري قدر به حيرتناڪ ۽ غير تاريخي نوعيت جي هجي، پر اسين اُن کي نظرانداز ڪري اڳتي وڌي نٿا سگهون. اُن ۾ اسان کي سنڌ جي برهمڻ طرفان مسلم فتح جي اثر هيٺ لاءِ پنهنجي ڀين جي تسليءَ خاطر پيش ڪيل هڪ قسم جي وضاحت ۽ سمجهاڻيءَ جي نوعيت نظر اچي سگهي ٿي. جڻ ائين چئي رهيا هجن ته سڄو سارو ڏوهه ستارن جو نه، بلڪ خود انهن جو پنهنجو به هو.

اها ڳالهه مختصر طور هيئن آهي. ڇچ جي ڌيءَ بائي، پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏهرسيه جي حفاظت هيٺ، برهمڻ آباد ۾ رهندي هئي. ”تذڪري“ جي تحرير مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته هوءَ ڏهرسيه جي تخت تي ويهڻ واري وقت کان پنج سال پوءِ ٿي شاديءَ جي لائق عمر کي پهتي هئي. جنهن مان نتيجو اهو ٿو نڪري ته هوءَ ڇچ جي دنيوي زندگيءَ جي بلڪل آخري وقت ۾ ڄائي هوندي. هن جي سڱ جي ”رمل جي بادشاهه سوين راءِ پائيه“ گهر ڪئي، جيڪو اسان کي پاڙيسري بادشاهيءَ جو، جنهن کي اسين اڄ جيسلمير جي ڀرواري سان سڃاڻون ٿا، حڪمران سمجهڻ گهرجي. ڏهرسيه کي اها ڳالهه ڏاڍي پسند آئي ۽ هن انهيءَ سڱ جو خير مقدم ڪيو. عظيم الشان ڏاج تيار ڪيو ۽ بائيءَ کي موزون حفاظتي دستي سان ڏاهر ڏانهن الور ڏياري موڪليو. ڇاڪاڻ ته ”پائيه“ جي بادشاهه اهو شرط وڌو هو ته بائيءَ جي شاديءَ جي ڏاج طور هڪ سرحدي قلعو کيس ڏنو وڃي.

آخري انتظامن ٿيڻ تائين. ڏاهر کي هڪ مشهور ۽ معروف جوتشيءَ سان پنهنجي بادشاهيءَ جي معاملات جي متعلق مشوري ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي، ۽ هن انهيءَ جوتشيءَ کان پڇي ورتو ته گرهه بائيءَ جي قسمت متعلق ڪهڙي اڳڪٿي ڪن ٿا. جوتشيءَ جواب ڏنو ته سندس حساب ڏيکاري ٿو ته

شهزادي الور جي قلعي جي چوڪيداريءَ کان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪرندي ۽ هن سان انهيءَ بادشاهه کان سواءِ ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ کي شادي ڪرڻي نه آهي، جنهن جو هندستان—يعني سنڌ—جي بادشاهيءَ تي قبضو هجي. انهيءَ ڳالهه ڏاهر کي فڪرمند ڪري ڇڏيو ۽ هن پنهنجي پيءُ جي وزير بُڌيمان سان مشورو ڪيو. انهيءَ شخص تسليم ڪيو ته ڪنهن بادشاهه لاءِ اها ڳالهه ته ناممڪن هئي، جو هو پنهنجي موروثي ملڪ کان محروم ٿيڻ تي خاموشيءَ سان راضي ٿي ويهي رهي، ۽ جيئن نه گرهه غلط ٿي نٿا سگهن. هو ۽ ڏاهر جوتشيءَ جي اڳڪٿيءَ ۾ مڪمل عقيدو رکندا هئا. ان ڪري سنڌ ملڪ جي بادشاهيءَ جي هٿان نڪري وڃڻ کي فقط ان صورت ۾ ٽاري سگهجي ٿو ته ڏاهر بادشاهه پاڻ پنهنجي ڀيڻ سان ظاهري شاديءَ جو ڍونگ رچائي. ڏاهر اها پيشنگوئي پنهنجن خاص معتقد درٻارين کي ٻڌائي ۽ انهن دشوارين جي به نشاندهي ڪئي، ۽ جيڪي هر طرف کان، خواه هو ڪهڙي به رخ ۾ ڦري رهيو هو، سامهون نظر اچي رهيون هيون. "پاڻ کي پنهنجي بادشاهيءَ کان محروم ڪرڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي،" ۽ ٻئي طرف، "وزير بُڌيمان جنهن ڳالهه کي مصلحت آميز سمجهي ٿو، تنهن ۾ اسان جي برهمڻ خاندان لاءِ بدناميءَ جي ڳالهه آهي"- ٻيا بادشاهه ڪيئن ذات نيات مان ڪيئي ڇڏين ها. بهرحال، حرفتي وزير هن ڳالهه جو عملي مظاهرو ڪيو ته ڪيئن نه دنيا وارن لاءِ انتهائي حيرت انگيز ٺاهوڙ ٺهي ٿو ڏينهن کان پوءِ ڪنهن به دلچسپيءَ جو باعث نه ٿو رهي، ۽ هن دليل پيش ڪيو ته جيستائين ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان ڪنهن ٻئي کي شادي ڪرڻ جي اجازت ڏئي ته هن جا بااثر امير ۽ رئيس سنڌن وفادارين انهيءَ شخص ڏانهن منتقل ڪندا، جنهن جي قسمت ۾ لکيل هو ته اهو اڳي يا پوءِ سنڌ جي تخت جو مالڪ ٿيندو. ڏاهر وري پنهنجو اهو پرطرفو مشڪل امرن کي سمجهايو ۽ انهن سڀني بڪواس تي، سنڌس انهيءَ ڳڻ ۾ هن جي حمايت ڪرڻ قبول ڪئي، جيڪو هن جي خيال ۾، بادشاهيءَ کي سنڌس پنهنجن هٿن ۾ محفوظ رکڻ لاءِ ضروري هو. چنانچه راجا ڏاهر ۽ سنڌس ڀيڻ ٻائيءَ جي شادي ڪئي ويئي، هٿن جو پلئو پلئو سان باقاعدي طور ٻڌو ويو ۽ ٻنهي کي تخت تي گڏ ويهاريو ويو. باقي ٻيءَ ڳالهه لاءِ، ڏاهر پنهنجي ترار گهوٽ طور هن جي پاسي ۾ ڇڏي ويو.

ڏاهر پنهنجي وڏي ڀاءُ سان صلاح مشورو نہ ڪيو هو. ۽ هاڻي هُن دير سان پنهنجي ڪارستانيءَ لاءِ هُن ڪي سمجهاڻي ۽ سبب ڏنا ۽ راڄنيتي ضرورت کي پنهنجي طرفان مذهب ۽ رسم و رواج جي ڀڃڪڙيءَ لاءِ سبب طور پيش ڪيو. پر ڏهرسيہ اُنهن خوش ڪُن دليلن سان متاثر ڪونہ ٿيڻو هو. ۽ ان کان پوءِ "چچ نامو" ٻنهي ڀائرن جي تڪرار کان پوءِ اختيار ڪيل حڪمت عملين جو تفصيل سان بيان ڪري ٿو. ڏهرسيہ مڪاري ڪري پنهنجي طرفان ڏاهر کي گرفتار ڪرڻ جو ارادو ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو. ۽ انهيءَ باري ۾ سيني انديشن ۽ شڪن کي رفع ڪرڻ خاطر، الور ۾ اڪيلو داخل ٿيو. سياڻي ٻڌيمان جي صلاح کان سواءِ، ڏاهر ڀڪ ئي ڀڪ ڏهرسيہ سان ڳڏجي، سندس ڇانوڻيءَ تائين وڃي ها. ۽ سچ پچ بہ ڏهرسيہ سان ڳڏجي، هڪ ئي هاٿيءَ تي هُن جي پٺيان ويهي، قلعي کان ٻاهر وڃي رهيو هو. جڏهن ڪيس آخري وقت تي هن ڳالھہ تي آماده ڪيو ويو تہ هو هڪدم قلعي جي صدر دروازي جي چوڪٺ کي ڇنبڙي پوي ۽ پاڻ کي هاٿيءَ کان جدا ڪري وٺي. دروازو ڏهرسيہ جي پٺيان بند ڪيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح ڏاهر صحيح سلامت الور ۾ رهجي ويو. ڏهرسيہ ٿورو ئي عرصو پوءِ، ڏاڍيءَ سهولت سان، بخار ۾ مبتلا ٿي، وقتائتو مري ويو، ۽ ڏاهر کي سنڌ جي بادشاهيءَ جو واحد مالڪ بنائي ڇڏي ويو.

انهيءَ واقعي جي هڪ جدا روايت "تاريخ معصوميءَ" ۾ تحرير ٿيل آهي، جنهن موجب ڏهرسيہ کي سندس ماءُ ۽ ڪن اميرن جي دليلن اُنهيءَ ڳالھہ تي آماده ڪري وڌو تہ هو ڏاهر جي ڀائيءَ سان ٿيل نالي ماتر شاديءَ کي ڪٽي تسليم ڪري، ۽ ٻنهي ڀائرن جي درميان راضي نامو ڪيو ويو. اُنهيءَ بيان ۾ هي پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ ڏهرسيہ اُن ملاقات کان جلد ئي پوءِ قدرتي سببن کان مري ويو [5].

اسين هن ڳالھہ کي، بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي، هڪ تاريخي حقيقت طور تسليم ڪري سگهون ٿا تہ چندر جي مرڻ کان پوءِ، سنڌ ڪجھہ عرصي تائين ٻن آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي حيثيت ۾ ورهايل رهجي ويئي، جن تي چچ جي ٻن پٽن جي بادشاهي قائم هئي. ننڍي ڀاءُ جي وڏائيءَ ۽ ڏيکاءُ تي وڏي ڀاءُ کي سخت ناراضگي هئي، ۽ وڏي ڀاءُ جي مرڻ تي، جيڪو بظاهر وارثن ڇڏڻ کان سواءِ ڪونہ مئو هو، سڄي بادشاهي بنان ڪنهن تڪرار ۽ جنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خاموشيءَ سان سنڌي ڏاهر جي هٿن ۾ هلي ويئي.

"چچ نامي" ۾ ڏهرسيه ڏانهن جيڪي ڳالهيون منسوب ڪيل آهن. تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن ڏاهر کي ڪڏهن به خود مختيار تسليم نه ڪيو هو. جڏهن ڪيس الور ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني ويئي، تڏهن هو ڏاهر ڏانهن پيغام موڪلي ٿو، "آءٌ توسان جنگ ڪرڻ نه آيو آهيان. هيءُ قلعو منهنجي پيءُ جي گاديءَ وارو شهر هو، ۽ هُن ڪان پوءِ اِهو مون ڏانهن آيو آهي. توکي اِن جو قبضو محض منهنجي نمائندي جي حيثيت ۾ مليو هو، ۽ هيءُ بادشاهي منهنجي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن به وقت ٻه تاج گڏ نه رهيا آهن.[6] "چچ نامي" ۾ ڏهرسيه لاءِ چيو ويو آهي ته هُن ٽيهه سال حڪومت ڪئي، پر اها ڳالهه ٻائيءَ واريءَ سڄي ڳالهه کي سالن جي سلسلي جي نقطي نگاهه کان ناممڪن بنائي ڇڏيندي. جيڪڏهن اسين "تذڪري" ۾ ڏنل واقعن جي سلسلي کي قطعي طور رد نه ڪنداسون، ته اُهي ٽيهه سال گهٽجي وڃي وڌ ۾ وڌ ست يا اٺ سال رهندا. جيڪڏهن سالن جي سلسلي ۾ اِهو حساب اختيار به ڪيو وڃي، ته به اڳتي هلي سڄيءَ سنڌ تي ڏاهر جي بادشاهيءَ جي سالن جي حساب ڪڍڻ جي دشواريءَ کان پاڻ بچائي نه ٿا سگهون. مجموعي طور، هن مفروضي جي آڌار تي هلڻ وڌيڪ بهتر نظر اچي ٿو ته ڏهرسيه سال 685ع ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ ڪنهن ويجهڙي سال ۾ مري ويو هو.

ڏاهر هاڻي پنهنجي مئل ڀاءُ جي خزاني ۽ برهمڻ آباد وارن علائقن تي قبضو ڄمايو، جيتوڻيڪ چيو وڃي ٿو ته هن اُن جي پٽ، ڇچ، کي پيءُ جو جائز وارث ۽ جانشين تسليم ڪيو هو. هن ڳالهه جو ڪافي امڪان آهي ته هُن جي طرفان اهڙو وعدو ڪيو ويو هو، پر ڏاهر جي مرڻ کان پوءِ، جڏهن اسان کي پيرو پيرو انهيءَ نوجوان شهزادي جي متعلق اطلاع ملي ٿو، تڏهن اسين هن کي پاڻيه ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاريندي ڏسون ٿا.[7] هاڻي وري هڪ پيرو بيهر هڪ شاديءَ جو بيان اچي ٿو، جيڪا اعتبار جي حدن کان بلڪل ٻاهر آهي، ۽ اُنهيءَ شاديءَ ۾ ڏاهر پنهنجي ڀاءُ جي بيوهه کي زال بڻائي ٿو. جيڪا اڳهم لوهاڻي جي ڌيءَ، ۽ اهڙيءَ طرح سندس پيءُ چچ جي ماٽيلي ڌيءَ هئي، ۽ ممڪن آهي ته ننڍي چچ جي ماءُ پڻ هجي. انهيءَ معاملي ۾ بس ايتروئي چئي سگهجي ٿو ته جڏهن وڏي چچ سياسي سببن جي آڌار تي اهڙين سڳابندين ڪرڻ جي ذريعي

پنهنجي سيني فرقيوارانه تعصبات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو. ته پوءِ سندس پٽ به جيڪڏهن ائين ڪري ته ان ۾ ڪابه حيرت جي ڳالهه ڪانه ٿي ٿي سگهي.

هن کان پوءِ ڏاهر پنهنجو اڪثر وقت الور جي بدران برهمڻ آباد ۾ گذارڻ لڳو. هو اونهاري جا چار مهينا راوڙ نالي هڪ قلعي ۾ گذاريندو هو. جيڪو چچ اڌورو تعمير تيل ڇڏي مري ويو هو. ۽ جنهن کي ڏهرسيه تڪميل تي پهچايو هو[8]، ۽ جنهن جي "آب و هوا صحت بخش ۽ پاڻي منو" هئڻ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهو ڏکڻ. اوير سنڌ ۾. گهڻو ڪري پُراڻ جي ڪناري تي ٺهيل هو. هو سيارو خود برهمڻ آباد ۾. ۽ بهار الور ۾ گذاريندو هو. انهيءَ طريقي سان. چيو وڃي ٿو ته سڄا سارا اٺ سال[9] گذري ويا ۽ ڏاهر سنڌ جي بادشاهه جي حيثيت ۾ پنهنجا پير پختا ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ان کان پوءِ اُتر طرف کان اچا به هڪ ٻي ڪاهه ٿي. "چچ نامو" ٻڌائي ٿو ته اُهو رمل جو بادشاهه هو.[10] جنهن ڏاهر جي وڌندڙ طاقت کان حسد محسوس ڪندي، هن جي ملڪ فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. "تحفة الڪرام" مطابق، اهو قنوج جو بادشاهه رائو مل راءِ هو. هن ڳالهه جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪويه اشارو ڪونه ٿو ملي ته رمل جو هيءُ بادشاهه "رمل جو بادشاهه سويان راءِ پاڻيه" ئي هو. جيڪو ڀائيءَ جي ڀانهن جو ناڪام اميدوار هو. يا ان سان واسطو رکندڙ ڪو ٻيو بادشاهه هو. نه وري اِهو پتو ٿو پوي ته رائو مل راءِ قنوج جي ساهرس جو وارث ۽ جانشين هو. جيڪو چندر جي بادشاهيءَ وارن ڏينهن ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. هيءَ ڳالهه يقيناً حيرت انگيز آهي ته ملڪ جي فتح ڪرڻ لاءِ اها ڪوشش. فقط انهيءَ وقت ۾ ڪئي ويئي، جڏهن ڏاهر سڄيءَ بادشاهيءَ جي مٿان پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪري ڇڏيو هو. اُن جو موزون موقعو ته ظاهري طور اُنهيءَ زماني ۾ هو. جڏهن ڏاهر ۽ ڏهرسيه هڪٻئي سان دست وگريبان هئا ۽ پاڙيسري حڪمرانن کي مداخلت ڪرڻ لاءِ ڀائيءَ جي شاديءَ واري بدناموسيءَ جي ڳالهه هڪ بهانو مهيا ڪري ها.

جيتوڻيڪ ڏاهر جي بادشاهيءَ لاءِ چيو ويو آهي ته اُها مضبوط بنيادن تي قائم ٿي چڪي هئي، پر معلوم ٿئي ٿو ته هو بحرانن سبب همت هاري ويٺو هو. هو پنهنجي وزير کان مشورو گهري ٿو. جيڪو هڪ فصيح ۽ بليغ تقرير ۾ طريقي ڪار جا به مختلف رستا ٻڌائي ٿو. انَ هوندي به ڏاهر آخر ۾ فقط اهو

اعلان ڪري ٿو تہ هو بيعزتيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندو. پر هو اڃا بہ اها ڳالهہ نٿو سمجهي سگهي تہ ڇا ڪجي. وزير بڌيمان نهايت هوشياريءَ سان هن کي هڪ ٻئي صلاحڪار ڏانهن موڪلي ٿو. اُهو صلاحڪار علافي قبيلي جو هڪ عرب هو. جيڪو عبدالرحمان نالي هڪ شخص کي مڪران ۾ هڪ جهيڙي ۾ قتل ڪرڻ ۽ خليفي جي طرفان جلا وطن ٿيڻ ڪري، سنڌ ڏانهن ڀڄي آيو هو ۽ پنهنجن پنهجن سون پوئلڳن سميت ڏاهر جي نوڪريءَ ۾ اچي شامل ٿيو هو. بڌيمان جي هن صلاح تي تہ "عرب قوم کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪو بہ ماڻهو جنگ جو فن نہ ٿو ڄاڻي". ڏاهر هاڻي علافي سردار کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس چيو تہ "هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن کيس انهيءَ مهربانيءَ ۽ پناهہ لاءِ، جيڪا کيس سنڌ ۾ ملي هئي، عيوضو ادا ڪرڻ گهرجي." علافي پنهنجي بهادريءَ ۽ جرئت ڏيکارڻ جي اهڙي موقعي تي خوش ٿيو. ۽ هن کي يقين هو تہ هو ڪامياب ٿيندو. هن بادشاهہ کان پنهنجن ماڻهن کان علاوه محض ڪجهہ وڌيڪ سنڌي گهوڙيسوارن جي جٿي جي طلب ڪئي، تہ جيئن هو دشمن جي ڇانوڻيءَ جي جاسوسي ڪري سگهي. ڏاهر کي پنهنجي مکيہ لشڪر سميت الور کان هڪ ميل جي مفاصلي تي محفوظ مورچي ۾ رهي انتظار ڪرڻو هو. عرب سردار ڏنو تہ رمل جا جانباز. جيڪي ڪنهن بہ مخالفت کان سواءِ سنڌ ۾ ايترو اندر گهڙي آيا هئا. پنهنجي لاءِ ڪو باقاعدي حفاظتي دستو نٿا رکن. ان ڪري هن پنهنجي گهوڙيسوار فوج جي مدد سان انهن تي شبخون هنيو. اهو حملو مڪمل طور ڪامياب ٿيو. ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ جنگ ۾ هلاڪ ڪيلن کان علاوه، اسي هزار بهادر انسان ۽ پنجاهہ هاٿي پڪڙيا ويا."

ڏاهر بظاهر سيني قيدين کي قتل ڪرائڻ جي حق ۾ هو. پر سندس وزير هن کي چيو تہ بادشاهہ جو اهو فرض آهي تہ فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ هو رحمدليءَ جو مظاهرو ڪري. ڏاهر اُن فراخدلانہ طريقي سان هلڻ ۾ اطمينان محسوس ڪري، پنهنجي سياڻي وزير کي چيو تہ "گهُر جيڪي گهرڻو هجيئي." بڌيمان هن کي چيو تہ هو بي اولاد هو. ۽ کيس انهيءَ ڳالهہ جو فڪر هو تہ هو مرڻ کان پوءِ انهيءَ ملڪ ۾ وساريو نہ وڃي، جنهن جي هن ايڏي ڊگهي عرصي تائين خدمت ڪئي هئي.. جيڪڏهن سندس نالو ملڪ جي سڪي جي پٺئين پاسي اهڙيءَ طرح سان اُڪيري سگهجي، جهڙيءَ طرح اُن جي سُٻتي

پاسي تي خود بادشاهه جو نالو اُڪيريل رهي ٿو، تہ هو هميشہ لاءِ ياد رهندو. ڏاهر خوش ٿي، هن جو اهو عرض اگهايو. اِنهيءَ ڳالهہ جو پتو نہ ٿو پوي تہ عرب سردار کي ايڏيءَ فتح جي انتظام ڪرڻ جي صلي ۾ ڪهڙو انعام مليو.

”چچ نامي“ جي مطابق، ڏاهر جي ڏينهن ۾، جڏهن هو سڄيءَ سنڌ جو واحد مالڪ هو، انهن واقعن کان اڳ ۾، جن جي نتيجي ۾ سنڌ تي سڄيءَ طرح عربن حملو ڪيو، اِهو واقعو وڏي ۾ وڏو ٿي گذريو هو. هڪ دفعو وري بہ اسان لاءِ هِن ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو، جڏهن اِنهيءَ واقعي کي، ان جي مخصوص غير امڪاني تفصيلن جي لباس کان ڌار ڪري، ڏسون ٿا تہ اهو واقعي حقيقتن جي ڪنهن نوس بنياد تي بيٺل بہ آهي يا نہ! ممڪن آهي تہ اِهو قصو ڏاهر کي هڪ بزدل انسان جي حيثيت ۾ ڏيکارڻ ۽ عرب سردار جي شان و شوڪت کي وڌائي ڏيکارڻ جي ٻٽي مقصد سان گهڙيو ويو هجي، جيڪو اُنهيءَ زماني ۾ اتفاق سان ڏاهر جي ملازمت ۾ اچي بيٺو هو. وري، سياڻي وزير ٻڌيمان کي، جيڪو هڪ رومانوي افسانن جو مخصوص اداڪار آهي، اسٽيج تي آخري پيرو نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو.

اهو فرض ڪندي تہ رمل جي بادشاهہ طرفان سنڌ تي ڪاهہ سچ پچ ڪئي ويئي هئي، ۽ اهو بہ تسليم ڪندي تہ علافيءَ ان کي شڪست ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، تہ پوءِ انهيءَ واقعي جو سال سن 85 هہ مطابق سن 704ع مقرر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُهوئي سال هو، جنهن ۾ علافي قبيلي وارا ڪندابيل کي ڇڏي آيا هئا ۽ سنڌ جي بادشاهہ ڏاهر جي ملازمت ۾ اچي شامل ٿيا هئا. اها ڳالهہ ”چچ نامي“ ۾ ڏنل عربن جي انهن ڪارنامن مان صاف ظاهر آهي، جيڪي هُنن مڪران ۾ سرانجام ڏنا هئا، جن لاءِ وقائع نگار کي معلومات جا اِنهيءَ کان گهڻا بهتر ذريعا حاصل هئا، جيڪي هن کي اُنهيءَ زماني جي سنڌ جي بين واقعن متعلق ميسر هئا.[11] اتڪل روءِ مقرر ڪيل انهيءَ امڪاني سال کان وٺي، پنتي حساب ڪندي، اهو نظر ايندو تہ ڏاهر جي پاءُ جي مرڻ کان پوءِ هن جي پُرامن بادشاهيءَ جو زمانو ”چچ نامي“ ۾ ڄاڻايل انن سال جي بدران ارڙهن سال هوندو.

فقط ڪي ڇهہ يا ست سال پوءِ اُهو واقعو رونما ٿيو، جنهن ڏاهر تي خليفي جي ڪاوڙ کي نازل ڪيو، ۽ سنڌ جي خلاف اسلام جي ترار کي مياڻ

ڪان ٻاهر آندو. ڪجهه ساموندي لٽيرن، جن سان انهيءَ زماني خواه ان ڪان پوءِ ڪيترين ئي صدين تائين ڪاٺياواڙ، ڪڇ ۽ سنڌ جا ساموندي ڪنارا ڀريا پيا هوندا هئا، ۽ جيڪي پنهنجين سرگرمين لاءِ ڪنهن طرح ديبل بندر به استعمال ڪندا هئا، ڪجهه جهازن تي قبضو ڪيو، جيڪي خليفي لاءِ قيمتي مال کڻي وڃي رهيا هئا. انهيءَ واقعي جي متعلق "چچ نامي" جي روايت اها آهي ته اهو قيمتي سامان سلونَ جي راجا طرفان خليفي ڏانهن موڪليل سوکڙين پاکڙين تي مشتمل هو، جنهن ۾ موتي، هيرا جواهر ۽ ڪجهه حبشي غلام شامل هئا. جهاز تي ڪجهه مسلمان عورتون به سوار هيون، جيڪي ڪعبي جي زيارت ڪرڻ ۽ خليفي جي دارالحڪومت کي ڏسڻ لاءِ سفر ڪري رهيو هيون. انهن کي پڻ قزاقن طرفان عيوض جي رقم وصول ڪرڻ لاءِ ديبل ۾ روڪيو ويو.

جيڪڏهن عرب خلاصي ۽ جهاز ران انهيءَ دؤر ۾ سلون سان ساموندي سفر ڪري رهيا هئا، جيئن بلڪل ممڪن ٿي سگهي ٿو، ته اُها ڪا غير امڪاني ڳالهه ناهي ته اتان جو بادشاهه اسلام جي طاقت جون ڳالهيون ٻڌڻ سان ايتريقدر متاثر ٿيو هجي، جو هن خليفي ڏانهن تحفاتحائف موڪليا هجن. جهازن تي مسلم عورتن جي موجودگيءَ جو هن مفروضي ڪان سواءِ ڪو جواز موجود ڪونهي، ته سلون جي ساموندي بندرن يا هندستان جي مغربي ڪناري تي ڪي عرب واپاري آباد ٿيل هئا. اسان کي اهو به ٻڌايو ويو آهي ته انهن جهازن تي ڪجهه واپاري پڻ سوار هئا، جن کي به ديبل تي روڪيو ويو. پر اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته اهي مسلمان هئا يا سلون جا رعيتي هئا.

"تاريخ معصوميءَ" جي مطابق اهي جهاز ڪن شامي واپارين جا هئا، ۽ انهن کي خليفي عبدالملڪ طرفان ڪنيزن ۽ هندستان ۾ نهندڙ قيمتي ڪپڙن خريد ڪرڻ لاءِ، اوڏانهن موڪليو ويو هو. اهي جهاز انهيءَ سامان سان ڀرجي، موٽ تي ديبل بندر وٽ اچي لنگرانداز ٿيا، جتي انهن تي ساموندي لٽيرن حملو ڪري، متن قبضو ڪيو. اهو بيان مجموعي طور تي اُنهيءَ بيان ڪان وڌيڪ امڪاني معلوم ٿئي ٿو، جيڪو "چچ نامي" ۾ ڏنل آهي.(12)

جهازن جي خلاصين مان ڪن ڀاڄ کي قيد ٿيڻ ڪان بچائي ورتو، ۽ اهي لڪندا ڀڄندا، خليفي جي مشرق واري گورنر، حجاج، وٽ وڃي پهتا. جڏهن هن کي اها خبر ٻڌائي ويئي ته ڪجهه مسلمان عورتن قيد ٿيڻ وقت هن جو نالو

ڪٽي، ڪيس مدد لاءِ پڪاريو هو. تڏهن هو رڙ ڪري اٿيو ۽ چيائين تہ "اچهو آيس!" ڇاڪاڻ تہ انهن عورتن جا آواز انهيءَ مهل ٻڌي رهيو هو. هن فوراً هڪ خط ڏاهر ڏانهن لکايو، جنهن ۾ هن کان تحڪمانہ انداز ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ هو عورتن کي هڪدم آزاد ڪري، ۽ جيڪي تحفاتحائف خليفي ڏانهن موڪليا ويا هئا، سي بہ هڪدم واپس ڪرڻ جو انتظام ڪري. قاصد کي پهريائين مڪران جي ڪمانڊر محمد هارون ڏانهن موڪليو ويو، جنهن لاءِ هدايت هئي تہ هو اُن قاصد کي هڪ آفيسر ساڻ ڏيئي، ڏاهر ڏانهن عورتن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ خاطر اڳتي موڪلي. ڏاهر خط ملڻ سان پنهنجي مٿان ڪنهن بہ ذميداريءَ کي قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو، ۽ جواب ۾ چيائين تہ اُهي ساموندي لٽيرا سندس قبضي ۾ ڪين هئا، انهيءَ ڪري هو اُن باري ۾ ڪجهہ ڪرڻ کان قاصر هو. ان کان پوءِ حجاج سڄو معاملو خليفي وٽ پيش ڪيو ۽ ڪجهہ تڪليف سان مس مس هن کي سنڌ جي خلاف جهاد جي اعلان ڪرڻ تي آماده ڪيو.

مسلمانن هٿان سنڌ جي فتح ٿيڻ جو بيان هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ڏنو ويندو، پر اِهو موزون آهي تہ هن هنڌ تي اسين اُنهن واقعن جي نشاندهي ڪريون، جيڪي هندو راڄ جي آخري ڏينهن ۾ حڪومتي ڪاروبار ۽ اتان جي ماڻهن جي حالت تي ڪجهہ روشني وجهن ٿا.

جيتوڻيڪ بُذيل جي زير قيادت ديبل تي هن مهم جي پهرين ڪاهہ مڪاني سنڌي فوج تي ابتدائي سوڀ پائڻ کان پوءِ ڏاهر جي پٽ جئسيہ هٿان شڪست کائي، پوئتي موٽي چڪي هئي، تنهن هوندي بہ نيرون جي ٻوڌي حاڪم کي جنهن جي شهر کي پڻ مسلمان فوجن کان خطرو محسوس ٿي رهيو هو، اها خاطري ٿي چڪي هئي تہ اُن کان پوءِ عربن طرفان هڪ ٻي وڌيڪ طاقتور مهم سنڌ جي خلاف موڪلي ويندي، انهيءَ ڪري هُن حجاج سان هڪ خفيہ ناهہ ڪري، خود پنهنجي ۽ پنهنجي شهر لاءِ پناهہ جي ضمانت وٺي ڇڏي، ۽ عربن جي اَچڻ مهل لاءِ، ويندي اُنهن کي ڏنَ ادا ڪرڻ تائين، پاڻ کي ذميدار ٺهرائي ڇڏيو. ڏاهر لاءِ سمجهجي ٿو تہ هو اِئين سمجهي ويهي رهيو هو، تہ هُن اُن طرف کان وڌيڪ جارحيت جي خلاف ڪافي ڪجهہ اقدام ڪري ڇڏيا هئا. (اِتي سگهي ٿو تہ جئسيہ هٿان بذيل جي پهرينءَ ڀاڄ تي، اُن سلسلي ۾، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورت کان زيادهہ مطمئن ٿي چڪو هو). جنهنڪري هُن ديبل کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ يا ڏکڻ اولهہ سنڌ ۾ فوجن جي جوڳي انتظام لاءِ مزيد ڪجهہ بہ نہ ڪيو. اندازو اهو آهي تہ هو محمد بن قاسم جي لشڪر جي پيشقدميءَ کان باخبر بہ هو. پر هن ايڏي وڏي لشڪر جي حملي کان ديبل کي پنهنجي بچاءَ پاڻ ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. ۽ اُنهيءَ قلعي جي حاڪم، جنهن پڻ بسرسيات راوت، ڏانهن مدد طور فقط اُٺ ۽ گهوڙا موڪلي ڏنا. "چچ نامي" مطابق اُنهيءَ قلعي جي برهمڻ، جيڪو گهيري جي شروع ٿيڻ جي پهرين ٿي ڏينهن ۾ حملي آور ڪمانڊر جي ڇانوڻيءَ ۾ وڃي حاضر ٿيو هو، ۽ جنهن هن کي ٻڌايو هو تہ قلعي تي قبضو ڪيئن ڪيو وڃي، تنهن پنهنجي انهيءَ روش جي وضاحت هن طرح ڪئي، تہ ستارن مان صاف طرح سنڌ تي اسلام جي غلبي ۽ قبضي جي پيشنگوئي ٿي چڪي هئي. بعد ۾ اسين ڏسون ٿا تہ ٻُڌيہ جو حاڪم ڪاڪا ڪوتڪ بہ سنڌ جي جوتشين جي انهيءَ اڳڪٿيءَ کان باخبر هو، ايتري قدر، جو هن عرب فوج تي فقط شبخون هڻڻ تي رضامندو بہ تمام گهٽي شش و پنج کان پوءِ ڏيکاريو هو. پوءِ جيئن ئي هُن جو اهو شبخون ناڪامياب ٿيو، تيئن ئي هن هڪدم آڻ ڪٽي مڇي، ۽ ان لاءِ هن سبب اهو ئي ڳڙهن جو اڳواٽ ٿيل فيصلو ڏنو. موڪاهہ پڻ بسايي نالي هڪ ٻئي سردار بہ وفاداري بدلائڻ لاءِ اهو ساڳيو سبب پيش ڪيو. اسين هن باري ۾ شڪ نہ ٿا ڪري سگهون تہ اهو خيال تيزيءَ سان سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي ويو هو ۽ اُن ماڻهن کي جنهن خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو، تنهن جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. سنڌوءَ جي اُلهندي ڪپ وارن سنڌ جي ماڻهن کي سنڌن بادشاهہ قسمت جي چڪر ۾ ڦاٿل ۽ بي يارو مددگار نظر اچي رهيو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هُن اُنهن جي مدد لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڏاهر پاڻ بہ جوتشين سان مشورو ڪيو هو. جيڪي هِنن معاملن ۾ رواجي طرح شاهي ناراضگيءَ ۽ غضب جي نتيجن کان آجا ۽ بي فڪر هوندا هئا، ۽ هنن، سواءِ ڪنهن رک رکاءَ جي، ڪيس ڇئي ڏنو تہ اسلامي لشڪر جي نصيب ۾ فتح لکيل آهي، ۽ هن کان پوءِ نيرون سنڌن قبضي ۾ ايندو. نيرون جو حاڪم، جنهن لاءِ اسان اڳيئي معلوم ڪري آيا آهيون تہ هو حجاج سان معاهدو ڪري، غدار بنجي چڪو هو، سو انهيءَ وقت ڏاهر جي دربار ۾ موجود هو. جيتوڻيڪ بادشاهہ کي هن ۾

سڌي سنئين شڪ ڪرڻ جو ڪو سبب نظر نہ ايندو هوندو. اُن جي باوجود هن کي اهڙين حالتن اندر هن جي مدد ۽ پنيرائيءَ لاءِ وڏيڪ لشڪر ڏيڻ کان سواءِ واپس اوڏانهن موڪلڻ، بظاهر تباهيءَ کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. پر ڏاهر ائين ئي ڪيو[13] ۽ اُنهيءَ حاڪم اتي پهچڻ شرط قلعو عربن جي قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيو، ۽ پاڻ حجاج سان ڪيل ناهہ جي پوئواري ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

جيڪو خط ڏاهر ديبل جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم ڏانهن موڪليو، سو بظاهر حالات سان پوريءَ طرح مطابقت رکي ٿو. جيتوڻيڪ اسين سمجهون ٿا تہ اُهو يقيناً "تذڪري" جي ليکڪ جي ذهن جي ايجاد آهي. بادشاهہ پنهنجي عظيم سامونڊي بندر ديبل جي عظمت کي گهٽائي، ان کي واپارين ۽ هنرمندن جو شهر سڏي، چوي ٿو تہ اُن جي فتح هن (محمد بن قاسم) کي ڪو خاص شان و شوڪت عطا نہ ٿي ڪري. اِنهيءَ ڪري هُن لاءِ بهتر ائين ئي ٿيندو تہ هو اِنهيءَ ڳالهہ تي پوريءَ طرح سوچ ويچار ڪري تہ جيڪڏهن هو. يعني ڏاهر. اُنهيءَ موقعي تي بہ پنهنجي مشهور پٽ ڄئسيہ کي سندس مقابلي لاءِ موڪلڻ ۾ مصلحت سمجهي ها. تہ جنگ جو نتيجو ڪهڙو نہ مختلف نڪري ها! اهڙيءَ طرح جي ڏاڙ ۽ لباڙ جو اِنهيءَ ڌمڪيءَ سان اختتام ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن عرب جنرل اڳتي وڌي ايندو، تہ هن جو انجام بہ بـُـذيل جهڙوئي ٿيندو. پر سنڌ جي بادشاهہ سنڌوءَ جي اولهہ وارن قلعن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪوبہ قدم نہ کنيو. لشڪر کي گهربل انداز ۽ قوائد سان ميدان ۾ بيهارڻ جي ڳالهہ تہ هن کي ياد بہ ڪانہ هئي!

هِـنن حالتن ۾ اسين سيوستان جي عقلمند ۽ نيڪ خصلت ٻوڌين کي قلعي جي گورنر، ڏاهر جي سوٽ ٻڄيرا، کي بنان لڙائيءَ جي پيش پوڻ جي صلاح ڏيڻ لاءِ مشڪل سان ڪو ڏوهہ ڏيئي سگهون ٿا. هنن پهريائين تہ پنهنجي حاڪم کي پنهنجي مذهب جي اُنهيءَ عقيدي جو واسطو ڏنو، جنهن موجب رتوڇاڻ ڪرڻ چڱو ڪم ڪونہ هو. پر جڏهن اُنهن هُـن کي ضد ڪندي ڏٺو، تڏهن ڪيس صاف لفظن ۾ چتاءُ ڏنائون تہ هو پاڻ سڌيءَ طرح مسلمانن سان عهدنامو ڪندا. جيڪي "پنهنجي وعدي کي پاڙڻ جي شهرت رکندڙ آهن". ۽ اِنهيءَ طرح سندن جانيون ۽ مال ملڪيت نقصان کان بچي سگهندا. معلوم ٿئي ٿو تہ شهر ۾ انهن جي ئي اڪثريت هئي، ۽ جيئن ئي گهيرو شروع ٿيو، تيئن

ٿي اُنهن حملي آور فوج ڏانهن پيغام موڪلي ڏنو ته ٻچيرا وٽ مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانهي. اُها حالت ڏسي، قلعي جو حاڪم فرار ٿي ويو، ۽ ٻوڏي شهرين سان اِهائي روش اختيار ڪئي ويئي، جنهن جي انهن توقع رکي، عهدنامو ڪيو هو.

مغربي سنڌ جي جنگجو ڇنا قبيلي جي ڦري وڃڻ جو سبب اهو معلوم ٿي رهيو آهي، جو اُنهن جي ڪنهن به قيادت ڪانه ڪئي. "تحفة الڪرام" مطابق، هنن مسلم چانوٽيءَ ڏانهن پنهنجو جاسوس جائزي وٺڻ لاءِ موڪليو. ۽ ڇيو وڃي ٿو ته هن واپس اچي جڏهن ڪين مسلمانن جي نماز ۾ ڏنل اتحاد ۽ نظم و ضبط جو بيان ٻڌايو. تڏهن اهي ايتريقدر ته متاثر ٿيا، جو هنن پنهنجي قسمت مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو [14].

ڪاڪا ڪوتڪ، ٻُڌيہ جو حاڪم، جنهن لاءِ اسين اڳيئي چئي آيا آهيون ته هن جڏهن حالات مان ستارن جي پيشنگوئيءَ کي سچو ثابت ٿيندي ڏٺو، تڏهن هو پيش پيو. تنهن کي محمد بن قاسم پنهنجي قرب ۾ ايترو ته ٻڌي ڇڏيو، جو هو مسلمانن جي حق ۾ هڪ نهايت ئي جاندار ڪارڪن ثابت ٿيو ۽ هن سنڌ جي ٻين ڪيترن عاملن ۽ حاڪمن کي آڻ مڃڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ عربن کان اُنهن کي سلامتيءَ جي ضمانت وٺي ڏنائين، ۽ جيڪي مقابلي ڪرڻ تي آماده ٿيا ٿي، تن جي خلاف هو پاڻ عرب فوج جي رهنمائي ڪندو رهيو.

اهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته سنڌ جي سڄي الهندي علائقي ۾ ڏاهر جي رعايا جو هر طبقو هن کي ڇڏيندو ويو. جيڪڏهن بادشاهه فقط همت ڪري عربن جي پيشقدميءَ کي روڪڻ ۽ سندن مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪو لشڪر اوڏانهن موڪلي ها، ته شايد گهٽائي حاڪم ۽ سردار هن سان پوريءَ طرح وفادار رهن ها. نيرون جي "ساماني" حاڪم کي، هڪ اهڙي وقت تي دشمن سان معاهدي ڪرڻ لاءِ، جڏهن ڏاهر، هڪ بادشاهه جي شان مطابق، دشمن کي ديس مان ڌڪي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي پٽ کي روانو ڪري رهيو هو، واقعي غدار قرار ڏيئي سگهجي ٿو. باقي ٻيا سردار ۽ حاڪم پنهنجي بچاءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ دليل پيش ڪرڻ جهڙا هئا ته اُنهن سان سندن بادشاهه پهرين بيوفائي ڪئي ۽ هن کي بيواهو ڇڏي ڏنائين. انهن جي روش کي قابل معافي سمجهڻ لاءِ سندن حق ۾ هن ڳالهه تي به ضرور غور ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي سڄي الهندي

علائقي جون سرحدون انهيءَ ملڪ سان لڳي رهيون هيون، جنهن تي مسلمانن جي بالادستي قائم ٿي چڪي هئي.

بهرحال، سنڌ جي اولاهين حصي تي مسلمانن طرفان ڪيل قبضي ڇڏائڻ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماٺيءَ ڪوشش ضرور ڪئي. چندرا رام هالڻ، جنهن جي متعلق چيو ويجي ٿو تہ هو سيوستان جو سابق گورنر ٿي رهيو هو، تنهن "انهيءَ علائقي جي ڪجهہ ناڪرن ۽ مقامي عملدارن کي انهيءَ بغاوت ۾ سندس ساٿ ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو. جيڪا قلعي جي قبضي حاصل ڪرڻ ۽ ضلعي ۾ مقيم عرب فوج کي هڪالي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي، پر هن کي محمد بن قاسم طرفان موڪليل هڪ فوج طرفان شڪست ڏني ويئي، ۽ ائين پيو پانڄي تہ هو انهيءَ معرڪي ۾ مارجي ويو. شهر جا رهاڪو هن سان ڪنهن بہ تعلق هئڻ جي دعويٰ کان انڪاري ٿيا، ۽ چيائون تہ هو ڏاڙيلن جو هڪ سرغنو هو، جنهن اوچتو انهيءَ جاءِ تي قبضو ڪيو هو، ۽ ان ڳالهہ تي سپهہ سالار جي ماتحت سردار، محمد مصعب، هنن کي معاف ڪري ڇڏيو. انهيءَ رحمدليءَ ماڻهن جي راءِ کي عربن جي حق ۾ موڙي ڇڏيو، ۽ پوءِ شهر جي سلامتي ۽ بچاءَ لاءِ نون انتظامن ڪرڻ کان پوءِ محمد بن مصعب آسپاس جي علائقن مان عربن جي مکيہ لشڪر ۾ امدادي دستي طور چئن هزار جنگجو ۽ ويڙهو ماڻهن جو هڪ وڏو لشڪر سندن جهنڊي هيٺ خدمت ڪرڻ لاءِ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو."

انهيءَ واقعي کان اڳ ديبل کان آيل ماڻهن جي، هڪ جماعت طرفان، جيڪا هاڻي مسلمانن جي مفاد ۾ ڪم ڪري رهي هئي، محمد بن قاسم کي چيو ويو هو تہ مهراڻ جي اپرندي طرف واقع "بيٽ" ضلعي جو هڪ بااثر سردار، راسيل ولد بسايو، سندن تقليد ۾ ڪم ڪرڻ جو خواهشمند هو ۽ بيٽ ماڻهن کي پڻ ائين ڪرڻ جو مشورو ڏيندي رهيو هو. جلد ئي پوءِ راسيل پاڻ مسلمانن جي سالار اعليٰ کي پيغام موڪليا، جن ۾ هن پنهنجي وفاداريءَ جو اظهار ڪيو، پر ان کان پوءِ جيڪي ڳالهيون رونما ٿيون، تن مان ائين بيهو پانڄي تہ هو پنهنجي طرفان عربن کي وفاداريءَ جو قطعي وعدي ڏيڻ جي معاملي کي انهيءَ وقت تائين ملتوي ڪندو رهيو، جيستائين کيس اسلام جي فتحمند ٿيڻ جي خاطري نہ ٿئي. هن جي پاءُ، موڪاهہ بسايي پڻ، جنهن جا هن سان تعلقات خوشگوار نہ هئا، محمد بن قاسم کي پنهنجي طرف متوجهہ

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ جيئن تہ سندس انهيءَ ڪوشش ڪي چڱيءَ نظر سان ڏٺو ويو، ان ڪري هن پنهنجي ياءُ راسيل کان گوءِ ڪٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ جيئن ئي ڪيس سپهہ سالار طرفان اهو پڪو وعدو مليو تہ جيڪڏهن هو مسلمانن جي طرفدار هئڻ جو کليو اعلان ڪندو تہ ڪيس انهيءَ علائقي جي حڪمران جي حيثيت ۾ مستقل طور مقرر ڪيو ويندو، تڏهن هن هڪ اهڙو منصوبو گهڙيو، جنهن لاءِ هن سمجهيو تہ اُهو هن کي سندس قوم جي ماڻهن ۾ بدنام ٿيڻ کان بچائيندو. اُهو منصوبو هيءُ هو تہ هو عربن جو اوچتو ۽ اتفاقي طور قيدي بڻجي ويندو. انهيءَ منصوبي جي متعلق هن جو خط، بظاهر حادثاتي طور عربن جي ور چڙهتو هو. چچنامي مطابق، هن محمد بن قسم کي پنهنجي انهيءَ منصوبي جو اطلاع جنهن خط ۾ پهچايو، تنهن ۾ هن پنهنجن حقير ۽ نفرت جوڳن مقصدن کي صاف صاف بيان ڪيو. سپهہ سالار، يقيناً هن لاءِ پنهنجي دل ۾ نفرت محسوس ڪئي هوندي، پر موڪاهہ جنهن انتظام ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هو، سو هن عملي صورت ۾ ڪرڻ منظور ڪيو. ڏاهر کي درحقيقت انهيءَ باري ۾ خبردار ڪيو ويو هو تہ موڪاهہ هن سان غداري ڪرڻ وارو آهي، پر وقت نڪري چڪو هو ۽ هو سندس خلاف قدم کڻي نہ سگهيو. موڪاهہ کي، منصوبي مطابق، پڪڙيو ويو ۽ محمد بن قاسم طرفان هن کي "بيٽ" ضلعي جو موروثي راڻو تسليم ڪيو ويو، ۽ ساڻس نهايت امتيازي سلوڪ ڪيو ويو. واقعن جي تحريري بيان مطابق، اهو پهريون مثال هو، جنهن عربن طرفان ڪنهن کي اهڙو اعليٰ اعزاز عطا ڪيو ويو هو. پر هن کي جيڪو علائقو اهڙيءَ طرح قبضي ۾ ڏنو ويو، سو مهراڻ جي اُيرندي ڪناري تي واقع هو، ۽ مسلمان فاتحن جي زيردست هئڻ جي حيثيت ۾ موڪاهہ جو پهريون فرض، انهن کي درياءَ پار ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ٻيڙيون ڪٺيون ڪري ڏيڻ هو.

محمد بن قاسم، انهيءَ وچ ۾ ڏاهر ڏانهن پنهنجو ايلچي موڪلي ڇڏيو هو، جنهن سان گڏ هن راجا جي سابق رعايا مان هڪ اهڙو ماڻهو پڻ مترجم طور موڪليو، جيڪو ديبل جو رهاڪو هو، ۽ انهيءَ وقت مذهب بدلائي مسلمان ٿي چڪو هو. راجا کي هنن ٻن ڳالهين مان هڪ تجويز تي عمل ڪرڻ جي آڇ ڪئي ويئي تہ يا تہ هو پاڻ لشڪر سميت درياءَ پار ڪري، الهندي ڪناري تي اچي، ساڻن لڙائي ڪري، يا تہ هو عرب فوج کي ساڳيءَ طرح، ٻنهي ...

مقابلي جي، درياءُ پار ڪرڻ ۽ سنڌن مرضيءَ مطابق منتخب ڪيل لڙائيءَ جي ميدان تائين اچڻ جي اجازت ڏئي.

ڏاهر پنهنجي وزير، بُڌيمان، جي جانشين سان صلاح ڪئي، جنهن جو نالو سياڪر هو. هن ڪيس ياد ڏياريو تہ هن انهيءَ موقعي کان اڳ سندس انهيءَ صلاح کي نظر انداز ڪيو هو، جنهن ۾ ڪيس چيو ويو هو تہ هو درياءَ جي اُلهندي ڪناري تي عربن جي قبضي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي لشڪر کي اُتي پهچائي. پر هاڻي، موزون رستو اهوئي هو تہ هنن کي درياءَ پار ڪرڻ ڏنو وڃي، ملڪي ماڻهن ۽ مالي وسيلن تي مشتمل ملڪ جي مکيہ طاقت سنڌ جي اُپرندي حصي ۾ هئي، ۽ ان کي عربن جي خلاف چڱيءَ طرح استعمال ڪري سگهبو، جڏهن تہ مهراڻ انهن جي پٺ ۾ هوندو، جيڪو انهن جي نئين ۽ تازي فوجي مدد ۽ رسد جي سامان پهچڻ جي رستي ۾ مؤثر رڪاوٽ ثابت ٿي پئي سگهي. محمد علافيءَ، جنهن سان ڏاهر ان کان پوءِ مشورو ڪيو، هن کي انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ خلاف صلاح ڏني. اسلامي لشڪر هڪ دفعو سنڌ جي اُپرندي علائقي ۾ پنهنجا پير ڄمائيندو تہ پوءِ اهي انهيءَ علائقي تي قبضو قائم رکندا ۽ بادشاهہ جا گهڻا ماڻهو انهن جي پيش پوندا. مهراڻ کي دفاعي لائين طور قبضي ۾ رکيو وڃي ۽ ان تي بيڙين رستي پهرو لڳايو وڃي، ۽ اُلهندي طرف وارين قومن ۽ قبيلن کي حڪم ڏنو وڃي تہ اهي عربن جي پنيان ڇاپا مار جنگ جاري رکن ۽ انهن جي رسد ۽ فوج جي پنيان رهجي ويل انهن جي ماڻهن کي مکيہ لشڪر سان ملڻ کان روڪيو وڃي.

ڏاهر اهو فيصلو ڪيو تہ هن معاملي ۾ سندس وقار لاءِ بهترين رستو اهو ٿيندو تہ هو پاڻ کي بي پرواهہ ظاهر ڪري، ۽ ان ڪري هن عرب سپہ سالار کي اطلاع ڪيو تہ درياءَ پار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي انتخاب جو معاملو هو خود سندس مرضيءَ تي ڇڏي ٿو. هاڻي هن کي موڪاهہ بسايي جي دغابازيءَ جي خبر بہ پيئي. جنهن تي هن پنهنجي پٽ، جئسيہ کي هڪ طاقتور لشڪر سان مسلمانن جي آڏو محاذ قائم ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو. انهيءَ وقت عربن کي رسد جي سامان جي ڪمي محسوس ٿي رهي هئي، ۽ هنن جا گهڻائي گهوڙا بيماريءَ وگهي مري چڪا هئا. جنهن صورتحال ڏاهر کي اها همت ڏياري، جو هن مسلمان سپہ سالار کي سندس مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ جو طعنو ڏياري موڪليو.

ائين پيو ڏسجي ته هن هڪ پيرو وري سيني احتياطن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي زبردست طاقت ۾ مڪمل اعتماد جي مظاهري ڪرڻ لاءِ سڄو پنهنجو وقت شيل شڪار ۽ عام تفريحن ۽ وندر ۾ وڃائي ڇڏيو. پر ان جو نتيجو اهڙو نڪتو، جو هن جي اهڙيءَ هلت سندس ئي ماڻهن جي اعتماد ۾ رخنو وڌو. اُنهيءَ صورتحال کي ڏسي، پَندوبر ساماني، جيڪو هن جي وزيرن مان هڪ نظر اچي ٿو، هن جي اڳيان احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيو. ڏاهر پنهنجي دستور مطابق، سامانيءَ کان صلاح گهري، جنهن هن کي چيو ته هاڻي هن لاءِ ٽي رستا کليل هئا. هڪ ته هو پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين ۽ ٻارن ٻچن کي ملڪ کان ٻاهر موڪلي ڏئي، ۽ پوءِ دشمن سان پوريءَ طاقت سان جنگ جوٽي، يا هو پنهنجي لشڪر کي ٻن حصن ۾ ورهائي، هڪ حصي کي عربن جي پيشقدميءَ کي روڪڻ تي مجبور ڪري، باقي ٻيو حصو ساڻ وٺي، پنهنجي بادشاهيءَ جي انتهائي دشوار گذار علائقي ڏانهن هليو وڃي، يا وري هو جاسَم جي شهزادي جي علائقن ڏانهن هليو وڃي، جيڪو کيس مدد ڪندو.

ڏاهر اعلان ڪيو ته هو اهڙي موقعي ته پنهنجن ماڻهن کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ ۽ ساڻن بيوفائي ڪرڻ جهڙو شرمساريءَ جو ڪم نه ڪري سگهندو، ۽ نه وري هو ڪنهن ٻئي راجا وٽ وڃي ڪانئس پناهه ۽ امداد وٺڻ جهڙي بي غيرتي برداشت ڪري سگهندو. پر هو سامهون ٿي وڙهندو ۽ عزت سان فتح حاصل ڪندو يا جنگ جي ميدان ۾ دشمن جو مقابلو ڪندي عزت ڀريو موت قبول ڪندو.

ان جي باوجود، هُن پاڻ کي اهڙي موقعي تي بـ عقلمنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان قدم کڻڻ جو نااهل ثابت ڪيو. هُن، هيءَ ڳالهه ٻڌي ته موڪاه بسايو عرب لشڪر جي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙين هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پنهنجي پٽ جئسيه کي بيت جي قلعي جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو، ۽ کيس اها هدايت ڪئي ته هو موڪاهه جي پيءُ، بسائي، يا اُنهيءَ خاندان جي ڪنهن ٻئي ڀاتيءَ جي ڳالهه ۾ اعتماد نه رکي. پر راسيل، جنهن جا پنهنجي ڀاءُ موڪاهه سان تعلقات ڪشيده هئا، ۽ جنهن کي سندس ثابت ٿيل وفاداريءَ جي آڌار تي آزاديءَ سان ڏاهر وٽ اچڻ وڃڻ جي اجازت هئي، تڙ تڪڙ ۾ اچي هُن وٽ حاضر ٿيو ۽ کيس استدعا ڪيائين ته بيت واري قلعي جي لشڪر جي اڳواڻي هن کي ڏني وڃي. اِها اچ ڪيتري قدر بـ اعتبار ۾ نه اچڻ جهڙي ڳالهه

معلوم ٿئي، پر ڏاهر واقعي راسيل کي اُنهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ۽ پنهنجي پٽ کي اتان واپس گهرائي ورتو. راسيل محمد بن قاسم کي بيڙين جي پل ٺاهڻ ۽ فوج سميت درياءَ پار ڪري اچڻ کان روڪي نه سگهيو، جنهن تي ڏاهر وري پنهنجي پٽ جئسيه کي عربن جي مقابلي ڪرڻ ۽ کين روڪڻ لاءِ موڪليو، جڏهن انهن جا پير درياءَ جي ايرندي ڪپ تي مضبوطيءَ سان ڄمي چڪا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌين کي ڪافي دشوار حالات ۾ وڙهڻو پيو. سنڌن سڄو لشڪر مارجي ويو ۽ خود جئسيه اتفاق سان جان بچائي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

راسيل هاڻي محمد بن قاسم اڳيان هٿيار ڦٽي ڪري پيش پوڻ ۽ آڻ مڃڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ جيڪڏهن اسين "چچنامه" تي يقين ڪريون، ته هن عرب سردار کي هن ڳالهه لاءِ آماده ڪيو ته هو سنڌس حالت ۾ به اُهو ساڳيوئي انتظام ڪري. جهڙو هن سنڌس پاءُ موڪاهه جي پت رکڻ لاءِ ڪيو هو. چنانچه، رتيل تجويز مطابق، گرفتار ٿي، راسيل جڏهن عرب سپهه سالار وٽ آيو، ته کيس به هن جو قرب حاصل ٿي ويو، ۽ هن پنهنجي پاءُ سان تعاون ڪري، پنهنجي مقامي ڄاڻ ۽ معلومات جو فائدو عربن کي ڏنو. پر هن پنهنجي انهيءَ غداريءَ ۽ دغابازيءَ جي جنهن انعام حاصل ڪرڻ جي توقع رکي هئي، تنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هو زنده رهي نه سگهيو.

ڏاهر لاءِ هاڻي پنهنجي اُنهيءَ قول کي پاڙي ڏيڻ جو وقت پهتو هو، ته هو پنهنجي تاج کي بچائڻ لاءِ مردانه وار ميدان ۾ اچي، پنهنجي جان جي بازي لڳائيندو. پر اهڙيءَ بحراني ڪيفيت ۾ به، هن کي اُهو عام فهم ڪونه هو ته هو وٽس باقي بچيل فوج کي گڏ ڪري، پوريءَ قوت سان حملي ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪري، پر هن هڪبئي جي پٺيان نسبتاً ننڍيون ننڍيون فوجون حملي لاءِ موڪليون، جيڪي يقيني موت جي منهن ۾ هليون ويون. هن جو وزير سياڪر لاچار راجا کي اهڙي اشاري ڏيڻ تي مجبور ٿي پيو، ته هو جنگ جي بلڪل ابتدائي اصولن جي اُبتڙ عمل ڪري رهيو هو، جنهن تي نيٺ راجا پنهنجي سڄي لشڪر جي مهنداري ڪندي جنگ جي ميدان ۾ نڪري آيو.

"چچ نامي" ۾ اُنهيءَ جنگ جو وڏي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن سنڌ جي قسمت جو فيصلو ڪيو. معلوم ٿئي ٿو ته ڏاهر جو لشڪر پوريءَ طرح هٿياربند هو ۽ اُن جو تعداد به عربن جي فوج کان وڌيڪ هو. جن

ٽڪرن وٽ فوج جي وڏن دستن جي قيادت هئي، سي بنان ڪنهن شڪ شبهي جي، راجپوت امير هئا، پر عام سپاهين جي متعلق اسان کي فقط اهو پڌايو ويو آهي ته سنڌ جي اُپرندي ڪپ وارن جٽن جو انتهائي طاقتور لشڪر ميدان ۾ موجود هو. شايد گهوڙيسوار، جيڪي "سپ لوهه ۾ ويڙهيل هئا". ۽ جن مان ڪن پنهنجا وار ڪولي ڇڏيا هئا، ۽ ڪن ٻين انهن کي ويڙهي، ٻڌي ڇڏيو هو، سي پڪ ئي پڪ راجپوت هئا.

هاڻي ، سنڌ جي جنگي جوڌن، جڏهن نيٺ پنهنجي راجا کي سندن قيادت ڇاڻ ڪندي ڏٺو، تڏهن سندن همتون ايتريقدر ته وڌي ويون، جنهن جي اميد رکڻ جو سندن راجا کي هُن جي پنهنجي سابق غفلت ۾ ٻي دليءَ جي ڪري ڪو حق ئي ڪونه هو. پهرئين ڏينهن جي ويڙهه مجموعي طور عربن جي ئي فائدي ۾ ويئي، پر اُها فقط ننڍين ننڍين فوجي دستن جي لڙائي هئي، ۽ اُها ڪنهن به طرح سان فيصلا ڪُن ڪانه هئي. ٻئي ڏينهن تي، ڪي مُٺ ڀر سنڌي واقعي پنهنجي بادشاهه جو طرف ڇڏي، وڃي عربن سان مليا، ۽ اعلان ڪيائون ته اسين اسلام قبول ڪريون ٿا. جنهن جي ڪري هنن کي ڏاهر جي فوج تي پٺ کان حملي جي رهنمائي ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي، اُن جي نتيجي ۾ ڪجهه گڙٻڙ پيدا ٿي، پر انهيءَ ڪري عام سطح تي سنڌي فوج جي ڪا هار ڪانه ٿي، ۽ نه ئي ڪي ٻيا ماڻهو پنهنجو قطارون ڇڏي، دشمن سان ئي وڃي مليا. ڏاهر بذات خود جنگ جي صورتحال کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو، اُن موقعي تي هن جنهن جرئت ۽ قيادت جي خوبين جو مظاهرو ڪيو، سي جيڪڏهن واقعي انهيءَ آخري گهڙيءَ کان اڳ ۾ نمايان ٿين ها،[15] ته هوند سنڌ بچي وڃي ها. جنگ هلندي، هڪ موقعو اهڙو به آيو، جڏهن سنڌي لشڪر پنهنجي بادشاهه جي مثال جي تقليد ڪندي، جنهن ۾ هن هڪ اهڙيءَ عرب بهادر کي قتل ڪري وڌو. جيڪو هن جي مقابلي ۾ وڌي ميدان ۾ آيو هو، اسلامي لشڪر جون صفون ڏري گهڻ ٽوڙي وڌيون هيون، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ فقط محمد بن قاسم جون شخصي ڪوششون ئي عرب سپاهين جي قطارن ۾ نظم و ضبط بحال رکي سگهيون. اُهو سڄو ڏينهن سنڌي زبردست نقصان برداشت ڪندا، مضبوط ارادي ۽ پختي عزم ۽ جرئت سان وڙهندا ئي رهيا، تان جو شام ڌاري شاهي گهراڻي جي گهوڙيسوارن کان علاوه باقي ڪي ٿورائي وڃي بچيا. ڏاهر انهيءَ

مهل سپاهين جي هڪ دستي جي حملي جي رهنمائي ڪري رهيو هو، جڏهن سندس هاٿيءَ جي هوديءَ کي هڪ آتشين تير لڳڻ ڪري باهه وٺي ويئي، هن جو هاٿي ضابطي کان نڪري ويو، ۽ باهه جي تيزيءَ کان بچڻ لاءِ پاسي واري پاڻيءَ ۾ ڊوڪي پيو، ۽ ائين ڪندي پنهنجن سوارن کي اونڌو ڪري ڪيرائي ڇڏيائين، هن صورتحال جو مقابلو ڪندي، سنڌ جو بادشاهه مارجي ويو، ۽ سندس باقي بچيل لشڪر جلد ئي ٽڙي پکڙي ويو.

سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو راڄ ڏاهر جي شڪست ۽ موت سان خاتمو اچي ويو، جيتوڻيڪ سندس پٽ جئسيه پوءِ به جدوجهد قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ حملي آورن طرفان سڄيءَ بادشاهيءَ تي قبضي ڪرڻ تائين پوريءَ همت ۽ استقلال سان ويڙهه هلندي رهي. ظاهر آهي ته سنڌ جي اُيرندي ڪناري وارن ماڻهن کي عام طور پنهنجن برهمڻ راجائن سان لڳاءُ هو، انهيءَ ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته انهن جي حڪومت بي قياس ۽ ظالم نه هئي. چچ بادشاهه بنجڻ کان اڳ ۾ هڪ ڪامياب منتظم هو، ۽ هن جي تخت جي استحڪام جو وڏو سبب اهي اقدامات ئي هوندا، جيڪي پوءِ هن پنهنجي رعايا جي حفاظت ۽ ڀلائيءَ خاطر ڪنيا. ڏاهر کي سندس پيءُ جي عقلمند وزير جي مهنداريءَ ۾ حڪومت جو هڪ مضبوط ۽ پروسي جوڳو نظام ورثي ۾ مليو هو، ۽ اسين سمجهون ٿا ته ان جا ڪي ايترا رقيب ۽ دشمن به باقي ڪونه هئا.

اسان کي تاريخ مان سنڌ جي ڪن اهڙن ناراض ٽيل اميرن جي ڪا خبر ڪانه ٿي ملي، جيڪي اتر اوير جي پاسي کان، چندر ۽ ڏاهر جي بادشاهين ۾ سنڌ تي ڪاهي ايندڙ ڪن بادشاهن سان وڃي مليا هجن. اهو سچ آهي ته ڏاهر جو نالو حماقت جو هم معنيٰ لفظ بڻجي ويو آهي، ۽ هو سندس سياسي معاملي بازيءَ ۾ ظاهر ٿيل پنهنجي عدم مهارت جي ڪري انهي، جي لائق به آهي، پر ان جي باوجود هن احساس کي لڪائڻ مشڪل آهي ته هن ۾ هڪ بادشاهه جي حيثيت ۾ ضرور ڪي خوبيون به هونديون، جن جو قديم وقائع نگارن ڪو ذڪر نه ڪيو آهي. اسان کي هن ۾ فقط هڪ ئي جيڪا خوبي نظر اچي ٿي، سا طبعي خطري جي منهن ۾ هن جي طرفان ظاهر ڪيل پنهنجي جسماني جرئت ۽ همت جي آهي. سنڌ جي برهمڻن کي هڪ واقعو ياد هو ته هن ڪيئن نه پنهنجي نوجوانيءَ جي زماني ۾ پيرين پنڌ ۽ اڪيلو هڪ شينهن کي ماريو هو، جڏهن

هن جا سڀ پوئلڳ پڇي ويا هئا. ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته تيهن سالن جي گذرڻ سان بہ هن جي جوانمرديءَ ۽ همت ۾ ڪا ڪمي آيل ڪانہ هئي. جيڪڏهن هو انهيءَ جي اڌ جيتري بہ اخلاقي جرئت ۽ همت جو مالڪ هجي ها، تہ هن جي گهراڻي ۽ ملڪ جو زوال بخوبي ٽري سگهي ها.

نوٽ

(1) هن باب جو بنياد بہ، گذريل باب وانگر، سڄو سارو "چچ نامي" تي رکيل آهي. ترجمو: قليچ بيگ.

(2) ٻائي ڏاهر ۽ ڏهرسيه جي سڳي ڀيڻ نہ هئي، سا ڳالهہ ڏاهر جي طرفان بعد ۾ چيل هن ڳالهہ مان ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن ان کي "جاٽن جي ڏيءَ" جي بري لقب سان ياد ڪيو هو. قليچ بيگ، ص. 48.

(3) قليچ بيگ، ص. 40 اسان کي قديم لکت ۾ هڪ اڳئين موقعي تي ٻڌايو ويو هو تہ آگهم لوهاڻي تي جڏهن چچ حملو ڪيو هو، تڏهن هن اِنهيءَ نالي واري بادشاهہ کي مدد لاءِ پڪاريو هو. پر بظاهر ان جو ڪو نتيجو ڪونہ نڪتو هو (قليچ بيگ، ص. 33). پڻ ڏسو ايليٽ، ج.1، ص. 153. نوٽ.

(4) پر هيٺ ڏسو. حقيقت هيءَ آهي تہ ڏهرسيه کي جيڪو چچ جو وڏو شهزادو هو، رهائش لاءِ برهمڻ آباد شهر وڌيڪ پسند هو ۽ هن ڏاهر کي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي تہ هو سندس ٻاران الور تي قابض رهي.

(5) قليچ بيگ ۾ حوالو ڏنل، ص. 54.

(6) قليچ بيگ ص. 50. اها جاءِ ڪٽي هئي. سا ڳالهہ غير يقيني آهي.

(7) قليچ بيگ ص. 156.

(8) قيلچ بيگ ص. 43.

(9) "ارڙهن" وڌيڪ امڪاني معلوم ٿئي ٿو، جيئن هن کان پوءِ نظر ايندو.

(10) بعد ۾ ڏاهر هن کي "مائٽ" سڏي ٿو. "چچ نامي" اسان کي ٻڌايو آهي تہ "ڪشمير ۽ راسل جو بادشاهہ"، جنهن چندر جي بادشاهيءَ ۾ سنڌ تي ڪيل ڪاهہ ۾ حصو ورتو هو، سو چچ اعظم جو سندس ڏيءَ جي رشتي سان ڏوهٽو هو حالانڪ اها ڳالهہ، جيئن هن کان اڳ ۾ ٿي چيو ويو آهي، ناقابل يقين آهي. قليچ بيگ صفحا. 40، 55. مخدوم امير احمد ص. 94.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(11) قليچ بيگ ص. 69.

(12) قليچ بيگ ص. 70 (فوٽ نوٽ).

(13) هڪ ٻيءَ روايت مطابق، ڏاهر جو پٽ جئسيہ ان وقت نيرون ۾ هو، جڏهن ديبل جي فتح جي خبر بادشاهه کي پهتي، جنهن کيس درياهه کي پار ڪري برهمڻ آباد ڏانهن وڃڻ ۽ نيرون جي ٻوڌ گورنر سامانيءَ کي، انهيءَ قلعي جي چارج ۾ ڇڏي، کيس ان جي بچاءُ ڪرڻ جي هدايت ڏيڻ وڃڻ جو حڪم ڏنو. قليچ بيگ، ص. 86.

(14) "چچ نامي" ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ چنا قوم وارن اشيا نالي هڪ قلع بند شهر جي شڪست کان پوءِ جنهن جي بيهڪ واري هنڌ جو ڪو يقين ڪونهي، آڻ مڃي. محمد بن قاسم هنن کي عام معافي ڏني.

(15) چيو وڃي ٿو تہ بادشاهه ڏاڍي ناٿ سان هڪ جنگي هاٿيءَ تي سوار هو ۽ هن جي پٺيان سندس هردي ۾ ٻہ ڪنواريون ٻانهيون خدمت لاءِ موجود هيون. انهن ٻنهي مان هر هڪ جو فرض راجا کي سندس ڪمان لاءِ تير ڏيڻ ۽ کيس تازي تواني ڪرڻ لاءِ پان پهچائڻ هو. جيڪڏهن اها ڳالهہ عرب وقائع نگار طرفان داستان کي رنگين بنائڻ لاءِ سندس دماغي اختراع ناهي، تہ پوءِ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جي بادشاهه لاءِ عام حالتن ۾ اهڙي ڏيک ويک سان جنگ جي ميدان ۾ اچڻ ڪا غير معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي.

لٿمبرڪ جي حياتيءَ جو احوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام رباني آگرو

ايچ. ٽي. لئمبرڪ

سن 1952ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ آنجهاني، ايچ.ٽي.لئمبرڪ کي سنڌ جي تاريخ جا پهريان ٻه جلد لکڻ جو ڪم سونپيو هو. انهيءَ سبب سان، لئمبرڪ جو بورڊ سان پورا پنجويهه ورهيه تعلق رهيو. تن ڏينهن ۾ لئمبرڪ انڊين سول سروس مان رٽاير ڪرڻ بعد آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي اوريل ڪاليج ۾ فيلو مقرر ٿيو هو، جتي هو پنهنجو واندڪائيءَ جو وقت، سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ۽ تصنيف ۾ صرف ڪندو هو. هن بورڊ جي آڇ خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ اطلاع ڏنائين ته سنڌ تي منهنجو اهم ڪتاب "سر چارلس نيپيئر ۽ سنڌ" آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيڻ وارو آهي.

جنهن زماني ۾ لئمبرڪ سنڌ ۾ آءِ.سي.ايس. آفيسر هوندو هو، تنهن زماني ۾ به هو هتان جي تاريخ، جاگرافي ۽ آثار قديمه ۾ وڏي دلچسپي وٺندو هو. هونئن ته پاڻ انهن انگريز عملدارن مان هو، جن کي صحيح معنيٰ ۾ "برطانوي بادشاهت جا معمار" ڪوٺيو ويو آهي، پر ڪن نفسياتي سببن جي ڪري کيس سنڌ لاءِ محبت هئي. سندس خاندان جي تاريخ ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته 1843ع ۾، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي هئي، تڏهن لئمبرڪ جي ڪن وڏن سنڌ ۾ نوڪريون ڪيون هيون. سندس نانو 1889ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر هو. خود لئمبرڪ پاڻ به 1927ع کان 1946ع تائين سنڌ ۾ ڪيترن ئي اهم انتظامي عهدن تي فائز رهيو. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته لئمبرڪ کي ڇا جي ڪري سنڌ سان محبت هئي.

مرحوم آغا عبدالنبي، جيڪو 1940ع جي ڏهاڪي واريءَ حُر تحريڪ دوران، لئمبرڪ جي هٿ هيٺ، نائب ائڊمنسٽريٽر هو، سو سندس قابليت ۽ دورانديشيءَ جون نهايت دلچسپ ۽ حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌائيندو هو. مون آغا صاحب کي ڪيترائي دفعا صلاح ڏني ته سنڌ جي انهيءَ اهم تاريخي دؤر جي واقعن بابت پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪري، پر ڪن نامعلوم سببن ڪري، هو ان ڳالهه تي آماده ٿي نه سگهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ نوڪري ڪندي لئمبرڪ سنڌي زبان تي بہ چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي، جنهن جي ڪري بہ سنڌ ۽ ان جي رهاڪن کي سمجهڻ ۾ کيس آساني ٿي هوندي. هڪڙي ڀيري مرحوم ميران محمد شاهہ مون کي چيو تہ "لئمبرڪ کي بورڊ جي آفيس مان انگريزيءَ بدران سنڌيءَ ۾ خط پئي ڇو لکيو ويندو هو لکين؟" مون شاهہ صاحب کان پڇيو تہ "لئمبرڪ سنڌي ڄاڻي؟" انهيءَ تي ٻڌايائين تہ حُرن جي تحريڪ واري زماني ۾ کيس ڪن ماڻهن مان دشمنيءَ جو انديشو هو. تنهنڪري لئمبرڪ سان وڃي مليو هو. جيڪو ان وقت مارشل لا ائڊمنسٽريٽر هو. بقول شاهہ صاحب، لئمبرڪ سندس ڳالهہ ٻڌي، نيٺ سنڌيءَ ۾ ڪڙڪو ڪري چيو هو:

"شاهہ صاحب! جيڪڏهن هو توهان سان ڪا ڳڙ ٻڙ ڪندا تہ مان سندن جڻ ٻچو ڇڻ ڪري ڇڏيندس!"

شاهہ صاحب جي ڳالهہ ٻڌي، حالي منهنجي دل تي تہ لئمبرڪ کي سنڌيءَ ۾ خط لکان. پر مسئلي تي ٻيهر ويچار ڪرڻ کان پوءِ، مون خيال لاهي ڇڏيو ۽ ساڻس انگريزيءَ ۾ ئي خط و ڪتابت ڪندو رهيس.

لئمبرڪ بلوچي زبان بہ رواني ۽ فصاحت سان ڳالهائيندو هو. جيڪب آباد ضلعي جي زميندار نواب خان کوسي مون کي ان سلسلي ۾ هڪ واقعو ٻڌايو. چيائين تہ "جنهن زماني ۾ لئمبرڪ صاحب جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو، تنهن زماني ۾ هيڪر منهنجي دعوت تي شڪار تي آيو. لئمبرڪ صاحب سنو توبچي هو. سندس ڏک ورلي گسندو هو." نواب خان چيو تہ "شڪار ڪري اسان پوئتي موٽياسين. اهو رمضان جو مهينو هو، مون روزي کولڻ لاءِ خارڪون ساڻ کنيون هيون، جي کائيندو، ککڙيون اڇلائيندو. لئمبرڪ صاحب سان ڪچهري ڪندو ٿي آيس. هو اُٺ تي چڙهيل هو ۽ مان گهوڙي تي هئس. لئمبرڪ صاحب کنهن مهل ککڙيءَ جو ڪڙڪو ٻڌي پاڻيو تہ مان بير کائيندو رهيو هوس، سو نيٺ بلوچيءَ ۾ چيائين: نواب خان ڪٿو ڪنران ورغئي چي؟

نواب خان چيو تہ "جيڪب آباد ضلعي جا عام بلوچ بہ سنڌي زبان جي اثر ڪري، بير کي بلوچيءَ ۾ بير ڪوٺيندا آهن، پر لئمبرڪ جو اهو ڪمال هو، جو بلوچي ڳالهائيندي، هن بير لاءِ نيٺ بلوچي لفظ "ڪنران" استعمال ڪيو.

لئمبرڪ جي بورڊ سان خط و ڪتابت جا فائيل جاچڻ سان مون کي

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

BY REGISTERED AIR-MAIL

PICKETT'S HEATH,
BOARS HILL,
OXFORD.
OX1 5EZ

OXFORD 35161

75
20-1-73

9th January 1973

Dear Rabbani

I send herewith all the proofs, of diagram, plates, and maps, received with your No H/2-(73)-30 dated 5-1-1973.

Please refer, in this connection, to my very important Air Mail dated 8th January 1973 (yesterday) and make certain that all my instructions are followed carefully.

Kindly acknowledge receipt of BOTH these letters.

Yours sincerely

H T Lambrick

لئمبرڪ جي هڪ خط، مورخہ 9 جنوري 1973ع، جو عڪس

معلوم ٿيو تہ هن بورڊ ڏانهن پنهنجن بنهي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ هڪ سؤ اسي خط لکيا آهن. انهن خطن ۾ هو ڪتابن جي ڇپائيءَ بابت تفصيل سان هدايتون ڏيندو هو، ۽ هرهڪ هدايت جي تعميل بابت فوراً جواب جي تقاضا ڪندو هو. جيڪڏهن اسان جي طرفان سندس خط جي جواب موڪلڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي، تہ بي صبرو ٿي پوندو هو ۽ صوبائي توڙي مرڪزي حڪومت ۾ سنڌي وزيرن ڏانهن شڪايتون لکي موڪليندو هو. ٻہ پيرا مرحوم محمد ايوب کهڙي (تڏهوڪي بورڊ جي صدر ۽ مرڪزي وزير دفاع) کي ۽ هڪ پيرو مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي (تڏهوڪي مرڪزي وزير قدرتي وسائل) کي دانهن ڏني هئائين.

حقيقت اها آهي تہ لئمبرڪ سان گڏجي ڪم ڪرڻ سولي ڳالهہ نہ هئي. مون کي ۽ سنڌ يونيورسٽي پريس جي مئنيجر مسٽر صديقيءَ کي ئي سور سجهن ٿا. تہ سندس ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ اسان کي ڪيڏي نہ محنت ڪرڻي پيئي هئي! ويتر مشڪل مسئلو اهو هو تہ هن پنهنجن ڪتابن ۾ يوناني، لاطيني ۽ سنسڪرت جا ڪي لفظ استعمال ڪيا هئا، جن جي ڇپائيءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ (جتي سندس ٻئي ڪتاب ڇپجي رهيا هئا) ڪوبہ انتظام ڪونہ هو. بهرحال، جڏهن اسان سورَ سهي، سندس ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم سهڻي نموني ۾ پورو ڪيو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل جي سچائيءَ سان اسان کي دعائون ڏنائين. خوشقسمتيءَ سان سندس بنهي ڪتابن جي سڄيءَ دنيا ۾ ساراهہ ٿي، سو ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي. 26-جولاءِ 1977ع تي هڪ خط ۾ لکي موڪليائين:

"توهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ ڪئمبرج ۾ آثار قديمہ جي ماهر ڊاڪٽر ايف. آر. آلچن، جنهن پنهنجيءَ زال سان گڏ (جيڪا پڻ آثار قديمہ جي ماهر آهي) تازو روهڙيءَ جي ٽڪرين ۾ پٿر جي دؤر ۽ ان کان پوءِ جي آثارن تي تحقيق ڪئي آهي، "ائنٽي ڪئٽ" نالي رسالي ۾ منهنجي ڪتاب "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" تي تبصرو ڪيو آهي. هن منهنجي راين تي تفصيل سان راءِ زني ڪندي انهن کي ساراهيو آهي ۽ آخر ۾ چيو آهي، تہ سنڌ جي تهذيب جو مطالعو ڪندڙ شاگردن لاءِ هي باب لازمي قرار ڏنا وڃن.

"منهنجي خيال ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ان ڳالهہ تي فخر ڪرڻ گهرجي، تہ سنڌن ڇپايل ڪتاب جي هڪ مشهور ماهر، هڪ معروف علمي رسالي ۾، اهڙن لفظن ۾ تعريف ڪئي آهي."

ڊاڪٽر آلچن جي انهيءَ تحسين تي خوشي محسوس ڪرڻ لاءِ لئمبرڪ کي هڪ خاص سبب پڻ هو، جنهن کي سمجهڻ لاءِ ڳالهہ جو پس منظر ڄاڻڻ ضروري آهي، جو هيئن آهي:

لئمبرڪ، سنڌ جي تاريخ جي پهرئين جلد ۾، سنڌوماٿريءَ جي تهذيب يعني موئن جي دڙي واريءَ تهذيب جي زوال تي بحث ڪيو آهي، ۽ ان باري ۾ پنهنجو نظريو پيش ڪيو آهي. پر، انهيءَ جلد شايع ٿيڻ بعد، هن پنهنجي ٻئي جلد جي ڇپائي ڪيترائي ورهيہ روڪائي ڇڏي توڙي جو ان جو سمورو مسودو اسان وٽ ڇپائيءَ لاءِ تيار رکيو هو. سندس پهريون جلد سن 1964ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ ٻيو جلد نون سالن ڪانپوءِ سن 1973ع ۾ شايع ٿيو.

مئي 1966ع ۾ آثار قديمہ جي هڪ آمريڪي ماهر ڊاڪٽر جي.ايف.ڊيلز "سائنٽيفڪ آمريڪن" نالي هڪ رسالي ۾ مضمون لکيو، جنهن ۾ هن سنڌوماٿريءَ جي تهذيب جي زوال بابت هڪ نئون نظريو پيش ڪيو. پر لئمبرڪ جي ڪتاب جو ڪو حوالو ئي ڪونہ ڏنائين. لئمبرڪ ڊيلز جي ڏنل نظريي تي تنقيد ڪئي، پر اها "سائنٽيفڪ آمريڪن" رسالي نہ ڇپي. انهيءَ تي لئمبرڪ، سر ڪلاڊي انگلس ڏانهن خط لکيو، جيڪو دريائن ۽ خاص ڪري سنڌو درياءَ جو مشهور ڄاڻو ۽ ڊائريڪٽر آف هئڊرالڪس هو. هن ڊيلز واري نظريي تي لئمبرڪ جي تنقيد کي صحيح قرار ڏنو.

حقيقت ۾ ڊيلز پنهنجو نظريو آر.ايچ.ريڪس نالي هڪ شخص کان ورتو هو، جنهن پاڻ کي دريائن جي علم جو ماهر پئي ڪوٺايو. سر ڪلاڊي انگلس پڇا ڳاڇا تي لئمبرڪ کي اهو بہ ٻڌايو تہ ريڪس نالي ڪنهن بہ ماهر جو نالو نہ ٻڌو آهي. (ريڪس وري پنهنجي مضمون ۾ سر انگلس جي مستند ڪتاب جو ذڪر ڪونہ ڪيو هو).

ان سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيقات ڪندي لئمبرڪ کي خبر پئي تہ سنڌو تهذيب جي دنيا ۾ مشهور عالم، سر مارٽيمر وهيلر پڻ ريڪس جي نظريي جي ڀرپور تائيد ڪئي آهي. نہ رڳو ايترو، پر لئمبرڪ کي وڌيڪ عجب لڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن خبر پيس تہ وي. سي. رابرٽسن، جنهن سندس لکيل سنڌ جي تاريخ جي پهرئين جلد تي "جاگرافيڪل جنرل" ۾ تبصرو ڪيو هو، تنهن پڻ سندس نظريي جي پيٽ ۾ ريڪس جي نظريي کي قبول ڪيو آهي.

ساڳيءَ ريت، اوائلي پٿر واري دور جي هڪ مشهور ماهر ايم. آر. شانيءَ، دهليءَ مان نڪرندڙ اخبار اسٽيٽسمن جي 7- فيبروري 1967ع واري پرچي ۾ وڏو مضمون لکيو، جنهن ۾ ڊيلز ۽ رکس جي نظريي جي حمايت ڪيائين.

ڊيلز، ريڪس، سر مار ٽيمر وهيلر ۽ شانيءَ مان ڪنهن بہ لئمبرڪ جي سنڌو ماٿريءَ واري نظريي کي رَدَ ڏيڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. نہ رڳو ايترو پر هنن پنهنجن مضمونن ۾ لئمبرڪ جي ڪتاب جو ماڳهين ڪو ذڪرئي ڪونہ ڪيو.

اهڙيءَ صورتحال ۾ لئمبرڪ مناسب سمجهيو تہ ريڪس جي ڪتاب جي ڇپجڻ تائين، جنهن جو مقدمو سر مارٽيمر وهيلر لکيو هو، پنهنجي لکيل سنڌ جي تاريخ جي ٻئي جلد جي ڇپائي روڪائي ڇڏي تہ جيئن ريڪس ۽ وهيلر جي خيالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نظريي کي موثر نموني ۾ پيش ڪري سگهي ۽ هن ائين ئي ڪيو.

چنانچہ، جڏهن سندس ٻيو جلد "سنڌ- اسلامي فتح کان اڳ" شايع ٿيو ۽ ڊاڪٽر آنچن جهڙي آثار قديمہ جي هڪ مشهور ماهر، سنڌو تهذيب جي زوال بابت سندس خيالن جي پٺڀرائي ڪئي، تڏهن لئمبرڪ کي بجا طور خوشي ٿي ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي مبارڪباد ڏنائين.

لئمبرڪ ذميدار ۽ ايماندار مصنف هو. تنهنڪري سنڌو تهذيب جهڙي اهم موضوع بابت ڪن نتيجن تي پهچڻ واسطي هن ڪافي سوچ ويچار ڪئي. نہ تہ ڪنهن عام مصنف وانگر هو بہ پنهنجي ڪتاب جي ٽڪريءَ ڇپائيءَ لاءِ اُبهرائي ڪري ها. مون کي ياد آهي تہ جڏهن سندس لکيل سنڌ جي تاريخ جو پهريون جلد شايع ٿيڻ لاءِ تيار هو ۽ مون جلد پوش لاءِ کيس پنهنجي تصوير موڪلڻ واسطي خط لکيو هو، تڏهن هن ترت جواب ڏنو هو:

> "مون کي پنهنجي ڪابہ مناسب تصوير نٿي ملي ۽ آءٌ ڪنهن نئين تصوير ڪڍائڻ جي ڪري ڪتاب جي اشاعت ۾ دير پوڻ نہ ڏيندس."

سال 1968ع ۾ سندس گهر واري گذاري ويئي. هن سندس وڏو ساٿ ڏنو

هو ۽ ڪتابن لکڻ ۾ پڻ مدد ڪندي هئس. مسودن کي ٽائيپ ڪرڻ جو سمورو ڪم تہ هوءَ ئي ڪندي هئي. سندس وفات کان پوءِ لئمبرڪ مون کي خط ۾ لکيو تہ: "زال جي وفات ڪري مون کي ڪم ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿئي ٿي... مان ٽائيپ سکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان."

1973ع ۾ خود سندس صحت ۾ بہ ڪمزوريءَ جا آثار نظر اچڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ سندس هڪ ڪامياب آپريشن بہ ٿيو هو. پر هاڻي پنهنجي صحت کي برقرار رکڻ جي لاءِ کيس وڏي خبرداري ڪرڻي ٿي پوي.

1974ع ۾ مون ڪانئس پڇيو تہ "سنڌ صدين کان سيمينار" ۾ پاڻ شريڪ ٿيندو يا نہ؟ تڏهن هن جواب ۾ "تڏي موسم" جو عذر ڏنو. پر اصل ڳالهہ اها نہ هئي، تنهنڪري مون کيس ياد ڏياريو تہ سنڌ ۾ فيبروريءَ جو مهينو (جنهن ۾ پهريائين مذڪور سيمينار رٿيل هو) ٿڌو نہ هوندو آهي، بلڪ فيبروريءَ جي پڇاڙيءَ کان تہ بهار جي مند شروع ٿيندي آهي. تڏهن فوراً جواب ۾ لکيائين:

> "مون پنهنجي خط مورخہ 17 - سيپٽمبر ۾ ٿڌيءَ مند جو جيڪو اصطلاح استعمال ڪيو آهي، ان مان منهنجي مراد اهو عام تاثر آهي، جيڪو هن ملڪ جي رهاڪن کي پاڪستان ۾ نومبر کان وٺي مارچ تائين مند جي ۽ موسم متعلق ذهن تي ويٺل هوندو آهي."
>
> "گذريل بن سالن کان منهنجي صحت هينئر گهٽو بهتر آهي، جن دوران مون کي سنڌ ۾ اچڻ لاءِ ڪيتريون ئي دعوتون مليل هيون."
>
> خاطريءَ سان چئي نٿو سگهان تہ سنڌ سيمينار ۾ شريڪ ٿي سگهندس يا نہ. ان ڳالهہ جو دارومدار ڪن معاملن تي منحصر آهي. ڏسجي تہ اهي ڪهڙي صورت اختيار ڪن."
>
> سندس خط مورخہ 1-آڪٽوبر 1974ع مان متيون حوالو چٽيءَ طرح ٻڌائي ٿو تہ حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪري رهي هئي.

جيستائين کيس سنڌ مان مليل دعوتن جو تعلق آهي، تہ اها ويچار جوڳي ڳالهہ آهي تہ لئمبرڪ جهڙو ماڻهو ست سمنڊ پار ڪري، سنڌ ۾ رڳو دعوتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڻ ٿي آيو؟ اها بہ ويچار جوڳي ڳالھہ آهي تہ اهي دعوتون ڪيس ڪٿان مليون هيون، ڪنهن ڏنيون هيون؟ اصل معاملو تہ ڪو بيو هو جنهن جي ڪجھہ ڪٿڪ اتفاقي طور ڪن تي پئجي ويندي هئي. تن ڏينهن ۾ گرم گرم افواهہ بہ گهٽائي ڦهليل هئا، جن ۾ هڪڙو اهو بہ هو تہ سندس ڪتاب "The Terrorist" جي فلم ناهڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون. خود لئمبرڪ جي هڪ خط ۾ اهڙو اعتراف هو. مون کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏاڍو هو پر ڪٿان مليو ڪونہ ٿي. سو، مون لئمبرڪ کي رڳو ايترو لکيو تہ هت اوهان جي ڪتاب جو چوبول آهي، پر ڪتاب ملي ئي ڪونہ ٿو. خط ملڻ تي، ڪتاب جي ڪاپي موڪلڻ بدران، هو موڙ ۾ چڙي پيو ۽ لکيائين تہ "اتي دڪانن تي وڪري لاءِ ڪتاب مهيا ڪرڻ واسطي ڪو مان ٻڌل آهيان ڇا!"

1976ع ۾ آءٌ سنڌي ادبي بورڊ ڇڏي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرووائيس چانسيلر جي عهدي تي مقرر ٿيس، تنهنڪري منهنجو ساڻس ڪوبہ رابطو نہ رهيو. پر ٻن سالن کان پوءِ اتي اوچتو هڪڙي ڏينهن مون کي سندس خط اچي مليو، جيڪو پاڻ 13-مئي 1978ع تي لکيو هئائين. انهيءَ خط لکڻ لاءِ ڪيس هڪ خاص سبب هو. ڳالھہ هن ريت آهي:

يونيورسٽيءَ ۾ وڃڻ کان اڳ مون بورڊ کان لئمبرڪ لاءِ ڪجھہ رقم منظور ڪرائي هئي. دراصل لئمبرڪ جيتريءَ رقم جي عيوض تاريخ جا ٻئي جلد بورڊ کي لکي ڏنا هئا، سا تہ کيس بروقت ملي چڪي هئي، پر سندس پهرئين جلد جو پهريون ڇاپو وڪامي ويو ۽ بزار ۾ ڪتاب جي گهُر کي خيال ۾ رکي، بورڊ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي تياري ڪئي، تڏهن لئمبرڪ مطالبو ڪيو تہ ڪيس پڻ معاوضي جي رقم وڌائي ڏني وڃي، جو تہ سندس چوڻ هو تہ بورڊ جو ڪتاب تي پئسا ڪمائي رهيو آهي تہ ڪجھہ نفعو ڪيس بہ ملڻ گهرجي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جيڪو معاهدو ٿيل هو، ان موجب بورڊ سندس معاوضو وڌائڻ لاءِ هرگز پابند نہ هو ۽ ڪيس معاهدي موجب، نفعي يا نقصان ۾ بورڊ سان ڀائيوار ٿيڻ جو بہ ڪو حق ڪونہ هو. طئي ٿيل رقم بروقت ڪيس ملي چڪي هئي، ليڪن بورڊ سوچيو تہ لئمبرڪ جهڙو عالم جيڪڏهن گهر ڪري، تہ سندس چيو موٽائڻ نہ گهرجي. چنانچہ بورڊ ڪيس ٻن هزارن رپين جي وڌيڪ رقم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مون ڪيس اهڙي فيصلي کان آگاهہ ڪيو.

ستت ان کان پوءِ منهنجي يونيورسٽيءَ ۾ مقرري ٿي ۽ مان اوڏانهن هليو ويس. پنيان جي مون کي خبر ڪانه رهي.

بورڊ لئمبرڪ لاءِ پئسا ته منظور ڪيا پر مشڪلات اها هئي ته لئمبرڪ کي پئسا انگلنڊ جي سڪي يعني پائونڊن جي صورت ۾ گهربا هئا. پاڪستاني رپيا سندس لاءِ بيڪار هئا. سرڪاري طرح پائونڊن جو حاصل ڪرڻ ايڏو ته پيچيده ۽ ڏکيو ڪم هو. جو بورڊ جي ڪافي ڪوشش جي باوجود پائونڊ منظور ٿي ملن، سا ڳالهه ڏکي ٿي لڳي.

مون کي ياد آهي ته ڪجهه سال اڳ جڏهن لئمبرڪ کي سندس ٻنهي جلدن جي ڇپائيءَ متعلق خط و ڪتابت تي ٽپال جو خرچ پائونڊن ۾ ادا ڪرڻو هو، تڏهن به بورڊ کي ساڳي صورتحال درپيش آئي هئي. پر، مون مڙيئي معاملي کي نيايو هو. جڏهن هرهنڌان مون کي پائونڊن ملڻ ۾ ناڪامي ٿي هئي ۽ مرحوم ممتاز حسن جو، ڪنهن زماني ۾ مرڪزي حڪومت جومالي سيڪريٽري ۽ ان وقت نئشنل بئنڪ جو مئنيجنگ ڊئريڪٽر هو ۽ بورڊ تي مهربان هو. سو به اها مشڪلات دور ڪري نه سگهيو هو. تڏهن مون وڃي علامه آءِ.آءِ.قاضي کي عرض ڪيو هو. مون کي خبر هئي ته علامه صاحب جا ڪجهه پئسا لنڊن جي بئنڪ ۾ رکيل هئا. علامه صاحب مون کان رپيا وٺي بنا دير مون کي پائونڊن جو چيڪ ڏنو هو. جو مون لئمبرڪ کي موڪلي، پنهنجي ۽ بورڊ جي ڪاريت بچائي ورتي هئي.

لئمبرڪ پئسن جو انتظار ڪيو. پر اڳتي هلي هن ڏنو ته بورڊ وٽان پئسا به ڪونه پهتا ۽ خط پٽ جو جواب به ليٽ سيٽ ملي ٿو. سو، مجبور ٿي مون ڏانهن يونيورسٽيءَ ۾ مٿي ذڪر ڪيل خط لکيائين. سندس خط جو لهجو ڏاڍو دل ڀڄائيندڙ هو. شايد پيريءَ ۾ هو مالي تنگدستيءَ جو شڪار هو. خط جي آخر ۾، دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ لکيو هئائين: "پيارا رباني، بيلي، منهنجي واهر ڪر."

خط پڙهي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر يونيورسٽيءَ ۾ ويٺي، مان ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهيس، سواءِ ان جي ته سنڌي ادبي بورڊ جي اختياريءَ وارن کي ان معاملي ۾ تڪڙي قدم کڻڻ جي لاءِ منت ڪريان. مون ائين ڪيو ۽ لئمبرڪ ڏانهن فوراً محبت ڀريو جوابي خط لکيو.

1979ع جي آخر ۾ جڏهن آءٌ يونيورسٽي ڇڏي بورڊ ۾ پنهنجي اصلوڪي

عهدي تي موٽي آيس. تڏهن مون لئمبرڪ جو فائيل ڏسي، ڪيس خط لکيو. پر ورنائس ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. لئمبرڪ مان اهڙي توقع نہ هئي! مون کي شڪ پيو تہ ڪا ڳالهہ آهي. مون سمجهيو تہ بيمار آهي. تنهنڪري لنڊن ۾ پنهنجي هڪ دوست کي خط لکيم تہ ان باري ۾ خبر لهي ڏي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن جو جواب آيو تہ ڪيس بہ ورنائس ڪو جواب ڪونہ ٿو ملي. مان منجهي پيس. آخرڪار بورڊ جي ڪتابن جي هڪ خريدار کي لکيم تہ تون لئمبرڪ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم پهچائي ڏي. پر لنڊن مان ان باري ۾ وڌيڪ ڪو اطلاع مون تائين پهچي ئي پهچي، تنهن کان اڳ "ڊان" اخبار ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙو جو تعزيتي مضمون ڇپيو، تہ سنڌ جو تاريخ نويس، ايچ. ٽي. لئمبرڪ هي جهان ڇڏي ويو.

چوڻي آهي تہ "ماٿيو جيسناٽين ياد آهي، تيسناٽين موت ڪيس نٿو ماري." لئمبرڪ بہ پنهنجن ڪتابن جي ڪري ڪو زمانو ياد رهندو. هڪ اديب جي حيثيت ۾ هو بااُصول ۽ ايماندار هو. هڪ ڀيري پنهنجي لکيل پهرئين جلد "سنڌ- هڪ عام جائزو" ۾ ڏنل هڪ نقشو پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڏيڻ لاءِ اسان کان اجازت گهريائين، جيڪو ڪنهن آمريڪي رسالي لاءِ لکيو هئائين. انهيءَ تي اسان ڪانئس پڇيو تہ "اهڙيءَ معمولي ڳالهہ جي لاءِ بہ اسان جي اجازت وٺڻ ضروري هئي ڇا؟"

جواب ۾ لکيائين: "پر ڪتاب جا سيئي حق ۽ واسطا تہ سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن."

لئمبرڪ جيڪي ڪتاب لکيا آهن، سي مشرق ۽ مغرب جي مشهور ناشرن شايع ڪيا آهن. انهن کي سنڌ جي تاريخ جا شاگرد آسانيءَ سان حاصل ڪري پڙهي سگهن ٿا. پر ڪتابن کان سواءِ، هن ڪيترائي مضمون پڻ لکيا هئا. جيڪي پراڻن علمي رسالن ۾ ڇپيل آهن. اهي رسالا هاٿي اٿليپ آهن. تازو ڊاڪٽر حميده کهڙو جي صدارت هيٺ "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" ٻيهر قائم ڪئي ويئي آهي، جنهن جو ڪنهن زماني ۾ لئمبرڪ پاڻ بہ صدر هو. هسٽاريڪل سوسائٽيءَ کي گهرجي تہ لئمبرڪ جا سيئي مضمون گڏ ڪري، هڪ ئي جلد ۾ ٻيهر شايع ڪري، ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي هڪ زماني جي صدر لاءِ، احترام ۽ عقيدت جو شاناٿي نموني ۾ اظهار ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر حميده کهڙو

ايڇ.ٽي.لئمبرڪ

ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.لئمبرڪ ڊگهيءَ بيماريءَ ڪانپوءِ 78 ورهين جي عمر ۾ 31-آگسٽ 1982ع تي هي جهان ڇڏي ويو. سندس وفات سان، سنڌ پنهنجو هڪ مورخ ۽ اهڙو دوست وڃايو آهي، جنهن سڄي حياتي ساڻس توڙ نڀايو.

لئمبرڪ سنڌ جي هاٽوڪن وڏن تاريخ نويسن مان هڪ هو. سنڌ جي تاريخ جو ڪوبه طالب العلم يا مصنف کيس نظرانداز ڪري نٿو سگهي. سنڌ جي مطالعي بابت سندس خدمتن جي اعتراف طور ”سنڌ صدين کان“ سيمينار جي موقعي تي کيس 1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران اعزازي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني ويئي هئي.

مون پهريون ڀيرو لئمبرڪ سان 1956ع ۾ ملاقات ڪئي هئي. هو انگلنڊ ۾ آڪسفورڊ شهر جي ٻاهران بوئر جي ٽڪريءَ تي رهندو هو. ان وقت مان پنهنجي والد سان گڏجي انگلنڊ ويئي هئس. بابا مرحوم کي پنهنجن پراڻن دوستن سان ملاڻ وٺي هليو هو، جن ۾ سرپيٽرڪ ڪاڊيل به شامل هو، جيڪو سنڌ ۾ ڪمشنر رهي چڪو هو، ۽ جنهن سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ واري مؤقف جي پنيرائي ڪئي هئي ۽ اُن وقت آڪسفورڊ ۾ رهندو هو. بابا جو ٻيو دوست لئمبرڪ هو. پاڻ ان وقت آڪسفورڊ جي اوريل ڪاليج جو خزانچي هو. مون کي مسٽر ۽ مسز لئمبرڪ جي مهمانوازي ۽ سنڌ سان محبت واريون دلچسپ ڳالهيون ڏاڍيون وڻيون.

ان کان پوءِ آءٌ سندس گهر ويندي رهيس ۽ درحقيقت سندس ئي حوصلي افزائيءَ جي بنياد تي ئي مون سنڌ جي جديد تاريخ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هو مون جهڙن سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي گهٽن ئي شاگردن کي همتائيندو هو. جيڪي به شاگرد آڪسفورڊ ۾ سندس گهر ويندا هئا، تن لاءِ هو مدد جو هڪ مستقل وسيلو هو. تاريخي کوجنا جي ميدان ۾، سندس بي مثل خدمتن جي تسليميءَ طور آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ 1971ع ۾ کيس ادب ۾ اعزازي ڊاڪٽوريٽ ڏني، جنهن جي پروقار تقريب مشهور عمارت شيلڊن ۾ منعقد ٿي.

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ هڪ اهڙي خاندان منجهان هو، جنهن ۾ هندوستان ۾ ملازمت ڪرڻ جي روايت هئي. لئمبرڪ پاڻ آڪسفورڊ جي اوريل ڪاليج ۾ تعليم ورتي ۽ جديد تاريخ ۾ سيني ڪان سني پوزيشن حاصل ڪئي. 1927ع ۾ انڊين سول سورس ۾ شامل ٿيو ۽ آءِ. سي. ايس جي ڪليل چٽا پيٽيءَ وري امتحان ۾ پهريون نمبر آيو. آءِ. سي. ايس جي بمبئي ڪيڊر ۾ شامل ٿيو، ۽ پنهنجيءَ سروس جا اينڊڙ ويهه ئي ورهيه گهڻو ڪري سنڌ ۾ گذريائين. ڪيس سنڌ ۾ سنڌ واسي وٽي ويا. هن سنڌ جي تاريخ، قديم آثارن ۽ سماجيات جو گهڻو مطالعو ڪيو. هن سنڌ جي ماڻهن کي ويجهڙو تي ڏٺو- انهن ۾ سڀ شامل هئا، امير به، غريب به. هن جي دوستن ۾ بلوچ سردار، وڏا زميندار ۽ وارياسي ۽ جابلو علائقن جا ناميارا ماڻهو ڳٽي سگهجن ٿا. هن تاريخ کان اڳ جي زماني وارا ڪجهه هنڌ ڳولي لڌا ۽ بلوچي لوڪ موسيقي ۽ رزميه شاعريءَ متعلق پڻ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيائين.

سنڌ جي تاريخ جي ڪن نازڪ دورن ۾ لئمبرڪ گهڻن ئي اهم عهدن تي هو. 1933ع ۾ سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هو. هن ڪميٽيءَ جي مسلمان ميمبرن ۾ سر عبدالله هارون ۽ منهنجو والد شامل هئا، جن کي 1930ع جي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تحت بمبيءَ کان ڌار ٿيندڙ، خود مختيار سنڌ صوبي جي سموري انتظامي جوڙجڪ تيار ڪرڻ جي ذميواري سونپي وئي هئي. ان کان پوءِ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ واري نازڪ زماني ۾ حُرن جي ڪاروائين ۾ ملوث ٿيو، جن جي مٿان سموريءَ اوياريءَ سنڌ تي مڙهيل مارشل لا جو پوش چاڙهيو ويو هو. لئمبرڪ جو ورتاءُ، هڪ سلطاني منتظم کان وڌيڪ انسان دوست ۽ عالم وارو هو، جنهن جي خبر، حُر تحريڪ کي ناول جي انداز ۾ سندس لکيل ڪتاب "The Terrorist" منجهان پوي ٿي، جنهن ۾ چاليهن واري ڏهاڪي جي حُر تحريڪ جو احوال قلمبند ٿيل آهي.

لئمبرڪ 1947ع ۾ ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي آڪسفورڊ واپس پهتو. اتي اوريل ڪاليج ۾ هندستاني تاريخ ۾ ڪيس سينئر ريسرچ فيلو مقرر ڪيو ويو. هن انهيءَ عهدي تي 1971ع تائين ڪم ڪيو. جڏهن رٽاير ڪيائين تہ ڪيس ايميريٽس فيلو بنايو ويو. 1971ع ۾ ڪيس اعزازي ڊاڪٽوريٽ ۽ 1978ع ۾ رچرڊ برٽن ميموريل ميڊل ڏنو ويو.

جيڪي اعزاز ڪيس ڏنا ويا. سي تاريخ ۾ سندس ورثل حصي جي شايان شان هئا. سندس لکيل ڪتابن ۾ سرچارلس نيپيئر ائنڊ سنڌ (1952ع)، جان جيڪب آف جيڪب آباد (1960ع) ۽ دي ٽيررسٽ (1972ع) جهڙا شاهڪار شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪيس سنڌ جي تاريخ جي ٻن جلدن لکڻ جو ڪم سونپيو ويو هو. هن سنڌ جي تاريخ جو پهريون جلد 1964ع ۾ ۽ ٻيو جلد 1973ع ۾ لکيا. اهي ٻئي ڪتاب وڏي علمي معيار وارا آهن.

سنڌ ۾ رهائش دوران هو سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو معزز ميمبر ۽ مصنف هو، جنهن ڪيترائي قابل قدر تحقيقي ڪم شايع ڪيا.

لئمبرڪ سنڌ مان واپس ٿيڻ کان پوءِ 1948ع ۾ شادي ڪئي. سندس گهر واري گئبريلي، وٽندڙ سياءَ واري عورت هئي، جا وقت کان اڳ 1968ع ۾ گذاري وئي. ڪيس ٻه پٽ رچرڊ ۽ وليم هئا.

ڊاڪٽر لئمبرڪ جو موت، مون لاءِ هڪ دوست ۽ رهبر جو موت آهي ۽ سنڌ لاءِ هڪ محسن ۽ مؤرخ جو موت آهي.

ڏسٽي:1

جاگرافيائي هنڌ وغيره

آ

آفين - تفو 192

آپيريا 147

آتشڪدن 98، 103

آرتيميتيا 136

آرڪوسيا 134، 141، 152

آرڪوشيا 115

آرڪيسيا 106

آستريا 140

آسڪلنڊ 200

آفريڪا 70، 134

آگهم 229، 245

آڪسس 146

آڪسفورڊ 260، 261

آمري 1، 2، 3، 4، 5، 30

آنڌرا 161

آئبسينيا 140

آئو. چي. يين. نا 184

الف

اجمير 27

اجين 153، 161، 183

اُچ 182

اڏيرو لعل 15

اَر 24، 26، 28، 29، 30، 32، 33، 35، 40، 41، 43، 51، 54، 70، 71، 72

ارا چوتي 105

اربيلا 103

ارمن بيل 215

ارميل 215

ارنيست بين 32

اسپارتا 110

استوپا دڙو 74، 135، 167، 169، 170

اسيريا 28

اشيا 246

اشوڪا توپ 135

اشهر 207

افغانستان 196، 221

اڪاد 28، 32، 35

اڪيسائينس 107

اڪلنا 21

اگيد 36، 71

السور 182، 198، 204، 206، 207، 216، 217، 218، 221، 223، 224، 225، 227، 228، 229، 230، 245

الهه باد 173

امرڪوٽ 140

اميده بندر 163

اناطوليه 27

انائو 30

اندو-ستيا 147

انڊيا 75، 81، 129، 156، 157، 173، 190، 194، 195، 222
انگليند 258، 260
اوخان‌چا 185
اورا 132
اورمارا (هورمارا) 221
اومان 38، 176، 216
اوهند 107
اي تيئن 143
اي. تيئن. پو. تچي. لو 184، 185، 186، 192
اي‌خان‌ٿو 185
ايٿوپيا 70، 71
ايٽلانٽڪ 9
ايڊن 196
ايران 7، 18، 27، 29، 99، 100، 165، 177، 196، 187، 214
ايراني نار 39، 40، 43، 163
ايريڊو 36
ايشيا 1، 68، 155
ايل دڙو 74
ايلي پٽ 150، 151
ايني نو 37

ب

بابل 43، 71، 131، 132، 134
بابيا 205
باربريڪون 205
باري گازا/ ڀڙوچ 154، 155
بحرين 37، 43، 70، 216
بدخشان 27
برطانيه 76
برهمڻ آباد 195، 207، 208، 209، 225، 226، 229-230، 245، 246
بصره 217
بگٽي تڪريون 4
بلوچستان 1، 21، 27، 29، 65، 67، 69، 179، 184، 190، 196، 197
بولان 115
بهاولپور 21، 158، 179
بهمن آباد 179
بئڪٽريا 106، 136، 139، 140، 145
بياس 132، 205
بيٽ 239
بيڪانير 21
بيوسيفلا 133

ٻ

ٻڌيه 207، 235، 237
ٻيٽ 238، 239

ڀ

ڀاٽيه 226، 229
ڀونوچ سمنڊ 10، 118

پ

پاڪستان 256
پاتل 115، 117، 119، 121، 128، 130، 136، 138، 147، 154
پاتلي پتر 7، 9، 141، 144، 163

پارو پاميساداڻي 141
پٽ رورس 76
پراسيان 111
پراڻ 230
پرسيپولس 102، 162
پرش پور 158
پشاور 19، 158
پنج ناهيت 207
پنجــــــاب 21، 28، 69، 100، 107، 132، 145140، ، 153، 154، 161، 165، 177، 179، 184، 206، 221
پنجند 69، 108
پنڪلا 141، 142
پورا 122
پورالي 134
پونا 31
پئرس 31
پئرو پامي سيدائي 105
پي. او. چيهه. لو 143
پي - تو- شيهه - لو 185، 192، 196
پي - چين - پو - پو - لو 184

ت

تارن 149، 156، 157
تاڪيه 221
تان - مو - لي - تي 186
تخارستان 162
ترڪستان 30، 97
تري پاراديس 131، 132
تري گرٽ 93، 94
تل اسمار 35
تل اشنا الالخ 46
توران 215
توڪان 177

ٽ

ٽپيٽ 97
ٽانيشور 167
ٽَـتاڳُش 100
ٽر ، 24، 88
ٽريشيا 130
ٽيئوفلا 139، 140

ٿ

ٿوم وي 99
ٽئڪسلا 106، 124، 126، 130، 131، 135، 139، 143، 150، 151، 158، 173

ث

ٺل مير رکن 192

ج

جادم جو دڙو 21
جڏير جو دڙو 3، 4، 5، 48
جلال آباد 134
جمبودويا 97
جمنا 21، 159
جهالاوان 30، 215، 217، 222
جهائو لڪ 128
جهـڪـرُ 64، 67، 163، 167
جهلم 207

جوناڳڙهه 162
جئپور 122، 202
جيتور 202
جيحون 26، 145
جيسلمير 203، 226
جيڪب آباد 3، 250، 262

چ

چتور 202، 221
چناب 107، 108
چنهو دڙو 4، 7، 30، 32، 67، 75
چين 158
چيهه-ڪا 184، 206، 207، 221

ڇ

ڇترنئن 4

ح

حب ندي 121
حصار 29

خ

خراسان 177
خطن 35، 158

د

دادو 116، 179
دبرڪوٽ 30
دتامتر 138، 140، 144
دتامتي 138، 140
دجلا 8، 26، 29، 119
دريشاوتي 75
دسيوز 68
دشت 215
دلمن/تلمن 36، 37، 40، 42، 43، 70، 71
دهلي 73، 163
ديالا ندي 29
ديبل 214، 216، 233، 235، 236
ديراجات 179
ديوپور 224، 225
ديويا ودن 97
ديهايت 207
ديرا غازي خان 140

ڊ

ڊي. ڪي. دڙو 53، 54، 55، 56، 57، 73، 77، 78، 79، 80، 82
ڊيميٽرياس 138

ر

راجپوتانا 160، 166، 178، 202
راجستان 27، 49
راجگڙهه 97
رامل 226، 230، 232
راوڙ 230
روهڙي 3
راول 220
راوي 7، 108، 142، 206
رانجينو بالا 149، 152

ز

زابلستان 177
زاگروس 38

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

س

ساراوان 115
سارائوسٽس 136
ساڪستان 147، 148، 162
ساڪ تگار ڪنڊ 147
ساڪ دوپہ 147، 148
ساڪ هئوماورگ 142
سالٽ رينج 179
سبزلڪوٽ 182
ستڪاگين دوڙ 30
ستلج 51، 52، 68
سجستان 180
سدرسن تلاءُ 162
سڏين جو ڏڙو 163، 167
سرسوتي 68
سرند ڊنڊ 121
سسلي 219
سعد 188
سڪا 208، 206
سڪالا 165
سگارڊس 136
سلون 233
سليمان 180
سما 207
سمـــــر 26، 29، 30، 32، 33، 35، 36، 40، 41، 42
سمني 216
سمير 14، 19، 24، 29
سميريــا 12، 15، 26، 27، 34، 35، 36، 38، 39، 40، 41
سن تو 184، 185، 186، 192، 196
سـنڌ/سـنڌو 1، 10، 14، 19، 21، 23، 24، 26، 27، 28، 29، 30، 33، 34، 35، 36، 44، 91، 92، 94، 96، 97، 98، 100، 102، 104، 105، 106، 109، 111، 114، 117، 119، 126، 130، 133، 135، 138، 140، 142، 145، 153، 154، 155، 159، 160، 161، 162، 163، 164، 166، 167، 169، 170، 174، 175، 176، 177، 178، 179، 183، 184، 185، 188، 190، 191، 192، 194، 197، 199، 200، 201، 204، 205، 208، 211، 213، 214، 215، 218، 219، 223، 225، 227، 228، 230، 231، 232، 233، 234، 235، 236، 237، 243، 244، 245، 249، 250، 253، 254، 256، 259، 260، 261، 262
سنڌ و تمدن 1
سنڌو تهذيب 13، 31، 35، 47، 49، 69، 76، 91، 254، 255
سنڌو دريـاءَ 5، 76، 9، 14، 23، 31، 39، 51، 52، 101، 103، 104، 105، 106، 107، 108، 109، 111، 114، 115، 116، 119، 134، 135، 137، 138، 155، 179، 185، 186، 192
سنڌو سلطنت/رياست/ديس 36، 39

44 ،42 ،41
سنڌوماتري 13، 14، 22، 28، 44، 50، 52، 86، 94، 98، 100، 103، 104، 109، 110، 131، 133، 138، 141، 145، 149، 155، 163، 164، 254
سنڌو وادي 14، 23، 28، 48
سِنديمن 113
سني 216
سوات ماتري 141، 152
سؤراشٽر 176، 178
سورت 176، 178
سوسا 124
سئي وهار 158
سيالڪ 29
سيالڪوٽ 165
سبي 208، 216
سيستان 123، 146، 147، 148، 149، 162
سيليوسيئا 155
سيني 216
سيوستان 179، 185، 207، 208، 213، 203 236
سيوهڻ 179
سيهگام 38
سيئو راءِ 182

ش

شام 134
شورڪوٽ 169
شيٺاڪ 74

ع

عراق 8، 217
عربستان 39، 100، 124، 219
عربي سمنڊ 39، 134

غ

غلزئي 100

ف

فارس 38، 180، 196
فرات 8، 26، 70، 119، 268
فرغانہ 151
فلسطين 76
فلنڊرس پيٽري 76
فيلڪا 43

ق

قصدار 176
قلات 134، 191
قنڌار 106، 147، 176
قنوج 176، 220، 224، 230

ڪ

ڪابل 158، 164، 189، 217
ڪابل ماتري 141، 150
ڪاٺياواڙ 27، 28م، 33، 133، ، 161، 233
ڪاريان دا101دا
ڪاريہ 101
ڪاشغر 158
ڪالي بنگن 21، 49

ڪڇ 40، 147، 161، 179، 233
ڪڇي 4، 115، 179، 192، 216
ڪراچي 39، 194، 220
ڪردان 176
ڪردستان 37
ڪُرم ماتري 150
ڪرمان 38، 164، 188، 193، 215
ڪرمانيا 122، 124
ڪروڙ 207
ڪُروڪيشتر 68، 94
ڪسري 189،
ڪشمير 27، 147، 158، 164، 175، 176، 180
ڪِش 35
ڪڪراج 208
ڪلڪته 196
ڪلمت هوڙ 39
ڪُلندا 93
ڪلوٽا 118
ڪلي 29، 30
ڪما رويا 184
ڪنازبر 215
ڪني 207
ڪندابيل 115، 216، 232
ڪنديل 222
ڪوٽ جو دڙو 10
ڪوٽ ڏيجي 2، 3، 4، 17
ڪوٽلاٿهنگ خان 30
ڪوسلا 195
ڪوڪالا 123
ڪولوا 129
ڪونڪن 161
ڪوئيٽا 134
ڪئمبرج ، 75، 25، 98
ڪئمبي 40، 41
ڪيچ
ڪيڪنان 175، 176
ڪيماش 37
ڪيهه 202
ڪيٿا. مو. ليئو. پو 184

ک

کائي - تسي - چي - فا - لو 186
کير ٿر 30

ڳ

ڳاڙهو پڙو 48، 87، 88
ڳڙهي جمال 169

گ

گجرات 24، 28، 33، 39، 140، 184، 187
گهگر 28
گيدروسيا 122، 134
گرهن 235
گلگت 142، 181
گنجو ٽڪر 167
گنداوه 222
گنڌارا 100، 131، 133، 134، 137،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

141، 142، 148، 149، 150، 151،
152، 153، 165، 169
گنگا ماتري 158، 163
گنگا ندي 101، 132، 139، 142
گوادر 39
گوئبن 37، 40
گهوٽڪي 182
گيدروسيني 105

ل

لاڙڪاڻو 116، 160، 163، 179
لس بيلو 22، 39، 135، 178، 192،
193، 196
لُطُ 123
لنڊن 72، 258
لوتل 21، 33، 49، 72
لورالائي 30
لوئنگ لوهراڻي 121
لوهر جو دڙو 7، 64، 67
لهري 4
لٺنگ-ڪالو 185
ليگاش 36

م

ماتي پور 195
ماتيلا 182
ماگان/ماڪان 37، 38، 39، 40،
70
مالوا 153، 159، 161، 165
مائو 182
مائو لوسان پولو 195
متورا 141
مڌيہ ديس 141
مڏ 182
مسقط 39
مشڪيل نهر 189
مصر 19، 26، 28، 70، 106، 182
مڪران 30، 39، 185، 187، 188،
189، 190، 191، 193، 196، 214،
215، 218، 221، 231
مڪن 36
مگڌ 97، 107، 132، 133، 135،
136، 137
ملتان 177، 179، 182، 192، 195،
205، 206، 207، 209
مندا 16
منصوريہ 98
منگوليا 145
مُولاڪ 115، 147
موهن جو دڙو 4، 7، 9، 10، 12، 14،
16، 17، 18، 20، 21، 26، 27، 28،
29، 30، 42، 43، 85، 86، 88،
90، 91، 159، 160، 169، 173، 254
مهاراشٽر 140
مهاينہ 169
مهراڻ 207، 239، 240
مهيشور مندر 186
مياٽي هوڙ 98

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميٿيون 31
ميديا 133
ميرپورخاص 170، 171، 172
ميسو پوٽيميا 98، 19، 26، 28، 29، 32، 35، 37، 38
ميلوھا 36، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 70، 71
مينس 28
مين نگر 154، 155
ميھي 30

ن

ناڙي 222
ناسڪ 138
نقش رس102تم
نيلگري 27
نمروز 180، 181، 187
نـنگال جو مندر 42
نوشهروفيروز 180، 187
نوهٽو 48
نئو وهار 209، 211
نهوند 187
نيرون 235، 246
نيڪائيہ 133
نيل (دريا) 26

و

ويي 195
وو-سن 146

ھ

هاڪڙا 28
هامون 8
هائڊاسپس 106، 128
هڙاپـا جـو دڙو 7، 10، 14، 16، 20، 21، 27، 30، 47، 48، 64، 68
هزارا 100، 141، 151، 152
هماليا 39، 56
همايند 169
همدان 104
هند 94، 98، 215
هندسـتان 14، 16، 76، 88، 91، 95، 98، 99، 100، 101، 102، 103، 104، 106، 108، 109، 111، 118، 125، 129، 130، 131، 132، 134، 135، 138، 140، 141، 144، 147، 148، 150، 151، 152، 158، 161، 176، 177، 183، 186، 187، 201، 218، 219، 227، 233
هندوڪش 106
هودي، 246

ي

يارقند 158
يورپ 44، 76، 92، 124
يونان 92، 102، 103، 110
يينگ-ڪا-لو 192

ڏسٽي -2

قومون، قبيلا ۽ ماڻهن جا نالا

آ

آپير 138، 162

آر. ايچ. ريڪس: 254، 255

آربيتي 109، 121

آربيسي 128

آرتا بانس 146

آرتي بيتس 102

آرڪوسي 129

آرٽريلائڊ 10، 11

آرمينائڊ 11

آريا 68، 69، 91، 94، 95

آزرمي دخت 214

آزس 150، 151

آڪسي درڪي 108

آگهر لوهاٽو 208، 209، 212، 213، 226، 229، 245

آلپائن 10، 11

آمري لوڪ 1

آئبستيني 108

آئيولو ڊوٽس 136، 137، 140، 141، 142، 148، 155

آئيولو ڊورس 139

آئسين لارسا 42، 43

آئنٽي ماڪس ٽيٿوز 141

آئنٽيوڪس اعظم 136

آءِ. آءِ. قاضي علامه 258

الف

ابن الڪلبي 196

ابو موسيٰ 217

اجھ سين 205

ارتا ڪسيريس لانگيمانس 98

ارجن 220

اردشير بابا گن 162

ارد شير دراز دست 98

ارسطو 145

ارنان شي 40

اورڪ 9

اسپاليرائسز 149

اسپاليرس 149، 150

اسٽرابو 111

اسٽين 128، 159، 220

اسٽريٽو 149

ايمر- اسحاق 222

اسطخري 221

اسفند يار 99

اسڪائيز 221

اسڪائلاڪس 100، 101

اشوڪ 135، 136، 169

افضل خان 204

اڪيديا 47

اگني 68

الياج رشيوچ 72
اميپي 106
امريندرا ناٿ لهري 144
امير احمد (مخدوم) 195، 221، 245
انجيل 157
اندر 68
(اي-ايل) اوپينهيم 71، 72
اوپيائي لوڪ 101
اوريتائي لوڪ 121، 124، 128، 129
اوسيڊيني 108
اوشر، آرڪ پشپ 37، 38، 89
اوفير 157
اهرمزد 162
ائپولوفينس 122، 123
ائلين، ڊبليو، ايچ 32
ائنٽي پيٽر 131
ائنٽي ماڪس 141
ايرا مارس پرائس 71
ايريئن 105، 108، 109، 112، 114، 118، 120، 125، 126، 127، 128، 129، 143
ايسر هيڊن 71
ايسياني 145
ايلرس، پروفيسر 38
ايليٽ 99، 183، 189، 191، 195، 196، 214، 215، 221، 245
اينڪيدو 12
ايچ ٽي لئمبرڪ: 247، 249، 250، 251، 252، 253، 254، 255، 256، 257، 258، 259، 260، 261، 262
ايف. آر. آلچن ڊاڪٽر 253، 254
ايم. آر. شاني 255

ب

باجيراء 205، 206
بارنيٽ، آر-ڊي 159
باگھو 208
بانا 174
بچيرا 236، 237
بذيل 234، 236
برٽن. آر 32، 261، 262
برسيات راوت 235
برو، پروفيسر 68، 75
برهادرٿ موريا 144
بسايو 238
بلاذري 215، 215، 216
بمبيسر 97
بندوسر 137
بهرام 164، 181
بهرام ثاني 162
بهرام پنجم 164
بهرام گور 164
بهمن 98، 99، 177
برهمڻ: 197، 223، 226، 227، 244
بئنرجي، آر- ڊي 159، 173
البيروني 219، 222
بيل 174
بيليو، ايچ، ڊبليو 31

ٻ

ٻائي 209، 223، 226، 228، 230، 245
ٻڌ 96، 97، 183، 184، 185، 211، 223
ٻڌراڪو 209، 211
ٻڌگوئي 209
ٻڌيمان 204، 227، 228، 231، 240

ڀ

ڀرت راجا 96
ڀگوان لعل اندراجي، پنڊت 173
ڀنڊوير 241
ڀنڊارڪر 144
ڀڪو 208

پ

پارٿيا 149، 150، 152
پارٿين لوڪ 145، 146، 158
پارو 94
پاريهر 166
پاڪورس 153
پانڊون 93، 94
پتنجلي 141
پتيڪا 152
پرائيسٽي 111
پرياڪر ورڌن 167
پرجن دتيه 206
پرن دخت 214
پرواتڪا 132
پروٽو آسٽريلائڊ 10، 11
پسو پي 13
پشيامتر 137، 142
پگسٽ 29، 32، 34، 45، 47، 65، 69، 70، 72، 74، 75، 75، 77، 78، 80، 81، 83، 84، 85، 90
پلو تارج 127، 128، 143
پٽي لوڪ 68
پورٽيڪانس 112
پورس 131، 132، 133، 134
پوسيدان 119
پولومين 183
پهلوا 150، 151، 152، 153، 155، 158، 161
پيٺان 113، 115، 130، 131
پيريپلس 39، 72، 139، 155، 156، 157

ت

تج-تي-لي 39
تريگارتا 142
تورامن 177
تورومن 165

ٿ

ٿامس 33، 174

ٽ

ٽارن 128، 129، 137، 138، 143، 144، 148، 149، 156، 157
ٽالمي 161

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽراء 92
ٽيٽ، جي-پي 31

ج

جاٽڪن 96
جارج واٽ، سر 33
جاسم 241
جٽ لوڪ 213
جڄا 197
جسٽن 143
جمشيد 99
جوهانس نوبيل 99
جئدرٿ/جئندرٿ 92، 94، 96
جئسيه 234، 236، 240، 241، 244، 246
جٺ پد 164، 197
جٺهن 235
جيسوال، ڪي-پي 99
جيولين 195، 196
جين 153

چ

چارلس نيپيئر 249، 262
چاڻڪيه 132
چٽر 205
چو بن 181
چٽيرا 205
چچ 183، 190، 191، 193، 194، 197، 198، 199، 200، 201، 202، 203، 204، 205، 206، 207، 208، 209، 211، 212، 213، 214، 215، 216، 217، 218، 219، 220، 221، 223، 224، 225، 228، 229، 230، 232، 233، 235، 242، 245
چندا رام هالو 198، 204، 238
چندر 221، 223، 224، 228، 230، 245
چندر گپت موريا 132، 133، 134، 137، 163
چوڌري، ايچ-آر 105، 173
چيستنه 161
چينوڪ 127

ح

حجاج 233، 234، 235
حسن بن محمد شيرازي 189
حڪم 216
حڪم بن جلال العابدي 196
حمورابي 43
حميده کهڙو 259، 260

خ

خسرو 102، 103، 177
خسرو پرويز 181، 214
خضر (خواجه) 15

د

داجوشن/دريوڌن 93، 95
دارا هست پس 98، 100، 101، 102، 104
داسل/دهسل 96

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داڻودپوٽو 195

درلپ ورڌن 206

درويدي 92، 94

دهسيه 212

ديواجي 190

ديوپتر، مهاراجه 159

ديودتيه 175

ڌ

ڌرت/ڌرتراشتر 95

ڏ

ڏاهــــــر، راءِ 209، 214، 218، 224، 225، 226، 227، 228 229، 230، 231، 232، 234، 236، 239، 240، 241، 242، 243، 244، 245، 246

ڏهرســــــيه 223، 224، 225، 226، 228، 229، 230، 246،

ڏيواجي 175، 177

ڏيوائج 175، 217

ڊ

ڊاسن 196

ڊگهنيڪايا 96

ڊگ وجيه 207

ڊيئــوڊورس ســـائڪيولس 111، 127، 129، 143

ڊيل، ڊاڪٽر 52، 53، 254، 255

ڊيلس 81

ڊيميٽريس 137، 138، 140، 141

ڊيونيسيس 108

ذ

ذوالفقار علي ڀٽو 253

ر

راپسن 149، 151، 152، 194

راج 225، 234

راجپوت 166، 206، 243

راجينا 142

راســل 224، 225، 238، 239، 241، 242، 295

رالنسن 173

رام 197، 198

راما پرساد چندا 75

راءِ 202

راءِ، پي - سي 98

راءِ چوڌري 173

راءِ، ڊاڪٽر ايچ - سي - ڊي 196

راءِ، سري ايس، آر 72

راءِ گهراڻـــو 167، 175، 176، 177، 178، 180، 184، 197، 215

رائزڊيوڊس، ٽي، ڊبليو 99

س

سارگن 35، 36

ساساني 97

ساڪ 146، 149، 152، 160، 162

ساڪنساهه 162

ساڪ 147، 148، 151، 161، 183

ساڪ لوڪ 153

ساماني 237، 241

سامبس 109، 111، 116، 117، 127
ساهيرس 224، 225
ساهنساهي 153
ساءِ - يو - کي 174
سائرس 98
سائي 146
سباس 127
سبرٽيس 124
سبوئي 94
سبي 208
سپردالاڪشان 177
ستين لوڪ 145، 146، 147، 148، 149، 150، 152
سرہند 209، 211، 212
سري رسل 189
ساڪرائلي 145، 146، 148
سڪندر 94، 103، 106، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 116، 117، 119، 120، 121، 123، 124، 125، 126، 127، 129، 130، 131، 132، 133، 134، 136، 138، 155
سڪندر گپت 165
سڪ 140
سڪيٽريني 108
سلمہ 196
سماہ 217
سمترا 140
سمٿ ونسينٽ 220
سمد وڃيہ 96
سنڌو سوئوير 92، 94
سنڌو لوڪ 1، 2، 3، 6، 7، 8، 9، 10، 12، 14، 15، 17، 20، 21، 22، 23، 24، 25، 28، 29، 30، 32، 45، 46، 47، 49، 51، 62، 69، 76، 88
سنگهہ 137
سويا ڪاسينهہ 136
سويان راءِ ياتيہ 226، 229، 230
سودر 183، 195
سود رائي 127
سوراءِ 192
سوسيل-گپتا 196
سوفا گاسينس 136
سوگدي 127
سو گدي لوڪ 108
سومو آئيلو 42
سوئوير 140، 155، 161
سوئوير لوڪ 96، 97، 140
سهاسي 181، 182، 190، 196، 197، 198، 199، 200، 202، 205
سهرس 177، 179، 180، 181، 184، 187، 217
سُهندي 198، 199، 201، 203، 204، 223
سياڪر 240
سيلاج 198، 206، 208

سينا چريب 26، 33
سيلوڪس نڪيتور 134، 136، 137
سيو-تي 195
سيوي 94
سيهوال 205
سيئو - تو - لو 183
سهرسي راءِ 217
سيو. تي. او. لو 195

ش

شاپور ثاني 162، 163
شاهي تگين 177
شوا 167
شيواجي 204
شواس 94
شودرڪاس 107
شيلي، پي-بي 32
شِو 159
صنعان 196

ع

عبدالله هارون 261
عبدالرحمان 231
عبدالله بن عبدالله 188
عبدالملڪ 233
عبدالنبي آغا 249
عبيد 33
عثمان ثقفي 216
علي بن محمد ڪوفي 194
علي مراد 30
عمر رضہ (حضرت) 187، 188، 190، 216
عيسيٰ عليه (حضرت) 71

غ

غلام رباني آگرو: 249

ف

فردوسي 194
فرشتہ 162
فرناز تريس 102
فرانسز، ايچ، تي 99
فرئاتس ثاني 146
فگيولا، ايچ، ايچ 72
فليپس 126، 130
فيروزشاهہ 165
فيگلاس 132

ق

قليچ بيگ، ميرزا 194، 196، 220، 221، 222، 245، 246
قيصر 189

ڪ

ڪارڪوٽا 206
ڪاسيرس 97
ڪاڪ ڪوٽڪ 237
ڪالڪ 153
ڪاليداس 142
ڪائوويل، اي، بي 174
ڪپيسا 195
ڪتيسياس 103

ڪجل ڪدفائيسز 99
ڪجولا 158
ڪرتيس 126، 127، 128، 129
ڪرشنا 92
ڪرماديشور 144
ڪرندل، مئڪ 71، 127، 157
ڪرٿيوس 109
ڪريٽيرس 110، 115، 123
ڪريمر، پروفيسر ايس-اين 38، 70، 71
ڪزنس 174
ڪشن 153، 160، 162، 165
ڪشن لوڪ 153، 158
ڪفند بادشاھ 98، 99
ڪلاڊ انگليس، 31، 52، 73، 254
ڪلي لوڪ 29
ڪنشڪ 158، 152
ڪنشڪا 158
ڪنگ 33
ڪننگھام 128، 176، 177، 195
ڪوٽل 221
ڪورون 90
ڪوهسرو 98
ڪوئنس 143
ڪئسل 30
ڪئمپبيل ٿامپسن 33
ڪي پن 147
ڪيٽ 75
ڪيخسرو 98
ڪيڪائوس 97
ڪيگان پال 32
ڪيمبائسز 100

ک

کشتري 166، 183، 184
کشترپا 159، 162، 201، 202

گ

گارڊن چائيلڊ 26، 31، 34
گپتا 160
گتي 36
گبروسي لوڪ 122، 129
گديا 36، 37، 40
گرجرن 166
گرجر لوڪ 202
گرداپيل 153
گرديزي 99
گرومبيتس 163
گستاسپ 98
گلميش 12
گھوش، اين-اين 173، 174
گوندوفرنس 152
گڏ، ايڊ-سي-ايس

لا

لارسا 41
لائبرھڪ پاپوليس 128

ل

لوھاڻا خاندان 213، 226
لوھوزين ڊي ليوو 149، 152

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لئسيديمونين 110
لياڪا ڪسولڪا 152
ليمئنس 38، 72
لينگ هارن 127
ليئون ليگرين 33، 72
ليئوناٽس 117، 123

م

مارٽن، ڊبليو. ايف - جي 72
مارشل، سرجان 46، 52، 53، 57، 62، 73، 74، 75، 76، 86، 90، 170
مالي 107
مالي لوڪ 108
مامون 219
متا 208
ممتاز حسن 258
متريڊيٽس اعظم 146
متريڊيٽس ثاني 149
مجمدار، اين- جي 173، 174
محمد بن قاسم 209، 218، 235، 236، 238، 239، 242، 243، 246
محمد علافي 240
محمد مصعب 238
محمد ايوب کهڙو 253
محمد هارون 234
مدراز ڪشاسا 132
مسعودي 174
مسيح 8، 25، 26، 40، 41
معاويہ رضہ (حضرت) 191
مغربي والين 161
مغيره 216
ملاوا 107
ملر، سي 104
ملڪ راسل 217
ملڪ رسل 189
منگولين 10
موتي-پائولو 183، 195
موريا 142
موڪاهہ 235، 239، 240، 242
موڪاهہ بسايو 235، 240، 241
موگا 151
موئيرس 115، 116
مهارت 204
مهاڪشترپا 158، 161
مهرا گل 165
مهر ايراني 98
مئڪبيٿ (ليڊي) 201
مئڪڊونيل 74
مئڪملن 128
مئڪسي 11، 22، 31، 32، 33، 45، 47، 53، 54، 55، 57، 62، 72، 73، 75، 76، 77، 78، 79، 80، 81، 82، 85، 86، 90
مئڪي ڊورتي 75
ميترڪ 166
ميد لوڪ 95

ميڊيٽرينين 11
ميرچندائي، بي، ڊي 174، 177، 192، 194، 196
ميريا تريسا 140
ميگسٿنيز 111
ميلو وان 38، 72
مينئنڊر 137، 141، 142، 148
ميوسيڪانس 108، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 128، 130
ميوسيڪاني 128
ميئوز 147، 149، 150، 151، 152، 153
مي ڪوڏ 151
ميران محمد شاهه 250

ن

نارائڻ، ڊاڪٽر 139، 141، 144، 147، 148، 150، 156
نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 174، 195، 220، 222
نند 132
نوشيروان 166، 178
نيارڪس 119، 120، 123، 128، 130، 153
نيل، آر، اي 99

و

وات، جي 72
واٽرس، ٽي 95
واٽس، ايم-ايس 73
وارنر، اي-ڊبليو 99
واسوديو 159، 176، 177، 178
واشسڪ 159
وان لوهوزين دي لي وو 156، 173
وائٽ هيڊ، آر-بي 178
وڪرمادتيه 153
وڪرامتر 141
وليم ونسينٽ 72، 194، 195، 196، 262
وما 158
وولي، سر ايل 32، 34، 51، 72، 73، 75
وونونس 150
وهليڪا 163
وهيلر 13، 19، 32، 33، 46، 70، 72، 73، 82، 83، 84، 85، 90، 254، 255
وڏيه سي، وي 194
ويد 91

هه

هخامنشي 129، 149
هرٽزفيلڊ، پروفيسر اي 104
هرشا 167، 229
هرنا 94
هڙاپا لوڪ 2، 26
هندستاني لوڪ 118، 131
هندو 166، 183، 186، 219
هنڊسن 31

هـــــودي والا 176، 194، 208، 220، 221
هولڊج، سر ٽي، ايچ 31، 128
هرمزد 185
هرمزد ثاني 162
هورمسداس 173
هورنيل 165
هومز، ڊي-اي 73
هوڻ 64، 178
هوويشڪ 159
هوئان چوانگ 135
هيائوئين تسانگ 193، 221
هيـرو ڊوٽـــس 100، 102، 104، 105، 155
هيفا سشان 116، 119، 121، 122
هيفتالائٽ لوڪ 160
هيڪا تائس 127
هيڪٽيس 101، 104، 105
هيگ 195
هينري ڪائپرٽ 128
هيوبر، سي-ايف 99

ي

ياوانہ 151
يزد جرد 185
يزد جرد اول 164
يوان ڏپ 92
يوانہ ڏپہ 140
يوٿيڊيمس 141
يوچيهہ 145
يوڏيہ 161
يودامس 130، 132
يوربي لوڪ 133
يوڪريٽائيڊس 141، 142
يوڪريڊائيٽس 146
يوئان چوانگ 183، 184، 186، 187، 192، 195، 196، 205، 211، 221

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board]

1st Edition	1984	Copies 1000
IInd Edition	1990	Copies 1000
IIIrd Edition	**Jun 2005**	**Copies 1000**

Price Rs: 160-00

To be had from
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline Hyderbad, Sindh.
Phone & Fax: 2633679
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

Printed by Syed Sikander Ali Shah Manager Sindhi Adabi Board's Printing Press and Published by Mr. Inamullah Shaikh Secretary, Sindhi Adabi Board Jamshoro Sindh Pakistan.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

HISTORY OF SINDH SERIES-VOLUME-2

SINDH

(BEFORE THE MUSLIM CONQUEST)

By
H.T.LAMBRICK. C.I.E, D. LITT, F.S.A,
EMERITUS FELLOW
OF ORIEL COLLEGE, OXFORD.

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO
2005

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ: مسلمانن جي فتح کان اڳ ✲ ايڇ.ٽي. لئمبرڪ

”....تاريخ جي فن سان، قومن ۽ ماڻهن جو خاص ذوق رهيو آهي- وڏي شوق سان ان جو مطالعو ڪيو ويجي ٿو- عوام کي ان سان دلچسپي آهي، ۽ بادشاهہ ۽ قومي اڳواڻ ان جي حاصلات ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

”تاريخ کي عالم توڙي عام ماڻهو ٻيئي سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ تاريخ سياسي واقعن، حڪمران خاندانن ۽ قديم زماني جي حالات تي اهڙي معلومات آهي، جا سهڻي ڍنگ ۽ سليس بيان ۾ پيش ڪئي ويجي ٿي. ان مان وڏين وڏين محفلن ۽ جلسن جي رونق ۽ وندر وڌي ٿي ۽ انساني معلومات جي واقفيت بہ پيدا ٿئي ٿي. تاريخ واضح ڪري ٿي تہ حالات جي تبديلين سان انساني معاملن تي ڪهڙا ڪهڙا اثر پون ٿا، ۽ ڪهڙيءَ ريت حڪمرانن جا ڪيَ خاندان دنيا جي وڏن وڏن حصن تي قابض ٿيا ۽ پنهنجو دور ختم ڪري، خود بہ ختم ٿي ويا.

”تاريخ جي گهرائپ ۾ دانائپ، حقيقت جي جستجو، موجوده چيزن جي اصليت ۽ ان جي سببن جي باريڪ تشريح، واقعن جو تفصيل ۽ حقيقت لڪل هوندي آهي. هن نقطءِ نظر سان تاريخ جو مستقل بنياد فلسفي تي آهي، ۽ ان کي فلسفي جو هڪ خاص شعبو شمار ڪري سگهجي ٿو.

”انسانيت اڻجاڻائيءَ جو سبز باغن کي پسند نٿي ڪري - غلط بيانن ۽ بهتان بازين جي تاريڪي، عقل جي روشنيءَ اڳيان دور ٿي ويجي ٿي. واقع نويس فقط واقعن کي قلمبند ڪندو رهي ٿو، پر هڪ پرکيندڙ نگاهہ ۽ وسيع معلوماتِ ئي انهيءَ مواد ۾ لڪل حقيقتن تان پردو هٽائي ٿي ۽ ان کي روشنيءَ ۾ آڻي سگهي ٿي.

- ابن خلدون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪيئنءَ** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book